

سنڌي

ناٽڪ تنقيد

چينو لالواڻي

سنڌي ناٽڪ تنقيد

چينو لالواڻي

2018

''ماڌو ون''، 37، آدتيہ بنگلوز
پريم پرڪاش آشرم پرسان،
ڪوترپور روڊ، ڪبيرنگر،
احمدآباد-382340.
موبائيل : 9879563312

(راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد،
نيو دهليءَ جي مالي مدد سان شايع ٿيل)

فهرست

- جاڪوڙي ڊاڪٽر جينو لالواڻي — وينا شرنگي
- ورهاڱي بعد اصلوڪن وڏن سنڌي ناٽڪن جا موضوع
- ناٽڪ ڀاشا : سنڌي اصلوڪا ناٽڪ
- سنڌي ساهتيہ ۾ طنز-ناٽڪ
- ٻين ڀاشائن ۾ ڪٺ پتلي
- سنڌ-هند جو ناٽڪ
- ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جا ناٽڪ
- گجرات جو سنڌي رنگہ منچ اؤسر جائزو ۽ اُپاءُ
- احمدآباد ۾ سنڌي ناٽڪ رنگہ منچ
- احمدآباد ۾ سنڌي ناٽڪن ۾ سيٽ، لائيٽنگہ ۽ ميوزڪ
- احمدآباد ۾ سنڌي ناٽڪن جي پيشڪش
- احمدآباد ۾ سنڌي اِسٽيج
- ريڊيو ناٽڪ
- اِسڪولي سنڌي ٻال رنگہ منچ
- سنڌي ناٽڪ شتابدي سال ١٩٨٠

رنگہ منچ-ناٽڪ ڪٿ

- هڪ ٻيو دروٽاچاريہ
- ننڍ نہ ڪر نادان
- گهر گروءَ جو در
- ويٽنگہ فار گودو
- چندو چانڊواڻي
- لوَ ليٽر
- ڪاڪو ڪلومل
- جوءِ نہ پنهنجي
- پلوَ پلي
- گهر سنسار
- آخرين سوال
- هي پياسو من منهنجو
- نرتيہ بئلي-عمر مارئي
- ناهي ڪرڻي مونکي شادي
- تون سنڌ ۾ رهي پئہ

SINDHI
NATAK-TANQEED

❐ **Jetho Lalwani**

Price : Rs. 400/-

Year : 2018

Published by :
Jetho Lalwani
73, Aditya Bunglows, Nr. Prem Prakash Ashram,
Awas Park, P.O. Kubernagar,
Ahmedabad-382340.
M. : 09879563312
E-mail : jetholalwani@gmail.com
web : www.jetholalwani.in.

Composed by :
Scan Copmputers
3, Radheshyam Appartment,
Patia, Naroda Road,
Ahmedabad-382340.
M. : 9327007002

**(Published with the financial aid of
National Council for promotion of Sindhi Language-
NCPSL-New Delhi)**

نئشنل ڪائونسل فار پرموشن آف سنڌي لئنگيج واري اداري ۾ تقريبا ڇهه سال گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. جنهن جو دفتر ٻڙودا ۾ هو اُن جو سرپرست مانوارو سڄڻ ڪي. آر. ملڪاڻي هو بعد ۾ پانڊيچري جي گورنر مقرر ٿيڻ تي ملڪاڻي صاحب اُن جي واڳ جهمٽمل واڌواڻي جي حوالي ڪئي. شري ڪي. آر. ملڪاڻيءَ ڊاڪٽر لالواڻيءَ جي ڪافي همٿ افزائي ڪئي. دهلي سنڌي اڪادميءَ ۾ سيڪريٽري طور مقرري يا وري اين. سي. پي. ايس. ايل. جي ڊئريڪٽر طور مقرر ڪرڻ. اُن عرصي دؤران ڪڇ ڀڄ جي تاريخي ڊنل شهر ڍولا ويرا، ڪالا ڏونگر، نارائڻ سروور، ٻني علائقي ۾ سرحدي ڳوٺن جي اسٽڊي ٽوئر ڪرڻ دوران قافلي ۾ گڏ هئاسين، جتي مون ڏٺو ته ڊا. لالواڻيءَ کي اُنهن علائقن ۾ اُتي جي مڪاني رهواسين سان سُٺي جاڻ سُڃاڻ هئي. جن جي مدد سان ٽوئر جو سهڻي نموني بندوست ڪيو. اُتي جي مڪاني ماڻهن ۾ شري ماڌو جوشيءَ جو سُٺو سهڪار حاصل ڪري سگهيو. جا ڳالهه سندن لوڪ ادب جي تخليقي ڪم مان به ظاهر ٿئي ٿي. جيڪو هن سهيڙي ڪتابي روپ ۾ محفوظ ڪيو آهي. ٻنيءَ جو لوڪ ادب، ٻنيءَ جا لوڪ گيت، سنڌي پروليون، لوڪ ناٽڪ، لوڪ رنگ، اسان جو ورثو فوڪ لور وغيره ۾ لوڪ ادب تي ڪيس پي. ايڇ. ڊي. به عطا ڪئي ويئي آهي، اجا به ان صنف تي سندس تحقيقي ڪم جاري آهي پوءِ چاهي ڳوناڻيون ڪچهريون هجن يا وري ڳوناڻن طرفان ڳجهارتن وارو سلسلو يا ڇناپيٽي، جنهن جي مان چشمديد گواهه به آهيان. ويجهڙائي سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي چيئرمين ڊاڪٽر فهميدا حسين ٻني علائقي جي سگهڙن

ڳوڙهي لهجي پاڻ
جاکوڙي - ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي

وينا شرنگي

پهتاسين ڪهڙي ماڳ وڃي ڇا ڪندي پڇي،
ها ڏس، هن سفر ۾ لنگهياسين ڪٿان ڪٿان (شيام)

ڊا. ڄيٺو لالواڻي زندگيءَ جي سفر ۾ ڪٿان ڪٿان لانگهائو ٿيو، اُن جي شخصيت، فن ۽ ادبي سفر جو پيرو ڪڍي اڳتي وڌنداسين تہ ڪٿان ڪٿان ۽ ڪهڙن پيچرن تان پير پٿون ڪندي لانگهائو ٿيو آهي، جي اُن تي نظر وجهنداسين تہ ڄاڻ پوندي گلن ۽ خارن وارن پيچرن تان لنگهندي هن جاکوڙي شخص ادبي ماحول ۾ خارن جو رهنڊون برداشت ڪندي گلن جي خوشبوءِ ماڻي آهي، ساڳئي وقت پنهنجي مخالفتين سان بہ ڪا رعايت ڪانہ ڪئي آهي. سندس جنم ڪنڊياري سنڌ ۾ سال 1945ع ۾ ٿيو. هيءُ اُهو آزاديءَ جي هلچل جو سال هو جڏهن نيتاجي سُڀاش چندر جي آزاد هند فوج ۾ سينگاپور ۽ اِنڊونيشيا ۽ ٻين هندن جي سنڌين هند کي آزاد ڪرائڻ لاءِ آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سرگرم طور حصو ورتو.

منهنجي ڊا. لالواڻيءَ سان مُلاقات تقريبا چار ڏهاڪا اڳ گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان جڏهن ليڪائن تي قومي سيمينار رکيو ويو هو تڏهن ٿي، اُن بعد ڪيترن شهرن ۾ ادبي گڏجاڻين ۽ سيمينارن تي ٿيندي رهي آهي. ڊا. لالواڻيءَ سان سي.ايچ.ڊي. وزارت جي تعليم کاتي جي

وارن موضوعن تي سنڌي فلمن جي فهرست ۾ اِضافو ڪيو آهي، پپيٽ ناٽڪ ۽ ڪنپتلي وغيره تي بہ سي. ڊي. تيار ڪري اُن پنتي پونڌڙ فن کي اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌي ڀِٽ شئليءَ تي نہ صرف تفصيلي ڄاڻ ميسر ڪرائي آهي بلڪ ان ۾ ڀِٽن طرفان ڳايل ڪلام ۽ تصويرون شامل ڪري پنتي پونڌڙ ان فن کي اُجاگر ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. تفصيلن ۾ ترجمي جي کيتر ۾ سنڌي کان گجراتي ۽ گجراتيءَ جي ساهتيہ کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ وارو ڪارائتو ڪم ڪيو آهي. ادبي چمن جي ايڊيٽر طور ادب جي خدمت ڪري رهيو آهي. ان کان علاوہ ٻال ساهتيہ جي کيتر ۾ بہ ڪهاڻيون ۽ ٻيو ادب لکي وڏ ڪيا آهن، ڪيس ڪئي مان سنمان مليا آهن. هن گجراتي، هنديءَ ۾ بہ اصلوڪا ڪتاب جوڙي غيرسنڌين کي سنڌي ڪلا، ادب، تهذيب جي ڄاڻ ميسر ڪري ڏني آهي.

بڙودي جي ميٽنگ ۾ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ سان هڪ نقطي تي بحث ڪيو. وري دهليءَ ۾ ويڇڙائيءَ ۾ جڏهن مان ميمبر هيس تہ ڪنهن شخص وري ساڳيءَ طرح جي موضوع تي واءِ ويلا ڪئي. پر ڊا. لالواڻيءَ دليلن ذريعي اُن کي ٺڏي ٻهاريو. هڪ خوبي هن ۾ اِها بہ آهي تہ پنهنجي ڳالهہ مڃائڻ جو ڏانوَ بہ اٿس. جيڪو هر ڪنهن جي وس نہ آهي.

ڊا. لالواڻيءَ جي گهرواري جوتيءَ کي مان ڪين وساريندس، احمدآباد کان بمبئي ويندي منهنجي طبيعت خراب ٿي پيئي منهنجي ٽرين جي رزرويشن هئي سان ڪئنسل ڪرائي منهنجي جيڪا پرگهور لڌي سان وسارڻ جهڙي نہ آهي، مارئي جي دهلي ۽ ممبئي وارن سيمينارن

جي ڳجهارتن، لوڪ ادب جي ويڊيو رڪارڊنگ منهنجي رهائش گاهه تي ڪئي. ڊا. جيٺي لالواڻيءَ ٻني علائقي جي فنڪارن، سگهڙن وغيره جو بندوست ڪيو جنهن ڪم ۾ تاج جويو به هن سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو هو. صبح سوير کان وٺي تيارين ۾ لڳل رهيا. ٻئي جاکوڙي آهن. ان موقعي تي پروفيسر اعجاز قريشي، شري ارجن حاسد، ڪلاڌر، شالني ساگر، اِندرا شبنم ۽ ٻيا موجود هئا.

هن مختلف موضوعن کي ڪٽي مضمون به لکيا آهن - سنڌ ۽ گجرات جا ناتا مضمون ۾ فرمائي ٿو : سيپتائن جو وڪاس به ٿيو آهي ته ناس پڻ، ڪي تهذيبون زمين دوز ٿي ويئون آهن ته وري ڪي اجا وڪاس جي رستي تي آهن. هڪ ٻئي مضمون ۾ سنڌي ڪوي ۽ راشٽريه چيتنا ۾ آزاديءَ جي جدوجهد دوران عوام ۾ سُجاڳي آڻيندڙ وطن جي حب جو ذڪر ڪندي وفا جي گيت جو به ذڪر ڪيو آهي.

امن ۽ ايڪتا جا گيت ڳائيندا هلو،

ڌرم ۽ جاتين جي ڀيدن کي مٽائيندا هلو. (وفا)

لوڪ ادب کانپوءِ ناٽڪ جي کيتر ۾ ڊا. لالواڻيءَ پاڻ موکيو آهي پوءِ چاهي ناٽڪ لکڻ، ناٽڪن جو منچن ڪرڻ، هدايتڪاري يا وري پروڊيوس ڪرڻ وارو ڪم. دراصل لوڪ ادب کان پهرين ناٽڪ واري کيتر ۾ سرگرم رهيو حالانڪ کيس انهن ٻن کيترن تائين محدود نٿا ڪري سگهون. ساهتيه جي ٻين کيترن جهڙوڪ ڪهاڻي، مضمونن، ڪالم لکڻ تي به قلم آزمايو آهي. ناٽڪ جي کيتر ۾ پنهنجي پڳ مٽ يار ناٽڪڪار مدن جماڻيءَ سان نه صرف رنگه منچ تي پنهنجا جوهر ڏيکاريا آهن پر سنڌي فلم جئه جهوليلال ۽ وتايو فقير

ورهاڱي بعد اصلوڪن وڏن سنڌي ناٽڪن جا موضوع

ڪهاڻي، ڪوتا، ناول، مضمون، ناٽڪ وغيره ادب جا مکيه انگ آهن. جديد دؤر ۾ ناٽڪ کي ساهت کان جدا شاخ ڪري قبوليو ويو آهي. ڇو جو ناٽڪ ٻين ڪلائن جو مرڪب آهي. ناٽڪ جي ڪهاڻي ۽ گفتگو انش ساهت روپ آهن. لکيل ناٽڪ ”ڊراما“ ۽ منچ تي پيش ٿيندڙ ناٽڪ کي ”پلي“ سڏيو ويندو آهي. ناٽڪ جو لکيل روپ جنهن کي ”اِسڪرپٽ“ سڏجي ٿو، اُهو اسٽيج تي ٻين ڪلائن سان پيش ٿيندي مڪمل ناٽڪ بڻجي ٿو.

ناٽڪ جا عناصر هن ريت قبوليل آهن :

1. ڪٿا يا پلاٽ، 2. ڪردار-اداڪار، 3. گفتگو-ڊائلاگ، 4. زمان-مڪان وقت، 5. اُديش يا مقصد ۽ 6. شئلي.

جديد ناٽڪ ڪارن ائڪٽنگ ۽ ڪردارنگاريءَ کي پڻ ناٽڪ تتون ۾ شماريو آهي.

ڪٿا-پلاٽ ناٽڪ جو بنيادي تتوَ آهي. ڪهاڻي ناٽڪ جي آتما آهي. ناٽڪ ۾ ڪهاڻيءَ جي وستار ڦهلاوَ کي ڌيان ۾ رکي ناٽڪ جا وري قسم ايڪانڪي، ٻه انڪي، ٽه انڪي، طويل، وڏا ناٽڪ لفظ اسان کي ملن ٿا.

ناٽڪ کي ”اِسٽوري آف ڊائلاگس“ به ڪري سڏيو ويندو آهي جو ناٽڪ جي ڪٿا پاترن جي گفتگوءَ ذريعي منڍ-شروع کان وٺي آخر تائين گهٽناڪرم ۾ اڳتي-اڳتي وڌندي رهي ٿي ۽ ناٽڪ جو مکيه حصو جنهن کي ”سنگهرش“ سڏيو وڃي ٿو اُهو پڻ ڊائلاگس ذريعي اُڀري اچي ٿو جنهن ۾ ڪو واقعو، گهٽنا وغيره شامل هوندي آهي.

۾ ڊا. لالواڻيءَ سان گڏ شرڪت ڪري ساٿ ڏنو. مونکي ياد
آهي جڏهن ڊا. لالواڻيءَ کي دهليءَ ۾ اوارڊ فنڪشن ڪرڻو
هو تہ هنن منهنجي غيرموجودگيءَ ۾ اُن جي جوابداري مون
تي وڌي جنهن شخص لالواڻيءَ کي چئلينج ڪيو هو تہ دهليءَ
۾ مان توکي فنڪش ڪرڻ نہ ڏيندس اُهو فنڪشن مون
ڪاميابيءَ سان ڪري ڊا. لالواڻيءَ جو ساٿ ڏنو. اُن شخص
لاءِ پنهنجي سفرنامي ۾ محفل جو مور ڪري ذڪر ڪرڻ جنهن
هن خلاف رڻ باري ڏنو هو، مون لاءِ اُن لفظ سان اتفاق ڪرڻ
مشڪل آهي.

ڊاڪٽر لالواڻيءَ آتم ڪٿا واري صنف تي قلم نہ کنيو
آهي جيستائين پنهنجي جيون گاٿا لکي تيستائين ڪونج
جي ايڊيٽر نند ڇگاڻيءَ قدم اڳتي وڌايو آهي. ڪونج ج
ڊاڪٽر جينو لالواڻي پرچو شايع ڪيو آهي.

بقول سچل سائين :

پاڻ وڄائي پاڻ ٻولهي لهج پاڻ کي،
پاڻ منجهان ٿي پاڻ کي پوندي چاڻ سڄاڻ.

M. : 09810728440-09868377321

جي اِن مطابق ڪابه ورهاست نہ ڪئي ويئي آهي. هر قسم جا ناٽڪ گڏوگڏ لکجندا ۽ تختي تي پيش ٿيندا پئي رهيا آهن. رفتار بہ وقتي تيز، ڍلي رهندي پئي آئي آهي. البت 1976 ڌاري احمدآباد ۾ برپا ٿيل ''سنڌي ڊراما ورڪشاپ'' جي شروع ڪيل نون ''تجرباتي ناٽڪن جو دؤر'' سڏيو ويو آهي، اِن دؤر ۾ جيئن ڪهاڻي، تيئن ڪويتا ۾ نوان-نوان موضوع ايندا رهيا. ساڳئي نموني تجرباتي ناٽڪن ۾ بہ گهڻ ڪنڊائي نوان موضوع اُڀري بيٺا جنهن ۾ جديد دؤر جو سماجڪ عڪس مونجهہ، مسئلا، بدلاءَ، سوچ، وهنوار جي ڏس ۾ مانسڪ ڇڪ ڇڪان، پڇ پڇان واري زندگيءَ جا چٽ ڪردار نظر اچن ٿا. پر اِن کان سواءِ هر قسم جا ناٽڪ بہ گڏوگڏ قلم بند ٿيندا رهيا.

ورهاڱي بعد ڪجهہ سالن جي خاموشيءَ، ناپر بعد 50-1949ع جي آس پاس دهلي ۽ ممبئيءَ ۾ سنڌ جي لکيل ايڪانڪي ناٽڪن کي منچ تي آڻڻ جون ڪوششون ورتيون ويئون. جنهن کي سنڌي ناٽڪ جو پنر جنم (رنگہ منچ چاهي سنڌي ناٽڪ نويسيءَ جي لحاظ کان) سڏيو ويو. سنڌي ناٽڪن جي ڏس ۾ ورهاڱي بعد سنڌ جي وڏن اصلوڪن سنڌي ناٽڪن جي ڀيٽ ۾ هند ۾ اصلوڪن وڏن ناٽڪن جي ڪافي کوٽ پئي محسوس ٿي آهي. ڇو جو ناٽڪ لکڻ سؤلو بہ تہ ڪين آهي. ناٽڪ لکڻ وقت رنگہ ڀوميءَ جي تقاضائن، محدودگين، ضرورتن، تڪنيڪن کي بہ ڌيان ۾ رکڻو پوي ٿو. ڇو ناٽڪ محظ لکڻ جي نہ پر ڪري ڏيکارڻ جي بہ ڪلا آهي. ناٽڪ ڪار کي ٽن محدودگين 1. رنگہ ڀوميءَ جي محدودگي، 2. درشڪن جي دلچسپي ۽ 3. ڪلاڪارن جي شڪتيءَ اندر ڪاريہ ڪرڻو پوي ٿو.

ورهاڱي بعد سنڌيءَ جي وڏن اصلوڪن ناٽڪن جي وچور ۽ اُنهن جا موضوع هن ريت آهن : فائيل گم ليٽر ليپي ئي نٿو، رام پنڄواڻي (1962) جو اُلهاسنگر ۾ رهندڙ سنڌين جي شروعاتي

ناٽڪ جي ڪٿا وستو ڪهڙي بہ قسم تواريخي، ڌارمڪ، سماجڪ، ڪالپنڪ، خيالي وغيره تي سگهي ٿي. ناٽڪ جا ٽلهي ليکي بہ قسم ڪاميڊي ۽ ٽريجڊي، سکانت-دکانت قبوليا ويا آهن. ٻنهي ۾ هر قسم جا ناٽڪ شامل آهن. ناٽڪ جا ڪهڙا بہ موضوع ٿي سگهن ٿا. اُن ۾ وهڪرا يڪ، ٻٽا ۽ انيڪ بہ ٿي سگهن ٿا.

منهنجي هن مقالي جو وشيہ ''ورهاڱي بعد اصلوڪن وڏن سنڌي ناٽڪن جا موضوع'' آهي. وشيہ وستو، موضوع، سماجيات، سياست، ارٿ شاستر، سماجي، انفرادي نفسيات يا احساس ڀاو سان گڏ ثقافتي بہ ٿي سگهن ٿا. اِهي ئي ادب ۾ ويچار ڌارائن يا موضوعن طرف اِشارو ڪن ٿا. سنڌي ناٽڪن ۾ جدا-جدا موضوعن جو مطالعو ڪندي ڄاڻ پوي ٿي تہ سنڌيءَ ۾ 1880 ۾ مرزا قليچ بيگ پهريون ناٽڪ ''ليليٰ مجنو'' قلم بند ڪيو هو ۽ 1899 ۾ ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج اميچوئر سوسائٽيءَ اِهو ناٽڪ منچ تي آندو.

''نندين ناٽڪن جي ابي'' پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ سنڌي ناٽڪن جي موضوع (Theme) جي اڀياس جي دائري ۾ اُڀري آيل ويچارن، احساس ۽ چنتن جي آڌار تي ويچار ڌارائن (Ideology) مطابق ورهاڱي کان اڳہ جي ناٽڪن کي هن ريت دؤرن ۾ ورهايو ويو آهي.

1. تقدير جو فلسفو (سنسڪرت تان ڌرمي ناٽڪ)، 2. سيرت جو فلسفو (شيڪسپيئر تان رومانوي ناٽڪ)، 3. سنسني خيز ناٽڪن جو دؤر، 4. حقيقت نگاريءَ جو دؤر (سماجڪ ڪشمڪش جو فلسفو) ۽ لوڪ ڪهاڻين تي ٻڌل ناٽڪ.

اِنهن دؤرن ۾ وڏا چاهي ننڍا اصلوڪا، طويل ناٽڪن سان گڏ انواد/اُلٿو ڪيل ناٽڪ بہ شامل آهن. ورهاڱي بعد يعني 1947 کان اڄ ڏينهن تائين ڀارت ۾ پيش ٿيل، قلمبند ڪيل ناٽڪ

ناٽڪ آهي. علامتي ڍنگ وارو مثالاجي ۽ فئنٽسيءَ جو هڪ گڏيل روپ آهي. هيءُ هڪ تمثيلي ناٽڪ ”Allegory“ آهي. ناٽڪ مثالاجي آهي پر واقعا، گهٽنائون، ڪردارنگاري اڄ جي دؤر جي آهي. ڀڳوان جي حڪومت خلاف ڊيولوڪ ۾ يمر دوت ۾ پڻ اِنقلاب جو نعرو بلند ٿئي ٿو. ناٽڪ ۾ چاٽايل آهي تہ ”ڌرتيءَ جي زندگي اِنسان لاءِ سزا لائق آهي.“

”مُڪتيءَ“ ۾ چار ناٽڪ شامل آهن. ڊاڪٽر پريم پرڪاش اُن کي چار طويل ناٽڪ سڏيو آهي. اِن ۾ هڪ مونجهارو آهي تہ اُهي وڏيون ايڪانڪيون آهن يا چار وڏا ناٽڪ.

”مُڪتي“ ناٽڪ عام ماڻهوءَ جي رشتن، سياست، آرٿڪ حالت ۽ بندوبست ۾ گهيريل لاچاري ۽ بيوسيءَ جو موضوع کڻي هلي ٿو. ”پڪارون“ ڪڇ ضلع ۾ ٿيل زلزلي جي ڀيانڪتا، دل ڪانڊارڻيندڙ، قدرت جو قهر ۽ بيوس اِنسانيت جي چلاهٽ جي ڪهاڻي آهي. ”باهہ“ اِستري پاترن جي جدا-جدا منودشا سان گڏ علامتي ناٽڪ آهي. اِنسانن جي خواهشن، ارمانن، اِڇائن، چاهنائن، ناجائز رشتن، اَترپت جسم، آتما کي باهہ لڳل آهي جو علامتي روپ آهي.

”بگڙيل گهر“ 1972، گوورڌن ڀارتيءَ جو ناٽڪ آهي. سماجڪ ناٽڪ آهي. هڪ گهر جي بگڙيل ڪردارن جا چٽ چٽيل آهن. هڪ ڪردار خراب صحبت ۾ گهران ڀڄي ٿو وڃي. ڌيئي ليئيءَ جو بہ مسئلو آهي. فلم اِسٽار بڻجڻ جا سونهري سپنا بہ سجايل آهن. موضوع حقيقي ڌراتل سان جڙيل آهي. هيءُ ناٽڪ پراڻي زماني ۾ ٿيندڙ ناٽڪن ۾ نرتيہ ۽ گانن سان ڀرپور آهي. گهڻا سماجڪ مسئلا اُجاڳرت ڪيل آهن.

”آشيانو“ 1979 ناٽڪ نويس ڪرشن کٽواڻي آهي جنهن جي منهن اِسڪرپٽ ڊاڪٽر پريم پرڪاش تيار ڪئي آهي. شهري اڊمبر، نقلي شان ۽ پئسي جي بدليل قدرن، زندگيءَ تي ٻڌل،

ڪئمپ زندگيءَ جو ڪشمڪش وارو حقيقي چِٽر آهي، جنهن ۾
سرڪاري ملازمن، ڪلارڪن جي منورتي، وهنوار تي ڪڙي طنز
بہ ڪيل آهي.

ڊاڪٽر موتي پرڪاش جا بہ ناٽڪ ”رات هڪ طوفان جي“
1967ع ۽ ”پڙدي اڳيان پڙدي پٺيان“ 1975 ۾ شايع ٿيل آهي
’رات هڪ طوفان‘ جي ناٽڪ رومانيت واري موضوع سان راز پرئي
پلاٽ وارو ناٽڪ آهي. ناٽڪ جو پهريون حصو رومان آهي، بي
ڏوهي پريميءَ جو قاسڻ بعد خونيءَ جي تلاش ڪٿي هلندڙ موضوع
آهي.

ٻيو ناٽڪ سنڌي شاهوڪار طبقي جي سنڌي ساهت طرف
بي‌رخيءَ، منورتيءَ تي طنز ڪيل آهي. ناٽڪ ڪاميڊيءَ ۽ فارس
جو گڏيل روپ آهي. ٻهروپي، پاڻ کي لوڪپريہ بڻائڻ، لاءِ هر
قسم جا هٿڪنڊا اپنائڻ ۽ ترڪيبون اِستعمال ڪرڻ واري شخص
جو چٽ آهي.

ڊاڪٽر پريم پرڪاش جا ناٽڪ آهن : ”پڪنڪ“ 1974
”مورچابندي“ 1979، ”فرشتن جي دنيا“ 1988 ۽ ”مڪتي
.2001

”پڪنڪ“ ناٽڪ ائبسرڊ پرمپرا جو ناٽڪ آهي. بي‌مقصد
بي‌ترتيب زندگيءَ جو ناٽڪ آهي. ناٽڪ ۾ دستوري پڪنڪ
منورنجن، لطف، آنند تہ سمايل آهي پر ڪلڻ هاب حرڪتن
حالت، منورتيءَ، ناجائز رشتن، ٻهروپي سماجڪ روپن، رشت
پٺيان لڪل خوفناڪ بيهودگين جو چٽ آهي. ”مورچابندي
ناٽڪ پڻ غير سلسليوار واقعن، حرڪتن ۽ گفتگوءَ جو ميلاپ آهي
ڪوبہ پلاٽ ڪونهي. ڪٿي موت جو تہ وري ڪٿي هڙتال، ج
جدا مورچن، واقعن، گهٽنائن جو ذڪر ۽ فڪر آهي. سما
سياست، آرٿڪ بندوبست ۽ سرشتي تي طنز ڪيل آهي.

”فرشتن جي دنيا“ موهن ڪلپنا جي ڪهاڻيءَ تي جڙ

شري پي. بي. چاند جو ناٽڪ ”سُپر اِسٽر جهمٽ ڪمار“ 1981 هڪ سنڌي ڪلاڪار جي زندگيءَ جو احوال پيش ڪندڙ ناٽڪ آهي.

مدن جماڻيءَ جا ناٽڪ آهن ڪاڪو ڪلومل، گهر گروءَ جو در، رام رام سائين، لاڏو لاڏي آڏيندو ۽ سهڻو شاهه لطيف چوي وغيره.

”ڪاڪو ڪلومل“ ناٽڪ سنڌيءَ جو پهريون طويل يڪ پاتري ڪامياب ناٽڪ آهي جنهن ۾ موٽ ۽ زندگيءَ جو عڪس مذاقيه روپ ۾ طنز ذريعي، سماجڪ ڍانچي ۾ موجوده جيون جي ذلتن ۽ ڪوڙين سچاين کي پيش ڪندڙ آهي.

”گهر گروءَ جو در“ 1982 ٻُڍن جي جيون ۽ ٻُڍا آشرم کي ڪٿي ناٽڪ جوڙيل آهي. ٻُڍا آشرم ۾ زندگيءَ جا آخرين ڏينهن گهاريندي لڙڪ ۽ مُرڪ جي انوکي سنگم ۽ ماضيءَ جي يادگيرين ۾ جيئندڙ سماج، قوم ۽ پنهنجن طرفان ڌڪويل، سماجڪ موضوع کي ڪٿي هلندڙ ناٽڪ نئين پيڙهي ۽ پراڻي پيڙهيءَ جي ٽڪراءَ، شهريڪرڻ ۽ وديشي سيينا جي اثرن وارن گهرن جي جيون جا رنگ آهن.

يڳوان اٺلاڻيءَ جو ”پالتو“ رشتن جي ٽڏائي ۽ زندگي ارٿهيڻ، بي معنيٰ جي موضوع تي آڌارت آهي.

هريڪانت جا ٻه ناٽڪ ”ڪٽراٻ (1996) ۽ ”ترڪ تال“ (2001) سياسي طنز جا ناٽڪ آهن. سياست جي چالبازين، گدلائپ، رشوت خوري، برائن ۽ ٿيندڙ ڪانڊن تي روشني وڌل آهي.

لکمي کلاڻيءَ جا ناٽڪ ”گڏا گڏيون“ 1984، ”واريءَ سندو ڪوٽ“ 1988، ”پنهنجو دشمن“ 1993 ۽ ”ڪوٺا قاس“ مخصوص سنڌي سڃاڻپ جا ناٽڪ آهن. سڀ ناٽڪ سنڌي زندگيءَ سان ڀرپور ۽ اُن ۾ آيل بدلاءَ کي پاڻ سان گڏ ڪٺي هلن ٿا. واريءَ سندو ڪوٽ ۾ سنڌي شرڻارٿي زندگيءَ جي تصوير

نرمل ۽ ماٺيپي سان پريل زندگيءَ جو ڪيئن غير وهنواري واهپو
ٿئي ٿو، گُهٽ ۽ ٻوسات محسوس ٿئي ٿي جو موضوع اُجاڳرت
ڪيل آهي. سنڌي جيوت جو چٽ چٽيل آهي. شاهوڪار سنڌي
ڪيئن ڪوڙي شان-مان خاطر پنهنجي تهذيب کي ڀُلائي وينا
آهن ۽ اِنساني رشتن ناتن کي نظرانداز ٿا ڪن. هڪ حقيقت ۽
سچائي بيان ڪندڙ ناٽڪ آهي.

''نرواسي'' 1976 گوبندرام ''سائل'' جو ورهاڱي بعد سنڌي
جاتيءَ جي دربدر ٿيل زندگي، ڪشٽن ڪشالن ۽ ڪٺپمن جي
ذلت ڀري زندگي، لاهن-چاڙهن جي ڪهاڻي آهي.

''تياڳ ۽ مُڪتي''، ''آيو نئون زمانو'' ٻئي ناٽڪ پروفيسر
رام پنجواڻيءَ جا جوڙيل ناٽڪ آهن. ''تياڳ ۽ مُڪتي'' 1978
ٻڌ جيون تي ٻڌل آهي. ٻڌ جيون ۽ فلاسافي هتي هڪ موضوع ٿي
آيو آهي. ٻڌ ڌرم جي ڦهلاءَ سان گڏ ٻڌ جي پوري ڪٿا جو سار ب
ڏنل آهي.

''آيو نئون زمانو'' 1978 ماڊرن زندگيءَ جي چند حقيقي
ذلتن، لعنتن جي موضوع جا ڪيترا انش پاڻ سان گڏ کڻي
هلندڙ هڪ ميلو ڊراما آهي جنهن ۾ سستي لوڪپريتا جا نسخا ب
درج ڪيل آهن.

''امي-ممي'' 1978 ڊاڪٽر مرليڌر سُڪواڻيءَ جو جوڙيل ناٽڪ
آهي. سنڌي نگر جي ڪردارن جا چٽ چٽيل آهن. نرواسي ه
اِستٿيءَ سان گڏ، سنسڪارن ۾ آيل بدلاءَ ۽ وديشي سڀيتا جي اثر ج
موضوع ناٽڪ پاڻ سان گڏ کڻي هلي ٿو.

''ميران'' 1980 تيرٿ بسنت جو ناٽڪ آهي. تواريخي پس
منظر ۾ ميران ۽ اڪبر جي موضوع تي جوڙيل هڪ پختو ناٽ
آهي. ميران جي جيون جو گهرو اڀياس ڪري، نئين نگاهه سا
پرکي، ڪلپنا کي جوڙي نئين طرز ۾ راجپوتن راجائن جي جنگي
کي ٻه جوڙيو آهي.

سنڌيت جي خوشبوءِ سان ڀرپور آهي. سنڌي لوڪ سنگيت سان ڀرپور آهي. سنڌي ڀينگهي کي هڪ ڪردار جي روپ ۾ پيش ڪيل آهي. جنم کان وٺي موت تائين يعني لوليءَ کان ماروءَ تائين جو سفر اظهاريل آهي. ريتين، رسمن، ڀڳت وغيره يعني تہ سنڌي سنسڪرتيءَ جو موضوع ٻارن سان ڪٿي هلي ٿو.

منوهر نهالاڻيءَ جو ''تو بن زندگي اڌوري- اڌوري''، مانڌي نيٽواڻيءَ جو ''رهجي وياسين ڪنوارا''، پرتاپ پرسواڻيءَ جو ''اُٺتيهہ چور جا'' (1998)، ٻلديو گهنشاڻيءَ جو ''رانگ نمبر'' (2003) راز ڀريو ناٽڪ آهي. باقي ناٽڪ سماجڪ مسئلن کي ٻارن سان گڏ ڪٿي هلن ٿا.

سنڌيءَ ۾ سائنس فنڪشن کي ڪٿي نہ جهڙا ناٽڪ قلم بند ڪيل آهن. ريڊيو ناٽڪ کي پنهنجي تڪنيڪ ۽ خوبي آهي. ريڊيو ناٽڪ جڏهن ڪنهن سلسلي ۾، لڳاتار ڪڙين ۾ پرسارت ٿئي ٿو ۽ هڪ ئي موضوع کي منڍ کان انت تائين ڪٿي هلي ٿو تہ اُهو وڏي ناٽڪ جو ئي روپ آهي. اهڙي ئي سنڌيءَ جي ريڊيو سيريل ناٽڪ ''پينڪر پنجو'' آهي جيڪو ڊا. ڄيٺي لالواڻيءَ جو اٺن ڪڙين ۾ آڪاشواڻي احمدآباد ۽ ڀڄ ڪڇ تان پيش ٿي چڪو آهي. هيءُ سنڌيءَ ۾ ڀهريون وگيانڪ سيريل آهي جنهن ۾ ''ايڊس'' وشيہ کي ڪٿي علامتي نالو ''پينڪر پنجو'' ڏنو ويو آهي. ايڊس ڇا آهي؟ اُن جي ڦيلڻ جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟ اُن جا قسم ڪهڙا آهن، اُن جي ڦهلاوَ ۽ روڪڻ جي اُپاوَن کي ڪٿي اُن کان ڪيئن بچجي جي مڪمل ڄاڻ ناٽڪي انداز ۾ سرل ۽ سولي ٻوليءَ ۾ ڏنل آهي. هن ۾ سيڪس بابت، ريڊلائيٽ ايريا جي وئشيائن بابت بہ ذڪر آهي جيڪو جذبات کي ڀڙڪائي نٿو پر موضوع کي وڌيڪ چٽو ۽ سمجهڻ ۾ مددگار ٿئي ٿو. ايڊس بيماري جنهن جو انت موت ئي آهي اُن موضوع کي سندر، فنائتي ۽ روچڪ ڍنگہ سان پيش ڪيل آهي.

آهي. پنهنجو دشمن اڄ جي جديد سنڌي زندگي، جنهن ۾ پيس
وارن جي سوچ، وهنوار جي تصوير ڪشي ڪيل آهي. ”ڪ
ڦاس“ ۾ بلڪل نئون وشيہ آهي جنهن ۾ آمريڪا ۾ رهندڙ
سنڌي ڪٽنب ۾ پتي-پتنيءَ جي سوچ، جيون ويچار ڌارا،
جو ٽڪراءَ ۽ اُتي جي ذلتن سان ڀرپور ناٽڪ آهي.

1993 کان 2013 تائين شايع ٿيل وڏن ناٽڪن جا ڪتاب
ريت آهن : 1. پنهنجو دشمن-1993 لکمي کلاڻي، 2. آشيا
2004 ڪرشن ڪٽواڻي-منچ اِسڪرپٽ ڊاڪٽر پريم پرڪا
3. ڪٽراڳہ-1996 هريڪانت، 4. اُٽٽيهہ ڏينهن چور جا-98
پرتاپ پرسواڻي، 5. لاڏي لاڏِي آندي پر...-1996 واسديو نر
6. مڪتي (چار طويل ناٽڪ)-2001 ڊاڪٽر پريم پرڪاش،
ترڪ تال-2001 هريڪانت، 8. امان جو پينگهو-2003 واس
نرمل، 9. پينڪر پنجو (سائنس فڪشن-ريڊيو سيريل)-03
ڊا. چينو لالواڻي، 10. رانگہ نمبر-2003 ٻلديو گهنشاڻي،
ڪوئا ڦاس-2008 لکمي کلاڻي ۽ 12. پيار جا رنگہ (احساس ر
جا) 2012 ڊا. چينو لالواڻي.

اِن کانسواءِ ”شريمان ڦيرو ڦرڪي“ (اُلٿو ٻال طويل نا
1996 اُلٿو ڊاڪٽر چينو لالواڻي-ليکڪ : جيورام جوشي، ”
جو هڪ ڏينهن“ 1999 (انوادڪ ڪرشن ڪٽواڻي، ليکڪ : م
راڪيش)، منوءَ جي ماسي عرف ”آنٽي نمبر ون“ 2008 (انو
پروفيسر لڇمڻداس هردواڻي، ليکڪ : پرهلاد ڪيشوَ) ۽ ”ش
تہ ڪر“ (اُلٿو ڊاڪٽر چينو لالواڻي، ليکڪ : دامو سانگا
هن ناٽڪ کي مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان انواد پرسر
2011 حاصل ٿيل آهي ۽ ”هتيا هڪ سپني جي“ 2012
هريڪانت، ليکڪ : ڪامو).

واسديو نرمل جو ”امان جو پينگهو“ (2003) ۽ ”لاڏي
آندي پر...“ (1996) سماجڪ ناٽڪ آهي. ”امان جو پين

جو ٽڪراءُ، سنگهرش به ڏيکاريل آهي. موضوع بلڪل نئون، وقتائتو، نئين پيڙهيءَ جي سوچ، عمل کي پاڻ سان کڻي هلندڙ لوِ اِن رليشن آهي ۽ ٻهريون دفعو آهي جو سنڌيءَ ۾ اِن وشيه کي باريڪ بينيءَ سان ڇُهي فنائتي نموني پيش ڪيو ويو آهي. قانون ڀلي اِن رشتي کي مڃتا ڏني آهي پر سماج اُن ۾ به خاص سنڌي سماج اِن کي قبوليت نه ڏني آهي.

اِسڪرين ساهت ۾ فلم اِسڪرپٽ شامل آهن. مدن جماڻيءَ جو ''هل ته ڀڄي هلون'' نوجوانن جي پريم، عشق جي داستان آهي ته ڊا. ڄيني لالواڻيءَ جو ''پيار جا رنگ'' (احساس رشتن جو) 2012 رشتن جي ٽڌائپ، وديشي سڀيتا تحد جديد دؤر جي سوچ، هلت، وهنوار سبب کهڙا بدلاءَ آيل آهن. خاص طور ٻرندڙ مسئلي لوَ اِن رليشن موضوع کي اُڀاريل آهي.

وڏي ايڪانڪيءَ ۾ جنهن کي طويل ناٽڪ سڏجي ته اُن ۾ به ڊا. ڄيني لالواڻيءَ جو ''آخرين سنڌي'' ناٽڪ به شامل ڪري سگهجي ٿو. جنهن ۾ موضوع جي بلڪل نواڻ آهي. هاڻوڪي وقت ۾ سنڌي ٻولي، ادب، تعليم، ثقافت، تهذيب جي حالت چنتا جو باعث آهي ته اچ کان چار-پنج سؤ سال سنڌي قوم جي وجود کي کڻي، تصور، ڪلپنا ڪئي ويئي آهي.

مڪمل طور ڏسجي ته ورهاڱي کان ٻوءِ اصلوڪن وڏن سنڌي ناٽڪن ۾ ورهاڱي جي درد، پيڙا، ڪشمڪش جي زندگيءَ جي برعڪس ناٽڪن جا موضوع شروع ٿيندي وقت، حالتن جي بدلاءَ جي مدي‌نظر پنهنجي مخصوص سڃاڻپ کي قائم رکندي اُن جي جديد ترين بدلاوَن کي پڻ موضوع بڻايو ويو آهي. ناٽڪن جي موضوعاتي روپ ريکا لڳ ڀڳ 'سنڌيت' جي سوچ تي ٻيٺل آهي. سنڌي ناٽڪ نويسن روايتن کان مٿي ناٽڪن جي وشين، اُٿلت، گهڙت، شئليءَ ۽ پيشڪش جي لحاظ کان ناٽڪ جوڙيا آهن. ورهاڱي بعد سنڌي ناٽيه ليکن پرڪريا هڪ جهڙي نه رهي

ريڊيو ناٽڪ سيريل پڻ وڏي ناٽڪ روپ ۾ شامل آهي. ڊاڪ
چيني لالواڻيءَ جو ”پينڪر پنجو“ (2003) سائنس فڪشن ريڊ
سيريل ”ايڊس“ جهڙي مهاماري، لاعلاج بيماري جنهن جو ا
موت ئي آهي تي آڌارت آهي.
اڄ جو يگ ريڊيو، ويڊيو، ائنٽينا جو يگ آهي جنهن
ڏسڻ، ٻڌڻ جو يگ به سڏيو وڃي ٿو. آڊيو-ويڊيو يگ ۾ ويڊ
اِسڪرپٽ کي جيتري اهميت هي اوتري اهميت ۽ اُن
ضرورت اِسڪرين ساهتيه ۾ فلم اِسڪرپٽ جي پڻ آهي جا
پنهنجي ليکي وڏي ناٽڪ ۾ شمارجي ٿي. وڏا، طويل، ته انڪ
ناٽڪن انڪن ۽ درشين ۾ ورهايل هوندا آهن پر فلم اِسڪر
صرف درشين ۾ قلم بند ڪيل هوندي آهي. موضوع سيني درش
کي جوڙي، واقعن، گهٽنائن، پاترن کي ايڪ روپ ڏيندو آه
منورنجن سان گڏ دلچسپ پڻ بڻائيندو آهي.
ڪجهه وقت کان سنڌيءَ ۾ فلمون جهجهي انداز ۾ تيار
رهيون آهن جن مان ڪجهه سال اڳ شايع ٿيل ناٽڪن کي سج
سنواري فلم روپ ڏيئي فلمايو ويو آهي ته ڪي جيڪي ني
گوناگون وشين کي ڪٽي اِسڪرين پلي جي آڌار تي فل
فلمايون ويئون آهن، رليز به ٿي چڪيون آهن پر اُنهن اِسڪر
کي ڪتابي صورت ۾ شايع نه ڪيو ويو آهي. سنڌي ادب ۾
”هل ته پڄي هلون“ جهڙي فلم اِسڪرپٽ شايع ٿيل ملي ٿ
تازو سنڌيءَ ۾ ٺهيل فلم ”پيار جا رنگ“ (احساس رشتن
اِسڪرين پلي ٻنهي لپين عربي ۽ ديوناگريءَ ۾ شايع
اسان جي سامهون آئي آهي. اِسڪرين پلي (اِسٽوريءَ جو ناٽ
روپ) ڊاڪٽر چينو لالواڻيءَ جو لکيل آهي. هن ۾ رشتن
جدا-جدا رنگ روپ، اُنهن جي تازگي، ٿڏائپ ۽ وديشي س
تهذيب ۽ جديد دؤر ماڊرن سوچ، هلت، وهنوار سبب کهڙا-
بدلاوَ آيل آهن جا چٽ چٽيل آهن. نئين پيڙهي ۽ پراڻي پيڙ

جي ڪوشش ڪيل آهي.

ويندي-ويندي هڪ ڳالهه چوڻ تي دل ٿي رهي آهي ته ’’مُڪتي‘‘ مجموعي ۾ پريم پرڪاش جا جيئن ’چار طويل ناٽڪ‘ درج ٿيل آهن ساڳئي نموني ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ جي ناٽڪي مجموعي ’’آخرين سنڌيءَ‘‘ ۾ ٻن وڏن ناٽڪن جي سفر ۾ بيٺل ٻه ناٽڪ ’’آخرين سنڌي‘‘ ۽ پپيٽ ناٽڪ ’’عمر مارئي‘‘ آهن. ’’عمر مارئي لوڪ ڪهاڻيءَ تي ٻڌل آهي نواڻ پڻ موضوع جي لحاظ کان نئين نه آهي پر سنڌيءَ ۾ پهريون دفعو پپيٽ ناٽڪ جوڙيل ۽ اُن کي فلمايل آهي.

موضوعن جي تلاش، ذڪر ڪندي ۽ نواڻ جي حوالي ۾ اُنهن جي ڪٿ ڪندي چاڻ پوي ٿي ته سنڌي وڏن اصلوڪن ناٽڪن ۾ ورهاڱي بعد پنهنجو وطن سنڌ ڇڏڻ جي پيڙا، درد، ڪئمپن جي دربدر زندگي، ذلتن جي برعڪس، سنڌين جي شاهوڪار ٿيڻ، پنهنجي ٻولي، ادب، ثقافت، تهذيب کان منهن موڙڻ ۽ سنڌي جيوت ۽ سنڌيت جي جدا جدا ڪنڊن پاسن ۾ وقت پٽاندڙ آيل بدلاءَ-تبديل سان گڏ آئينده جي اِمڪان، سنڌيت ۽ سنڌين جي وجود تي سوالي نشاني لڳائيندڙ موضوعن جي ترجماني ڪيل آهي. □

آهي. سڀ پرمپرائون، ڌارائون گڏوگڏ هلندڙ آهن. سنڌي ناٽ
وقت بہ وقت نوان-نوان موضوع تلاشيندو پئي رهيو آهي. اڪ
سنڌيت سان واسطہ، سنڌي جيوت سان ڦهڪايل، اُن ڪ
اُجاڳرت ڪندڙ سنڌين جي زندگي، سوچ، وهنوار، ريتين-رسم
۾ آيل تڪڙي بدلاءَ جي جدا-جدا ڪندڻ جا موضوع وڏ ۾
اُڀري بيٺا آهن. ڊا. پريم پرڪاش، شري لکمي کلاڻي ۽ ه
بندي (ڊا. چينو لالواڻي) جي ناٽڪن جا موضوع بلڪل نوان، ا
ڇهيل ۽ سنڌي ناٽڪ ادب ۾ پهريون ڀيرو اُجاڳرت ٿيل ۽ وقتائ
آهن. جديد دؤر جي جيون جي ترجماني ڪندڙ آهن.

سنڌي وڏي ناٽڪ نت نون موضوعن جي تلاش ڪئي آهي
ڪري پيو. مستقبل ۾ اسان کي نون موضوعن تي ناٽڪ ملن
اهڙي اُميد آهي.

سنڌي ناٽڪ نويس ناٽڪ لکن ٿا، لکندا رهندا. اُن کي ن
نئون رکندا رهندا اهڙو وشواس آهي. ناٽڪي مور نچندا رهن
جو زندگي بہ خود ۾ هڪ ناٽڪ آهي.

اختصار

مقالي جو وشيہ آهي : ''ورهاڱي بعد اصلوڪن وڏن سنڌ
ناٽڪن جا موضوع''

مقالي جي شروعات ۾ ادب جي ٻين صنفن جي ڀيٽ
''ناٽڪ''۾ ڪهڙو تفاوت آهي اُن جا اهم تتوَ ڪهڙا آهن ج
مختصر ۾ جاڻ ڏنل آهي. سنڌي ناٽڪ جي ابتدا ڪڏهن ڪ
ٿي، ڪهڙا دؤر آيا اُنهن جا موضوع ڪهڙي قسم جا رهيا سان
ورهاڱي بعد ڀارت ۾ اصلوڪا وڏا ناٽڪ ڪڏهن کان جڙڻ شر
ٿيا. ڪنهن-ڪنهن ڪيا، اُنهن جا ڪهڙا-ڪهڙا موضوع ره
موضوعن جي وقت پٽاندڙ ڪيئن ۽ ڪهڙي اؤسر ٿي ۽ نوان موض
آڻڻ ۾ ڪهڙا-ڪهڙا اديب (ناٽڪڪار، ناٽڪ نويس) اڀرا ر
اُنهن جو ذڪر-فڪر ناٽڪن جي نالن، اشاعت سالن سان گڏ ڪ

ٻاشا زندگيءَ جيان سهج هئڻ گهرجي. اُها مٿان کان مڙهيل نہ هجڻ گهرجي. ”ناٽڪ ٻاشا“ لِونگہ، ڊائنيمڪ ۽ انفارمل ٿيندي آهي، ناٽڪ ٻاشا حاضري ڏيندي آهي جنهن ۾ اداڪار، هدايتڪار ۽ درشڪ کي شامل ٿيڻ لاءِ پورو اوڪاش (ويساهي) هوندو آهي. ناٽڪ ٻاشا ماءُ جي ممتا-پيار جيان سؤلي، سپاويڪ ۽ رسم ادائگيءَ-روايت سان ڀرپور هوندي آهي پر اُن ۾ بي‌ڊپائيءَ جي خاصيت پڻ لازمي آهي.

ناٽيہ شاستر ۾ ڀرت منيءَ اٺ رس، اٺ اِستائي ڀاوَ، 33 سنچاري ڀاوَ، اٺ ساتوڪ ڀاوَ، چئن قسمن جي اداڪاري، چئن ورتين، چئن ڪريائن، ٻن سڌين، ستن سُرن، پنجن گيتن وغيره کي ناٽڪ لکڻ لاءِ لازمي تتوَ ڄاڻايا آهن. اِن تان ڏسي سگهجي ٿو تہ ناٽڪ لکڻ ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ ڪيترو نہ ڏکيو ڪم آهي.

ادبي اِظهاري ٻاشا ۽ ناٽڪ ٻاشا ٻہ جدا ڳالهيون آهن. ناٽڪ ٻاشا روزانو وهنوار ۾ ايندڙ ڳالهائڻ، درسي ڪتابن جي ٻاشا نہ آهي. ناٽيہ ٻاشا صرف لفظ، معنيٰ ۽ جملن جي ڪن حصن يا مڪمل جملي جي گهڙت جي ٻاشا نہ آهي. رنگہ ٻاشا ۾ ناٽڪ جا جيڪي بہ تتوَ آهن اُن جي رابطي سان ناٽڪ اصلي اِظهار مڪمل ٿئجي ٿو. ناٽڪ ٻاشا جي لفظي يوجنا خود بہ خود منچ تي پيش ڪرڻ ۾ ايندڙ عڪس، بيهڪ، رُخ، رفتار، ڪاريہ، ڪارگذاري، سرگرمي وغيره کي طيءِ ڪندي آهي. ناٽڪ جي لفظ ذريعي ئي ڪردار، پاتر جي رچنا ڪندو آهي. درشيہ جي روپ ريکا ۽ ڪسانيت طيءِ ڪندو آهي. ناٽڪ جي لفظ ۽ اُن جي ٻاشا سان ڏ ناٽڪ ماحول جي بدلاوَ، سيٽ، فرنيچر، سنگيت، ڇهري جي ڄاوت، پوشاڪ جي ناڪ نوهہ سنگيت وغيره بہ ناٽيہ ٻاشا جا ميت پريا انگہ آهن. ناٽڪ ڏسڻ جي ڪلا آهي اِنڪري اُن ٻاشا گرامر جي نيمن واري شاستريہ ٻولي نہ آهي پر اُها

ناٽڪ ڀاشا : سنڌي اصلوڪا ناٽڪ
(پويان ٻہ ڏهاڪا)

ادب جي اِظهار جو صرف هڪ ئي ذريعو ڀاشا آهي ۽ ٻين سيني صنفن ۾ ناٽڪ هڪ اهڙو ڪاويہ آهي، جنهن ۾ درشيہ (نظارو) ۽ شرويہ (سڻڻ) ٻئي تتوَ شامل آهن. ناٽڪڪار جي رچنا کي درشڪن تائين پهچائڻ لاءِ ڀاشا هڪ شڪتيشالي وسيلو آهي. ”ناٽيہ شاستر“ ۾ چئن قسمن جي اداڪاريءَ ۾ ”واچڪ“ (ڳالهائڻ) هڪ قسم آهي ۽ واچڪ اداڪاريءَ جو آڌار بہ ڀاشا ۽ گفتگو آهي. اِن ڪري ناول، ڪهاڻي ۽ شاعريءَ جي ڀاشا جي ڀيٽ ۾ ناٽڪ رچنا-بناوت ڏکي ۽ علحدي قسم جي آهي. ناٽڪ ڪار لاءِ اِها بيحد ڪشمڪش، محنت سان ڀرپور ۽ تپسيا روپي آهي. ناٽڪ جي ڀاشا مڪمل طور پيشڪش جي ڀاشا آهي، جنهن جو هڪ-هڪ لفظ نہ صرف اهميت ڀري جڳهہ رکي ٿو پر سموريت ۾ اُن جو ايترو تہ اثر آهي جو اڻ چيل کي آوازي ۽ اُچاريل ڪري ٿو. ٻين صنفن ۾ جيڪي لفظ چيا ويندا آهن، اُهي تخليق ڪندڙ جا خود جا هوندا آهن، جڏهنڪ اِن لحاظ کان ناٽڪ نويس کي بيحد ضابطي کان ڪم وٺڻو پوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ لکڻيءَ ۾ اُنجي ئي ڀاشا ۽ لفظ هوندي بہ اُها سموري ڀاشا ناٽڪ جي ڪردارنجي آتم پرڪ، اندروني ڀاون کي اِظهاريندڙ آهي. ٻين لفظن ۾ چئجي تہ ”ناٽڪ جي ڀاشا-جيون جي ڀاشا آهي“، جنهن سان گڏ اِنساني من جا ڀاوناميہ احساس، چهرو، ڪريائون ۽ حالتون سدائين جُڙيل رهنديون آهن. اِنڪري ڪتاب جي ڀاشا کان جدا همدرديءَ جي سُرن جي گُونج شامل هوندي آهي جيڪ اداڪار جي گفتن سان زنده بڻجي پوندي آهي. اِنڪري ناٽ

ڪوشش ڪجي ته ڇئي سگهجي ٿو ته ناٽڪ ۾ جيڪو ڪردار آهي ته اُن ڪردار مطابق ڀاشا ٿيندي. ناٽڪ ڪار جي ته ڀاشا نه ٿيندي. هر ڪردار پنهنجي-پنهنجي ڀاشا ڪٽي خلقيل هوندو آهي.

ناٽڪ ڀاشا جو ٻيو گڻ آهي ڪانٽراس ۽ ٽيون سنگهرش. ڇو جو سنگهرش ئي ناٽڪ جو بنيادي تتوَ آهي. جيون ۾ تضاد ٽڪراوَ هوندو ئي آهي. ناٽڪ ڀاشا ۾ به اُهو ٽڪراوَ هئڻ گهرجي ۽ اِنهن سيني ۾ شامل هوندو آهي احساس.

ناٽڪ ۾ ڀاشا جي اِظهار جو ذريعو گفتگو ۽ ساريرڪ اداڪاريءَ جيان واچڪ اداڪاريءَ جي اهميت آهي. پڙهڻ واري ناٽڪ جي پيٽ ۾ رنگ منچ ناٽڪ ۾ گفتگو اُن جو پراڻ تتوَ آهي. هڪ ڪامياب ناٽڪ ۾ گفتگو جي اهڙي نموني اُڻت ڪئي ويندي آهي ته اُن ۾ ساريرڪ اداڪاري جا امڪان ته اُڀرن ئي پر گڏوگڏ اِئين به لڳڻ لڳي ته جيڪي ڊائلاگ هوُ ڇئي رهيو آهي، اُهي ڪڏهن به لکيا نه ويا آهن. گڏوگڏ اِئين به محسوس ٿئي ته اِهي ڪڏهن به اڳ ڇيا-ڳالهايا ويا آهن. گفتگو ۾ ڀاوَ جي سطح تي برابري هجڻ گهرجي رشتن ۾ ڀل غير برابري هجي، اگر غصي جو درشيہ آهي اُتي ڪردار نوڪر، مالڪ، ننڍو-وڏو، اِستري-پرش ڪوبہ ٿي سگهي ٿو پر غصو ته ٻنهي ۾ اوترو ئي آهي يعني ڀاوَ جي سطح تي برابري هجي.

ناٽڪ اصل ۾ گفتگو آهي، ناٽڪ رچنا ۾ ناٽڪ نويس جي پنهنجن پاترن سان، ڪردارن جي ارد-گرد جو هڪ ٻئي سان ريهرسل وقت، ڊائريڪٽر جي چريترن ۽ ڪردارن سان، ڪردارن جي پنهنجن چريترن سان ۽ ناٽڪ نمائش وقت پاترن ۽ درشڪن جي وچ ۾ گفتگوءَ ۾ جانداري قائم رهندي آهي تڏهن ناٽڪ زنده ٿيندو آهي.

ناٽڪ جو جيڪو انش پاٺيہ-پڙهڻ جوڳو هوندو آهي، اُها

نظاري، اداڪاري ۽ ناٽڪ تتوَ جي اِظهاري قوّتن سان پاڻ ڪ
سجائيندي رهي ٿي.
ناٽڪ اِستيج درشيہ، ڏسڻ، ٻڌڻ، لفظ ۽ معنيٰ جو تخليق
روپ آهي. لفظن جو واسطو لفظڪار، اداڪار، هدايتڪار
ناظرين سان آهي. ٻولي اُها آهي جنهن ۾ اصطلاح، پهاڪن جي
مخصوصيت، سوڪيمتا، سهجتا، سرلتا، آزمودو، حالتن ۽ ڪاوي
ڪي اِظهاريندڙ احساسن، جذبن جي تراش بہ آهي. اداڪار
لفظي نہ پر لفظن جي وچ ۾ ٿيندي آهي. اِها وهڪ سان ناٽ
ڪي اڳتي وڌائي ٿي. ناٽڪ جي چوڻ جي ڍانچَ، ڪٿا وستوءَ ڪ
اَثرائتو بڻائي درشڪن تائين ڦهلائي، پهچائي مڪمل اثر ڇڏ
ٿي. ناٽڪ ۾ پردو کڄڻ کان ونءِ پردو ڪرڻ تائين جدا جد
نظارن، ڪريائن ذريعي جيڪي نئدا-نئدا ڦهلاءَ، اثر پيدا ٿي
تا اُهي آخر ۾ مڪمل ناٽيہ اثر ۽ ناٽڪ انوڀوتيءَ ڪي اثرد
بڻائين ٿا. ناٽيہ ڀاشا ڪتابن جي ٻوليءَ کان جدا ٿيندي آهي
ناٽڪي ڀاشا ۾ ڪاويہ جهڙي گهري باريڪ، علامتي تصويرڪش
۽ ڳالهائڻ ۾ ٻوليءَ جي نظر ايندڙ وهڪ ۽ سرلتا ضروري آهي
اُن ۾ ڪردارن مطابق علحدگي ۽ لچڪيداري بہ ٿيندي آهي
اُن ۾ ڀاوَ، ويچار ۽ تصوير ڪڙي ڪرڻ ۽ اُن جو اثر پهچائڻ ج
قوّت رکندڙ هوندي آهي. پيشڪش جي ڀاشا جا بہ جدا ج
نمونا ٿيندا آهن. گفتگو، تقرير ۽ خود ڪلامي.
ناٽڪ جي ڀاشا ٽيڪنيڪل-وصفي ٿيندي آهي ڇاڪاڻ
شاعريءَ جي ڀاشا صرف ٻڌائڻ-ٻُڌڻ جي ڀاشا هوندي آهي. ايتر
قدر جو جيڪي منچيہ ڪوي هوندا آهن اُنهن جي ڀاشا ساهت
ڀاشا کان بلڪل بدلجي ويندي آهي ڇو جو اِستيج تي ڪو
سامهون ٻُڌندڙ هوندا آهن. ناول-ڪهاڻيءَ جي ڀاشا ۾ پاٺڪ هو
آهن. پر ناٽڪ نويس جي جيڪا ڀاشا آهي اُن ۾ ٻڌندڙ ۽ در
ٻئي هوندا آهن. ناٽڪ ڀاشا جي وهنواري طرف ڪي سمجهڻ

بخوبي ادا ڪري سگھندو آهي.

گفتگوءَ لاءِ حالتون هجڻ لازمي آهن. ڳالھہ-ٻولھہ هڪ پاتري بہ ٿيندي آهي جنهن کي خود ڪلامي، مونو لاگہ Sololoque سڏبو آهي. ٻيو نہ ٻڌي، اڪيلي ۾ ڳالهائڻ، گفتگوءَ جي رفتار، لهجو، پيچ ۽ ڳالهائڻ جي ڍنگہ کي سوچي، حيرت، سوال، سوالي حيرت وغيره لکڻ وقت ناٽڪ نويس ڪردارن جي حالت، من حالت، ردعمل جي سوکميتا سان ڌيان رکندو آهي ۽ جذبي جي رفتار، تيزيءَ کي بہ ڌيان ۾ رکندو آهي.

گفتگو ناٽڪ جو شرنگار نہ شڪتي آهي. مقصد، منزل نہ اُپاوَ-وسيلو، ساڌن آهن علامتون، النڪار، اُپما، تشبيهہ سان ڀرپور هجڻ بدران اُن ۾ شفاف پڻو هجڻ گهرجي جيئن لفظن کان پري اُن کي ڏسي سگهجي.

اڪثر ٻڌندا آهيون تہ ”ناٽڪ جا ڊائلاگ ڪافي سندر آهن“ ڊائلاگن جي سونهن اُن جي لفظن، جملن، النڪار ۾ بہ هوندي آهي. پر اُن جي مقصد، مُراد جي اُديش ۾ اسان کي ڏسڻي آهي ٻڌيءَ سان، احساس، جذبن جي سونهن تلاشڻ گهرجي.

ڊائلاگن ۾ دُهراوَ نہ هوندو آهي. جتي دُهراوَ آهي اُتي ڪامياب ناٽڪ نويس اِن سان لفظن کي نئين معنيٰ ۽ نئين شڪتي ڏيندو آهي. ڊائلاگن جو ڪو مقرر روپ نہ هوندو آهي. وقت، ننتن بدلجندي آهي، بدلجن ٿا. شئلي بدلجي ٿي تہ گفتگوءَ بہ بدلاوَ اچي ٿو. ناٽڪ نويس جي قلم بند ڪيل ناٽڪ ڪوبہ ڙهي سگهي ٿو. پر جڏهن اُهو لکيل ناٽڪ هدايتڪار منچ تي يش ڪري ٿو تڏهن اُهو پرفارمنس بڻجي ٿو ۽ درشڪن وچہ جموعي اثر اُڀاري ٿو. گفتگوءَ جا جدا-جدا نمونا اسان کي ن ٿا. روبرو، ايڪ پاتري، گهڻ پاتري، آڪاشواڻي، نئريشن، داري، ظاهري، سوال-جواب، چاڻ ڏيندڙ وغيره جيئن جيئن ڪ جو قسم بدلجي ٿو تيئن تيئن ناٽڪ ڀاشا ۽ گفتگوءَ ۾ بہ

ڪردارن جي گفتگو ئي آهي. ناٽڪ جي ڪٿا وستو لفظن جي
ماڌيم سان، ناٽڪي گفتگو ذريعي ظاهر ٿيندي آهي. ادب لفظ
جي ماڌيم سان تخليق حاصل ڪندو آهي. لفظن ۾ زنده رهند
آهي. زمان، مڪان جي حدن جي سنڀال ڪندو آهي. ناٽڪ جي
لفظن جي پرڪرتي، ادبي ناٽڪ جي پيٽ ۾ جدا ٿي وڃي ٿي

گفتگو ئي ناٽڪ جو سرير آهي، اُن ۾ ناٽڪ جي آتما سمايل
آهي. ڪردارنگاري اُڀرندي آهي بڌڻ، پڙهڻ ۽ اِظهار جو ماڌيم
لفظ هوندا آهن ناٽڪ ۾ اِظهار جو ماڌيم اِنسان آهي. بنا اُن
اداڪاريءَ جي ناٽڪ نہ ٿيندو آهي. گفتگو ناٽڪ جي پاترن جي
ڀاوَن، اِظهارن جي هڪ بئي سان ڏي-وٺ آهي. اُن ۾ عمل
ردعمل شامل آهي. ناٽڪ نمائش ۾ اِها گفتگو چهري، ڀاوَن، ي
رُخ، ٻيهڪ سان بہ ٿيندي آهي تہ اکين، اِشارن، شاريرڪ ڪريائ
سان بہ ٿيندي آهي. ڀاشائي گفتگو وڏيڪ اهميت ڀري آهي ج
اُن ۾ ڀاون، ويچارن ٻنهي ۾ اِظهار ٿيندو آهي. گفتگوءَ ذريع
ئي لفظن جي معنيٰ گرهڻ ڪري سگهجي ٿي. ادبي ناٽ
گفتگو ۽ تختي تي پيش ٿيندڙ ناٽڪ گفتگوءَ ۾ بہ فرق آهي
ناٽڪ رچنا اُچاريل لفظن ۾ ٿيندي آهي اهڙا ناٽڪ جيڪ
ڳالهائڻ، ٻڌڻ لاءِ هوندا آهن ڪردار اُچاريندا آهن، درشڪ ٻڌن
آهن.

اُچاريل لفظ اِشاري ۽ ڌوَني ڀرپور هوندا آهن. ڌوَني شڪت
اننت هوندي آهي، هڪ ئي لفظ لفظي مجموعي اُچارڻ سان اُ
جي ڌوَني انيڪ معنائن کي ٻڌائي سگهي ٿي. اداڪاري اُچار
لفظن جي معنيٰ تي آڌار رکندي آهي. ناٽڪ ۾ معنيٰ جملن
نہ پر وچم اندرين-ڳجهي معنيٰ ظاهر ٿيندي آهي. ناٽڪ
چپ، خاموشي، ساهيءَ کي بہ اهيمت آهي. ناٽڪ نويس يا
ڪان شروع ڪندو، لفظن تائين پهچندو آهي. اداڪار لفظن ک
شروع ڪندو ۽ ڀاوَن تائين ايندو آهي، تڏهن پنهنجو پار

ادي : باھہ... گھر گھر کي لڳل آهي. ڪنهن کي خبر پوي ٿي، ڪنهن کي نہ، ڪا گھر کي اندران باھہ لڳي ٿي تہ ڪا ٻاهران!

ڪا ڏسڻ اچي ٿي تہ ڪا ڏسڻ نٿي اچي!

هرڪو گھر جلي رهيو آهي! پينرون سڄاڳہ ٿيو، گھر جي باھہ کي سڃاڻو!

ادي : باھہ اندر جي باھہ، دل جي باھہ، دماغ جي باھہ، جسم جي باھہ، آتما جي باھہ، شين جي باھہ، دنيا جي باھہ، هر ماڻهوءَ ۾ باھہ لڳل آهي. هر آتما ۾ باھہ لڳل آهي.

ڪن کي خبر آهي ڪن کي خبر ناهي!

ڪورس : اندر جي باھہ! ٻاهر جي باھہ!

جسم جي باھہ! آتما جي باھہ!

(ڪورس ۾ مجموعي طور ”باھہ“ کي ڏُهرائي باھہ کي علامتي طور پيش ڪري هڪ ئي لفظ جون جدا جدا- گھڻ معنيٰ روپ اِظهاريم آهي. ناٽڪ ”باھہ“ ڊا. پريم پرڪاش- 2001)

وئد : اسان تہ جوانيءَ ۾ پينا آهن اصلي ماهيا کير ۽ کاڌا آهن اصلي مکڻ، سچا گيهہ.

مکي : ۽ پستا- بادام- ڀلا خوش هُجين وئد واڏورام- اڄ ڪالھہ جي جوانن کي تہ اِهي کاڌا هضم ئي ڪونہ ٿا ٿين.

وئد : مان بہ اُهو ئي ٿو چوان تہ مکي صاحب- اڄ ڪالھہ جي ڇوڪرن کي تہ نہ رانديون کيڏڻ جو وقت آهي نہ ورزش ڪرڻ جو شونق.

مکي : ڀلا خوش هجين واڏورام... اڄ ڳالھہ جي جوانن کي ٽُڪ پنڌ تي وڃڻو هوندو تہ بہ اِسڪوٽر يا لونا تي چڙهي ويندا متان ٽنگون نہ گسي وڃن... (ٻئي کلن ٿا.)

(اوپاريون لهواريون جو قسم- اوطاق ۾ ڳالھہ ٻولھہ تکيو ڪلام ڀلا خوش هجين واڏورام- خوش مزاجيءَ جو نمونو ”اوپاريون-

بدلاوَ اچي ٿو.

مختصر ۾ چئجي ته ناٽڪ ٻاشا جو مطلب صرف لفظ، جم
جملن واري ٻاشا نه آهي پر اُهي سڀ رنگ تنتوَ جن سان ناٽ
منچ تي ڪيڏيو وڃي ٿو سان گڏ ٻيهڪ جون نشانيون به شا
آهن. ناٽڪ درشيه ڪاويه آهي. اُن جي ٻاشا شاستريه ٻاشا
آهي اُها ٻاشا آهي جنهن ۾ رنگ اِظهار جي شڪتي سمايل آه
ناٽڪ جي ٻاشا جيون جي ٻاشا آهي جنهن سان اِنساني من ج
ڀاونائون، ڀرپور آزمودا، مُدرائون، ڪريائون ۽ حالتون جڙيل آه
جيون آزمودو، سنسڪار، چنتن، سنگهرش، اندروني شخصي
جا تنتوَ آهن. ناٽڪ ٻاشا ٻاهريون-اندريون گڏيل اِظهاري ر
آهي جنهن جا واهڪ ڊائلاگ آهن.

ناٽڪ ٻاشا - ڊائلاگن جا ڪجهه نمونا :

- ادو عبدل رحمان : مئجسٽريٽ صاحب ڪي چوندس ته سائ
هندو جڏهن ڪورٽ ۾ ايندا آهن ته بوچڻ، ڌُپتو يا ٽ
ٻچيءَ ۾ پائي پوءِ اِظهار ڏيندا آهن. مون به اِنهيءَ ڪ
گودڙي ٻچيءَ ۾ وڌي آهي ڪورٽ جو ادب رکڻ لاءِ، ج
جُتي هٿ ۾ آندي اٿم!

ادو عبدلرحمان (پاڻ سان) : عبدلرحمان ياد ڪجانءِ ته
ڪاڏو اٿيئي ته سچ کان سواءِ ڪجهه ڪونه چوندس. سوا
ڏاڍو اُگرو آهي جي چوان ٿو مسلمان ته هندو ڪندا دل
جي هندو ته پوءِ مسلمان ناراض ٿيندا. اڙي عبدلرحمان ٿ
۾ منجهي پيو آهين؟ ٻُڌائينس سچل سائينءَ جو ڳُ
''هندو مومن ناهيان يار جو ئي آهيان سو ئي آهيان.''
(خود ڪلاميءَ جو نمونو ناٽڪ ادو عبدلرحمان - ڪهاڻي ل
امر هٿوراڻي، ناٽيه روپانتر ڊا. پريم پرڪاش-2007)

- ڪورس : باهه! باهه! باهه! نگري باهه.
باهه! باهه! باهه! نگري باهه!

ايڪلويہ : ڪميا ڪجو آچاريہ (متيءَ جي پتلي ڏانهن اِشارو ڪندي) گرو-پوڄا اڌوري آهي، منهنجو اپياس بہ باقي آهي اڃا.

ارجن : ساڪيات گروءَ کي ڇڏي، پتلي جي پوڄا؟ هڏ ماس کي ڇڏي متيءَ جو ڌيان؟

ايڪلويہ : متي شڌ آهي، منهنجي شرڌا جيان، هڏ ماس جي لچڪ هاڻ مونکي ايڪاگر نہ رکي سگهندي.

ارجن : (طنزيہ) ها، ها متي شڌ بہ آهي ۽... اُها گرو دڪشڻا بہ نہ گهرندي آهي.

ايڪلويہ : (جوش ۾) اِهو الزام آهي، وديا راج پتر حاضر آهي پنهنجو هر قرض چڪائڻ لاءِ، منهنجو انجام آهي. آگيا ڏيو آچاريہ!

دروڻ : گرو دڪشڻا نہ نہ، منهنجو ڪو حق ڪونهي، مون توکي دڪشا نہ ڏني آهي.

(پؤراڻڪ پرسنگہ ڪٿا انوروپ ڀاشا، گرو شس وچ ۾، تز لفظ، مختصر قبيلائي ناٽڪ ٻولي، چريتر مطابق ٻوليءَ جو نمونو ڪساودار اِظهار. ناٽڪ ”ايڪلويہ“-واسديو موهي-1999)

ڪوڏومل : پيارا ڀائرو، اوهان سيني جو شوڪ سڀا ۾ سواگت آهي. اوهان سيني کي خبر آهي تہ اڄ ڪنهن جي لاءِ هيءَ شوڪ سڀا سڏائي ويئي آهي؟ اوهان کي ڄاڻ آهي تہ شريمان منگهرمل جو ديهانت ٿيو آهي، هوُ اسان جي سماج جي هڪ وڏي هستي هو. ڀائرو، اسان چاهيو پئي تہ اڳوپوءِ فوٽوگرافر بہ اچي تہ شوڪ سڀا جي ڪارروائي شروع ڪريون. پر لڳي ٿو شهر جي ٽرافڪ جي ڪارڻ هوُ پهچي نہ سگهيو آهي. تنهن ڪري لاچار اسين ڪارروائي شروع ڪريون ٿا. ڀائرو، توهان کي خبر آهي تہ جڏهن بہ شهر ۾ ڪنهن خاص ماڻهوءَ جو مرتيو ٿيندو آهي تڏهن اسان جي هيءَ سنسٿا اُن کي

لهواريون-وڪرم شهاڻي-2003)
- جنبورو : سوال جا جواب سوچا تنبورا! (ٻڏٻڏي وڄائي تو
تنبورو : سپر مئن ۽ ڪامن مين ۾ ڪهڙو فرق آهي حضو
جنبورو : ٻڌايان ۽!
تنبورو : ترس، پهريون چانس ساڌ سنگت کي (درشڪن ڏان
مخاطب ٿي) آهي ڪو دلبر دماغ وارو... (جنبورو ٻڏٻ
وڄائي ٿو.)
جنبورو : دماغ وارو ته هر درشڪ آهي... پر دل وارو... او
تنبورا.
تنبورو : چئه حضور!
جنبورو : دل ۽ دماغ هڪ ڏور جا ٻه مختلف چيزا ۽ ڏور و
تي ڏينهون ڏينهن لنبي ٿيندي.
تنبورو : جيئن اُتر ۽ ڏکڻ.
جنبورو : جتي دل آهي... اُتي دماغ ناهي... جتي د
آهي اُتي دل ناهي!
تنبورو : واهه واهه جنبورا اڄ تون فلاسافيءَ واريون ڳالهه
ڪري رهيو آهين. وٺ ڳالهه جي ڳانٺي کي... (تن
ٻڏٻڏي وڄائي ٿو) اوئي جنبورا!
(اِسٽريٽ پلي، گهٽين جي ناٽڪ جو نمونو، ڳالهه مان
نڪري ٿي. پڳٽ ۾ به اِن قسم جي ڳالهه مان ڳالهه نڪرن
ڪٿا اڳتي وڌندي آهي. ائڪشن-ريئڪشن-ماحول وا
گفتگوءَ جو نمونو ناٽڪ ”دنيا ديواني“ وڪرم شهاڻي-0
- ارجن : مٽيءَ جي مورتي، وديا، ايياس، پورٽتا، آچار
مونکي ته هي سڀ ماياوي پيو لڳي.
ايڪلويه : مايا ظلم جون ڳالهيون محلن ۾ هونديون
راجڪمار هي جهنگل آهي هتان جي ڌرتي نوس آهي
ارجن : آشچريه!

اُن ڪانسواءِ مونکي ڪجھ بہ منظور ناهي، باقي سڀ ڪوڙ آهي.

(لوڪ ڪٿا ۾ لوڪ ٻوليءَ جو اِظهار، شڌ سنڌي اوائلي ٻوليءَ جو نمونو، ناٽڪ ”عمر مارئي“-ڊاڪٽر ڇينو لالواڻي-2009)

- ساوتري : ٻارن جي هيءَ ائميريڪي انگلش اسان کي سمجھ ۾ اچي ڪانہ! جي ڪين ڪڏهن ڪو ڏڙڪو ڏيون تہ موٽ ۾ اسان تي ئي اُلر ڪري ايندا ”يوُ شٽ اپ!“ هن کي چوندا ”يوُ اولڊ باسٽر!“ ۽ مونکي چوندا ”يوُ اولڊ ٻچ!“

ايشور : (تاڙي وڄائي) هيئر! هيئر! اِهي شاھ جا شعر ٻُڌڻ ۾ ڪنهن کي سُريلا ٿا لڳن پر اڄ جي ماڊرن زندگيءَ ۾ اُنهن Emotions کي ڪا Value ڪانهي. Value آهي تہ رڳو پيسي کي، اڄ جنهن وٽ پئسو آهي اُن کي پاور آهي، دنيا پيسي واري کي ئي جهڪي جهڪي سلام ڪري ٿي.

(شهري، جديد دؤر جي سنڌي ڀاشا جو نمونو. ناٽڪ ”ڪوئا ڦاس“-ناٽڪ نويس لکمي کلاڻي-2007)

- آنند : ياد رکج گؤتم جي ماٿ دوکو آهي، گوڙ ۾ گهيريل شور ۾ دٻيل لفظن جي سهاري محتاج اسان جي هستي ڀل معنيٰ خيز نہ لڳندي هجي پوءِ بہ اسين اُنهن سهارن ذريعي جيئون ٿا.

نرمل : تون انڌي جي لٺ تي ليڪچر ڏيئي رهيو آهين.

آنند : مان مئل هاٿيءَ تي ڳالهائي رهيو آهيان، اِنڪري لازمي آهي تہ گؤتم خاموشي ٽوڙي ڪم آئوٽ آف يوئر شيل گؤتم، پنهنجي کوپي مان ٻاهر اچ. اي پٽ ڪجھ ڳالهاءِ.

(تجرباتي ناٽڪ ۽ ڊائلاگ نمونو. من اندر ٻاهر جا وهنوار لفظن، گفتن، اِستثنين وچڙ تال ميل نہ، اِستثنيءَ جو مثال. ناٽڪ ”اوندھ جي ڳولها“-ناٽڪ نويس شيام جئسنگهاڻي).

ائبسرڊ، نون تجرباتي ناٽڪن ۾ ڪجھ اهڙي قسم جي ناٽڪ

شرڏانجلي ڏيڻ لاءِ شوڪ سيا ضرور سڏائيندي آهي. (پ
نهاريندي اچانڪ) ترسو ترسو پائرو، لڳي ٿو اسان
فوٽوگرافر اچي ويو آهي. اڇ... اڇ يار! ڏاڍي دير لڳايئہ
تو ڪانسواءِ هرڪو ڪاريہ ڪرم ٻُسو ٻُسو پيو لڳندو آهي، ت
ايندو آهين تہ ڪاريہ ڪرم ۾ جان اچي ويندي آهي، ڏ
اِنتظار ڪرايئہ، پلا ڪئميرا تہ تيار آهي نہ؟... تہ پيارا پائ
(نرئريشن جو نمونو، ليڪچر نما پاشائي انداز- طنز
ڀروپي پٽي جو نمونو، ناٽڪ ”شرڏانجلي“، ڊا. هوند
بلواڻي-2012)

- شيام : تنهنجي سرير جا ڪپڙا چار، باهہ کي ٽا پڙڪائ
خاص ڪري تنهنجي سلوار، ڪيئن ٻئي باهہ کي ٻار
تنهنجي انگہ جو هڪ هڪ ڪپڙو، تنهنجو هرڪو انگہ ڏيکار
رام : هي اُناهين چاتيءَ واريون عورتون، تہ پگهر سان آ
جو انگہ انگہ، لاهي چاتيءَ تان ٿلها ڪپڙا، اُنهن اچ س
ڪپڙن سان جوڙي آلنگہ، چيلهہ تائين لٽڪندڙ ڦهلائي و
سجائي عطر ڦولن سان سرير، لال لب ماڪي، چاتيءَ تي پ
هار، عورتون پريم ڪن ٿيون اڏير.
(نظمي ڊائلاگہ نمونو، اِستري جوين جو چٽ، ناٽڪ ”پي
پنجو“-ڊا. چينو لالواڻي-2003)

مارئي : مونکي تہ مارئڙن جي ياد ستائي ٿي، ملڪ ملي
ڪاڏا ٿا ياد اچن، وٽن ڪين ٿا هيءُ طعام سلوڻا، کير،
ريشم، اِبلسن مون لاءِ چٽي آهي هيءَ اباڻي ليڙ تو ملير
آزاد بلبل کي قيد ڪيو آهي. وطن لاءِ واجهائيندي جيڪ
مان هتي ئي مري وڃان تہ مهر ڪري منهنجو مڙهہ
روانو ڪج. ڪفن ۾ مرءِ لوبان بدران منهنجي ڏاڏاڻي
جي ولين جو واس ڏج. اباڻن جي اِها ريت نہ آهي تہ
تي پنهنجي پريت مٽائن، ڪيت منهنجي نيڻ جو نُور

سنڌي ساھتيہ ۾ طنز - ناٽڪ

ودوانن جيون جا دائمي نو رس-ڀاوَ ڄاڻايا آھن. جن ۾ ”ھاسيہ رس“ (کل-مذاق) کي ”ھاسيہ راڄ“ سڏيو آھي. کل جو واسطو جنم کان وٺي موُت تائين آھي. کل ھڪ قدرتي جيون ڪيميا آھي. منووگيانين جو چوڻ آھي تہ :

”اِنساني بنيادي چوڏھن قسمن جي لاڙن ۾ ھڪ اھم لاڙو آھي کل ۽ کل ذريعي من جون رنڊڪون، مونجھارا دور ٿين ٿا.“

گريڪ فلاسافر ايرس ٽوٽل جو قوُل آھي تہ ”Man is Laghing Animal“ اِنسان کلندڙ پراڻي آھي. وري ھيري برگسان آکيو آھي تہ، ”Man is a animal which is Laughed at“ اِنسان کلڻ ھاب پراڻي آھي.“

اِنسان زندگيءَ جي انيڪ موقعو تي کلندو، مُسڪرائيندو ۽ ٽھڪ ڏيندو آھي. ڪُکر جو ورتو آھي. مذاق اندورني پرڪريا، آنندمئي آھي. سيفٽي والو آھي جنھن ذريعي من مانسڪ دٻاوَ، مانسڪ مونجھہ ٻاڦ بڻجي ٻاھر نڪري ٿي. اِنسان دماغي، من سکون، راحت حاصل ڪري ٿو، اِنسان اڪيلو نہ کلندو آھي جي کلندو آھي تہ چريو، پاڳل، بيوقوف سڏيو ويندو آھي. کلڻ لاءِ گھٽ ۾ گھٽ ٻئي ساٿيءَ شخص جي ضرورت، موُجودگي گھربل ھوندي آھي. مُرڪ جيون ۾ بھار آڻي ڇڏيندي آھي. کل ڀاونا سان اوت پروت ٿيل ھجڻ ڪري آتم شڪتي آھي.

ھڪ دانشمند وري اِھو چيو آھي تہ،

”ھڪ دلڪش مُرڪ ۾ صرف حسن ۽ خوبصورتيءَ جو ئي نہ پر سڄي زندگيءَ جو راز لڪل ھوندو آھي.“

زندگيءَ ۾ سونھن، سينگار، حسن جيان ھاسيہ رس کي بہ ڪافي

ڀاشا جو واهپو ڪيل آهي جيڪا معنيٰ خيز، پڙهڻ ۾ دماغ
سڪون ڏيندڙ، سهڻي هوندي آهي. گفتگو بہ وڻندڙ هوندي آهـ
پر اُن کي ''To play'' ناٽڪ ۾ کيڏڻ ڏکيو هوندو آهي. اُها ڀا
ادبي معياري ناٽڪ ڀاشا آهي پر ناٽڪ ڀاشا جو پهريون شرط آهـ
''کيڏڻ'' (Play). جيڪو پلي نٿو ڪري سگهجي پر صرف
''چيو''، ''ٻڌايو''، ''ڳالهايو''، ''بيانيو'' ۽ ''پڙهيو'' وڃي ٿـ
اهڙا ناٽڪ ڊائلاگہ درشڪن جي مٿان لنگهي وڃن ٿا، بي ا
رهن ٿا. ڪو تاثر نٿا ڇڏين. ناٽڪ کي درشڪن سان ڪميونيڪيـ
نٿا ڪري سگهن. جتي سڀ ڪردار هڪ ئي نوع، لهجي، هڪ ئ
ڀاشا، هڪ ئي سمجهداري سطح ۽ هڪ ئي انداز ۾ گفتگو ڪن
اِهو ناٽڪ نہ بڻجي صرف ڊائلاگہ، ڳالهہ-ٻولهہ بڻجي رهج
وڃي ٿو. ناٽڪ ڀاشا ويزوئلي ۽ جي ڀاشا آهي. □

گهرو گهاوَ ڪندي آهي، ڇهندڙي پائيندي آهي، وويڪ جا وڏ
وجهندي آهي، چڙ جو باعث بڻجندي آهي تہ ترسڪار سان پريل
طنز نفرت ڏياريندي آهي. جنهن ۾ ڏر، نفرت، بڇان سمايل
هوندي آهي. ايمان، بيعزتيءَ جو گهٽو-تٽو حصو سمايل هوندو
آهي.

طنز جو مقصد بيوقوفين، سماجڪ برائين جي اوگهڙ ڪرڻ،
مذاق اُڏائڻ ٿيندو آهي. طنز نہ صرف اِنسان کي پر ڌرم، سماج،
قوم، ذات، سياست کي ڪوڙا ٻوز سڌاري لاءِ ڏيندي آهي. طنز
جا مکيہ ٻہ قسم آهن : 1. شخصي 2. مجموعي.

مجموعي طنز ۾ ڌارمڪ، مذهبي، پنگتي، راڄنيتي، ساهتيڪ،
سينڪ، ڪٽنبي ءِ اِنساني ڪمزورين سان واسطہ طنزون شامل
آهن. ٺٺولي، ٺوڪ، چٽر وغيره شخصي قسم ۾ وڌيڪ نظر ايندون
آهن.

برنارڊ شا ڄاڻائي ٿو تہ،

”عالميگريت جو پلو طنزڪار تي مدار رکي ٿو. طنزيہ ڪاري
مذاق تيز ءِ ڪنور ٿيندي آهي اُن ۾ هلڪڙائپ نہ هوندي آهي.“

فرانسي ناول نويس Aantoie France جو گفتو آهي تہ ”مذاق
Humour اها اِلاهي ذات آهي جا جڳہ جي لڙڪن مٿان گويا
انڊلٺ اُڀري آهي.

ڏُهري مذاق Broad Humour، نازڪ مذاق Subtle Humour
ـئي گڏجي وشال، گهري طنز Satire کي وڌيڪ اُڀارين ٿا.

مذاق ۾ ياوَ ٽتوَ ءِ طنز ۾ ٻُڌي ٽتوَ اهم جزو آهي.

هن مقالي جو وشيہ ”سنڌي ادب ۾ طنز - ناٽڪ“ سان آهي.
ـسان کي سنڌي ادب جي هر صنف ۾ طنز ملي ٿي. پر جڏهن
ـسين ”ناٽڪ“ تي غور ڪريون ٿا تہ هڪ حقيقت سامهون اچي
ـهي ٿي تہ طنز جو جنم درشيہ ڪاويہ کان وٺي، ٿيو آهي. لنور
ـند رانڪشن شروع-شروع ۾ طنز کي درشيہ ڪاويہ ۾ آندو ءِ

اهميت آهي. هندستاني ادب ۾ ''مذاق'' ۽ پرڏيهي ساهت
''طنز'' طرف وڌيڪ ڌيان ڏنو ويو آهي.

مذاق جا مکيہ پنج قسم ڄاڻايل آهن :

1. هيومر (مذاق)، 2. وٽ (کوڙي مذاق)، 3. ستائر (ط
4. آئرني (هجو-طعنو) ۽ 5. فارس (کل-مسخري).

سنڌيءَ ۾ کل سان واسطہ اُن جي ارد-گرد جا لفظ آهن
کلکار، کِلکو، کندو، ٺهڪ، چرچو-گهبو، ٺٺول، کندهز
کِلارو، کلائتو، کلائيندڙ، کلٽهاب، مشڪٽو، مسخرو، جوکر،
طبع، کلمک، ونودي، طنز، ٺوڪ، چٽر، مسخري، طعنو،
هاسي، ٺهڪڙو، ٺٺولي، چٽربازي، ٺوڪزني، سِٽ، کُوار و
مذاق سان جڙيل سنڌيءَ ۾ اصطلاح، پهاڪا ۽ چوٽيون بہ
کي ملن ٿيون.

مذاق ۽ طنز ۾ تفاوت آهي تہ بہ هڪ ٻئي جي ڪافي نز
آهن جنهن ڪري وقتي طيءِ ڪرڻ ڪجهہ مشڪل بہ ٿي
آهي. طنزيہ ڪار جڏهن پاوناٿن جي وهڪري ۾ وهندو
تڏهن مذاق جي ڪيتر ۾ پهچي ويندو آهي جڏهن وري مذاق
۾ آلوچنا جي ڪريا تيز ٿيندي آهي تڏهن هوُ طنزي دائر
داخل ٿي ويندو آهي. مذاق جڏهن کل، مُرڪ، آنند، منور
جو رستو ڇڏي ٺوڪ، چٽر، ٺٺولي، چٽربازيءَ جو رستو ا
ڪندي آهي تڏهن طنز جو پيچرو نهندو ويندو آهي. م
رچنا پڙهڻ، ٻُڌڻ ۽ چرچن ڪرڻ سان اِنسان زور سان کلندو
پر طنزي رچنا پڙهي اِنسان کلڻ، ٺهڪ ڏيڻ بدران هڪ
مُسڪراهٽ هن جي لبن تي تري ايندي آهي. وقتي غص
پاوَ بہ جنم وٺندا آهن.

طنز جا پڃ قسم آهن : ڌُهري طنز کن پل لاءِ کلائي ٿي.
طنز مرڪائيندي بہ آهي تہ وري دل-دماغ ۾ هلچل بہ مچائ
آهي. تيزابي طنز جيڪا ٻاهران شانت نظر ايندي آهي پر

سماجڪ ڪُرسم ستي ۽ ٻال هتيا جنهن کي ”دوڌ پيتي“ رسم چوندا آهن اُن تي ڪراڙي طنز ڪئي آهي. گڏوگڏ ديوداسي رواج، ابوجهه ٻارن جي ٻل چڙهائڻ، پنڊتن جو پاکنڊ، ياترا ڌامن ۾ ٿيندڙ ڪُڌن ڪرتوتن، وحشاني ڪارنامن سان پرپور پنگتي طنز پرپور آهي. هن ناٽڪ ۾ طنز سهڄ سڀاءُ اُپريل ڪونهي پر تيرٿ بسنت سڌي نموني پاڻ طنزيہ ڪار بڻجي طنزي تقرير کي عمل ڏنو آهي. اُدگهاٽن، ڀاشڻ، چاٽڻ، سياسي طنز آهي. منچ ناٽڪ ۾ طنزي ڳالهائڻ جي ڍنگ، آواز، لهجي کي خاص اهميت هوندي آهي تہ بہ هن ناٽڪ ۾ پڙهڻ ۾ بہ طنز شدت سان اُڀري بيٺي آهي.

تيرٿ بسنت جو ئي ”ڪتا شالا“ عنواني طنزي ناٽڪ آهي جنهن ۾ وڏماڻهپي ۽ مهورتي رسمن تي ڪرڻ ۾ ايندڙ اجائي ادمبر ڏيکاءَ ۽ خرچ تي چٽربازي ڪيل آهي.

منگهارام ملڪاڻي ”ايڪانڪي ناٽڪن جو ابو“ موضوع جي لحاظ کان منڍ کان وٺي انقلابي رهيو آهي. هن روايت پرستيءَ جون ڌڄون اُڏايون آهن. هن باغي ناٽڪ نويس جو ناٽڪ ”پيري“ ۾ ٻُڍاپي تي طنز ڪيل آهي. جنهن ۾ ٻُڍاپي ۾ جوانيءَ جي جوان جذبن کي ياد ڪري حرڪتبازي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. منگهارام ملڪاڻيءَ جو ناٽڪ ”ليڊيز ڪلب“ مذاقي ناٽڪ آهي ۽ اُن ۾ ٺٺوليءَ جا عناصر موجوده آهن. گوبند مالهيءَ جو ناٽڪ ”جنهن ڏيئي ۾ تيل ڪونهي“ ۽ ”گستاخي معاف“ ۾ شاهوڪار شاهيءَ جي ڪوڪلائپ، عياشي جيون، ايماني وهنوار ۽ ڪوڙي شان سان گڏ پوڊائپ تي چٽربازي ڪيل آهي. ”نميءَ“ ۾ وري ڏيتي - ليتيءَ جي مسئلي کي اُجاڳرت ڪيل آهي.

رام پنجواڻيءَ جو ناٽڪ ”شل ڌيئر نہ ڄمن“ ۾ سماج ۾ نياڻين کي بوجهہ سمجهيو ٿو وڃي ۽ نياڻيءَ جي جنم وقت جيڪي چوندا آهن تہ ”لڇمي گهر ۾ آئي آهي“ جي چوٽي ۽ ڪرٽيءَ

يوناني ناٽڪن ۾ اُن جو گهڻو ٽٽو واهپو ڪيو. جن کي
پلي'' سڏيو ويو. ''سترس'' نالي قديم گريڪ جو هڪ بن
هو هيءَ هڪ عجيب قسم جو پراڻي هو. هن جا پير، ڪ
جهڙا هئا، سنڱ به ڪافي اُپريل هئا. گريڪ ۾ اِن جهڙا
پائي ڪنهن به واقعي، گهڻنا تي ٺٺولي ڪندا هئا. اِن
سترس جي نالي پٺيان ''ستائر'' يعني طنز جي شروعات
طنز کي ''Panishment with Laughter'' به سڏي سگهجي

گهڻا چوندا آهن ته طنز سماج ۾ صفائيءَ جو ڪم ڪ
آهي. پر نونرماڻ نه ڪندي آهي. ساهتيه ۾ طنز ڪلا ر
اچي ٿي. ڪلا جو ڪم آنند ڏيڻ آهي. طنزي رچنا به پڙه
کي من سڪون ڏيندو آهي. طنز ۾ اُن جي شئليءَ جي به
اَهميت آهي. ٻين طرف اُن جو خاص نظريو اُن کي ادب
ٻين صنفن کان علحدو ڪري بيهاري ٿو.طنزي رچنا ۽ نند
۾ به فرق آهي.

سنڌي ادب ۾ ايڪانڪي چاهي طويل ناٽڪن ۾ اسا
مذاق-طنز جا درشن ٿين ٿا. گهڻا ناٽڪ مذاقيه آهن پر
ناٽڪن جو به ڪو انداز هرويرو گهٽ نه آهي. اُنهن ۾ ه
جي طنز جا اُڇاڻ ملن ٿا. اڪثر گهڻا مذاقيه ۽ طنزيه
جو فرق نه سمجهندي سگهندي مذاق کي طنزيه جي روپ
شروع ڪندا آهن. سنڌي ناٽڪن ۾ طنزي ناٽڪ اُپري بيٺل

هڪ ڳالهه اِها به واضع ڪرڻ ضروري آهي ته ناٽڪ
جي ڪلا آهي صرف لکيت روپ يعني اِسڪرپٽ نه آهي.
ناٽڪ رنگه شالا ۾ ڪيڏيو وڃي ٿو تڏهن ناضرين کي ڪردا
واڻي، پوشاڪ، ويچار، وهنوار، حرڪتن، گفتگوءَ ۾ پڻ
درشن ٿين ٿا. اسين پڙهڻ وقت جيڪا طنز اُپري اچي
جو ئي ذڪر ڪريون ٿا.

نيرت بسنت جو ''ياتري'' ناٽڪ جيڪو راجستان ج

. ينيءَ سان ڀرپور تکي طنز دل دماغ کي جهنجهوري ڇڏي ٿي.
ح تيزابي اثرواري آهي. ڪنهن ٽي بہ جلهہ ڪرڻ جو فن ۽ ڳالهہ
ي دلچسپيءَ سان اڳتي وڌائڻ جو ڏانءُ ڪمل ۾ آهي. ”چاچي
ہ ڪوني ٿو، ڇهنڊڙي بہ پائي ٿو.“ طنز گهري چوٽ ڏيندڙ
فلڪڙائيپ ڪان آجي آهي. هن خود پنهنجن ناٽڪن کي بلئڪ
ڪاميڊي سڏيو آهي.

هريڪانت جو ”بس اِسٽاپ“ بہ هڪ لاوارث لاش کي ڪٽي
جوڙيل آهي. جنهن ۾ سرڪاري غير بندوبستگيءَ، ڪاروبار سان
گڏ اڳوانن تي تيزابي ڇنڊا هنيا ويا آهن. هريڪانت جو
”ڪنٽرابَ“ پڻ وشيہ ۽ پلاٽ سان صحتمند طنز جو سهڻو ڇٽ
آهي.

جيون گهرسهاڻيءَ جو ”نيلام“ ڏيتي ليتيءَ جي وشيہ تي
هڪ نئين ڍنگہ سان پيشڪش ذريعي اثردار، انوکي طنز اُپاريل
آهي. راجن چاولا جو ”شريمتي ڊاڪٽر ڏوڪلاڻي“ زال ذات جي
شڪي، ڪنڌ-ڪنڌ واري سڀاءَ جا تکا ڇٽ ڇنڊيل آهن.

ڊاڪٽر پريم پرڪاش نئين ائبسرڊ ناٽڪ پرمپرا جو باني
آهي. نوان تجرباتي ناٽڪ اڪثر طنزي ئي آهن. ڊا. پريم
پرڪاش جي ناٽڪن ۾ وشيہ، ڀاشا، شئلي ۽ ڪردار طنزي ملن
ٿا. ”پيريءَ جو عشق“ وڌندڙ عمر، ٻڍاپي جون باريڪيون،
ٽنيير چوٽدار گفتگوءَ وسيلي وڪاس ڪنديون رهن ٿيون. جيئن
ٻون جاڳايو آهي تہ پلاٽ، ڪٿا، گفتگوءَ مان مڪمل طنز اُڀري
ي ۽ ناٽڪ طنزي اؤسر پائي ٿو. ساڳئي نموني ”مورچابندي“
جديد دؤر جي زبون ٿيل سياسي حالتن جي نمائندگي ڪندڙ
ڪ نئون ۽ سهڻو ناٽڪ آهي. ”راجڪماريءَ جو ضد“ هڪ لوڪ
ڪٿا تي آڌارت، لوڪ عناصرن کي ڪٽي ڀڳت شئليءَ ۾ ڇپيل هڪ
عياري طنزي ناٽڪ آهي جنهن ۾ راجڪماري ”زندهہ پرشناچار“
سڻ جو ضد ٿي ڪري. بنا لائقيءَ جي ڇل-ڪپٽ سان ڪنهن

تي ٽوڪزني ڪيل آهي. ڏيتي ليتيءَ تي بہ خنده ڪئي
”سماج سيوڪ“ ۾ هڪ بلئڪ ميلر اخبار نويس ۽ نڙڪائو
سيوڪ جي ڪرتون جي اوگهڙ ڪري ڇوڏا لاٿا ويا آهن.

ڊاڪٽر موتي پرڪاش جو ”ٻڪ هڙتال“ جنهن ۾ وڪيل
اخباري مشهوري حاصل ڪري پنهنجو ڏنڌو ۽ سماجڪ رُتبو وڌ
ڪلائنٽنس جو وشواس حاصل ڪرڻ ٿو چاهي تہ وري سـ
شريمتي بہ ڪا گهٽ ڪونهي، هوءَ گهوٽ جي مشهوريءَ
اِستعمال اڳوان ٿيڻ جون اجايون ڪوششون وننڌي مهان بڻ
جا خواب ڏسي رهي آهي.

موتي پرڪاش جو ئي ”پردي اڳيان پردي پٺيان“ سـ
شاهوڪاري طبقي جي ساهت طرف جي بيءرخي منورتيءَ
چوٽ ڪيل آهي.

جي. اين. ناگراڻيءَ جا گامبٽو سيريز جا ڪي ناٽڪ ط
آهن. خاص ڊاڪٽر ڏوڪلاڻي ۽ گامبٽو وڪيل.

ايم. ڪمل پنگتي، سياسي، فيلسوفيءَ وارن ناٽڪن سا
مذهب، ورڻ ڀيد ۽ ورثي پرستيءَ تي بہ ناٽڪ جوڙيا
”ڪانفرنس“، ”آخرين خواهش“ سياستدانن ۽ سماج سـ
ڪيئن ٿا دکي، پيڙت جنتا کي امن ۽ شانتيءَ کان دور
ڪيئن نہ سماج ۽ ديش کي تباهيءَ طرف ڏکي رهيا آهـ
سهڻو طنزي چٽ آهي. ”سونهري موقعو“ ۽ رستي تي پيل لا
مان حڪمران مخالف ڏر وارا ۽ سماج شيوڪ پنهنجي-پنهـ
ساکہ وڌائڻ جي چڪر ڪُن ۾ ڦاٿل آهن. ”ماچيس ڪٽي آ
زندگي ملاوتي ۽ مؤت نج ڪٽي سچ جي اونهائي ۽ مٿئين تـ
زوردار چوٽ ڪئي آهي. ”فريم ۾ مڙهيل شخص“ زنـ
جي سچاين، ڏنڌي واپار جي سچائي ۽ محبت نفرت جون
جيڪي هڪ فريم جي چوڪٽ ۾ بند آهن اُنهن کي ٽوڙ
حماقت ڪري ٿو. ايم. ڪمل جي ناٽڪن ۾ زوردار تنبيهہ

ئم بند ڪيل ناٽڪ آهي. بلواڻيءَ هن وشيہ کي بلڪل نئين،
نوکي ۽ بيحد نرالي ڍنگہ سان طنزي انداز ۾ پيش ڪيو آهي.
”اوڙاهہ“ ائبسرڊ پرمپرا جو ناٽڪ آهي. هڪ خود ساخت،
ڪنيل، ٻڌاڪي، ٻهروپي سماج سيوڪ جو چٽ آهي. بلواڻيءَ
ٽڪ ۾ طنزي انداز ۾ اِهو بہ هڪ سوال کڻي آيو آهي تہ جديد
وڪالڊ نگر سيوڪ جيڪي خود اوڙاهہ ۾ قاتل آهن ڪُنن جي
ڪرويوهہ ۾ گهمي ۽ ڀٽڪي رهيا آهن ڇا اُهي عوام، ديش،
ماج جي سونهپ ڪري سگهندا؟
وڪرم شهاڻيءَ جا ناٽڪ ”ٻيڙي سائي ٿيئي“ ۾ سس ننهن
ي نوڪ جهونڪ، ڏيءُ کي گرڀ ۾ مارڻ جو منصوبو گهڙڻ تي
ندہزني، ”چور چور“ ناٽڪ ۾ سپاهيءَ کان وٺي وزيرن، ڏرم
ن، قاضين ۽ واپارين جي ملي ڀڳت سان گڏ سماج جي اوچ
بقي ۾ جيڪي لڪل چور ويس ڌاري آهن اهڙن سماج جي اوچ
بقي تي ڪوڙي طنز ڪيل آهي تہ وري ”دنيا ديواني“ ۾
بن، ساهتيڪار (سوڪالڊ) تي چٽربازي ڪيل آهي تہ اڄ گهر
۾ برساتي ڏيڏرن وانگر شاعر نڪري نروار ٿيا آهن ۽ چوري
ي لکندڙ ساهتيڪارن جو بول بالا آهي اُنهن جو سماجڪ ۾
ڪو ڪوڙو رُتبو سستي اخبار نويسيءَ جي مشهوريءَ ڪري
ل آهي اُن تي تکي تيزابي طنز زوردار گفتگو وسيلي ڪيل
.
اڪٽر جينو لالواڻيءَ جو ”مونجهہ جو سؤدو“ ائبسرڊ ناٽڪ
ديد دؤر جي عياشي وديارٿي طبقي جي سوچ، سمجهہ،
ر، ورتاءَ ۾ آيل بدلاءَ تي طنز ڪيل آهي. پاڙهيندڙ
سرن کي کهڙي مونجهہ مان گذرڻو پوي ٿو ۽ حالتن سان
ائپ پريا سمجهوتا ڪرڻا پون ٿا جو سڦل چٽ چٽيل آهي.
ن“ ۽ ”چبوترو“ ۾ مذهب جي نالي ٿيندڙ قومي فسادن،
جي نالي هلندڙ دهشت، اِنساني قتل، هئبتناڪ جنوني

ڪي پائڻ، ستا حاصل ڪرڻ ۽ زنده پرشتاچار آهي، ناٽڪ
مکيه نقطو آهي.

واسديو موهيءَ جو ”ايڪلويه“ ناٽڪ پؤراڻڪ ڪٿا تي ٻڌ
سياسي طنز جو عمدو مثال آهي. دنيوي دوکن، دغائن، پرشتاچ
دغاخورن جي وچ ۾ رهندي ڪوبه اِنسان نه چاهيندي ۽ اُن
حصو، مُهرو بڻجي ٿو وڃي. لائق، ايماندار، هوشيار شخص
حق مارڻ جي پرمپرا آد ڄڳاد کان هلندي پيئي اچي. جديد د
۾ به اُها قائم آهي. بدليل روپ جو سهڻو لفظي چٽ چٽيو و
آهي.

واسديو نرمل جو ”همايون اڪبر جو پُٽ هو“ ۾ پاڻ سان ط
ڪٽي هلي ٿو. ٻار جنهن ماحول ۾ رهن ٿا، جيڪا سکيا حاصل ڪ
ٿا، سنسڪار پرائين ٿا، وڏن کي جيئن وهنوار، جيون عمل ڪن
ڏسن ٿا اُهو هوُ نقل ڪن ٿا ۽ ڏُهرائين ٿا.

”جوءِ ڪپي“ ۾ مئريج انفرميشن بيورو ڪاريه جيڪو ه
سماجي ڪارج ڏيکاريو ويندو آهي اُن ۾ جيڪا واپاري ذهني
گهر ڪري ويئي آهي اِن سچائيءَ جي اوگهڙ ڪيل آهي ”
ڏيتي ليتي شادي“ سماجڪ طنزنگاريءَ جي روپ ۾ اُڀريو آه

سندر اگنانيءَ جو ”اگني سنسڪار“ جيڪو اِنساني سور
سنسڪارن جو آخرين سنسڪار آهي اُن ۾ به ڪيڏو نه جد
سماجي ماحول ۾ بدلاوَ، پيدياوَ اچي ويو آهي جو مؤت کي ڪ
ذات پات جا بغل وڄايا ٿا وڃن جو حقيقي چٽ فني ڍنگ س
چٽيل آهي.

ڊاڪٽر هوندراج بلوانيءَ جو ”هن گهٽيءَ کان هُن گهٽ
تائين“ ديش جي جديد ماحول، حالتن، واقعن، گونڊاگرد
سياست، بدمعاش گيري، ويڙهه جهيڙ، انڌير راڄنيتيءَ جو ڪام
طنزي ناٽڪ آهي.

”چڪرويوهه“ ۽ ”ڪنڌ جو جهاز“ ڏاڻ ڏيتي ليتي وشيه

چمپا چيتاڻيءَ جي ”سپنو“ ايڪانڪيءَ ۾ طبيبي ڪيتر ۾ گهڙي ويل بي‌ايماني، لاغرضائي، پئسي جي لالچ، هر جاچ-تپاس ۾ ڪميشن، علاج ۾ دلاليءَ تي تکي چابوڪي طنز ڪئي آهي تہ وري ”ماتيلي ماءُ“ ناٽڪ ۾ جوانيءَ جي حوس پوري ڪرڻ لاءِ وچن ڀنگہ جي ۽ ”سبلا ناريءَ“ ۾ ريپ ڪيس آڌارت ايڪانڪيءَ ۾ بہ ڌُهري طنز ڪئي آهي.

مهيش ڪلواڻيءَ جو ”چوٽون باندر“ سياسي طنز سان ڀرپور آهي. گانڌيجيءَ جي ٽن باندرن جي اِخلاق تي ٺوڪزني ڪيل آهي.

سنڌي ناٽڪن جي پلاٽ، ڪٿا ۾ مڪمل طنز اُڀري ٿي. ڪن ۾ گفتگوءَ ذريعي طنز اوسر پائي ٿي، ڪن ۾ واقعن، گهٽنائن ذريعي تي ڪي ناٽڪ طنزي شئلي، طنزي ڀاشا، طنزي ڪردارن ذريعي طنز جا سهٽا، فني، معياري چٽ ملن ٿا. ڪن ناٽڪن ۾ جيڪي گهٽي ياڳي مذاقي طرز جا آهن اُنهن ناٽڪن ۾ ڪي طنزي، گفتا، چوڻيون، اصطلاح، پهاڪا تہ وري گفتگو اُڀري اچي ٿي پر اُنهن کي اجايو وهم پالي طنزي ناٽڪن ۾ شمار نٿو ڪري سگهجي.

اثرات :

سنڌي ناٽڪن ۾ ڪل مذاق جي ڀيٽ ۾ طنز گهٽ نظر اچي ٿي.

ناٽڪن ۾ ڌُهري، نفيس، تيزابي ۽ ترسڪار سان ڀريل طنزي تتوَ حاصل ٿين ٿا.

شروعاتي دوَر يعني ورهاڱي واري عرصي ۾ سماجڪ ۽ ڌارمڪ طنزي رچنائون ملن ٿيون جنهن ۾ ڏيتي-ليتي، شاهوڪارشاهي، اجايو ڏيکاوَ مکيہ وشيہ نظر اچن ٿا.

سنڌي ناٽڪن ۾ ڌارمڪ، پنگتي، تعليمي، راجنيتڪ، ساهتيڪ، ڪٽنبي طنز حاصل ٿئي ٿي.

راڳن تي ڇوهه ڇنڊيا ويا آهن.

”سماج سيوڪ“ ۾ بهروپي اِنسانن جيڪي سماج سيوا جي
اوٽ ۾ وڏشياليه ٺا برپا ڪن ۽ عيش عشرت ڪرڻ لاءِ گهران پريم
لوَ جهاد ۾ ڦِٻل نياڻين کي بچائڻ، شادي ڪرائڻ جي اوٽ ۾
کهڙا ڪڏا ڪرتوت ٺا ڪن تي زوردار کُلي طنز ڪيل آهي.

ويڙهي رفيق جو ”موتيءَ داڻو“ ۾ پرشٽاچار جيڪو سماج
جي جڙن ۾ سمائجي چڪو آهي، ديش، سماج، اِنسان ڄؤر وانگ
چوسي رهيو آهي جي بدليل روپ کي، نئين سر وشيه انداز ۾
پيش ڪيو آهي.

ڪوشليا آهوجا ’امر رهي منهنجي سنڌي ٻولي“ ۾ بهروپي
سنڌي اڳوانن، شاهوڪارشاهيءَ تي ننولي ڪندي جلهه ڪئي
آهي جيڪي نه صرف بلغاري تقريرون ڪري پاڻ پڏائي سنڌيت
کي وڪڻي رهيا آهن اُنهن جي ڪرڙي ڪرڙي قلعي لاٿي آهي.

”موبائيل مساڻ“ هرڪشن وديارٿيءَ جي لکيل ايڪانڪي
آهي جنهن ۾ اڄ جي جلن، تنگين، بيهودين پرورتين، سياس
جي گندي ذهنيت تي پنهنجو نوڪدار قلم هلايو آهي.

پريتم ورياٺيءَ جو ”پوت واس“ (لڳت) انڌ وشواس، پاکن
تي هلڪي طنز ڪيم آهي. ساڳئي نموني گرداس آهوجا جي
ايڪانڪي ”وچ سير ۾“ کي گفتا، نوڪدار ۽ چهنڊڙيون پائيند
آهن.

ڪنعيو گوپلاڻيءَ جي ناٽڪن ”نيتاجي“ ۾ ستا، لوڪشاهي
تي، ”چوٽين ڏيءُ“ ۾ پروڻ هتيا ۽ پُٽن جي شاديءَ لاءِ ڪه
حيلا-وسيلا هلائڻا ٺا پون، ستا لالسا، دل بدلائڻ جي بدنيت ت
هلڪي طنز ڪندڙ ناٽڪ اهن.

جڳديش شهدادپوريءَ جو ”جهمونءَ ماءُ“ ۽ ”خوني ڪير
۾ شادي، ڏيتي ليتي، بدلجندڙ سماج جي رُخ، نظرئي نسب
دهري طنز ڪيل آهي.

ٻين پاشائن ۾ ڪٺ پُتلي

اِنسان پنهنجي وندر ورونهن لاءِ انيڪ ساڌن جوڙيا آهن. انيڪ ڪلائن سان پاڻ کي جوڙيو آهي، انيڪ رانديون ڪيڏيون آهن ۽ ماشا ڪيا آهن. رانديون ڪيل تماشا اِنساني جيون سان ننڍپڻ ن وٽي جُڙيل آهن. ٻار ننڍپڻ کان وٺي ڳُڏن-ڳُڏين ۽ رانديڪن ان راند ڪندو آهي. هڪ جيڏن سان گڏ متيءَ جا گهر ناهيندو جي. ته وري جدا جدا مُکوٽا پائي سانگ رچائي پاڻ وندرائيندو جي. وڏا پڻ جدا جدا موقعن، ڏڻ-وارن، ڌارمڪ اِستانن تي ڌا جدا قسمن جون پوشاڪون پهري، راڳ، ناچ ۽ ناٽڪ جي حفل سجائيندا آهن، تماشا به ڪندا آهن. ته ڪي وري ٻهروپي جي سانگ ۽ نقل پيش ڪندا آهن. نه صرف ايترو پر ڪاغذ م ۽ رنگن جو سهارو وٺي جدا جدا چترَ تيار ڪري آتم سنتوش محسوس پڻ ڪندا آهن. ٻار پنهنجي ڪلپنا شڪتي جي ار تي چترن ۾ رنگ ڀري متي، ميڻ، پلاسٽڪ، ڪاٺ، ڪاغذ ۽ وغيره مان جدا جدا شيون جوڙي آتم سُک پراپت ڪري ٿو ۽ ب وڏا نرتيه ناٽڪ ۽ سنگيت ڪلا سان پاڻ کي وندرائيندا ن.

جيئن نوٽنڪي، ڀوائي، ڀگت، تماشا وغيره سنگيت، نرتيه ۽ گو جي ميل ميلاپ وارا لوڪ ناٽڪ ۽ عوام جي منورنجن (وندر) وائلي ساڌن/ذريعا آهن. پُتليءَ ۾ به گيت سنگيت نرتيه، و نه شامل آهن ئي پر اُن ۾ اسان کي رنگ روپ چترڪاري ڪ انگ وڏيڪ نظر اچي ٿو. پُتلي ڪاغذ، ڪپڙي، ڪاٺ، حانن مان بچيل سامگري ٽين لوه جي خالي دٻن، ڪارڊ جلائو لڪڙين وغيره مان تيار ڪئي ويندي آهي. اُن کي

- سنڌي ناٽڪن ۾ طنزي شئلي، طنزي پاشا، طنزي ڪردار ب
ملن ٿا.
- نون ناٽڪن ۾ ڀرشٽاچار، مهانگائي، رشوتخوري، جنسيات
پارٽي بدلو، سياست سان جڙيل وشيہ وڏيڪ اُجاڳرت ٿيل
آهن. لوڪشاهي بہ اُن ۾ شامل آهن.
- سنڌي ادب ۾ گهڙي آيل گروپيزم، چاپلوسي، پوڄائيپ تي
پڻ طنز ڪيل نظر اچي ٿي.
- طنزي ناٽڪن جي ناليءَ ۾ گهٽا سستي کل مذاق وارا
چرچائي، ٺونڪائي انداز ۾ شايع ٿيل آهن.

مددي ڪتاب :

1. ڪاليڪر ڪاڪا، ساهتيہ ۾ هاسيہ، ليکہ، پرب، 1962، ص
.70
2. واڌند نروتم (ڊاڪٽر)، هاسيہ پرامرش-1991، ص-72-74
3. لالواڻي جينو (ڊاڪٽر) ادبي سرهاڻ-1982، ص-44.
4. لالواڻي جينو (ڊاڪٽر) سنڌي ناٽڪ پرمپرا-2012.
5. پريم پرڪاش (ڊاڪٽر) سنڌي ناٽڪ جي چونڊ تنقيد-2013

کي سوُتر ڌار سڏيو ويندو آهي. ناٽڪ جي هدايتڪار کي بہ سوترڌار سڏيو ويندو آهي. پر ناٽڪ جو ڊائريڪٽر منچ تي جيوت پُتلين کي ڪنهن ڌاڳي جي زور تي هلائيندو ڦيرائيندو نہ آهي. پر منچ تي جيوت اداڪارن کي پيش ڪندي پاڻ بہ وقتي منچ تي ايندو آهي. تہ وري وُقتي پردي پٺيان ناٽڪ جي ڪٿا وستو اداڪارن جي ڄاڻ وغيره ڏيندو آهي. پر پُتلين جو سوترڌار منچ جي پٺيان بيهي پُتلين کي هلائيندو ۽ نچائيندو آهي.

اِئين تہ پُتلين جو فن ڪافي پراڻو آهي. اِنسان جي غفائي جيون ڪان ان جي آد (شروعات) چئي وڃي ٿي. جڏهن اِنسان غفائن ۾ رات جي وقت روشنيءَ ۾ پنهنجا پاڇا پٿين تي ڏسندو هو تہ اُهي پاڇا اِنسان جي من ۾ جدا جدا ڀاونائن کي جنم ڏيندا هئا ۽ اُن مان ئي پُتلي ڪلا جنم ورتو. قديم زماني ۾ دراوڙ قوم جو شغل پُتلي تماشو ئي هو. پُتلين جا اُهڃاڻ اسان کي صرف ڀارت ۾ نہ، پر ڀارت کان ٻاهر جدا جدا ملڪن ۾ بہ ملن ٿا. پُتلين جو ذڪر سچل سرمست جي هڪ ڪافي، سامي جي سلوڪ، پارسي شاعر عمر خيام جي هڪ رُباعي ۾ بہ ملي ٿو.

ڪن جو چوڻ آهي تہ ڪٺ پُتلين جو وجود رامائڻ واري وقت ان بہ اڳہ جو آهي. شِوَ پُراڻ ۾ پُتلين جي آد جي باري ۾ هڪ ند ڪٿا آهي تہ وري مصر جي پرئمڊن مان هن ڪلا جا اُهڃاڻ لن ٿا.

وڪرمادتيہ جون ٻٽيهہ پُتليون مشهور آهن. راجستان جي پُتلين را جاوا، سُماترا ۽ انڊونيشيا تائين پُڳل هئا. تہ چين وارن جي وڻ آهي تہ عيسوي سنہ 206 سال اڳہ چين ۾ هن ڪلا جو جنم و. بعد ۾ اُها ڪلا چين مان منگوليا، ترڪي، مصر ۽ عرب ڪن ۾ ڦهلجي ويئي.

ڪجهہ بہ هجي قديم سنڌ جي وقت ۾ پُتلين جو فن ريگستاني ئقن، راجستان، مارواڙ، ڪڇ، ٿر ۽ گجرات ۾ عام جام هو، جو

روپ رنگ ڏنو ويندو آهي ۽ سندن پاترن موجب ويس وڳا ۽
وغيره پاتا ويندا آهن. هوءَ بي جان آهي. هن ۾ نه ڌڙڪند
آهي، نه ئي وري سوچيندڙ ذهني دماغ. هن جي سرير ۾ رت
وهڪ پڻ ناهي. هن وٽ نه ڪي پاءُ آهن نه وري ڪي احسا
هوءَ نه ڪنهن کي تڪليف ڏيندي آهي ۽ نه ئي وري هن
ڪنهن لاءِ ڪا شڪايت هوندي آهي. تنهن هوندي به هوءَ پ
منورنجن ڏيندي آهي. اِنسان ٻڌو-اڻبڌو ۽ ڪن لاتار ڪندو آ
هڪ ڪن کان ٻُڌي ٻئي ڪن کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندي آهي
پُتلين جي ڳالهه ماڻهو هينئين سان هنڊائڻ جي ضرور ڪو
ڪندو آهي جو پُتلين سان ڳالهه اثرائتي، چٽي دل تي
تير جيان اُڪري ويندي آهي. پُتليون هر طبقي پڙهيل ۽
اڻپڙهيل جون دوست ساٿي، همدرد آهن ۽ پڻ سيني جو منور
ڪرائيندڙ پڻ آهن. پُتلي پاڻ جاندار ڪونهي پر اِنسان
وڏيڪ اثرائتي اِنتظامي ڍنگ سان ڪم ڪندڙ مالڪ جي اِ
تي هلندڙ، حڪم جي پوئواري ڪندڙ، اِنسان جيان ڳالهائ
نچندڙ، پُتلي ڪار، سوترڌار جي اشاري تي هلندڙ آهن.
ته زندگي ۾ به هر اِنسان پُتلي جيان نچندو رهي ٿو.

چيو ويندو آهي ته ڏوري سان ٻڌل پُتلي جيان اِنسا
ايشور هلائيندو آهي. وِڌاتا جي لکيل ليکه مطابق اِنسان
آهي. شادي جا ليکه وِڌاتا لکندو آهي. پر حقيقي جيون
ڪي پرمتڙيا اِنسان جوئُن جا مچوُ ٿيندا آهن. جيڪي پن
عقل ۽ سمجهه کان ڪم نه وني پاڻ ۽ پنهنجي ٻُڌي کي
رکي ٻين جي اِشاري تي ڪم ڪندا آهن. اُهي اِنسان
هوندي به پُتلي جيان نِرجيو هوندا آهن ۽ پُتليءَ جيان را
ٻڻجي وهنوار ۽ ڪاريه ڪندا آهن.

پُتليءَ جو نٽ بازيگر پُتلين کي سوُتر ڌاڳي سان م
ڦيرائيندو، اداڪاري ڪرائيندو آهي ۽ ناچ نچائيندو آهي

جو پرچار پُتلين ذريعي ڪيو ويندو آهي. اوڙيسا، تنجور، بنگال، آندرا پرديش جون پُتليون اڄ بہ رامائڻ، مهاڀارت، ڪرشن، ڀاڳوت پُراڻ وغيره جي درشتانتن کي پيش ڪنديون آهن. ان ريت ڏٺو وڃي تہ هر ڌرم ۽ مذهب جي پرچار، وڪاس (ترقي)، ڌارمڪ ميتائن ۽ وشواس کي قائم رکڻ جي لاءِ پُتلين اهم پارٽ ادا ڪيو آهي.

پُتلين کي اڪثر ڪٺ پُتلين جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. معنيٰ ڪاٺ مان تيار ڪيل پُتلي. ڪاٺ مان پُتلي تيار ڪرڻ جو جس يارتي ڪلاڪارن کي ملي ٿو. پُتلين جي شروعات ڇايا پُتلين سان ٿي. اُن ڪان پوءِ چمڙي جون پُتليون وجود ۾ آيون. چمڙي جي پُتلين جي ڪريائن ڦيرڻ جي لاءِ محدود مرياداڻون هجڻ جي ڪري، ڪاٺ پُتلين جو زور وڌيڪ رهيو آهي جو هيِ پُتليون پتلي ناٽڪ لاءِ هر قسم جو روپ رنگ ڌارڻ ڪري سگهن ٿيون.

ڪٺ پُتلين جي نرتيہ کي پُتلي نرتيہ سڏيو وڃي ٿو. پنچتنتر ان لاءِ ’’ڪاشٺ چتر ڪڙينٽ‘‘ لفظ ڪتب آندل آهي جنهن جي معنيٰ آهي گُڏين جو نرتيہ. ڪي هنن کي نيتر پترڪ ليلا سڏيندا آهن. ڀتيهن پُتلين جو ناچ يا ڀاونجهاهہ پُتلين جو کيل ڀارت جي جدا جدا پرانتن ۾ مشهور آهي.

پُتليون جدا جدا قسمن، روپن، آڪارن ۽ رنگن جون ٿينديون آهن. جدا جدا پرانتن ۾ هن جا جدا جدا نالا آهن. سنڌ ۾ پُتلي نرتيہ، گجرات ۾ ڊينگلي نرتيہ، راجستان ۾ ڪٺ پُتلي، اوڙيسا ۾ ڪڙئي نٽ، ميسور ۾ گومبو ياٽا يا نوگلو گوميوياٽا، تاملناڊو ۾ بومائيٽم، بنگال ۾ پونل ناچ وغيره. انگريزيءَ ۾ پُتلين لاءِ پپيٽ لفظ ڪتب آندو ويندو آهي جنهن جو مطلب بہ گُڏو يا گڏي آهي. جديد دؤر ۾ پپيٽ لفظ ڪافي لوڪپريہ بڻيو آهي ۽ هن جا پپيٽ شو اڄ ڪالهہ دنيا جي هر شهر ۾ هر ٽي. وي. چينل تي اڪثر پيش ڪيا ويندا آهن.

بعد ۾ ساري ڀارت ۾ ڦهلجي ويو. جنهن کي ڀَٽ، ڀيل، بازيگ
ڪولهي وغيره جدا جدا هنڌن، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ وڃي جدا ج
موقعن ۽ ڏڻن تي پيش ڪندا هئا. هن فن ۾ ڀٽ وڌيڪ ما
رهيا آهن جو سندن آجيوڪا جو ذريعو ئي پُتلين جو تماشو ره
آهي. هوُ دور-دور ڳوٺن ۽ علائقن ۾ وڃي پنهنجي فن جو جو
ڏيکاريندا هئا ۽ موٽ ۾ وڏيون رقمون حاصل ڪندا هئا. ڀٽ
جي ٻارن لاءِ چيو ويندو آهي تہ، ”ڀٽن جو ڇوڪر جڏهن روئند
آهي، تڏهن ائين لڳندو آهي تہ هوُ راڳ ۾ روئي رهيو آهي
جڏهن رانديڪن سان راند ڪندو آهي تڏهن ائين محسوس ٿين
آهي تہ جڻڪ پُتلين کي نچائي رهيو آهي.“ ڀٽن جون عورت
بہ هن فن ۾ ڪافي ماهر آهن. ڀٽن جي پُتلين جو فن ۽ تما
موروثي لوڪ ورثو آهي. جيڪو ٻين قومن، قبيلن ۽ جاتين
اپنايو آهي. ڪٺ پُتلين جو کيل ڪندڙ اڪثر رولاڪ هو
آهن. هي فن سنڌ ۽ هند جو گڏيل سڀيتڪ ورثو آهي.

پُتلين جي اُتپتي ڌارمڪ مڃتائن ۽ وشواسن جي آڌار تي
مڃي وڃي ٿي. جو پنهنجي اِشٽ ديو، ڀڳوان، ديوي ديوتا
وغيره جا چتر، مٽي، پٿر، ڌاتو، ڪاٺ مان مورتيون جوڙ
پوڄا پاٺ ڪري، اُنهن جي وِڌِي (مقرر مذهبي طريقي)
اِستاپنا ڪري، پوڄا نيم ڪري اڳتي هلي مورتين کي ڪ
جلوس ڪڍيا ويندا هئا ۽ مورتي اڳيان سانگہ پڻ رچايا وي
هئا. جلوس ۾ نرتيہ، گيت ۽ سنگيت پڻ پيش ڪيو. اُن پرم
پُتلين جي رواج کي پڻ جنم ڏنو. يورپ جا جيڪي گرجا
آهن، اُنهن ۾ اُتان جي ڌرم گُرن، پيغمبرن جي شخصيت، چر
۽ ويچارن جي ڦهلاءُ لاءِ پُتلين کان ئي ڪم ورتو ويندو آ
آمريڪا جي ريڊ انڊين ۾ پُتلين جي ڌارمڪ اهميت اج
جيئن جو تيئن قائم آهي. يونان ۽ روم ۾ ڌرم جو پرچار پُت
جي ذريعي ئي ڪيو ويندو آهي. ايشيائي ديشن ۾ هندو

ئردايڪ، مختصر، سولي سمجهه ۾ ايندڙ ڀاشا ۾ لکيل هوندا
هن. گفتگو اگر گهٽ ۽ جدا جدا ڪريائون، حرڪتون،
مٽڪاري، مذاقي، اِسراري ۽ طلسمي انش جي وڏيڪ آهن.
حزين خوبين وارو پُتلي ناٽڪ وڏيڪ ڪامياب لوڪپريہ سڏيو
بندو آهي. پُتلي ناٽڪ جي عمر مطابق ورهاست ٿيل آهي:

1. پنجن ڪان سٽن جي ٻارن لاءِ.
2. اٺن ڪان تيرهن سالن جي ٻارن لاءِ.
3. چوڏهن سالن ڪان ويهن سالن جي لاءِ. رقص، راڳ ۽ ناٽڪ
پتلين جي تماشي جا لازمي انش آهن.

ڀارتي ٻولين ۾ ڪٺ پُتلي کيل-ناٽڪ

ڀارت ۾ قديم زماني ڪان وٺي پُتلين جو کيل چالو پيئي رهيو
آهي. راجستان، پنجاب ۽ گجرات ۾ پُتلي ناٽڪ جو چڱو زور
رهيو آهي. اُڏيپور ۾ ''ڀارتيہ لوڪ ڪلا منڊل'' جي اِنتظام هيٺ
ڪ پُتلي گهر قائم ڪيل آهي. جتي ملاقاتين کي پُتلين جا
کيل ڏيکاريا ويندا آهن.

راجستان جي ديوي‌لال سامر ان فن کي اوج وٺائڻ ۾ ڪافي
رگرم رهيو آهي ۽ پرڏيهن ۾ وڃي جدا جدا ملڪن ۾ ڪٺ
پتلي (پپيٽ شو) ڪاميابيءَ سان پيش ڪري رهيو آهي. هن
شخص ڪٺ پُتلي ڪلا اؤر شڪشا، ڪٺ پُتليان اؤر مانسڪ
گپچار وغيره ڪٺ پُتلين تي عمدا ڪتاب رچيا آهن.

گجرات احمدآباد ۾ شري مهيپت ۽ سندس ڌرمپتني ليلاوتي
ڀوي هن فن کي ڪافي زور وٺايو آهي. گجراتي، هندي،
انگريزيءَ سان گڏ سنڌي ۾ پُتلي ناٽڪ کي همٿايو ويو آهي.
پپيٽ انيڪ ملڪن جو دؤرو ڪيو آهي. تہ هن صاحب ڪٺ
پتلي ذهين تو پپيٽ ايٽلي شون نالي ڪتاب لکيو آهي. دادي
سڃجي 1980ع دهلي ۾ شري رام ٿئيٽر ۾ پپيٽ رنگ منڊل
قائم ڪيو. احمدآباد ۾ ئي درپڻ ٿئيٽر ۽ ڪولڪتا ۾ پپيٽ

ڪٺ پُتليون هلائيندڙ ڪنهن بہ آڪاٽي سان ڳڍ ڏُهلڙي
سيٽي جو اِستعمال ڪندا آهن. ڀاوناتمڪ (جذباتي) احساس پ
ڪرڻ جي لاءِ آڪاٽيءَ ۾ ڊائلاگن ۽ سنگيت جو اِستعمال سه
نموني ڪيو ويندو آهي. پُتلين جا قسم هن ريت آهن :

1. دستانا (هٿ ۾ پائڻ واري) پُتلي.
2. شيخ واري پُتلي - هن کي چتر پُتلي بہ سڏيو ويندو آه
3. ڌاڳي يا سُٽ واري پُتلي.
4. ڇايا پُتلي. هن کي ڇاڇي يا اولڙي واري پُتلي بہ س
ويندو آهي.

دستانا پُتلي کي پرڏيهہ ۾ گلوُ پپيٽ سڏيو ويندو آهي. هر
اِنسان، جانورن يا ٻين گهربل ڪردارن جون صورتون ناهي ه
۾ چنبڙايون ويندڙيون آهن ۽ اُن سان جڙيل مختلف ڪل پُ
سان کيل پيش ڪيو ويندو آهي. جتي ڪاٺ پُتلين ۽ ڇايا پُ
جو جنم اِستان ڀارت کي سڏيو وڃي ٿو اُتي دستانا پُتلين
جنم اِستان وري چين سڏيو وڃي ٿو. بعد ۾ اُنهن جو رواج روما
يوگوسلاويہ، چيڪوسلوواڪيہ ۽ آمريڪا وغيره ۾ شروع ٿيو.

پُتلين جي کيل ۾ قديم ناٽڪ جا انش ۽ جزا نظر اچن
اِئين بہ چيو ويندو آهي تہ جديد ناٽڪ جي اُتپتي ڪٺ پُ
مان ئي ٿئي ٿي.

پُتلي ناٽڪ چمتڪاري عجيب ۽ اِسراري آهي. طلسمي، ح
انگيز گهٽنائون (واقعا) درشڪن کي ڪافي متاثر ڪندڙ آ
ناٽڪ جو اصلي ۽ اندريون مطلب سمجهائڻ جي لاءِ پُتلين
جيڪو اِظهاري گُڻ آهي اُهو وڌيڪ اثرائتو منووگيانڪ (نفسي
ڍنگ سان ڀرپور آهي. پُتليون اخلاقي ۽ احساسي جذبا اِنسا
پيدا ڪنديون آهن. پُتلي ناٽڪ جي ڪٿا، ڪهاڻي و
سُلجهيل، سولي، درشيہ گهٽ، ضرورت جيترا، اُپ ڪٿائ
ضرورت مطابق جُڙيل، پُتلين جو انداز محدود، ڊائلاگ

ڪٺ پُتلين جي فن جي وڪاس ۽ واڌاري جي لاءِ اِنٽرنئشنل
سيمينار وقت بہ وقت ٿيندا رهندا آهن جنهن ۾ جدا جدا ملڪن
جا پُتلي ماهر شرڪت ڪندا آهن.

رومانيہ جي راڄڌاني بُخارسٽ ۾ ٿيون اِنٽرنئشنل پپيٽ ميلو
ٿيو هو. جنهن ۾ 32 ديشن جي 42 گروپن جي هڪ هزار کان
ڌيڪ عيوضين شرڪت ڪئي هئي. هن ميلي ۾ بلغاريہ جي
هڪ گروپ اِنسان ۽ ڪٺ پُتلين جي وشيہ کي اثرائتي نموني
پيش ڪيو هو. رومانيہ جي گروپ لومڙين جو اِسڪول نالي پُتلي
تماشو پيش ڪيو جنهن ۾ لومڙي اڌياپڪ (اُستاد) دواران لومڙي
شاگردن کي ننهن ڪٽڻ، شرير جي صفائي ڪرڻ، سنان ڪرڻ،
برش ڪرڻ، ڪلاس صفا ڪرڻ سان گڏ انگن جي ڳڻپ، ڪٽ جوڙ
ڪرڻ سيکاريو ويو. حاضر ٻار ان ڪلاس جو حصو بڻجي ويا ۽
لومڙي شاگردن سان گڏ پاڻ بہ ڳڻپ، ڪٽ جوڙ ڪرڻ لڳا ۽ جواب
ڏيندا رهيا. هيءُ سوال-جواب تي ٻڌل پپيٽ شو ڪافي اثردار
۽ لايدائڪ رهيو.

انگلئنڊ جي شري فلپوٽ ۽ اُن جي ڌرمپتني واءِ ليتا دنيا جا
مهان ڪٺ پُتلي ڪلاڪار آهن. هنن کي دنيا ۾ پينٽوپڪ نالي
ڏيو ويندو آهي. هنن تعليمي پُتلين جي ميدان ۾ ڪافي سُنو
ڪم ڪيو آهي. هنن ڪافي تعليمي پُتلي ناٽڪ رچيا آهن. جن
۾ پُتلي ڪار ڪرڻ ڏار ڪري هلندا آهن.

انگلئنڊ ۾ برٽش ايڊيوڪيشنل پپيٽ ائسوسئيشن ۽ پپيٽري
۽ هلنڊڙ آهي جيڪا انگريزي ۽ ٻين ڀاشائن ۾ تعليمي پپيٽ
پروگرام تيار ڪندڙ آهي.

جرمني ۾ شريمتي شولز ٻارن جون ۽ تعليمي ڪٺ پُتليون
۾ ڪندڙ آهي. جرمني جي انفنٽ اِسڪولن ۾ اُهي ڏيکاريون
ويون آهن. دستانا پُتلين جي ذريعي تعليم ڏني ويندي آهي.
جي هرهڪ پتلي فلمي هيرو هيروئن جيان لوڪپريہ آهي.

تئيٽر برپا ٿيل آهن جيڪي پرڏيهن ۾ بہ تماشا ڏيکاري چڪ
آهن. پٽي ۾ پيپلس يونيورسل پاپولر پيپٽري ايڊيوڪيشن
تئيٽر ڪم ڪندڙ آهي تہ پارتيہ پُتلي سنگهہ بہ هن ڪم
ڪافي سرگرم آهي.

آنڌرا پرديش ڇايا ناٽڪ، شيڊو پلي، اوڙيسا جو راوڻ ڇا
ڪافي لوڪپريہ آهن. اوڙيسا جيان ئي ڪيرالا ۾ تيل پاواڪٿ
آنڌرا ۾ ڦولو بولاتا ۽ ميسور ۾ توگم گوبني آتا مشهور آهي.

مهاراشٽر جي رائگڙه ضلعي جي ڪرجت ۾ هيمنت ڪنتڪ
پپيٽ اِنسٽيٽيوٽ مشهور آهي. راجستان ۾ پُتلين وارا امرسنگ
رانوڙ، پرٿوي راج چوهاڻ ۽ راڻي پدمڻي وغيره جون اِتهاس
ڪهاڻيون پُتلين رستي ٻڌائيندا آهن.

هيمنت ڪنتڪر پُتلي کيلن ذريعي وڻن جو بچاءُ ڪيئ
ڪجي؟، ڏيتي ليتيءَ جو مقابلو ڪيئن ڪجي؟ مزدورن ج
بيگاري ڪيئن روڪجي؟ وغيره مسئلن کي عام ماڻهن اڳي
آندو. بئنگلور جي ڪرتا ششيدر پُتلين جي کيل رستي ڳو
واسين کي زمين جي حقن لاءِ جاڳرت ڪيو آهي.

هڪ نظر پرڏيهي پاشائن جي ڪٺ پُتلي ناٽڪ تي :

چين ۾ رومانوي، قانوني، اِتهاسڪ ۽ پرچارڪ پُتلي کيل ڏيکا
ويندا آهن. اولهہ جرمني جي پپيٽ تئيٽر جو سنچالڪ ڪلا
پُتلي کيلن ذريعي ماڻهن مان نشيدار شين جي واهپي جي عاد
ڇڏائڻ جي سڦل ڪوشش ڪئي آهي. هن شخص جو چوڻ آه
تہ ”پارت ۾ عورتن کي جلائڻ، ڏيتي ليتي جا عذاب، نوڳي
ڏنڌوڙي ڌرم ڱرن جا ڪُڪرم ۽ نيم حڪيمن جون چالبازي
پُتلي تماشن ذريعي عوام آڏو پڌريون ڪري سگهجن ٿيون.

پاڪستان ۾ قومي سطح تي اِسلام آباد ۾ هڪ تئيٽر قائم ٿ
آهي. جتي ٻارن کي پُتلي سکيا ڏني ويندي آهي. هن فن
ڪاليج ۽ يونيورسٽي جي شاگردن کي پڻ سيکاريو ويندو آه

ڪي پپيٽ سان جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

احمدآباد، بڙودرا، گانڌيڌام جي سنڌي اِسڪولن ۾ ورڪشاپ ڪرائي سنڌي ٻارن کي ڪاغذي پپيٽ ناهڻ سيکاري جدا جدا سنڌي لوڪ ڪهاڻيون پيش ڪيون ويئون. لالواڻيءَ جو پپيٽ ناٽڪ ”پڇري ۾ شينهن“ دوردرشن تان نشتر ٿي چڪو آهي ته ”عمر مارئي-پپيٽ پلي“ جي ڊي.وي.ڊي. پڻ تيار ڪئي ويئي. سنڌيءَ ۾ پپيٽ ناٽڪ لکڻ جو شرف ڊاڪٽر ڄيني لالواڻيءَ کي آهي.

هي فن لوڪ ڪٿائن، لوڪ ناچن، راندين، ڏڻن، سنڌيت جي ورثي کي قائم رکڻ ۾ مددگار بڻجي سگهي ٿو. ان ڏس ۾ سنڌي اڪادميون، تعليمي ادارن، ساهتڪ ۽ سانسڪرتڪ ادارن کي ڀُڳتي اچڻ گهرجي. □

هن جون پُتليون ٻارن سان گڏ نچنديون آهن، گيت ڳائينديو
آهن، لکڻ-پڙهڻ سيکارينديون آهن. شولز هڪ ٽرئفڪ جو ڪ
ناهيو آهي جنهن ۾ جدا جدا موٽر گاڏيون ۽ واهڻ اچ-وڃ ڪ
تا ۽ ٻارن کي ٽرئفڪ نيمن جي ڄاڻ ڏين تا.

جرمني ۾ اِنٽرنئشنل ڪٺ پُتلي ميلو ٿيندو آهي جنهن
صرف ٻارن جي گروپن کي گهرايو ويندو آهي. جتي جدا جد
ٻولين ۾ ٻال ڪٺ پُتلي ڪار حاضر رهندا آهن ۽ نمائش ڪند
آهن. هن ۾ پکين، پَسُن، پرين، ديوتائن، اِنساني ۽ پريءَ ديس
جون ڪهاڻيون ڪاميابيءَ سان پيش ڪيون وينديون آهن.

اٽلي ۾ ٽپيٽرو اِنسٽيبائل ڊيل ايڪولا (ebile Del Equila
Tipetro) نالي سنسٿا جيڪا ڪٺ پُتلي ٿئيٽر هلائيندڙ آهي
ٻارن کي سکيا بہ ڏيندي آهي. اِسڪولي ڪتابن جو ماڌيم ڪ
پُتلين کي بڻايو ويو آهي جنهن ۾ ڀاشا، حساب، اِتهاس ۽ سماج
وگيان، سلائي، اُٽڻ، سنگيت، نرتيہ، چترڪاري، شلپڪار
(مجسمي سازي) وغيره پڙهايا ويندا آهن.

پُتلي ناٽڪ دؤران ڀارت جي جدا جدا ٻولين ۾ درسي رچنا
۽ وشيہ (سبجيڪٽ) پاڙهڻ جو بندوبست ٿيل آهي. ڀاشائن
ڪيترا ئي پُتلي ناٽڪ ڪتنب نيوجن (خانداني منصوبہ بند
بالغ پڙهائي، بچت ڀاونا، ڀاواتمڪ سروَ ڌرم ڀاونا، ايڪتا، ڪي
سُڌار، ڳوٺ سُڌار، شراب بندي وغيره سان لاڳاپيل پُتلي نا
پيش ڪيا وڃن ٿا، جيڪي وندر سان گڏ تخليقي (سرجناتم
ڳالهين کي پڻ هٿي ڏيندڙ آهن.

سنڌي ۾ پُتلي ناٽڪ جي ڏاڍي کوٽ آهي. ڪنهن بہ سن
سرڪاري چاهي نيم سرڪاري اداري ۽ تعليمي سنسٿا هن
کي نہ اپنايو آهي ۽ نہ ئي وري دلچسپي ڏيکاري آهي.

البت ڊاڪٽر جيني لالواڻيءَ گجرات سنڌي ساهتيہ اڪاد
جي زير سايہ شري مهيپت-ليلا ڪويءَ جي ذريعي سنڌي تع

ستيج ناهي ڊرامو پيش ڪيو ويو هجي. البت لوڪ ناٽڪ حاصل
ن تا. سنڌيءَ ۾ اِستيج لفظ جون معنائون آهن رنگ ڀومي،
هو، ناٽڪ گهر، نقال تختو وغيره. ٿئيٽر لاءِ لفظ آهن تماشو
ر، ناٽڪ شالا، کيل گهر، رنگ ڀومي، ناچ گهر وغيره. ڊراما لاءِ
ل، ناٽڪ لفظ آهن. اِنهن مان اِهو ظاهر آهي ته سنڌي لفظن ۾
ڪو اهڙو لفظ ڪونهي جو ٿئيٽر جو مترادف هجي. اِن جو اِهو
طلب به هرگز نه آهي ته سنڌ ۾ ڊرامي جو ڪو قسم هئو ئي
ونه. قديم سنڌي ڊرامي ۾ ”سانگ“ ۽ ”ڀڳت“ آهي. سانگ
ڪا مڪمل ڪهاڻي پيش نه ڪئي ويندي هئي. پر ڪهاڻين
ي مکيه-خاص منظر پيش ڪيا ويندا هئا يا زندگيءَ جا ڪي
قعا يا حقيقتون مزاحيه رنگ ۾ پيش ڪيون ويندون هيون.
نگ سان گڏ ڀڳت به ڊرامي جو ابتدائي نمونو آهي جنهن ۾
ت عورتن جو ويس ڪري، ساڙهي پائي، گهنگهرو ٻڌي نه صرف
يندا-نچندا هئا پر گڏ سنڌ جو ڪو رومانوي داستان، قصو يا
اڻي بيان ڪندا هئا. ڪهاڻيءَ جو بياني انداز جئن جئن
يقيءَ جي لئه-تال ۾ اڀتي وڌندو هو تيئن تيئن ڀڳت
دارن جي جذبن، احساس، ڀاون جي ترجماني به ڪندا هئا
ردارن جو ڪردار، اداڪاريءَ ناچ سان گڏ پيش ڪندا هئا.
ـه ۽ ڀڳت اُن جو سڌريل نمونو آهي. ڀڳت ۾ اداڪاريءَ سان
نرتيه پيش ڪندي ڳايو به وجيتو. ”مناظرو“ لوڪ شاعريءَ
هڪ صنف آهي جنهن ۾ گفتگو يا جهيڙو ڏيکاريل هوندو
جنهن ۾ امين پڻ شامل هوندا آهن. مناظري جي فني
فڪري تربيت ڊرامائي آهي. سانگ، مناظرو، طنز ۽ مزاح
و آهي، ٻولي ڪردار جي حيثيت موافق هوندي آهي.
ڌ-ڪڇ جي سرتاج شاعر ڀٽائي گهوٽ شاهه عبداللطيف
وماني داستانن نه صرف نغمي آهن پر اُنهن ۾ ڊرامائي
به موجود آهن. جنهن جا ڪردار به خود بيان ڪندڙ آهن.
صاحب جي شعر ۾ ڊرامي جو روح آهي. ڀڳت شاهه جي

سنڌ - هند جو ناٽڪ

ناٽڪ ساهتيہ ۽ ڪلا نمائش جو روپ آهي. ناٽڪ نظم چاهي
نثر ۾ جدا تہ وري ٻنهي ۾ گڏيل پڻ لکيو وڃي ٿو. ناٽڪ جو سف
ناٽڪ نويس کان وٺي درشڪن تائين جو سفر آهي. اِئين تہ ساهت
ادب جي هر صنف جو سنٻنڌ لفظن سان آهي پر ناٽڪ جا لف
درشيہميہ آهن. اُهي نظارن مطابق آڪار حاصل ڪن ٿا. دستخ
ڪتابي صورت ۾ پڻ شايع ٿيل ناٽڪ 'اَسڪرپٽ' (هٿ اڪر
ڇاپو) آهي. اصلوڪو دستاويز ساهتيہ روپ آهي پر ناٽڪ مڪم
تڏهن ٻڻجي ٿو جڏهن اُهو هٿ اڪريو ڇاپو تختي، ريڊي
ٽي.وي.، ٽيلي فلم ۽ فلم جي ماڌيم سان ڪردارن وسيل
ڏسندڙن، ٻڌندڙن جي سامهون ڪيڏيو وڃي ٿو، نشتر ٿئي ٿو.

ناٽڪ نويسي هڪ اونهو کوهہ آهي جنهن ۾ هيٺ لهي جيت
اونهو وڃبو، اوترو ئي وڏيڪ خبر پوندي تہ هڪ خيالي ڪهاڻ
کي ماڻهن تائين ڪيئن پهچائجي. جيتري قدر ناٽڪ لکڻ
تعلق آهي تہ اُهو صرف اديب جو ڪم نہ آهي پر ٻيا ماڻهو
اديب سان شريڪ آهن جنهن ۾ هدايتڪار اداڪار، تڪنيڪ
ماهر بہ شامل آهن. اُن ۾ بہ اِسڪرين پلي لاءِ لکڻ وقت عوام
مقبوليت کي نظر ۾ رکڻو پوي ٿو. ناٽڪ لکڻ لاءِ اِسٽيج
ٽيليويزن، ريڊيو ناٽڪ ٽيڪنڪ جي ڄاڻ بہ لازمي آهي. ٽي.وي
لاءِ ناٽڪ لکڻ ۾ نئون تجربو تہ حاصل ٿئي ٿو. پر ڏانو ۽ ذات
واڌارو ٿئي ٿو، گڏوگڏ ٻين فنڪار قسم جي ماڻهن سان گڏج
ڪم ڪرڻ جو وجهہ بہ ملي ٿو.

جيستائين سنڌي ڊرامي جو واسطو آهي، انگريزن جي 843
۾ سنڌ فتح ڪرڻ تائين ڪوئي ڊراما نويس ملي نٿو ۽ نہ ڪو
ننڍو-وڏو مڪمل ناٽڪ. اِها بہ ڄاڻ نٿي ملي تہ سنڌ ۾ ڪو باقاع

سنڌ جي پراڻي اديب پروفيسر منهگارام ملڪاڻيءَ ڪيترائي
”يڪ بابي ناٽڪ“ لکيا جن مان ”ٽي-پارٽي“، ”ٻي زال“،
”اڪيلي“، ”دل ۽ دماغ“، ”ڪن جي خطا“، ”ناخلف پٽ“،
”پريت جي ريت“، ”پاپ جو ڪيتو“ وغيره قابل ذڪر آهن.
ورهاڱي جي شروعاتي دؤر کان ئي داس طالب، گوبند مالهي،
پروفيسر رام پنجواڻي، راجن چاولا، چيتانند ناگراڻي،
هريڪانت، واسديو نرمل، پوپٽي هيراننداڻي، سندري
اُتمچنداڻي وغيره ناٽڪن سان سرگرم جڙيل رهيا. اڄ ورهاڱي
جا ست ڏهاڪا پورا ٿيڻ تي آهن. هن عرصي ۾ سنڌيءَ ۾ هر
قسم جا ناٽڪ رچيا، ترجمو، اُلٿو ڪيا ويا آهن ۽ ناٽڪ گهرن ۾
کيڏيا ويا آهن. سنڌي ناٽڪ جديد ٽڪنيڪ کي به اپنايو آهي ته
ري ريڊيو، ٽيليويزن، ٽيلي فلمون ۽ فلمون به تيار ٿيون آهن.
سنڌي ڊراما ورڪشاپ ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي سربراهيءَ ۾
تجرباتي، نوان، گنڀير ناٽڪ پيش ڪيا آهن، جوڙيا آهن ته
ڏوگڏ نوان تجربا ڪري، نيون راهون - پيچرا به جوڙيا آهن.
ناٽڪن جون سلور جبليون، گولڊن جبليون، ڊائمنڊ جبليون
جا اُتسو، سيمينار وغيره ڪيا ويا آهن ته وديشن ڏانهن سنڌي
ناٽڪن پير پڻ ڌريا آهن.
سال 1950 کان 1980 وارو عرصو سنڌي ناٽڪ لاءِ ڦوهه جوانيءَ
وارو رهيو. سنڌي ناٽڪ جو هر لحاظ کان چوڌسي وڪاس ٿيو،
اصلوڪن سنڌي ناٽڪن جي کوٽ پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي
وئي پر وڏن اصلوڪن ناٽڪن جي کوٽ اڃا به محسوس ٿيندي
پئي رهي آهي. اصلوڪا ناٽڪ گهٽا تختي تي پيش ٿي نه
سگهيا آهن پر ڪتابي صورت ۾ پڙهڻ ۽ درسي ڪتابن جي رؤنق
ضرور بڻيا آهن. ريڊيو ناٽڪ هن عرصي ۾ ڪجهه وڌيڪ وڪاس،
مقبوليت حاصل ڪئي.
پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ سنڌي شروعاتي دؤر وارن ناٽڪن
کي جدا جدا دؤرن ۾ ورهائي اوائلي ناٽڪ، ڌرمي ناٽڪ جو دؤر،

ڪلام جي ڊرامائي رنگن کي وڌيڪ واضح ڪري بيهاريندا آهن.

جيستائين مڪمل ڊرامي جو واسطو آهي تہ سنڌي ناٽڪ ٻن زمينن سنڌ ۽ ڀارت ۾ اؤسر حاصل ڪئي آهي ۽ اسان کي اُن جا ٽي طبقا نظر اچن ٿا.

1. سنڌ جو سنڌي ناٽڪ - شروعاتي دؤر.
2. ورهاڱي کانپوءِ ڀارت ۾ سنڌي ناٽڪ.
3. ورهاڱي بعد سنڌ ۾، سنڌي ناٽڪ.

سنڌي ناٽڪن جي تواريخ ڇاڇائي ٿي تہ پهريون وڏو ناٽڪ سنڌيءَ ۾ مرزا قليچ بيگہ جو 1880 ۾ لکيل ناٽڪ آهي. تہ وري تختي تي پيش ٿيل پهريون ناٽڪ سنسڪرت تان ڇيناند پرچاڻيءَ جو ترجمو ڪيل ''نل دمينتي'' 1894ع ۾ ڊي.جي. سنڌ ڪاليج - ڪراچيءَ جي تختي تي ڪيڏيو ويو.

سنڌ جو سنڌي ناٽڪ، شروعاتي دؤر ۾ ناٽڪ ۽ تختو ڪافي اؤج تي پهتل هو. هر قسم جا طويل ڇاهي ننڍا ناٽڪ رچيا ۽ کيڏيا ويا. انيڪ ناٽڪڪار، ناٽڪ نويس اِستيج سان جڙيل رهيا نوان-نوان تجربا ڪري، ڪامياب اصلوڪا، ترجما، شاهڪار اُلٿا پيش ڪري ڏسندڙن کي ڀاڻ سان جوڙي، مقبوليت حاصل ڪئي.

جڏهن اجا سنڌي ناٽڪ جي مڪمل عمارت جُڙي راس مس ٿي تہ ديش جو بدنصيب ورهاڱو ٿيو. سنڌي ناٽڪ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو.

سنڌي ناٽڪن ۾ ڪجهہ وقت لاءِ ٺهر اچي ويئي. ڪجهہ سالن جي خاموشيءَ بعد هند ۾ سنڌي ناٽڪ جو پنرجنم ٿيو. سنڌ مان جيڪي لڏي هند ۾ ناٽڪ نويس-ناٽڪڪار آيا هئا اُنهن قلم هٿ ۾ کڻي ننڍا، وڏا، اصلوڪا ڇاهي ٻين ٻولين جا ترجما اُلٿا سنڌيءَ ۾ رچڻ-ڪرڻ شروع ڪيا.

اِها ہہ هڪ حقيقت آهي تہ آزاديءَ کان پوءِ افساني-شاعري جي مقابلي ۾ ڊرامن طرف گهٽ ڌيان ڏنو ويو. سنڌي ڊرامن ۾

كمي كلاٽيءَ جا ناٽڪ ''گڏا گڏيون'' (1984)، ''واريءَ سندو
ڪوٽ'' (1988)، ''پنهنجو دشمن'' (1993) ''ڪوئا قاس'' سنڌي
نڌگيءَ سان جڙيل آهن.

مدن جماڻي هڪ اهڙي ناٽڪي شخصيت آهي جيڪو ناٽڪ
ويس، اداڪار، هدايتڪار سان گڏ اِسٽيج، ٽيليويزن، ريڊيو،
لم سان بہ جڙيل آهي. هن جو ناٽڪ ''گهر گروءَ جو در''،
ڙگن جي حياتيءَ تي لکيل ٻُڍا آشرم جي تصوير آهي. ''ڪاڪو
ڪلومل'' سنڌيءَ جو پهريون هڪ اداڪار طويل ناٽڪ، ''لاڏي
ڏي آندي'' (ننڍا ناٽڪ)، ''سهڻو شاهہ لطيف چوي''، ''مان
ونٽي ايندس''(هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت تي رچيل) ۽ ''مدن
ا بهترين ناٽڪ'' ۾ هر قسم جا ناٽڪ شامل آهن. ڀڳوان اٽلاڻيءَ
و ''پالتو''، هريڪانت جو ''ڪتراڳ'' سياسي موضوع وارا ڏيان
ڪائيندڙ ناٽڪ آهن.

چمن لال شرما وڏ ۾ وڏ ريڊيو ناٽڪ قلمبند ڪيا آهن ''پنهنجو
ائو''، ''اوياريون لهواريون'' (ڪچهريون) مکيہ آهن.

واسديو نرمل جا بہ وڏا ناٽڪ ''لاڏي لاڏي آندي پر...'' (1999)
''امان جو پينگهو'' (2003) آهن. امان جو پينگهو ۾ سنڌي
نگهي کي سنڌي سنسڪرتيءَ جي علامت بڻايو ويو آهي. اِنسان
جنم کان وٺي موت تائين جي سفر ۾ ڳاتل سنڌي لوڪ گيتن
اِستعمال ڪيل آهي. ايم. ڪمل جي ''آل اِنڊيا پوليس
يشن'' (1997) بہ ڪجهہ فئنٽسي روپ جا ننڍا ناٽڪ، سندر
اڻيءَ جو ''اگني سنسڪار'' (2002)، سماجڪ، طنزي، جديد
بير قسم جون، چترميہ گفتگوءَ سان ڀريل ننڍا ناٽڪ اهن.

ڇمڻ ڀمياڻيءَ جو ''اڊائي اکر پريم جا'' ڪردارنگاري ۽
نگاريءَ جو عمدو مثال آهن. ''چونڊ سنڌي ايڪانڪي
ڪ'' ۾ پراڻي اديب تيرٿ بسنت کان وٺي نوجوان ناٽڪ نويس
م شهاڻيءَ جا ننڍا ناٽڪ شامل آهن.

ڀڳهراج گرناڻي جا ''ٽي ناٽڪ'' (1997) ۽ ''مونکان ناٽڪ

رومانوي ناٽڪن جو دؤر، سنسنيخيز ناٽڪن جو دؤر، حقيقت
نگاريءَ وارو دؤر، لوڪ ڪهاڻين تي رچيل سنڌي ناٽڪ وغير
جدا-جدا دؤرن جي ورهاست ڪئي آهي پر اُن بعد سنڌي ناٽ
نويسيءَ جي اؤسر جي مدي نظر ناٽڪ جا سنڌ چاهي هند
تسليم شڌ جدا-جدا دؤر ڇاڻائڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ٿي آهي
هر قسم جا سنڌي ناٽڪ گڏوگڏ رچيا ۽ کيڏيا ويا آهن.

ڀارت ۾ سنڌي ناٽڪ جدا-جدا شهرن ۾ پکڙيل رهيو آهي
ڪٿي بلنديءَ تي پهچي موت ڪاڌي آهي. ڪٿي بانبڙا پائي
رهيو آهي، ڪٿي اجا ٻاروتن ۾ آهي تہ ڪن هنڌ بلڪل ٺمجي
ويو آهي. سنڌ جي ساروڻي، ورهاڱي جي درد، سنڌيت جي جذبي
سنڌي ٻوليءَ جي ڀارتي جوڙجڪ ۾ تسليميءَ اديبن، فنڪارن
عوام ۾ سجاڳي آڻي، سازگار ماحول ڪڙو ڪيو هو. پر افسوس بع
۾ سنڌيت جو جذبو ٿڌو ٿيندو ويو.

سال 1980ع کانپوءِ سنڌيءَ جا قابل ذڪر ناٽڪ آهن ڊاڪ
پريم پرڪاش جو ''مُڪتي'' (1985)، موهن ڪلپنا جي ڪهاڻي
تان ناٽيہ روپنانتر ''فرشتن جي دنيا'' (1988)، ڪرشن ڪتواڻي
جي ناول جو ناٽيہ روپانتر ''آشيانو'' ۽ ٻيا.

فرشتن جي دنيا ۾ سرڳہ جي زندگيءَ کي ڌرتيءَ جي زندگي
جي ڀيٽ ۾ ناقابل برداشت زندگي ڏيکاريل آهي. آشيانو شهر
ادمبر تي ۽ پئسي جي قدرن تي ٻيٺل زندگين جو چٽر آهي
مُڪتيءَ ۾ باهہ، سيڙپ، مُڪتي ۽ پڪارون چار طويل ناٽڪ شا
آهن جيڪي رشتن، سياست، مالي بندوبست، زندگيءَ جي ذل
جي گهيري ۾ قاتل، بيوس، لاچار، ٿڪل، اڌ مئو ٿيل عام ماڻه
جو چٽ آهي. ڪٿي ۾ ٿيل ڀيانڪ زلزلي، هڪ گهر کي لڳل با
سان گڏ اِنسانن جي تن-من-جسم، خوشين، خواهشن، ارمان
چاهنائن، سوچ، وهنوار، رشتن، جسم، روح جي ٻُڪہ جو چٽر چٽ
آهي. باهہ اترپت واسنائن جي علامت آهي. ماسٽر چندر
گيت، آشيانو ۾ ارجن حاسد جي غزل جو اِستعمال ڪيل آه

وعاتي دؤر ۾ ئي آهي.
ڊاڪٽر پريم پرڪاش جي ”سنڌي ناٽڪ“ ۽ پي.ايچ.ڊي.
سز، سنڌي ناٽڪ جا سؤ سال شايع ٿيل آهي. ”اِسٽيج“ نالي
لڌي ناٽڪن جي اڪيلي مخزن به شايع ٿيندڙ آهي ته وري
ناٽڪ تبصره“ سنڌي ناٽڪن تي تنقيد (سمپادن ڇينو لالواڻي)
شايع ٿيل آهن.
هند ۾ سنڌي ناٽڪ بنا زمين، ريچ اؤسر حاصل ڪري رهيو
ي. پر سنڌ ۾ پنهنجي زمين، پنهنجو صوبو، ٻولي-ماڻهو،
حول، سنڌيت جي خوشبوءِ، زمين جي مهڪ، ناٽڪ گهر هئڻ
ري سنڌي ناٽڪ نويسيءَ ناٽڪ جي هر قسم ۾ ڪافي ترقي
صل ڪئي آهي.

ڌ ۾ ٿئيٽر

پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ، سنڌ مان هندن جي لڏي وڃڻ ڪانپوءِ
ڌي اِسٽيج ڊرامو تباهيءَ جي راهه تي هلڻ لڳو. سماجڪ
يقت نگاريءَ جي روايت مرڻ لڳي. ورهاڱي کان اڳ سنڌي
س ۽ ٿئيٽر گهڻو ڪري سنڌي هندن جي هٿن ۾ هئا. هندن
لڏي وڃڻ ڪري ناٽڪ، ماندا، ٿئيٽر ۽ سئنيما گهرن جا
دار به بدلجي ويا جنهن ڪري سنڌي ڊرامي جي خاص طور
زوال ٿيڻ لڳو.
ها به هڪ حقيقت آهي ته ورهاڱي کان اڳ جيڪي ناٽڪ
۾ لکيا ويا اُن کي سنڌي ادب ۾ هڪ صنف جو اضافو ته
سگهجي ٿو جيڪو لکيت ۾ موجوده ته آهي پر اُن کي
Preforming جي حيثيت ڏيئي نٿي سگهجي. جيتوڻيڪ
را ناٽڪ اِسٽيج پڻ ٿيا، اُنهن ۾ مقصديت ۽ پيغام عناصر به
ر اُها سموري ڪاوش اميچوئر سطح تي هئي. اسين اِهو به
تا ته دنيا جي گهڻن ملڪن جرمني، ليٽن، فرانس،
ڪا، روس ۽ خود هندستان ۾ ٿئيٽر ذريعي وڏيون وڏيون
اب تحريڪون هلايون ويئون. ثقافتي، سماجي مالي انقلاب

کونہ ٿيندو'' جديد، تجرباتي، ڪامياب ناٽڪ آهن. وڪر
شهاڻيءَ جا ''منهنجا مور لاڏا'' (1995)، ''منهنجي سپنن
آڪاش'' (2003) ريڊيو ناٽڪ فن سان ڀرپور ناٽڪ آهن. ''جهڙ
نيت تهڙي مراد'' وتائي فقير جي ٽوٽڪن آڌارت ناٽڪ آهي
چيني لالواڻيءَ جا ''تنهنجا غم منهنجا آهن''، ''حادثو
(1996)، ''پينڪر پنجو'' (2003)، ''آخرين سنڌي''، ''شاد
تہ ڪر'' (2005) ''جهاد'' ناٽڪن جا صاف سٿرا معياري ڪتا
آهن. ''شادي تہ ڪر'' گجراتي ناٽڪ جو اُلٿو، ''پينڪر پنج
ايڊس جهڙي مهاياري بيماريءَ تي سائنس فڪشن ريڊيو ج
اٺ ڪڙيون آهن جنهن ۾ جنسياتي جي باري ۾ ۽ وئشياورت
سان ٿيندڙ بيماريءَ جو فنائتي ۽ سندر روپ سان چٽر چٽ
آهي.
ويڙهي رفيق جو ''پنيور ڪي باهہ'' ڪامياب ريڊيو ناٽڪ آه
سريش سنڌوءَ جو ''آتنڪواد'' دهشتگرديءَ تي لکيل سياسي
آهي. ''وطن جي لاءِ'' (2004)، حب الوطنيءَ ۽ ديش ڀڳت
جي جذبي سان ڀرپور آهن. پوپٽي هيراننداڻيءَ جو ''سن
نرتيہ ناٽڪائون'' ۽ ''ڀڳت'' سنڌيت جي خوشبوءِ، ڏڻن، سن
لوڪ گيتن سان ڀرپور آهن.
ٻال سنڌي ناٽڪن ۾ ''شريمان ڦيرو ڦرڪي'' ۽ ''م
گهوڙيداس'' طويل ناٽڪ گجراتيءَ تان اُلٿو، چينو لالوا
''دي گيم'' (سمپادن چينو لالواڻي)، سنڌي ويڊيو ٻال ف
''ممي اِئين ڇو''، ومي سدارنگاڻيءَ جا ٻال مونولاگہ آهن.
ناٽڪ ڪلا جي فن کي کٽي ''ناٽڪ هدايتڪاري ڪلا'' هر
ڪکواڻي، ''اداڪاريءَ جو فن'' ميگهراج گرناڻي، سنڌو
ناٽڪ (ڀڳت، سانگہ، ڪٺپتلي فن) چينو لالواڻي وغيره ڪ
جوڙيا آهن.
ڀارت ۾ جديد سنڌي ناٽڪ جي حالت، اُن جو چهرو نن
ريڊيو ناٽڪن سان وڌيڪ سٽيل آهي. ٽيليويزن ۽ فلم ناٽڪ

ڊرامائي جو لکيت ۾ اضافو ٿيو ۽ ريڊيو ڊرامي جي سنڌي ليکڪن
۾ به اضافو ٿيو.
سال 62-1961 ۾ يونيورسٽي ڊراميٽڪ سوسائٽي قائم ڪئي
وئي.
پاڪستان جو پهريون مڪمل شيڊوپلي (پاڇولو ناٽڪ) 31 مارچ
196 ۾ پيش ڪيو ويو جنهن ۾ شاهه جون ست سورميون شامل
ٿيون.
انڊس آرٽس اِنسٽيٽيوٽ حيدرآباد طرفان 6-5 نومبر 1962
”ست راتيون“ شاهه لطيف جي لوڪ داستان ”عمر-مارئي“
کي ڊرامائي روپ پيش ٿيو.
69-1968 ۾ سنڌ ٿئيٽر نالي ڊرامن جي واڌاري خاطر هڪ
تنظيم قائم ڪئي. هن گروپ حيدرآباد، جيڪب آباد ۽ ڪراچيءَ
۾ ڊراما اِسٽيج ڪيا.
قابل ذڪر ڊراما آهن : گونگي زال، ڪنجوس، انڪوائري
آفيسر (مرزا قليچ بيگ)، دودو چنيسر (آغا سليم)، دولهه درياخان
(آغا سليم).
1970 کان 1990 تائين عبدالحق ابڙو، ستار نوهائي، ايم.
ڪي. بلوچ، ايوب سرحدي، عيسيٰ يوسف وغيره اِسٽيج ۽ ڊرامي
جي روايتن کي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي.
1980 ۾ سنڌي ڊرامي جي صدي ملهائي ويئي. مهراڻ آرٽس
ڪائونسل حيدرآباد طرفان زميندار ي ظلم، بدنصيب ٽري، ٽي-
ٽي، اِنڪوائري آفيسر، تماشو ناٽڪ پيش ڪيا ويا. چنا شيرناز
ڪي ڊراما پبليڪيشن طرفان خود جا لکيل ناٽڪ شايع ڪيا جن
جا نالا آهن : سچا سيج پلنگ، دريا خان، ويئي رات وهامي،
... ديپ جلايا، درخواست، صدابادل ٽري ڪيسل ۽ نئون صبح.
جنوري-فيبروري 1978 ۾ مولانا غلام محمد گراميءَ جو مرتب
ڪيل ڪتاب ”تاريخي افسانا ۽ ڊراما“ شايع ٿيو. مرحوم مولانا
... ۽ جي هن ڪتاب ۾ سجاع، شوپا، پدمڻي، پڙتال، سڌارث

آيل آهن پر سنڌ ۾ اِن قسم جو ڪوبہ انقلاب ناٽڪ نہ آندو الب
سماج سڌارڪ جوءِ آزادي هلچل ۾ سجاڳيءَ جو ڪم ناٽڪ ذري
ضرور ڏنيو سو بہ هندن پنهنجي سماجي بُراين ۽ اوڻاين کي د
ڪرڻ لاءِ ڪيو. سنڌ ۾ ناٽڪ محض تفريح جو ذريعو هو.

1954 ۾ هڪ ڊراميٽڪ سوسائٽي ٺهي جنهن جو سيڪريٽر
غلام حيدر صديقي هو. اڳہ جيان اِسڪولن، ڪاليجن ج
ڊراميٽڪ سوسائٽين طرفان ناٽڪ ٿيندا رهيا. نور محمد
اِسڪول ۾ هڪ بهترين ڊراما هال آهي جيڪو اُن وقت مينار
هال سڏبو هو. ورهاڱي کانپوءِ سنڌي اِسٽيج ڊرامي جو وڏو مر
ٽريننگ ڪاليج فارمين رهيو. جيڪي بہ ڊراما ڪيا ويا اُ
گهڻو ڪري لوڪ داستانن جي ڊرامائي روپ هئا.

سال 1954 کان 1964 تائين محمد اسماعيل عرساڻي، مو
غلام محمد گرامي، محمد امين صديقي، رشيد احمد لاشار
بلاور پرديسي وغيره ٽريننگ ڪاليج ۾ ڊراما لکيا. عرساڻيءَ ش
لطيف جي لوڪ داستان ''ليلا چنيسر'' کي ڊرامائي روپ ڏ
پنهنجي ئي هدايتڪاريءَ ۾ اِسٽيج تي پيش ڪيو. محمد ا
صديقيءَ لوڪ داستان ''عمر-مارئي'' کي ڊرامائي روپ ڏ
پيش ڪيو. 1962 ۾ لوڪ داستان ''ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ''
پيشڪش ٿي.

سال 56-1955 ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان الوڊ ڪيمپس
اِنٽرڪاليجئيٽ ڊراما چٽاڀيٽي ٿي. هيءُ پهريون دفعو هو
ڪاليج جي ڊرامن ۾ مردن بدران عورتن جا ڪردار خود عو
ادا ڪيا. ڊراما اعليٰ درجي جي جاءِ فني لحاظ کان سائونڊ
58-1957 ۾ بہ اِنٽر ڪاليجئيٽ ڊراما چٽاڀيٽي حيدرآب
ٿي.

سنڌ ۾ سنڌيڊرامي کي 1950 ۾ ريڊيو پاڪستان ڪرا
تان هڪ ڪلاڪ روزانو پروگرام شروع ٿيڻ سان ڪجھ هٿي
هفتي ۾ اڌ ڪلاڪ ڊراما کي مليو، جنهن ڪري سنڌي ريڊ

ڊراما آرٽسٽ فورم پير ڳوٺ وغيره.

سال 96-1995 ۾ سنڌي ڊرامي کي پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو قومي سطح تي سرڪاري طور تسليم ڪيو. پاڪستان نئشنل ڪائونس آف دي آرٽس اُن سال قومي ڊراما فيسٽيول ملهايو هيو. اُردو،پنجابي ڊرامي سان گڏ سنڌي ڊرامو رشيد صابر جو لکيل ''گهوٽ اڻ موٽ'' پيش ڪيو ويو.

صداڪار، اداڪار، ناٽڪ نويس ۽ هدايتڪار رشيد صابر بہ اسٽيج ۽ ريڊيو ۽ ٽيليويزن لاءِ بيشمار ناٽڪ لکيا آهن غور طلب آهن : فلور نمبر ون، آڌي پڇا، گهوٽ گهمي گهر آيو، ناٽڪ سنڌي ميمڻي، ڪڏهن ڪرندو ڪوٽ، ولي داد ويل ۾، شادي يا بربادي، ڪٿي آيو خئر سان، گهوٽ اڻ موٽ.

برک ڪهاڻي نويس جناب شوڪت حسين شورو بہ سنڌي ڊرامي کي ڪافي اوُج تي رسايو آهي. هن ڊراما لکڻ جي شروعات هن جي ڪهاڻي ''ابر ۾ اُهاءُ ٽيو'' جو ناٽڪي روپانتر 1968 ۾ اِسٽيج تي پيش ڪيو ويو. شورو جو پهريون سنڌي ڊرامو ''خوشي ۽ غم'' ۽ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ تان سندس نشتر ٽيل اهم ناڪ آهن : هر بوءِ بهار جي، فيصلو وغيره. شوڪت جو پهريون ٽيليويزن ڊرامو ''احساس'' 1977 آهي. هن جا ٻيا ٽيلي ناٽڪ آهن سپوءِ عبير، اڌ مڙهيل سويٽر، ڌرتيءَ جا تارا، ملڪيت، باڪہ، ڏيڻ، ڪيتي (سيريل)، لڱن جا گهاوَ، گوري ۽ غلام وغيره. شوڪت جي جي ناٽڪن ۾ سنڌ جي سونهن، خوبين، خرابين کي موضوع بڻايو آهي. سندس ناٽڪ فني لحاظ کان بہ پختا آهن. ورهاڱي کان بہ سنڌ ۾ سنڌي ناٽڪ اوُسر حاصل ڪري رهيو آهي. □

وغيره ناٽڪ ڏنل آهن.
امر جليل برک ڪهاڻي نويس ريڊيو لاءِ ڊراما سان گڏ جڏه
ڪراچيءَ تان ٽي.وي شروع ٿي ته هن ٽيلويزن ڊراما به جوڙي
قمر شهباز ڪهاڻيڪار ناٽڪ نويس به بيشمار اِسٽيج، ريڊيو
ٽيلويزن لاءِ تمام گهڻا ڊراما لکيا، هوُ هڪ سنو هدايتڪار پڻ ه
سال 1980 کان 1996 تائين جن تنظيمن اِسٽيج ڊراما ک
زنده رکڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو اُنهن ۾ ذڪر لائق آهن :
ممتاز ڊرئميٽڪ ائسوسئيشن، ملير آرٽ سرڪل، سنڌي ناٽ
سوسائٽي، لياري اِسٽيج ڊراما اڪيڊمي، سنڌو سيپتا سوسائٽي
ناٽڪ منڊل ڪراچي، شاه آرٽ گروپ، نتو سنڌ ناٽڪ سوسائٽي
انڊس آرٽس اِنسٽيٽيوٽ، سنڌ ٿئيٽر، هالار ڊراما سوسائٽي
حيدرآباد اِسٽيج ڪائونسل، سنڌي وليج ٿئيٽر، مهراڻ ڊراميٽ
سوسائٽي، سنڌ اِسٽيج ڊراما ڪائونسل، جهوليلال ڊراميٽ
سوسائٽي، حيدرآباد ڊراميٽڪ اڪيڊمي حيدرآباد، تر ناٽ
ڪائونسل بدين، سنڌ اِسٽيج آرٽس ميرپور خاص، مهراڻ ٿئي
ويزن، پاڪستان ڊراميٽڪ سوسائٽي ميرپور، لاڙڪاڻو آرٽ
ڪائونسل، اِسٽيج آرٽ ڪائونسل لاڙڪاڻو، سرمست ڊراميٽ
سوسائٽي ڏهرڪي، شيخ سنڌي آرٽس ڪلب ميهڙ، اُستاد بخار
اڪيڊمي دادو، سنڌ اِسٽيج ڊراما ڪائونسل نوابشاه، را
پروڊڪشن ڊراما گروپ هنگورجا، سچل ڊراميٽڪ آرٽ سوسائ
گمبٽ، شيوا منڊلي راڻيپور، سنڌ ٻالڪ سنگت ڊراما آ
سوسائٽي خيرپور، ڊراما آرٽس فورم خيرپور، شاه لط
ڊراميٽڪ سوسائٽي گهوٽڪي، اجرڪ ڊراميٽڪ سوسائٽي س
سنڌي ڊراميٽڪ سوسائٽي قادرپور، سرمست ڊراميٽڪ سوسائ
ڏهرڪي، بخاري ڊراميٽڪ آرٽ سرڪل شڪارپور، مهراڻ ڊ
ميوزيڪل گروپ نل، سنگم آرٽس اڪيڊمي، اربان آر
اڪيڊمي جيڪب آباد، سچل ساهتيه سنگت ڪنڊڪوٽ، سا
آرٽ اڪيڊمي رتوديرو، ڪارونجهر آرٽس ڪائونسل مٺي، مي

1972 ۾ ”سوريءَ سڏ ڪيو“ ننڍن ناٽڪن جو ڳٽڪو ۽ 2004
”ڌرتيءَ جو سڏ“ ٽه-فصلو اصلوڪو ناٽڪ شايع ٿيل آهي.
”سوريءَ سڏ ڪيو“ سنڌ جي سپوتن صوبي گيانچنداڻي ۽
خ اياز کي ارپڻ ڪيل آهي جن ۾ اٺ ايڪانڪيون سانوري
نوار، عنواني ناٽڪ سوريءَ سڏ ڪيو، دعوت نامو، ٿڌي جنگ،
ڪيندڙ جو شان، حيف تنهين کي هوءِ...، هولي ۽ هيپي ۽
دستان ڇڏي وڃو شامل آهن.
هنن ننڍن ناٽڪن ۾ ٻه ريڊيو روپڪ، باقي ڇهه تختي جا
ڪ آهن جنهن ۾ وري هڪ عربي لوڪ ڪٿا آڌارت فئنٽسي،
سنڌيت جي جذبي سان ڀرپور، هڪ امر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ
وءَ جي سپوت جي شهادت، هڪ 1942 ۾ ديش پتا مهاتما-
ڌيءَ جي ڏنل آزاديءَ جي سڏ ۽ انگريزن کي ڪيل للڪار
نگريزو هندستان ڇڏي وڃو“ جي آڌارت اِنقلابي ۽ هڪ ڏٽن،
ڪارن، سنڌيت آڌارت ناٽڪ ۽ باقي ناٽڪ سماجڪ ٻرندڙ
لن تي جوڙيل پنگتي ناٽڪ آهن.
’سانوري ڪنوار“ سنڌين جي ٻرندڙ سماجڪ مسئلي ڏاڻ
ب-ليتي وشيه کي پاڻ سان ڪٺي هلي ٿو. ڪلاتمڪ ڍنگ سان
يه طرز تي پيش ڪيل ايڪانڪي آهي.
سوريءَ سڏ ڪيو“ هڪ شاهڪار، سياسي وشيه آڌارت امر
هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت کي ڪٺي ناٽيه رچنا ڪيل
جيڪا ٻن منظرن ۾ چٽيل آهي. پهرين ڇهڇتي ۾ هيمونءَ
ماءُ جي ممتا، هيمون جي ساٿين جي اِنقلابي گفتگو ۽
نءَ جي اٽوٽ حب الوطنيءَ جي عناصرن سان گڏ ديش
ڪنڌ ڪپائڻ جي اٽل اِرادي جي ٽڪراءَ ۽ ملڪي محبت
ماءُ جي ممتا آسيس روپ بڻجڻ جو هڪ پختو جذبو بڻجي
ي ڇهڇتي ۾ ملڪي بانڪا بهادر، دلير جوان سور-سختيون،
ڏيون سهندي ٻه ڀارت ماتا جي جئه جئڪار ڪندي مرڪي

ڪيرت ٻاٻاڻي جا ناٽڪ

ذات ذٽي، فلمڪار سدا حيات ڪيرت ٻاٻاڻي فنڪار
ڪهاڻيڪار، ناٽڪ نويس، مضمون نگار، نقاد، نثرنويس، ڏاهو
فيلسوف، سنڌيت جو شيدائي، شاعر، سنڌي ٻولي، سنڌي تحريڪ
۽ سنڌي لپي هلچل جو باني، سمپادڪ، جاتيءَ جي تمدني وجو
کي قائم رکندڙ شعور واري شخصيت جو مالڪ، شاهه لطيف جو
شيدائي، ادب ۽ ڪلا جو هڪ يگ پرش، ترجمي ڪار، هڪ
تواريخي گهڻ ڪندي شخصيت جو مالڪ رهيو جنهن پنهنج
سمورو جيون سنڌي ڀاشا ۽ سنڌيت جي ڀگيه هون ۾ سُها ڪري
ڇڏيو.

هن ذات ذٽيءَ سنڌي ادب جي جدا جدا صنفن تي قلم هلا
آهي جنهن مان پروڙ پوي ٿي ته شري ڪيرت ٻاٻاڻي ترقي
پسند به آهي ته ادب جو گهرو اڀياسو هوندي هن جي تنقيد جي
نظر، ڪوجناتمڪ نظريو اوڪه ڊوڪه جي لفظي موتين سان پريو پ
آهي.

منهنجي حصي ۾ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ناٽڪن تي سرسر
نظر وجهڻ جي جوابداري هموار ٿيل آهي.

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جا ناٽڪ :

ڪيرت ٻاٻاڻي هڪ ڪامياب ناٽڪ نويس پڻ آهي. هن منه
آڪاشواڻيءَ جا ناٽڪ قلم بند ڪيا آهن، جن مان گهڻا منچ ج
سونهن به وڌائي چڪا آهن. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جا ناٽڪ اسان ک
ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيڻ کان پهرين ”روپ ۽ ڪلا“ 1960 ۾
”ناچو“ 1964 ۾ نئين دنيا پبليڪيشن طرفان شايع ٿ
ايڪانڪي ناٽڪن جي مضمونن ۾ ملن ٿا.

''حيف تنين کي هوءِ'' چوٽي، ''حيف تنين کي هوءِ جن
طن وساريو آهي.'' آڌارت ناٽڪ آهي. سنڌيت جي جذبي سان
رپور پرچاري ناٽڪ آهي پر ڪردارنگاري ۽ چست گفتگوءَ سبب
اٽڪ دل کي ڇهندڙ ۽ اثردار آهي. ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌين
ي تڙي پکڙي وڃڻ سبب ماترڀاشا سنڌي ٻوليءَ کان دور رهڻ،
ڙهائي نظرانداز ڪرڻ، ٻارن کي ولايتي سڀيتا طرف مائل ڪندڙ
نگريزي ڀاشا ۾ پڙهائڻ، ٻوليءَ کان دور رکڻ جا چٽ چٽيل
ن. اهڙي سنڌين جي وهنوار تي ليڪ ڦٽ لعنت هڻندي،
رمائيندي تکي طنز ڪئي آهي. ناٽڪ جي پڇاڙ زوردار آهي،
هتو سنڌيءَ طرف خود بہ خود مائل ٿئي ٿو. ٻار جي سنڌي
ليءَ طرف جي محسوسات، دل کي ڇهندڙ آهي.
''هوليءَ ۽ هپي'' ۾ سنسڪارن جو ٽڪراءَ ڏيکاريل آهي. هولي
سي ۽ هپي ولايتي سنسڪار آهي. ناٽڪ نويس ٻنهي تي ڪڙي
ولي ڪئي آهي. هوليءَ تي اجايا خرچ ڪرڻ، بيهوديون
ڪتون، رنگ لڳائي جسم جي سونهن بگاڙڻ سان گڏ هپي واد
ڪٽي سڀيتا، سماج، روايتن کي ننديو آهي. نشو پتو ڪرڻ،
ر حياءَ جا ليڪا پار ڪرڻ وغيره تي ڪڙي نڪتہچيني ڪيل
ي.
''هندستان ڇڏي وڃو'' سياسي اِنقلابي ريڊيو ناٽڪ آهي.
يءَ جي لڙائيءَ جي جهلڪ پسايل آهي. ڪورٽ وارو نظارو
دڙ ۽ زوردار آهي. گفتگو دليلن سان ڀرپور، جذباتي ڍنگ جي
ي.
ڪتاب جو مهاڳ ٽي. ايچ. آڏواڻيءَ لکيو آهي. جنهن ۾
ڪ ناٽڪ تي هن رائزني پيش ڪندي آخر ۾ پنهنجو رايو
ڪيو آهي تہ،
ڪيرت وٽ ناٽڪ لکڻ جو هنر بهتر آهي. ڪهاڻيءَ کان بہ،
ٽيڪ سنڌس کي ڪهاڻيون عاليشان بہ آهن جيئن هن جي

مرڪي ڦاسيءَ جو ڦندو ڳلي لڳائي شهادت قبول ڪن جا فنائ
منظر جوڙيل آهن. ناٽڪ جي رٿا، ڪردارنگاري، اثردار مضبو
پختي دلسوز گفتگو سان ڀرپور ايڪانڪي آهي جيڪا پڙهڻ
ڏسڻ سان جذبات، جوش ۽ سوز سان ڀريل احساس جاڳائي ٿي
هيءَ ايڪانڪي ڀارت ۾ جي جدا جدا ناٽڪ منڊلين طرفا
ڪاميابيءَ سان پيش ٿيندي پئي رهي آهي ۽ چٽاڀيٽين ۾ انيڪ
اِنعام حاصل ڪيا آهن.

”دعوت نامو“ شاهوڪاري سماج جي ڪوڪلائيپ، ادمبر، فضو
خرچي ۽ سرمايداري تي ڪراڙي طنز ڪندڙ ناٽڪ آهي. هڪ
طرف نوجوان نوڪر پيسي جي اڻاٺ سبب پنهنجي جيون حسرت
کي پورو نٿو ڪري سگهي. شادي ڪري گرهست جيون جوڙڻ
اسمرٿ-لاچار آهي. ٻئي طرف سندس سيٺ پُٽ جي رانديڪ
گڏي-گڏيءَ جي شادي جيڪا اڪثر ننڍپڻ ۾ بيحد سادي نمون
خوشي ماڻڻ لاءِ رچائي ويندي آهي لاءِ هزارين رپيا ڏُق ڪري
سماج ۾ ٻاٽ اوچتو ڪرڻ لاءِ ڪرائي وڃي ٿي. زندگيءَ جا
پهلو اُجاڳرت ڪيل آهن. نفي ۽ شفي ڪردارن جي سوچ شڪ
اِظهاريل آهي. ”ٽڏي جنگ“ سس-ننهن جي جهڳڙي تي آڌار
هڪ طنزي ناٽڪ آهي. سس ۽ ننهن کي ڌيءُ ۽ ماءُ تي رهڻ
رشتو نڀائڻ جو سنديش ڏنل آهي.

”اُپائيندڙ جو شان“ ديومالائي ڪٿا آڌارت فئنٽسي ناٽ
آهي جنهن ۾ يم دوت دوست، جانور ۽ اِنسان ڪردار آهن. اِنس
جيڪو جنگ باز، دهشتگرد، وحشي، خونخوار بڻجي چڪو آه
مؤثمار هٿيار خلقيا آهن. جنگ ۽ فسادن ۾ پاڳل پڻي وا
ذهنيت سان ڌرتيءَ کي سينگارڻ بدران پنهنجي هستيءَ، و
جو اِظهار ٿو ڪري. اِن لاءِ ليڪ ڄاڻائي ٿو ته نالائق ۽ غيروشو
اِنسان کي سڌارڻ جا سڀ حيلا وسيلا بيڪار ثابت ٿين ٿا. اُپائي
جو شان ئي بلند آهي.

يومي پٽ ”ڪمل“ جو دوست رميش شؤنقين سنڌورقي آهي
ن جو زنده دل نوڪر آهي چنچل. چنچل سياءَ ناري آهي ڪوينا،
زاد خيالي ۽ گنڀير اِستري آهي شاردا. نرمل من مؤجي شاعر
هي تہ وري بودارام شڪي، بلئڪ ميلر، ڏنگو اخبارنويس. ناٽڪ
چولي طبقي جي گهر واري سيٽ ۾ شروع ٿئي ٿو.
شاردا جي خواهش آهي تہ سنڌ هنڌ ۾ سنڌ ٻڻائين ۽ ڪڇ کي
نهنجي زمين هوم لئنڊ ٻڻائي اُتي روزگار جا وسيلا ميسر ڪن.
ارخانا لڳائين، روزي روٽي ميسر ڪن.
نوڳي جڙتو اخبارنويس ’بودارام‘ جو خيال آهي تہ هند ۽
نڌ جي هر ڳالهہ کي وساري هند ۾ ٻين جاتين ۾ جذب ٿي
ڻ گهرجي. هوُ جيڪي ڪڇ کي اڏڻ چاهين ٿا اُنهن خلاف
ليس ۾ پاڪستان جي مدد سان، ڪڇ علائقي ۾ بغاوت جي باهہ
ڪائڻ جي درخواست تو ڪري. يومي پٽ ڪمل ڪڇ دؤري
دؤران ڪڇ ۾ هن کي هرهنڌ سنڌو-سنڌيت نظر اچي ٿي
ن سان هوُ نينهن جو ناتو جوڙڻ تو چاهي. اينري قدر جو
نجي ڌرم پتني ڪوتا کي بہ ڇڏڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو.
گنڀير سياسي مسئلي کي ڪٽي ناٽڪ گفتگو، واقعن، تضادن،
ر سان اڳتي وڪہ وڌائي اؤسر پائي تو ۽ ڪمل ڪوينا جي دل
اُجڙڪندو، ڪڇ بيابان کي سرسبز ٻڻائڻ لاءِ ڪوتا کي
اڪو ڇڏي هليو وڃي ٿو.
شاردا جيڪا بردبار آهي ڪمل جي هم خيالي آهي اُها
کي چوي ٿي، ڪوينا تنهنجو چنيسر توکان رسي وڃي
آهي، پر جي سچيءَ دل سان پڇتاءُ ڪنديءَ تہ پڪ ئي
وُ پرچي پونديءَ. پوءِ تنهنجي جيون جي نئين پريات ٿيندي.
حل تون بہ اسان سان گڏجي هل هڪ نئين ڌرتيءَ جي سيني
ي نئين جيون جا پوٽا لڳايون. نئين جيون جي هڪ نئين
قتي پوندي... اچ... اچ... اُت تہ گڏجي ڳايون، سنڌيت

هڪ ڪهاڻي ”محمد رام“ انگريزي ڪتاب ۾ ڇپي آهي. پر
هن مجموعي ۾ ناٽڪ تمام سٺي درجي جا آهن، اُنهن کي وديشي
ناٽڪن سان ٻيهاري سگهجي ٿو.“

(حوالو : ڪتاب جو مهاڳ، ص-8، سوريءَ سڏ ڪيو 1972)

ڪيرت جا ننڍا ناٽڪ وشيہ، ڪردارنگاري، گفتگو سياويڪ،
جدا جدا ويس‌ڌاري، طنز ۽ مذاق ۽ فني تؤتن سان ڀرپور آهن.
طرز بياني ڪلاتمڪ ۽ رچناتمڪ آهي.

”ڌرتيءَ جو سڏ“ ڪيرت جو اصلوڪو ٽہ-فصلو ناٽڪ آهي
جيڪو ٽن ڇهڇٽن ۾ ورهايل آهي. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ خود هن
ڪتاب ۾ لکيل ”پيش لفظ“ ۾ ڄاڻائي ٿو تہ ”هيءُ ناٽڪ هڪ
حقيقي جذبي ۽ نوس ويچار جي بنياد تي ٻڌو ويو آهي. ڀارت
ڀوميءَ تي اهڙي ڪهڙي ڀونءِ هئي جيڪا سنڌي ڄاتيءَ کي
پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري پنهنجي هجڻ جو احساس ڏياري؟ ڪڇ
ئي اَهڙو علائقو هئو جنهن سان سنڌين جا قديمي رشتا هئا.
تواريخي، جاگرافي، تمدني، ٻولي توڙي منووگيان جي لحاظ
کان ڪڇ ۽ سنڌ هم شريڪ رهيا آهن. ڪڇ کي ڪٽي سنڌين کي
هوم لئنڊ ٻڌائڻ جي مقصد کان سنڌي ڄاتيءَ جي برڪ
ساهتڪارن، ودوانن ۽ ٻڌيمانن اِهو خواب سرجڻ لاءِ هڪ ڄاچ
ڪاميٽيءَ جن ۾ خود ڪيرت بہ شامل هو، ڪڇ جو دؤرو ڪيو هڪ
تفصيلي ۽ تحقيقاتي رپورٽ تيار ڪئي. اُن سمي اهڙي آدرش
کان مان ڏاڍو متاثر ٿيس ۽ هيءُ ناٽڪ لکڻ جو ساهس ڪيم.“

ڄاچ ڪاميٽيءَ ڪڇ ۾ نيئن سنڌ اڏڻ لاءِ جيڪا رپورٽ تيار
ڪئي هئي اُن ۾ جن ويچارن، ڳالهين، سوچ، سجهاوَن، دليلن
جو ذڪر ڪيل هو ۽ حقيقتون ڄاڻايل هيون اُهي سڀ تتوَ هن
ناٽڪ ۾ نمايان آهن. ناٽڪ ۾ جملي نوَ ڪردار آهن جن جي
سامهون هنن جي عمر، صفتون ۽ وهنوار ۽ سوچ جو ذڪر بہ ڪيل
آهي.

تراوت ڏني. ناٽڪ جي ٻولها ۾ منجهيل من کي، روشنيءَ جو
نجليدار ترورو نظر آيو. ٻين ريڊنگ ۾ ناٽڪ جي رٿا، ڪاميڊي،
سچيوئيشن، ڪردارنگاري، ڪلائيميڪس وغيره جا گراف بلڪل
ساف چِٽا ٿي نظر آيا. دادا ڪيرت جا هن کان اڳ ڪيترائي
يڪانڪي، ريڊيو روپڪ، ٽيلي پلي مون ڪيا ۽ ڏٺا آهن پر هن
اٽڪ جو ڪرشمو ڪجهه ٻيو آهي. پنهنجو پاڻ ۾ گهٽو ڪجهه
ئي وڃي ٿو.'' ناٽڪ سنڌيت جي جذبي کي ڪٽي هلندڙ بامقصد
ھي. □

جي جذبي سان ڀريل قومي ترانو.''
پڙدو ڪري ٿو ۽ ناٽڪ هن ڊائلاگ ذريعي ناٽڪ نويس جي
مقصد، ناٽڪ جي ڪٿا، رٿا ۽ ناٽڪ لکڻ جي خوبصورتيءَ طرف
اشارا ڪري ٿو.
''هند ۾ هڪ سنڌ'' ناهڻ جي ڪلپنا کي ساڪار بڻائڻ لاءِ
ناٽڪ نہ صرف اِشارا ڪري ٿو. پر سنڌي جيڪي جلاوطن ۽ ڌرتيءَ
ڌڪاڻا آهن اُنهن کي ڌرتيءَ ٽڪر هٿ ڪرڻ لاءِ صادق جذبو بہ
بخشي ٿو.
هيءُ ناٽڪ برک هدايتڪار ايس. پي. مينگهاڻيءَ جي
هدايتڪاريءَ ۾ منچ تيٽو هو پر الائي ڇو نہ ٿي سگهيو.
ناٽڪ ۾ ڪريائون پڙهندي گهٽ اُڀرن ٿيون. ناٽڪ نويس
کيرت ڏنگين ۾ هدايتون تہ ڏنيون آهن پر ڊائلاگ وڏا هجڻ
ڪري ناٽڪ جي پڪڙ کي ڍلو ڪن ٿا. سوچڻ لاءِ پل آماده ڪن
ٿا. پر احساس ۽ ڀاون کي گهٽ اِظهارين ٿا. سنڌ جي ساروڻي
چنچل نوڪر جي مُکہ مان اُڀاري ويئي آهي. ناٽڪ ۾ بہ تڪيہ
ڪلام ''ڀڳوان قسم'' ۽ ''يعني ڇٽبو ٻُڏءِ'' غيرضروري لڳن ٿا
ٻڌڻ سان ڪو اثر نٿا ڇڏين. ڀاشا ۾ رواني آهي. شڌ نج ڀاشا جو
واهپو ڪيل آهي. اصطلاح، ڀهاڪا، لوڪ ٻوليءَ جو اِستعمال
ڪيو ويو آهي پر پڊن، هڏي، ڪڳيون، ڀنيرڪو، قسمزده، ريهو
ڪالدار، ڏکوگشت، تعمل، ٻالهو، توبري وغيره جهڙا ڪجهہ ڏکيا
لفظ جيڪي روزاني وهنوار مان گم ٿي ويا آهن اُهي شڌ نج لفظ
سانڍي رکڻ جي پل هڪ سٺي ڪوشش آهي پر عوام کي ناٽڪ
سان جڙڻ ۽ ماڻڻ ۽ سمجهڻ ۾ البت رڪاوٽ پئدا ڪندڙ آهن
هن ناٽڪ کي مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ پاران 1981 جو اِنعام
عطا ٿيل آهي.
بقؤل شري ايس. پي. مينگهاڻي :
''ڌرتيءَ جو سڏ'' جي پهرين ريڊنگہ مونکي هڪ عجيب

روپ آهي. جنهن ۾ اِسڪرپٽ لکيل روپ ۾ نه پر اورل روپ ۾ ته
وندي ٿئي آهي بعد ۾ اُها لکي ويندي آهي. پر هڪ ڳالهه
لڪل صاف ۽ چٽي آهي ته جيڪو ناٽڪ تختي تي پيش نٿو
ٿئي اُهو ناٽڪ سڏي نٿو سگهجي.

اڄ ديش کي آزاد ٿئي ستر سال ٿيا آهن. 15 آگسٽ 1947
ي اسان جي ديش جو ورهاڱو ٿيو. حقيقت ۾ اِهو ڏينهن اسان
سنڌين لاءِ غم، ڏکن وارو ڏينهن هو. اِن ڏينهن کي سنڌين جي
تهاس ۾ هڪ وڏي ۾ وڏو حادثو سڏي سگهجي ٿو. اِن ڏينهن
سان کي پنهنجي پياري سونهاري جنم ڀومي سنڌ ڇڏي، بي گهر
ي، ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اچي بي اجهي، بيروزگاريءَ جي
الت ۾ وسڻو پيو ۽ پاڻ کي اڏڻ لاءِ اتڪ محنت ڪرڻي پيئي.
سان سنڌي ڀارت ۾ نرواسي ٿي آياسين ۽ اڄ اسين پرشارٿي ۽
مارٿي سڏجون ٿا. اڄو ته هڪوار اِنهن ستر سالن تي نظر ورايون
اسان ڇا وڃايو آهي ۽ ڇا حاصل ڪيو؟

هن عرصي ۾ اسان سنڌين چوڏسي وڪاس حاصل ڪيو آهي.
ڻ کي آرٿڪ طور مضبوط بڻايو آهي ۽ محل-ماڙيون، ڪارون
يون آهن. اسان ناڻو، نالو،ناموس ته حاصل ڪئي آهي پر
ي، ڪلا، ساهتيه اسان کان آهستي واريءَ جيان
ڪندو پيو وڃي ۽ چوڏاري ڪاري ٻات ڇانئجندي پيئي وڃي.
ن کي نراشاوادي ماحول ۾ به پنهنجين يادگيرين، مشغولين،
صلاتن، ڪارگذارين کي سميٽڻ، قلبند ڪرڻ جي وقت به وقت
ڪوشش ڪئي آهي. اڄ اسين گجرات ۾ سنڌي ناٽڪ جو
زو وٺڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

سان آزاديءَ بعد سنڌ-هند ۾ سنڌي ناٽڪن ۽ رنگه منچ جا
سال 1980 ۽ 1994 ۾ ملهائي چڪا آهيون. اسان جو گجرات
سنڌي رنگه منچ ڪٿي بيٺو آهي اُن کي سمجهڻ لاءِ اسين
بيت خاطر سال 1947 کان 1997 تائين جي عرصي کي ٽن

گجرات جو سنڌي رنگ منچ اؤسر
جائزو ۽ اُپاءُ

ساهتيہ جي صنفن ۾ ڪوتا، ڪهاڻي، مضمون، ناول وغيره پڙهڻ ۽ ٻڌائڻ جي ڪلا آهن پر ناٽڪ ڪري ڏيکارڻ جي ڪلا آهي. ناٽڪ ڪارن کي جيڪي ڪجهہ چوڻو هوندو آهي اُهو سڀ پاترن جي ڪريائن ۽ گفتگوءَ دوارا ئي اُن جو اِظهار ڪيو ويندو آهي. جيئن تہ اداڪار توهان - اسان جهڙا عام اِنسان ئي هوندا آهن اِنڪري تختي تي اِنسانن دوارا جيڪي ڪريائون ممڪن هونديون آهن اُنهن جو ئي سهارو وٺڻو پوندو آهي. اِن لاءِ ناٽڪ لکڻ ذرا مشڪل لڳندو آهي.

ناٽڪ واقعن، مسئلن، حادثن، ڪارنامن، ڪردارن ۽ نظارن جو گڏيل داستان آهي. ناٽڪ کي شرويہ-درشيہ ڪاويہ يعني ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي ڪلا سڏيو ويو آهي. جيئن تہ ناٽڪ ڪري ڏيکارڻ کيڏڻ جي ڪلا آهي اِن ڪري لکيل ناٽڪ جيستائين تختي آڪاشواڻي، دوردرشن تان پيش نہ ٿيو آهي تيستائين اُهو اِسڪرپٽ (لکيل روپ) آهي پر منچ، آڪاشواڻي ۽ دوردرشن تان پرسارت ٿيڻ بعد اُهو صحيح معنيٰ ۾ ناٽڪ بڻجي ٿو. اِن حالت ۾ هڪ سوال اِهو بہ پيدا ٿئي ٿو تہ پهرين ناٽڪ ڪين رنگ منچ ڇاڪاڻ تہ ڪي ناٽڪ پهرين کيڏيا ويا آهن ۽ بعد ۾ اُهي قلمبند ڪيا ويا آهن. وري ڪي ناٽڪ لکيل ضرور آهن ۽ اُهي تختي تي پيش نہ ڪيا ويا آهن. هڪ حقيقت اِها بہ آهي تہ ناٽڪ رنگ منچ ٻئي جدا-جدا چيزون نہ آهن. ٻئي هڪ ٻئي سا جڙيل آهن سڪي جا ٻہ پاسا آهن. اگر پهرين ناٽڪ کيڏيو و آهي تہ اُهو اُن جو امپرووائيزيشن (ترت ڪري ڏيکارڻ) منچ

ريمي پتنگ وغيره. هنن ناٽڪ ۾ سيٽ ۾ رنگ برنگي پڙدن جو
پيوگ ڪيو ويندو هو.
جيئن ته منڊ کان وٺي هنن جي ناٽڪ پيش ڪرڻ جي طرز
ڪ ئي قسم جي رهي تنهن ڪري منڊل جي ڪن ڪلاڪارن اُن
رمپرا کي بدلڻ چاهيو ۽ 1965 ۾ جئه ڀواني ڪلاڪار منڊل جي
ستاپنا ڪئي ۽ اڳتي هلي اُن مان هڪ ٻي شاخ سنيم ڪلا مندر
ي نالي ڦٽي. جنهن جو روح روان هو شري ٽوپومل، شري چٽنلال
شري لڇمڻ جسوجا. گروپن جا نالا بدليا پر ناٽڪ ساڳيا ئي هئا
ر نون ڪلاڪارن کي نئين ٽيڪنڪ سان اُنهن کي سنوارڻ ۽
جائڻ شروع ڪيو ۽ ڪي نوان ناٽڪ به اُنهن ۾ جوڙيا ويا جن ۾
رباني، ڪاڪو ڪنجوس، ناريءَ جي پُڪار، سمپورڻ رامائڻ،
ير غريب، اسان جو بابو وغيره ناٽڪ هئا. هنن گروپن سنڌيءَ
ن گڏ هندي ناٽڪ به شروع ڪيا پر اُهي فلمي طرز تي هئا ۽
هن ۾ فلمي گانن جي ڀرمار هئي. سنڌي ناٽڪن ۾ به هوُ هندي
مي گيت ۽ نرتيه پيش ڪندا هئا. جيئن ته هيءُ ناٽڪ ڪلئي
دان تي پيش ٿيندا هئا اِن ڪري شروعاتي دؤر ۾ درشڪن
هيٺ ڪڏ ۾ وهاريندا هئا ۽ پاڻ سرن جي نهيل منچ تي ناٽڪ
ش ڪندا هئا بعد ۾ صندلن، ميزن جو منچ ٻڌڻ شروع ڪيائون.
ناٽڪن ۾ پاڻ گيت ڳائيندا به هئا ته رڪارڊ به وڄائيندا
. بئڪ گرائونڊ ميوزڪ اڪثر لائيوَ هوندو هو. منچ تي برسات،
، چتا، طوفان وغيره جا درشيه پڻ ڪلاتمڪ ڍنگ سان پيدا
دا هئا. اِسڪرپٽ لکيل روپ ۾ ڪونه هوندي هئي. ڪهاڻيءَ
آذار تي درشيه کڙا ڪيا ويندا هئا. اِستري پاتر اڪثر پرش
ڪندا هئا پر نرتيه غير سنڌي ڇوڪرين کان پيش ڪرايا
دا هئا. وقتي اُنهن کان اِستري پاتر به ڪرائيندا هئا.
-سنگيت پيش ڪندڙ ڪلاڪار هئا ٿڌل پياسي، راجيش
واج، هري مستانا وغيره. بئڪ گرائونڊ ميوزڪ ۾ اڪثر ڍولڪ،

دؤرن ۾ ورهائي سگهون ٿا. گجرات ۾ اڄ ۾ 17 هاڻي 25 ضلع
آهن. گجرات، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، سورت، سؤراشٽر ريجن سڏبا
آهن.

1. شروعاتي دؤر 2. وچون دؤر 3. جديد دؤر.

شروعاتي دؤر يعني 1947 کان وٺي 1961 تائين جو دؤر.

هن دؤر ۾ اسان سنڌين پنهنجي سنڌ ڇڏي ڀارت جي جيئن
جدا-جدا حصن، ڪئمپن، تنبن ۾ رهڻ آياسين تيئن گجرات
۾ بہ سنڌي احمدآباد، بڙودا، راجڪوٽ، جهوناڳڙه، نڙياد، سورت،
ڄامنگر، گانڌيڌام، آديپور وغيره ۾ اچي رهيا. سڀ کان اول
روزي-روٽيءَ جو مسئلو سامهون هو پر ڪافي ڪٺنايون، مشڪلاتون
هوندي بہ دل ۾ سنڌيت جو جذبو ۽ سنڌ جي ساروڻي تہ سنڌين
جي دلين ۾ هئي ئي. ڀل اسان هن عرصي ۾ پاڻ کي ورسائڻ ۾
مشغول هئاسين پر اسان جا جيڪي ڏڻ هئا اُهي تنبن، ڪئمپن
۾ رهندي بہ ملهايا پئي ويا. جيڪي سنڌي احمدآباد، بانٽوا،
جهوناڳڙه، سورٺ ونٿلي ۽ ٻين علائقن ۾ رهيل هئا اُهي هوليءَ
جي ڏينهن ۾ جدا جدا هنڌن تي ”سانگ“ ڪندا ئي هئا
”سانگ“ ئي ورهاڱي کانپوءِ اسان سنڌين جا لوڪ ناٽڪ هئا
جيڪي جتي ڪٿي ڪيڏيا ويا. خاص ڪري مٿي ذڪر ڪيل شهرن
۾. جيئن جيئن اسين بستين ۾ ٿانئيڪا ٿيندا وياسين تيئن
تيئن اسان جي سنڌي سنگيت، ڀڳت، ناٽڪ وغيره جون پرمپرائون
پڻ پنهنجي رنگ ۾ رنگت ڄمائڻ لڳيون.

هن ئي دؤر ۾ سال 51-1950 ڌاري گربي منڊل ڌارمڪ ناٽڪ
ڪيڏڻ شروع ڪيا گڏوگڏ تاريخي ۽ نيم تاريخي ناٽڪ بہ اُنهن ۾
شامل هئا. هنن ناٽڪن سان گڏ ڪلائيندڙ ڇهڇٽا ۽ نقل بہ شامل
هوندا هئا جيڪي نوراتريءَ جي ڏينهن ۾ کليل ميدان تي ڪيڏيا
ويندا هئا. هن گروپ جو رهنما شري مرچومل هئا هنن جا مشهور
ناٽڪ هئا روپ بسنت، راجا ڀرٿري، راجا هرشچندر، لئلا مجنون

ڏنا آهن ۽ اڄ ڏينهن تائين ڊرامڪ ۽ نيم تاريخي ناٽڪن جي
پرمپرا کي زنده رکي ويٺا آهن. هن ٽئي دؤر ۾ سنڌي اسڪولن
جي ساليانن جلسن ۾ ايڪانڪي ناٽڪ پڻ ٿيڻ لڳا. مهاتما گانڌي
تاءِ اِسڪول ۾ ٽئي ”وديارٿي منڊل“ شري منوهر نهالاڻي 1957
۾، ”وڃيه اِسٽوڊنٽ منڊل“ 1958 ۾ ۽ ”سنڌو ٻال ڪلاڪار منڊل“
شري ڪشور نانڪاڻي ۽ ڄيني لالواڻيءَ برپا ڪيا. پهرين ٻن
گروپن هنديءَ ۾ فلمي طرز تي ناٽڪ پيش ڪيا جن ۾ مکيه هئا
”نيا سنسار“ ۽ ”مسٽر زيد“. منڊل جا روح روان هئا سرو شري
رام موهناڻي، دوارڪو ياڻيا، هدايتڪار منوهر نهالاڻي. ٻئي
گروپ وري هنديءَ ۾ ٽئي ”لين دين“ ۽ ”شهيد“ ناٽڪ پيش
ڪيا جن جو هدايتڪار هو شري ارجن ڀمڀاڻي. ٽئين گروپ
سنڌيءَ ۾ ٽئي ايڪانڪي ناٽڪ پيش ڪيا. ڪلاس رومن ۾ چادرون
ٻڌي ناٽڪ پيش ڪيا ته اِسڪولي منچ تي به کيڏيا. هنن جا
مکيه ناٽڪ هئا اِنسپيڪٽر، قيدي نمبر 312، پرو ۽ سڪندر،
ڪرانتيڪاري، مٺو وغيره. هن گروپ جا رهبر هئا اڏياپڪ شري
ڄر ڀاڳچنداڻي ۽ مامو ڏيپچند. هيءُ گروپ هوليءَ جي موقعي
تي جدا-جدا هنڌن تي ”سانگ“ پڻ پيش ڪندا هئا. اِسڪولن
جن گروپن جيتوڻيڪ هنديءَ ۾ ناٽڪ پيش ڪرڻ جي شروعات
ڪئي هئي پر هنن ناٽڪن اِسڪولي شاگردن ۽ عوام ۾ ناٽڪن
لاءِ چاهه پيدا ڪيو. اِن ريت احمدآباد ۾ گربي منڊل ۽ اِسڪولي
وديارٿي گروپن احمدآباد ۾ ناٽڪن جي پرمپرا کي شروع ڪيو
۽ سنڌي رنگ منچ جو اوائلي بنياد وڌو.

چوٿون دؤر 1962 کان 1982 تائين. هن دؤر کي اسين گجرات
جي رنگ منچ-ناٽڪ جو سونهري دؤر سڏي سگهون ٿا ڇاڪاڻ ته
هن دؤر ۾ نه صرف احمدآباد پر بڙودا، نڙياد، راجڪوٽ،
گانڌيڌام وغيره شهرن ۾ باقاعدي ناٽڪن جون منڊليون برپا
ٿيون ۽ نيمائتا ناٽڪ ڪرڻ شروع ڪيا.

طبلو، هارمونيم جو اُپيوگ ڪيو ويندو هو. شري آسن وسياڻي،
ٽوپومل وغيره هنن ناٽڪن جا لوڪپريہ ڪلاڪار رهيا.
احمدآباد جي سنڌي رنگہ منچ جا اِهي شروعاتي اهم ناٽڪ ۽
ڪوششون هيون جن اڳتي هلي سنڌي ناٽڪ رنگہ منچ کي پنهنجي
پايي تي بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سنڌين ۾ ناٽڪن لاءِ چاه
پيدا ڪيو. جيئن تہ احمدآباد ۾ ئي سنڌي بستين ۾ وڏ ۾ وڏ
سنڌي رهندڙ آهن اِنڪري سانگہ ۽ ڏرمي ناٽڪن جو زور اسان
کي هن شهر ۾ وڌيڪ نظر اچي ٿو. جتہ يواني ڪلاڪار منڊل اجا
تائين سرگرم آهي ۽ پنهنجي پرمپرا کي قائم رکيو ويٺو آهي.
سانگہ اڄڪلهہ نظر نٿا اچن. باقي سؤراشٽر ۾ خاص ڪري بانٽوا،
جهوناڳڙه، سورٺ ونٿليءَ وغيره ۾ سانگہ جي پرمپرا اڃا قائم
آهي. البت اُن جو زور روپ گهٽجندڙ ۽ بدلجندڙ آهي.
هن دؤر جي هڪ ڳالهہ خاص ڌيان طلب آهي تہ هنن وٽ
رنگين پڙدن سان گڏ پوشاڪ، ساز-سامان، لائيٽ، ميڪ اَپ،
سائونڊ وغيره جا ساڌن پنهنجا ئي هئا.ڌارمڪ ناٽڪن سان گڏ
هنن سماجڪ ناٽڪ بہ ڪيڏيا.
ڊاڪٽر پريم پرڪاش گربي منڊل جي بنيادي ۽ اهم ڪوشش
کي ''ناٽڪي فن جي خيال کان خير ڪا تقاضا پوريون ڪندڙ''
سڏي اُنهن کي نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ج
پنهنجو پاڻ ۾ ڏکوئيندڙ ڳالهہ آهي. هڪ حقيقت اِها بہ آهي ت
هنن ڌارمڪ ۽ تواريخي ناٽڪن جي فني تقاضائن جي پين
مڪمل طور اؤسر حاصل ڪيل جديد رنگہ منچ جي تڪنيڪي
پهلن سان ۽ ڪامرشيل توڙي نيم ڪامرشيل ناٽڪن سان نٿ
ڪري سگهجي. هيءُ اوائلي دؤر جا ناٽڪ آهن ۽ اُن دؤر ج
رنگہ منچ جي نمائندگي ڪندڙ آهن. هنن ناٽڪن نہ صرف هن
درشڪن جو طبقو جوڙيو آهي پر سنڌين ۾ ناٽڪن لاءِ چاه
جاڳرتا پيدا ڪئي آهي. هنن ڪافي سٺا ڪلاڪار رنگہ منچ ک

1963 ۾ سنڌي ساهتيہ ڪلا نڪيتن جو بنياد پيو. هن سنستا
هتيہ سان گڏ ڪلا جون مشغوليون پڻ ڪيون. ڪيرت
رچنداڻيءَ جي سرپرستيءَ ۾ جهڙي ڪي مليو تهڙو، رام جو
ديش، هولي آئي ڙي، شبري وغيره ايڪانڪي ناٽڪ ۽ ريڊيو
ڪ پيش ڪيا. هن سنستا مذاقي ناٽڪن کان وڌيڪ ڪلاتمڪ،
اجڪ گنڀير ناٽڪن کي تختي تي پيش ڪرڻ کي اڳرائي
ي. وڏو ناٽڪ ”ڪوئي ٻہ نہ ٻچندو“ اُلٽو چينو لالواڻي ۽
يچند ڪيسواڻيءَ آغا سليم جي ايڪانڪي ”گُل چنو گرنار
“، ”هڪ شهيد جي موٽ تي“، ”ڪاڪو ٻهلاڻيءَ وارو“ ۽
اسي طنزي ناٽڪ ”هڪ ٻيو دروٽاچاريہ“ روالونگ اِسٽيج تي
ش ڪيو.
ڪيرت مهرچنداڻيءَ جي ئي ڪوشش سان 1969 ۾ واڙيچ ۾
ڏو ڪلا سرڪل برپا ٿي جنهن جي زير سايع ڏني تنهنجي
ئي، پولو پوپو، ڏينهن جا سپنا، ڪاڪو ٻهلاڻيءَ وارو وغيره
ڪ منچ تي کيڏيا ويا.
دا :
1962 ۾ شري ڪيرت مهرچنداڻيءَ ناٽڪ پيش ڪرڻ شروع
ا. جن ۾ مکيہ ڏني تنهنجي بمبئي، نيلام، ڏينهن جا سپنا،
يچ ٻيورو وغيره.
196 ۾ شري ليکراج پرياڻي، ڪيرت مهرچنداڻي ۽ هري
ريجا گڏجي ”سنڌو ناٽيہ ڪيندر“ جي اِستاپنا ڪئي.هن
پ ڪوئي اڇٽو آهي، مڪاني خال آ، سوريءَ سڏ ڪيو، ڪفن،
ني رات وغيره ايڪانڪيون منچ تي آنديون.
ن ئي عرصي ۾ ڊاڪٽر لکميچند پريم ”سنڌو ڪلاڪار
“ برپا ڪيو.ايڪانڪين سان گڏ نرتيہ ٻئلي پڻ پيش ڪيا.
197 ۾ شري آنند ٺهلراماڻيءَ ”سنڌو ناٽيہ ڪلا ڪيندر“
اِستاپنا ڪئي. هن سنستا نون ڪلاڪارن کي منچ تي آڻڻ

احمدآباد ۾ شري ارجن پمپاڻي، ويڙهو رفيق ۽ شري گورڌن
تنواڻيءَ گڏجي 1962 ۾ سنڌو ڪلاڪار منڊل جي اِستاپنا ڪئي.
هنن پهريون ناٽڪ شري گوبند مالهيءَ جو لکيل ناٽڪ ''ڏيهي-
پرڏيهي ٿيا'' منچ تي آندو. اِن ناٽڪ جي ڪاميابيءَ ڪلاڪارن
۾ نئون جوش، اُمنگ جاڳايو ۽ هوُ هڪ بئي پٺيان ايڪانڪي
ناٽڪ ڪندا رهيا. نہ صرف احمدآباد ۾ پر جدا-جدا شهرن ۾
وڃي هنن ناٽڪ ڪيا. هنن جون پيش ڪيل مکيہ ايڪانڪيون
آهن مڪان خالي آ، سماج شيوڪ، ايم. پي.، نيلام، ڊاڪٽر
ڏوڪلاڻي، طوفاني رات وغيره. هنن ايڪانڪين جا هدايتڪار
هئا سرو شري ارجن پمپاڻي، ويڙهو رفيق ۽ چمنلال شرما. 1973
تائين هن منڊل صرف ايڪانڪيون پيش ڪيون ۽ بعد ۾ وڏي
ايڪانڪي ''ڏس رنگيءَ جا رنگ'' پيش ڪيو. 1976 تائين هن
گروپ ايڪانڪين کي زور ونايو ۽ بعد ۾ وڏن ناٽڪن طرف مڙيو
شري چندر ساوناڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ سنڌو ڪلاڪار منڊل
طويل ناٽڪ ''بابا مان شادي ڪندس''، ''مونکي شرم ٿو اچي''
''هاءِ منهنجي سس''، ''منهنجا من ڪبوتر'' ۽ ''خوني چنبو''
پيش ڪيا آهن. هيءُ سڀ ناٽڪ گجراتيءَ تان اُلٿو ڪيل آهن
منڊل اڄ ڏينهن تائين ڪوبہ اصلوڪو سنڌي طويل ناٽڪ منچ تي
نہ آندو آهي. سنڌو ڪلاڪار منڊل پارت پر ۾ احمدآباد جي
سنڌي ناٽڪن جو ناماچار ڦهلايو.

هن گروپ کان پوءِ احمدآباد ۾ انيڪ منڊلين جو آغاز ٿيو.

1. سنڌي ساهتيہ ۽ ڪلا نڪيتن-1967، 2. رس ڪلا ٿيئيٽر
يونٽ ۽ سنڌي ڊراما ورڪشاپ-1976، 3. رنگ ڪرم ٿيئيٽر
1977، 4. سرسوتي آرٽ سرڪل-1978، 5. ساگر آرٽ ٿيئيٽر
1979، 6. سوينٽي ٿيئيٽر ۽ ستيم ڪلا مندر-1980، 7. ناٽيہ ڪ
ڪيندر ۽ رس ڪلا ليڊيز ٿيئيٽر 1981 ۽ نترات ٿيئيٽر ۽ اِسٽيج
گروپ-1982.

ڪي اِستاپنا ڪئي. هن گروپ جا مکيہ ناٽڪ آهن: اوطاق، گيسٽ
هائوس، توبه ڪئي مون بارن کان، مامو ڀاڻيجو، ڊاڪٽر تون
ڪين مان، رننگہ ڪامينٽري وغيره.

1980 ۾ موهن گلاڻي ۽ کيمچند لڪاڻيءَ گڏجي ڪري ترمورتي
ڪلا مندر جي اِستاپنا ڪئي. هن گروپ گهمنڊ، لاٽري، ڊاڪٽر
تون ڪيين مان، نٿوُ چريو، قرباني، جواب ڏيو وغيرهہ ناٽڪ
منچ تي ڪيڏيا.

شروعاتي دؤر ۾ نڙياد ۾ سانگہ پڻ پيش ٿيندا رهيا. سانگن جا
مکيہ ڪلاڪارن هئا ڏنومل سيرواڻي، نارائڻداس پرسواڻي،
پتنداس منگلاڻي وغيره.

سنسڪرتيءَ جي ٻين ڪيترن جيان رنگہ منچ پڻ سنڌيءَ ۾
ٻين سڃاڻيءَ جو هڪ يگ رهيو آهي. هرهڪ شهر، هرهڪ اُتسو،
تعليمي سنستائن ۽ چيٽي چنڊ وغيره تي ڏيان ڏجي تہ ڏسڻ ۾
ٿي ٿو تہ ناٽڪن جو انداز ڪجهہ وڌيڪ ٿي رهيو آهي. گذريل
ڪان هن يگہ ۾ ذرا ڪجهہ وڌيڪ ٿي ناٽڪ کي منورنجن، رنگہ
منچ ۽ ناٽڪ جي وڪاس کي ڪجهہ هٿي ڏني آهي. ناٽڪ منڊلين
اضافو ٿيو تہ ڏسڻ وارن جو انداز بہ وڌيو. آنند ۽ منورنجن
حاصل ڪندڙ درشڪن جي عدد ۾ پڻ اِضافو ٿيو آهي. ڪن ناٽڪن
هڪ بہ شو ٿيا آهن تہ ڪن جا انيڪ ۽ اجا پڻ ٿي رهيا آهن.
ناٽڪ منڊلين جي ڪم جا گهٽ پئي رهيا آهن. ناٽڪ ڪار
ناٽڪ منڊلين ۾ سمپرڪ جو اڀاوَ پڻ رهيو آهي. ناٽڪ جي
پهرين شو کان پوءِ جا ٻيا شو پهرين کان وڌيڪ اثردايڪ ڪونہ
. پر هتي اِئين نہ آهي. نوان-نوان ناٽڪ ڪرڻ بدران
ڳا-ساڳيا ناٽڪ دهرائڻ جي مشغولي وڌيڪ آهي. شايد ڪلاڪار
هوندا آهن. ڪلا جو سطح مٿي نہ اُٿي سگهيو آهي. ڪجهہ
شخص ۽ ناٽڪ منڊلين وڌيڪ ڪليون اُنهن جي سچائي-
جو اڀاوَ ۽ دور درشٽي گهٽ رهيو آهي. سئنيما ۽ دوردرشن

جو اُڊيش رکيو. ''سوريءَ سڏ ڪيو'' هن گروپ جو ناٽڪ ڪافي لوڪپريه رهيو.

1980 ۾ شري مرلي ڀوڄواڻيءَ نٽراج ڪلا مندر جي اِستاپنا ڪئي ۽ ناٽڪ پيش ڪيا. ''ڊاڪٽر تون ڪين مان'' هن گروپ جو ناميارو ناٽڪ رهيو.

سنڌو ساهتيه سڀا بڙودا جي ساهتيه جي سنستا آهي پر هن سنستا ناٽڪن کي به همٿايو. هن سنستا جا ناميارا ناٽڪ آهن سڄڻ ڏنو سور، مان تيار آهيان، چور-چور، ميونسپل ڪائونسلر وغيره. روح روان آهن هريش ڄيٺملاڻي، ميول آهوجا وغيره. هن سنستا ئي 1982 ۾ بڙودا ۾ ٽه-انڪي ناٽڪ ''هي پياسو من منهنجو'' اِستيج تي آندو. اُن ڪانپوءِ مسٽر گربخشاڻيءَ سنڌيئَم وڏو ناٽڪ ''ٽي يڪا'' 1988 ۾ منچ تي آندو.

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا طرفان ڪونايل اکل ڀارت سنڌي ايڪانڪي چٽاڀيتيءَ جو آيوجن 1976 ۾ هن ئي سنستا ڪيو هو.

نڙياد :

1960 ۾ گرونانڪ ۽ جهوليلال شيوا منڊلين ناٽڪن جي شروعات ڪئي. شرابي، شل ڏيئر نه ڄمن ايڪانڪيون منچ تي آنديون. 1967 ۾ نوجوان ڪلا منڊل جي رچنا ٿي ۽ هن گروپ ''پاڳلن جي دنيا''، ''خوني ڪير؟'' ناٽڪ منچ تي آندا. جواهرنگر جي سنت ڪنوررام منڊل پڻ ''هنيلي جوءِ''، ''ٻال ڪرشن ليلا'' پيش ڪيا. نڙياد جهڙي ننڍي شهر ۾ 1969 کان 1973 تائين ايڪانڪي ناٽڪن جو زور رهيو. پڙوسڻ، گهمنڊي، هڪ تير چار شڪار (ٻه انڪي) ڪئلينڊر ڪپي، واهه ڙي زمانا واهه، چور چور، ڪنگال هن دؤر جا لوڪپريه ناٽڪ رهيا. هنن ناٽڪن جا هدايتڪار هو شري پرمانند ناراچنداڻي.

1977 ۾ هريش ڪرپلاڻي ۽ موهن ڪلناڻيءَ ''نٽراج ڪلا مندر''

اڻي اڪيون ٻوٽي حقيقتن کان منهن موڙڻ جي ڪوشش ڪئي
هي.
حقيقت ۽ سچائي اِها آهي ته رس ڪلا ٿئيٽر يونٽ جي برپا
ٻڻ سان احمدآباد جي سنڌي رنگه منچ تي ڦهريون وڌو ناٽڪ
راهو ڪيتو'' پيش ٿيڻ کان پوءِ احمدآباد ۾ وڏا سنڌي ناٽڪ
بڌڻ جو سلسلو شروع ٿيو.
سنڌي ساهتيه ڪلا نڪيتن گنڀير ۽ ڪلاتمڪ ناٽڪ منچ ڪي
ا جن ۾ بنگال جي مشهور ناٽڪڪار ڪِرن متر جو ناٽڪ ''ڪوئي
نه ٻچندو'' ۽ ''هڪ ٻيو دروٽاچاريه'' شامل هئو. نڪيتن آغا
يم جو ناٽڪ ''گل چنو گرنار جو'' منچ تي آندو. رس ڪلا
هتيءَ جو مشهور ناٽڪ ''چورن مٿان مور'' پيش ڪيو.
سنڌو ڪلاڪار منڊل پرڀوڌ جوشيءَ، گوبند مالهي، هريڪانت،
س طالب، راجن چاولا، گورڌن ڀارتيءَ جا ايڪانڪي منچ تي
دا. ٻين گروپن گجراتيءَ جي مشهور ناٽڪڪار دامو سانگاڻيءَ
ناٽڪ پيش ڪيا.
شري پريم پرڪاش جي ڪوتاهه نظر جو هڪ ٻيو به ڪارڻ
ي ته پريم پرڪاش خود 1974 کان اڳه ساهتيه ۾ ڪهاڻين،
تائن لکڻ سان جڙيل هيو. هن جو ڪڏهن به سنڌي ناٽڪ
پ سان جڙاوَ يا لڳاوَ نه رهيو ۽ نه ئي هن سنڌي ناٽڪ ڏسڻ
درڪار ڪئي هئي. جڏهن 1974 ۾ پريم پرڪاش، جيٺي
ٽي ۽ ٻين ساٿين سنڌي ڊراما ورڪشاپ جو پايو وڌو تڏهن
۾ خود اِنهن گروپن سان وابسط ڪلاڪارن ڪي ڪٺي ئي ناٽڪ
ي ڪرڻ شروع ڪيا هئا.
نڌي رنگه منچ جي ڪامياب ناٽڪڪار، هدايتڪار شري
جماڻيءَ جو قول آهي ته ''خوشي اٿم ته هاڻي نوجوان به
شور سان ميدان ۾ اچي رهيا آهن. هاڻي احمدآبد ئي هڪ
آهي جتي گهٽي ۾ گهٽا ناٽڪ پيش ٿين ٿا. گهٽا نوان-

جي اثر ناٽڪي شونق کي گھٽايو آهي. ڪلاتمڪ ۽ گنڀير ناٽڪ
بہ پيش ٿيا آهن تہ صرف منورنجن وارا ڪلائينڊز، ڪلاتمڪ
ملهن قدرن جو سرجن ڪرڻ ۽ سيينڪ جيون کي شاهوڪار بڻائڻو
آهي. (سنڌيت جي ورثي وارا) هو پنهنجي اُديش، مقصد لاءِ
سچاڳہ آهن ۽ صادق ڪوششون پڻ ورتيون آهن. البت درشڪ
وڃايا آهن. پنهنجي ضرورتن کي وساري گهٽ سهوليتون هئڻ
جي باوجود پڻ پنهنجي ڪاريہ ۾ جنبيل هوندا آهن. هنن درشڪ
ڪنا ڪيا آهن اُنهن جو منورنجن ڪيو آهي پر سانسڪرتڪ
ملهن جو نرماڻ ۽ اِضافو نہ ڪيو آهي. جيڪا هڪ اَهميت پورڻ
۽ وقت جي تقاضا آهي.

موضوع ۽ اِستيج پرمپرا - ليڊيز جو اُسرڻ - ڪاليجي وديارٿين
طرفان ڪوششون، شوقيا طبيعت جا وڏيڪ، مکيہ مقصد منورنجن،
گنڀير ڪوششون. احمدآباد ۾ ايڪانڪي چٽاڀيٽي نہ. هن وقت
سرگرم سنستائون، نون ناٽڪن جو قحط، ٻال رنگہ منچ جو وڪاس،
گجراتي ناٽڪ وڏيڪ، گهٽي ناٽڪ، ويڊيو ڪئسيٽ وڏيڪ،
پنهنجو منچ - پون ڪونهي وغيره.

احمدآباد جون پهريون اِستري ڪلاڪار آهن تلسي رچنداڻي
۽ شانتا موتياڻي.

ڊاڪٽر پريم پرڪاش هنن سنستائن کي شوقيا سنستائون
سڏيون آهي ۽ لکيو آهي تہ ”جن پنهنجو ناٽڪ لکيو ۽ اُن کي
منچ تي ڏسڻ چاهيو، پاڻ هدايتڪار ٿي پاڻ اداڪار بہ بڻيا
ڪين ناٽڪ ڪرڻ سولو ۽ لکڻ نهايت سؤلو ڪم لڳندو آهي.“

بئي هنڌ لکي ٿو تہ، ”هنن هميشہ سستي کل مسخري ۽ وار
ناٽڪ ڏنا آهن. هنن بمبئي ۽ وارن جي، ڏانوَ کي پڪڙڻ چاهيو
هڪ تہ سندن باراڻو شوق سندس آڏو اچي ٿو، ٻيو محنت بغير
تڪڙو نالو ڪڍڻ جي هٻڇ جو مارو ٿئين ٿو.“

پريم پرڪاش جي اِها صرف اڪ پوٽ آهي ۽ هن ڄاڻي

ا. صرف ٽريجڊي ناٽڪ.

هڪ حقيقت اِها بہ آهي تہ هنن گروپن جا ڪلاڪار اڄ
حمدآباد سنڌي رنگہ منچ جا، دوردرشن جا ۽ آڪاشواڻيءَ جا
ڪامياب، تخليقي ڪلاڪار آهن. خود پريم پرڪاش جي ناٽڪن
اِهي ڪلاڪار اهم ترين پارٽ ادا ڪن ٿا.

مان هتي هڪ ڳالهہ اِها بہ چوڻ واجب ٿو سمجهان تہ ناٽڪ
صرف ساهتيڪ هجي اِهو ضروري ناهي پر اُن ۾ اداڪاريءَ جا
ناٽيہ تتوَ هجڻ ضروري آهن. ساهتيڪ روپ ۽ رنگہ پوميءَ ۾
ڪ جهڙائي هجڻ لازمي آهي. ڪنهن بہ ساهتيڪ ناٽڪ کي رنگہ
نچ تي جيئن تيئن پيش ڪري اُن کي رنگہ منچيہ ناٽڪ سڏي
و سگهجي پر جيڪڏهن اُن ناٽڪ ۾ ناٽڪي تتوَ نہ آهن تہ اُن
ي ڪابہ دائميت منچ تي نٿي رهي. ناٽڪ معنيٰ ڪرياشيل
ترن دوران گهٽجندڙ واقعن، گهٽنائن جي پرمپرا مطابق پيش
ندڙ ڪٿا. پل پوءِ اُهو ناٽڪ ڪهڙي بہ قسم جو هجي ۽ اسين
اقيہ، هاسيہ ناٽڪن تقاضائن ڪان منهن موڙي نٿا سگهون.
ڪاڻ تہ سائڪلاجائيڪل اِهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ هاسيہ ناٽڪ نہ
ف درشڪن جو منورنجن ڪن ٿا پر اُنهن جي صحت بہ سڌارين
اِنڪري تہ اڄ ڪالهہ لافٽر ڪلبون جتي ڪٿي برپا ٿي رهيون
ن.

حن دؤر جي رنگہ منچ جي حالتن تي غور ڪجي تہ نظر
ي ٿو تہ سنڌو ڪلاڪار منڊل وڏ ۾ وڏ نہ فصلہ ۽ ايڪانڪي
ڪ پيش ڪيا آهن. ڪلاڪار منڊل ڪڏهن بہ اصلوڪو سنڌي
صلو ناٽڪ پيش ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي.

نگہ ڪرم ٿئيٽر، سوپتي سنڌ، ساگر آرٽ، سرسوتي آرٽ
ل، سنڌي ڊراما ورڪشاپ انواد اُلٿو ڪيل ناٽڪن سان گڏ
ڪا ناٽڪ بہ پيش ڪيا آهن.

جي پارٽ ۾ انهن تجرباتي ناٽڪن جي شروعات ڪرڻ جو

نوان ڪلاڪار رنگہ منچ تي اچن ٿا. گھٽي ۾ گھٽا اصلوڪا ناٽڪ صرف احمدآباد مان ئي پيش ٿيل آهن. جوت مان جوت جلندي آهي جو هڪ ڏيئو پنھنجي تيل ۽ ڪپھ سماپت ٿيڻ کان پھرين پنھنجي روشنيءَ سان ٻيا ديپ روشن ڪري ته هن جي وسامڻ تي ڪو ارمان نہ ڪرڻ گھرجي. خوشي اتم ته هاڻ احمدآباد ۾ ڪيترائي سنڌي ناٽڪ جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن.'' (ناهي ڪرٽي مونکي شادي. مهاڳ- 1981)

بہقول ارجن پميائي ''1978 کان 1982 تائين احمدآباد جي سنڌي رنگہ منچ ۾ هڪ اِنقلاب آيو آهي. نوان-نوان ڪلاڪار سنڌي رنگہ منچ تي پيش ٿيا آهن جن پنھنجي سوجھہ-ٻوجھہ سان هڪ - هڪ اصلي ناٽڪن جي پراڊڪشن تي جنھن ۾ ڪنھن بہ قسم جو نقل نہ هو. نون ڪلاڪارن پنھنجي محدود قابليت سان اِستيج جي سيني ڪلائن جو سھارو وٺي نوان-نوان ناٽڪ پيش ڪيا ۽ ڪامياب رهيا. هت سيني ڪلاڪارن، ناٽيہ گروپن جي رهنمائي ۽ ترتيب شري ڄيني لالوائيءَ ڪئي.''

پريم پرڪاش احمدآباد جي ناٽڪ کي بمبئي جي ناٽڪن جو ڏانوَ سڏي احمدآباد ۾ ٿيل گنڀير ناٽڪن جي ڪوشش کي نظر انداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اِها بہ هڪ حقيقت آهي تہ احمدآباد ۾ گھٽا ناٽڪ ڪلائيندڙ، مذاقيہ پيش ڪيا ويا آهن. سنڌو ڪلاڪار منڊل جي ناٽڪن جا انيڪ شو ٿيا آهن. بابا مان شادي ڪندس سلور جبلي ملھائي آهي. رنگہ ڪرم جي ايڪانڪي ناٽڪ ''نئون ٽيليفون'' جا سوا سؤ شو ٿي چڪا آهن. هنن ناٽڪن سنڌي درشڪ پيدا ڪيا. نوان-نوان ڪلاڪار، هدايتڪار پيش ڪيا ۽ سنڌي ناٽڪن کي وڪاس طرف اڳتي وڌايو. اِن ڳالھہ کان ڪوبہ اِنڪاري ٿي نٿو سگھي. ڇا مذاقيہ ناٽڪ ناٽڪ نہ آهن صرف گنڀير ناٽڪ ئي ناٽڪ آهن اگر اِئين هجي ها تہ ناٽڪن جي قسمن ۾ بہ قسم نہ پر صرف هڪ هجي

چڪا آهن.

هن وقت صرف سنڌو ڪلاڪار منڊل، رنگ ڪرم ٿئيٽر ۽ سنڌي
راما ورڪشاپ ناٽڪي ڏس ۾ سرگرم آهي. پر ويجهڙائيءَ ۾
ننن ڪوبہ نئون ناٽڪ نہ ڪيو آهي. جهونن ناٽڪن جا شو وقت
ہ وقت پيش ڪندا رهن ٿا.

سنڌيءَ ۾ ٻال ناٽڪ وڏ ۾ وڏ پيش ڪرڻ جو شرف بہ احمدآباد
ي ئي مليو ٿو. ''اِستيج گروپ'' (شري چينو لالواڻي.)

سنڌيءَ ۾ ٻال ٿئيٽر برپا ڪرڻ جي ڪوشش بہ احمدآباد ۾
ي ڪئي ويئي آهي. شريمان ڦيرو ڦرڪي ۽ مسٽر گپوڙيداس
ڏن ٻال ناٽڪن جا شو احمدآباد کانسواءِ ٻين انيڪ شهرن ۾ ڪيا
يا آهن.

پارت پر جي سيپتڪ گروپن طرفان احمدآباد ۾ ناٽڪ پيش
ڪندا پئي رهيا آهن. وڏن ناٽڪن جو فيسٽيول بہ احمدآباد ۾
ي چڪو آهي پر احمدآباد جي وڏن ناٽڪن جو ڪڏهن بہ
ستيول نہ ٿيو آهي.

احمدآباد ۾ سنڌي ناٽڪن لاءِ نوان-نوان ڪلاڪار پيدا ڪرڻ
اُنهن کي ناٽڪي تعليم ڏيڻ لاءِ وقت بہ وقت ناٽڪ ورڪشاپ،
ما ڪلاس پڻ هلايا ويا آهن تہ ناٽڪ سيمينارن جو آيوجن بہ
بو ويو آهي تہ ايڪانڪي ناٽڪن جون چٽاپيٽيون بہ رکيون
ن آهن. اڳي سنڌي اِسڪولن طرفان وقت بہ وقت ساليانا
سا ٿيندا هئا ۽ ستي تعلقہ چٽاپيٽيون بہ ٿينديون هيون جن ۾
ي ايڪانڪي ناٽڪ شامل هئا، جي هاڻي بند آهن.

ڌيڌام - آديپور

آديپور - گانڌيڌام ۾ ناٽڪن جي شروعات ''نويووڪ گروپ''
ي. هن گروپ ايڪانڪي ناٽڪن جي بدران طويل ناٽڪ پيش
ڻ شروع ڪيا. ''ڪالا بزار''، ''سورداس'' ۽ ''انڌيري نگري''
جا مکيہ ناٽڪ هئا. هن گروپ منگهارام ملڪاڻيءَ جو

شرف احمدآباد جي سنڌي ڊراما ورڪشاپ کي ئي مليو تو جنهن
جو باني ڊاڪٽر پريم پرڪاش سڏيو وڃي ٿو.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌيءَ ۾، سنڌي ناٽڪن ۾ Phd, ڪرڻ جو
شرف بہ ڊاڪٽر پريم پرڪاش کي مليو ٿو.

هند-سنڌ ۾ سنڌي ناٽڪن رنگہ منچ وشيہ تي هڪ بهترين
اعليٰ مخزن ''اِستيج'' شايع ڪرڻ جو شرف بہ احمدآباد کي
مليو ٿو. مکيہ سمپادڪ، ناٽڪڪار، ناٽڪ نويس شري چينو
لالواڻي.

سنڌي ناٽڪي فن تي، سنڌي ناٽڪن جو اِتهاس جوڙڻ جو ۽
ڪتاب شايع ڪرڻ جو شرف بہ چيني لالواڻي احمدآباد کي مليو
ٿو.

هن وقت احمدآباد ۾ شري هريش ڪکواڻي، شري وڪرم
شهاڻي، ڪمار گهنشاڻي وغيره ناٽڪي ڊگريون حاصل ڪيل شخص
آهن.

شري چمنلال شرما وڏ ۾ وڏ آڪاشواڻي ناٽڪ لکيا آهن. شري
شرما ئي هڪ اهڙي شخصيت آهي جيوڪ صرف ناٽڪ لکڻ،
کيڏڻ جي مشغوليءَ ۾ آهي.

هن سنڌيءَ جا ناٽڪ هنديءَ ۾ پيش ڪري سنڌي ناٽڪن کي
غيرسنڌين ۾ لوڪپريہ بڻايو آهي.

ننڍي ڪهاڻيءَ مان وڏو ناٽڪ جوڙڻ جو شرف بہ احمدآباد
کي مليو ٿو.

فرش جي دنيا، موهن ڪلپنا جي ڪهاڻي، ناٽيہ روپانتر پريم
پرڪاش.

آڪاشواڻي سنڌي ناٽڪ وڏ ۾ وڏ پرسارت ڪرڻ ۽ شايع ڪرڻ
جو شرف بہ احمدآباد کي ئي آهي.

آڪاشواڻي ناٽڪن جي چٽاپيٽين ۾ ڊاڪٽر مرليڌر سکواڻي
ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي، ڊاڪٽر چينو لالواڻيءَ کي اِنعام مليو

جا، پنهنجو دشمن نہ انکي ناٽڪ منچ تي آندا. بعد ۾ ناٽڪ
ڪنور طرفان ئي جڏهن مان نہ هوندس، هيءُ پياسو من منهنجو،
واريءَ سندو ڪوٽ، سماج شيوڪ، ٻوڙا اچي مڙيا، مولو مائٽين
وارو، باهہ، انوکو وردان، بند دروازا، سخت چهري وارو ماڻهو
وغيره ناٽڪ عوام جي اڳيان آندا.
1987 ۾ ئي اِستيج گروپ احمدآباد طرفان آديپور-گانڌيڌام
جي اِسڪولي شاگردن کي ڪٺي نہ فصلو ٻال ناٽڪ ”شريمان ڦيرو
ڦرڪي“ ليکڪ جيورام جوشي، اُلٿو ۽ پراڊڪشن چينو لالواڻي،
هدايتڪار هريش ڪکواڻي منچ تي آندا. هيءُ ئي سنڌي ٻال رنگہ
منچ جو پهريون طويل ناٽڪ آهي جيڪو صحيح معنيٰ ۾ ٻال ناٽڪ
ٿي هئو ۽ سنڌيءَ ۾ هن ناٽڪ ئي ٻال رنگہ منچ جو بنياد وڌو.
اِن کان سواءِ ايم. ڊي. رامچندانيءَ پڻ پنهنجي هدايتڪاري
ليڪن ۾ ڪجهہ ناٽڪ ڪمار ڪلوانيءَ آديپور کان ناٽڪ شروع
ڪيا ۽ اڄ بمبئي رنگہ منچ تي ڪاريہ ڪري رهيو آهي.
شڪ جو شڪار، طلاق، تلاش، طوفان جي رات وغيره منچ تي
پيش ڪري درشڪن جي واهہ-واهہ حاصل ڪئي آهي. رڪمڻي
پنجابيءَ پڻ سس تون ڪين مان، ڏيتي ليتي، تون ڪير؟، تي
اندر ناٽڪ منچ تي آڻي ناٽڪن کي اوُج ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.
سؤراشٽر راجڪوٽ ۾ شري جينت ريلواڻي سنڌو سنستان جي
ر سايع ناٽڪي سرگرميون هلائيندڙ آهي. هن جو مشهور
ڪانڪي ناٽڪ آهي ”اڳڙي“. سؤراشٽر ۾ بانٽوا کي ننڍڙي
ڏ سڏيو ويندو هو. هتي احمدآباد جيان ئي 51-1950 کان
ني گربي منڊل نوراترن جي ڏينهن تي سانڌهہ نو ڏينهن
ڪن جو خاص ڪري ڌارمڪ ناٽڪن جو ميلو مچائيندا آهن. نہ
ڌارمڪ پر سماجڪ ناٽڪ پڻ جهجهي انداز ۾ پيش ٿيل آهن.
بانٽوا ۾ سنڌي گربيءَ نالي پڻ ناٽڪ ڪيا ويندا آهن. هن
تا جو پايو وجهندڙ هو مکي مهاراج ڪاڪومل جيڪو اِستيج

ايڪانڪي ناٽڪ تي پارٽي سان گڏ 14 نومبر 1950 تي ناٽڪ
”جنبورو“ پڻ پيش ڪيو. هنن ناٽڪن ۾ گيت بہ شامل هئا.
مکيہ ڪلاڪار ۽ بانيڪار هئا ڊاڪٽر ستيش روهڙا، پريتم ورياڻي،
ڀڳوان ابيچنداڻي، ماسٽر چوهڙرام آهوجا ۽ ٻيا.

اِن ڪانسواءِ سنڌي اِسڪولن ۽ تولاڻي ڪاليجن جي ساليانی
اُتسو ۾ پڻ ناٽڪ ٿيندا پئي رهيا.

1965 ڌاري رام ٻيلاڻي خمار نرتيہ بئلي ”دودو چنيسر“
منچ تي آندو. رام ٻيلاڻيءَ جو ساٿي هو ريلو همٿاڻي. 1967 ۾
سنڌو ڪلا مندر جو پايو وليرام ڪرشناڻيءَ وڌو. هن گروپ 1975
۾ گانڌيڌام سنڌو ڪلا مندر، ڪوي دادا هوندراج دکايل جو لکيل
نرتيہ بئلي ”ناردمني“، ”نئين سال جو ڪئلينڊر“، ”عمر
مارئي“ ناٽڪ منچ تي آندا ۽ بہ ايڪانڪي ”بابو ڪپي يا ڏڏي“
۽ ”نيلام“ ناٽڪ عوام کي ڏيکاريا. رام ٻيلاڻيءَ جو لکيل تہ انکي
ناٽڪ ”چرين جو ڀڳوان“ تختي تي آندو ويو. 1978 ڌاري
سنڌو ڪلا ۽ ساهتيہ سڀا گانڌيڌام ۾ شري ريلو همٿاڻيءَ برپا
ڪئي. هن سنستا جو زور ايڪانڪي ناٽڪن تائين محدود رهيو.
مورکہ ڊاڪٽر، نيلام، چشمي جو چمتڪار، ايم. پي. وغيره
ايڪانڪي منچ تي آندا.

1980 ۾ رام ٻيلاڻيءَ سنڌو ڪلا سنگم جي سايع چرين جو راڪو
رام، هيءَ جڳهہ ٿي اهڙي آهي، انڌيرو، شڌ سنڌي، موهن
مهرچنداڻي مائٽين وارو وغيره ناٽڪ درشڪن اڳيان آندا.

1988 ۾ سنڌو ڪلا سدن جي زير سايع شري گورڌن پارتي
ڪجهہ ناٽڪ منچ تي آندا جن ۾ ڊاڪترياڻي ناٽڪ ڪجهہ وڌيڪ
لوڪپريہ بڻيو.

اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي زير سايع 1987 ۾
شري لکمي کلاڻي ۽ هريش ڪڪواڻيءَ جي سرپرستيءَ ۾ ”ناٽي
ڪنور“ جي اِستاپنا ڪئي ۽ گڏا-گڏيون، اسين پکيئڙا عشق

وڙهي جو پرڏو ناٽڪ پيش ڪيا آهن ۽ وقت بہ وقت دهرايا
يندا آهن.

گجرات جو سنڌي رنگہ منچ جيتوڻيڪ جدا-جدا شهرن ۽
ونن ۾ ڦهليل رهيو ۽ ڪٿي ننڍي پئماني تي ڪٿي وڏي پئماني
ي ناٽڪن جون سرگرميون ٿينديون پئي رهيون آهن. پر هڪ
الهہ صاف ۽ چٽي نظر اچي ٿي تہ ڪٿي سنڌي رنگہ منچ ۽
اٽڪ باروتن ۾ رهيو آهي. ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن جا سنڌي ناٽڪ
ڪنيڪي پهلن ۽ ڪلاتمڪ تقاضائن کي پل پورو ڪندڙ نہ آهن
ر سنڌي ناٽڪن جي پرمپرائن کي اُنهن زنده رکڻ جي اٽڪ
ڪوشش ضرور ڪئي آهي. محدود سادنن ۽ ڄاڻ هئڻ جي باوجود
ڻ هنن سنڌين ۾ ناٽڪن لاءِ چاهہ پيدا ڪيو آهي ۽ عام سنڌيءَ
ي ناٽڪن سان جوڙڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي.

باقي احمدآباد، بڙودا ۽ گانڌيڌام، آديپور جي سنڌي رنگہ
نچ مڪمل طور وڪاس حاصل ڪيو آهي ۽ ساڻ گڏ ناٽڪي فن ۾
ڻا تجربا پڻ ڪيا آهن.

ٿيون دؤر 1983 کان اڄ ڏينهن جو دؤر ڪجهہ مانائيءَ وارو ۽
س ڪندڙ رهيو آهي. لڳ ڀڳ جٽي-ڪٿي ناٽڪي سرگرميون
آهن يا ٿڏيون آهن. ڪيترا گروپ بند ٿي ويا آهن جيڪي
ي بچيل آهن اُنهن نون ايڪانڪي چاهي طويل ناٽڪن طرف
بہ جوڳو ڌيان نہ ڏنو آهي. البت جهونا-پراڻا ناٽڪ وقت بہ
ت دهرايا ضرور ويا آهن ۽ دهرايا پيا وڃن. ڪوبہ نئون ناٽڪ
ڻ جو ساهس نہ ڌاري رهيو آهي.

لبت هن دؤر ۾ ريڊيو ۽ ٽي. وي. ناٽڪن ڪجهہ زور ضرور
ڙيو آهي. اِسٽيج ناٽڪن جي مانائيءَ جو ڪارڻ اڄ ڪالهہ
ڙ ٽي. وي.، سٽيلائيٽ ۽ ڊسڪ انٽينا جو زور پڻ آهي
ن ڪري سنڌي ناٽڪن جو آئينده ذرا چنتاجنڪ، هيٺو ۽ دل
ڏڪو پهچائيندڙ نظر اچي رهيو آهي.

جو بهترين اداڪار ۽ هدايتڪار پڻ هو. هوُ سنسڪرت جو ودوان هو ۽ سنڌ مان ڪاشيءَ سنسڪرت جو اڀياس ڪرڻ آيو هئو ۽ بانتوا ۾ هن سنڌي ناٽڪن جي پرمپرا جو بنياد وڌو.

راجا ڀرتري، روپ بسنت، هرشچندر تارامتي، رام ليلا، رامايڻ، جئہ جهوليلال، سس نہ منهنجي ساڙيلي، پرٿوي پتر ڀيماسر، تلسي وواهہ، جئہ ماتا، ڀڳت پرهلاد، پئسي تي زمانو آهي ديوانو، دنيا رنگہ رنگيلي، ڪاڪو ڪنجوس، تو بہ شادي ڪئي وغيرهہ ناٽڪ منچ تي آندا. هنن ناٽڪن جا ڪامياب ڪلاڪار آهن ريواچند ڀيماڻي، وڪرم توپڻداساڻي، جهمونمل، ماستر لڇو، بنسي ڪٽاريا، جيڪو اڪثر اِستري پاتر ادا ڪندو هو، مهاراج پرشوتم، ڊاڪٽر لوڪومل، راجيش واسواڻي، ريلومل ٻيجاڻي، دليپ ڀاوناڻي، اندر ايسراڻي، لوڪچند ڏوديا، مرليڌر چيلارام وغيرهہ.

هن گروپ ۽ بانتوا جي ڪلاڪارن جا سؤراشٽر جي ٻين شهرن ڪتيانا، راجڪوٽ، ويراول، جهوناڳڙه، اونا وغيره ۾ پڻ ناٽڪ پيش ڪيا آهن. نہ صرف ايترو پر آس پاس جي شهرن جي سنڌي بستين مان ڪلاڪارن نوراترن جي ڏينهن ۾ بانتوا اچي ناٽڪن ۾ ڪم ڪندا آهن.

گوڌرا جينوٽيڪ هڪ ننڍو شهر آهي پر اُتي بہ ناٽڪن جون سرگرميون لڳاتار نہ پر ڪن خاص موقعن خاص ڪري چيٽي چنڊ جي موقعن تي هلندڙ آهن.

سوريہ شڪتي يووڪ منڊل اياڻ ميران، راجا هرشچندر، هيءَ کهڙي شادي، شادي ڪين بربادي، ڪاليجئن ڇوڪرو، ناٽڪ پيش ڪيا. هنن ناٽڪن جو ليکڪ ۽ هدايتڪار هو وشنداس چناڻي. سنستا جو پايو وجهندڙ تيجڀان آسواڻي.

سنڌي نوجوان منڊل پڻ شري ايسر واڌواڻيءَ جي سرپرستي ۾ شل ڏيئر نہ ڇمن، لڇميءَ جو سواگت، غريب جي ڪنيا

ريڊيو سيريل ٻگو ٻئريٽر هريش ککواڻي، ناٽڪ روپانتر پريم پرڪاش، واريءَ سندو ڪوٽ ٻن پارٽن ۾، شريمان ڦيرو ڦرڪي ٻال ناٽڪ، مسٽر گپوڙيداس ٻال ناٽڪ، ٻارن جي عدالت، پوسٽ جو ڏٻو، ويڙهي جو گبرسنگهه قابل ذڪر ٻال ناٽڪ آهن.

پڇ تان ريڊيو پروگرام 1964 کان شروع هفتي ۾ ٻه دفعا. هن ۾ ناٽڪ شامل هوندو آهي.

ٽي. وي. ناٽڪن ۾ گجرات ذرا ڪمزور رهيو آهي. دوردرشن 1986 کان شروع ٿيو. مهني ۾ ٻه دفعا. اُنهن ۾ ناٽڪ نه پيار نه ڌڪار، عوام ۽ مشين، هڪ ڪلاڪار ۽، پنهنجا نيٺ پنهنجا، (ڄينو لالواڻي)، شري ويڙهي رفيق جو اوطاق.

سنسڪرتيءَ جي ٻين ڪيترن جيان رنگ منچ پڻ سنڌيءَ ۾ ٻين سجاڳيءَ جو هڪ يڳ رهيو آهي. ڪي ناٽڪ فن ۽ تڪنيڪي ـلن جي لحاظ کان ڪامياب ناٽڪ سڏي سگهجن ٿا ۽ رنگ منچ ـي تقاضائن کي پورو ڪندڙ پڻ آهن.

ـ پر ڪي اصلوڪا ناٽڪ صرف رنگ منچ تي پيش ٿيل آهن. ـ لحاظ کان نه جيئن اُنهن کي ۽ پاڻ کي ناٽڪ ڪارن جي صف ـيهاري سگهجي. ڪي اهڙا به اصلوڪا ناٽڪ منچ تي آندا ويا ـن جيڪي رنگ منچ جي فني تقاضائن ۽ ناٽڪ تتون کان گهٽو ـ جون چيزون آهن.

ـناٽڪ ڪارن ۽ ناٽڪ منڊلين جي وچ ۾ سمپرڪ جو اڀاوَ پڻ ـو آهي.

ـشري هريش ککواڻي، شري ڪمار گهنشاڻي ۽ شري وڪرم ـٽي ناٽڪ ڪلا جي ڊپلوما حاصل ڪيل آهن پر هنن جون ناٽڪي ـوليون بلڪل نه جهڙيون پئي رهيون آهن.

ـچ نوان ناٽڪ بند آهن محض جهونا ناٽڪ دهرايا پيا وڃن. ـهنن جو معيار گهٽيل رهي ٿو. پهرين شو کان بعد جا شو

تاثرات

- گجرات جو سنڌي رنگ ناٽڪ اِسڪولن مان ئي شروع ٿيو. شروعاتي ڪوششون ماسترن ۽ شاگردن سان گڏجي ورتيون.
- شروعاتي دؤر ۾ ڌرمي ناٽڪن، نيم تواريخي ناٽڪن جو زور رهيو ۽ اُهي اڪثر گربي منڊلن دوران نوراتريءَ ۽ چيٽي چنڊ جي موقعن تي پيش ٿيندا رهيا ۽ اڄا بہ ٿي رهيا آهن.
- اصلوڪن ايڪانڪي ناٽڪن جو گهڻو زور رهيو آهي. ننڍن شهرن ۾ ليڪ ئي اڪثر هدايتڪار بہ ٿي رهيا آهن.
- ڌارمڪ، نيم تواريخي ناٽڪن کي ڇڏي طويل/وڏا/اصلوڪا سنڌي ناٽڪ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا لکيا ۽ پيش ڪيا ويا آهن. باقي انواد ناٽڪن جو زور وڌيڪ رهيو آهي.
- ايڪانڪي چاهي تہ فصلا ناٽڪ گجراتيءَ مان وڏ ۾ وڏ انواد ڪري پيش ڪيا ويا آهن.
- تجرباتي ناٽڪن جو آغاز يارت ۾ احمدآباد گجرات مان ئي ٿيو آهي.
- سنڌي ٻال رنگ منچ جو بنياد بہ احمدآباد ۾ ئي پيو آهي ۽ وڏا ٻال ناٽڪ سنڌيءَ ۾ پيش ڪرڻ جو شرف بہ احمدآباد کي ئي مليو.
- آڪاشواڻي سنڌي ناٽڪن جي ڳالهہ ڪجي تہ احمدآباد آڪاشواڻيءَ تان 1970 کان سنڌي نيمائتو پروگرام رٿيل آهي. هر مهني ناٽڪ ۽ روپڪ اوپاريون-لهواريون پيش ٿيندو پئي رهيو آهي. وڏ ۾ وڏ سنڌي ناٽڪ احمدآباد آڪاشواڻيءَ تان پرسارت ٿيل آهن. اوپاريون-لهواريون، ڊاڪٽر جمناداس، نارومل-پارومل، مانو جو وڪاس (اُتپتي) 103 ريڊيو ڊيٽ سائنس 80، ايڊس تي 9 سيريل براڊڪاسٽ ٿيل آهن. پراڊڪشن، هدايتڪار ويڙهو رفيق ۽ آشا منشاراماڻي ڪئي. هيءُ دهليءَ ۾ پرزوَ ٿيل آهن. NCSRT.

احمدآباد ۾ سنڌي ناٽڪ - رنگ منچ

يارت جي ورهاڱي کانپوءِ، سنڌي ناٽڪ مشغولين ۾ ناپر رهڻ
عد، سنڌي ناٽڪ جو پنرجنم ٿيو. راڄڌاني دهلي ۽ فلم نگري
ممبئيءَ ۾ سنڌي رنگ منچ جي ڪيتر ۾ احمدآباد هڪ اهڙو شهر
هي جتي ناٽڪن جون سرگرميون تيز رهيون.

اِئين ته ورهاڱي بعد دهلي-ممبئيءَ ۾ اِسڪولن ڪاليجن ۾
نڍن ناٽڪن جي شروعات ٿي بعد ۾ وڏا ناٽڪ جدا جدا منڊلين
رفان ڪيڏڻ شروع ٿيا پر احمدآباد ۾ 1950-51 ڌاري، گربي
نڊل جيڪو سنڌ ۾ به ناٽڪ ڪندڙ هو اُن جي چست ڪلاڪارن
ري مرچومل ۽ چئنلال گڏجي ڪبيرنگر جي آزاد ميدان تي
نڊل رکي، چادرون ٻڌي، منچ جوڙي، ڪڏ ڪوٺي، لاهه واري
سٽيج جوڙي گولن جي روشنيءَ ۾ ڌارمڪ ڏڻن خاص ڪري
راترن جي موقعي تي، سانڌهه نو-نو ڏينهن ڌارمڪ، تواريخي
ڪ ڪرڻ شروع ڪيا. درشيه بدلائڻ لاءِ چٽيل پڙدن کان ڪم
نو ويندو هو. ميڪ اپ هٿ سان ڪلاڪار پاتر مطابق پاڻ ڪندا
ا ۽ ناٽڪن کي اُپارڻ لاءِ ضروري سنگيت ساز وڄائي سڌو سنئون
تر ڪيو ويندو هو. کليل ميدان تي پيش ٿيندڙ ناٽڪ پراڻي
راتي رنگ ڀوميءَ جي طرز واريون سڪون لاهيندڙ هئي. هن
ڊل طرفان اُن زماني جا ۽ عوام جي پسندگين جا لوڪپريه
ڪ راجا هرشچندر، روپ بسنت، مهاراجا ڀرتري، ڀڳت پرهلاد،
مڪ ناٽڪن سان گڏ محبت جو خون، لئلا مجنو، پريمي پتنگ،
يءَ جي پڪار ۽ ٻيا عشقي ۽ سماجڪ ناٽڪ پيش ڪندا رهيا.
ءُ ناٽڪ دير رات تائين هلندا هئا ۽ ايتري ته ڀيڙ لڳندي
ي جو ماڻهو نراس ٿي واپس موٽندا هئا. اِهي شروعاتي

ڪامياب بدران پنتي موت ڪائيندڙ پئي رهيا آهن. اسان ناٽڪ
ڪار، ناٽڪ نويس سڏائڻ جي موهه ۾ بڌا ۽ وڏا ٿيا ته ڏنا آهن
پر رنگه منچ کي اوَج تي رسائڻ بدران پاڻ اُن کي ڌُهرم پئي
رسايو آهي.

شؤقيا شخص ۽ ناٽڪ منڊليون ته آهن پر اُنهن ايمانداري،
محنت، ابياس ۽ رنگه منچ، ادب جي کوٽ آهي. راجا سنڌو
ڪلاڪار منڊل ۾ ڪاريه ڪيو ۽ اڄ فلمن تائين پهتو آهي.

جيڪڏهن اسان کي ناٽڪ کي نئين سر وڪاس طرف وٺي
وڃڻو آهي ته اُن لاءِ منهنجي نظر ۾ سنڌي بال ناٽڪن، رنگه منچ
ئي هڪ واحد علاج آهي. ٻارن کي ننڍپڻ کان ئي ٻين سنسڪارن
سان گڏ اسين جيڪڏهن ناٽڪ جا سنسڪار وجهنداسين ته اُنهن
کي جاڻ، تعليم ڏينداسين ته اڳتي هلي هوُ سنڌي رنگه منچ جا
سٺا ڪلاڪار بڻجي سگهن ٿا اِئين ڪرڻ سان نه صرف ناٽڪن جو
واڌارو وڪاس ٿيندو پر اُنهن جي شخصيت جو پڻ وڪاس ٿيندو.
راجيه وار ڊراما فيسٽيول رکيا وڃن. ناٽڪ گروپن کي نئين سر
ري-آرگنائيز ڪري اُنهن جون سرگرميون تيز ڪجن. آڪاشواڻي
ناٽڪ فيسٽيول ڪيا وڃن. دوردرشن ناٽڪن لاءِ ڪوششون ونجن.
اِسڪول چٽاپيٽيون شروع ڪجن. سنڌي رنگه يومي پردرشن رکيو
وڃي. صرف ڪلاڪارن جا سيمينار ڪوٺايا وڃن.

اچو ته گڏجي سنڌي ناٽڪن-رنگه منچ جي وڪاس لاءِ گڏجي
سات سهڪار، ڀائيچاري، ادب سان ڪاريه کي جنبي وڃون. چوند
آهن ”جاڳيا تيان تي سوار.“ جڏهن جاڳه تي ته اُهو ئي صبح
آهي.

جئه سنڌي - جئه سنڌي ناٽڪ - جئه سنڌي رنگه يومي. □

نهن کان هندي-سنڌي گيتن تي نرتيہ پيش ڪرايا تہ وقتي
ضرورت مطابق ننڍا-ننڍا اِستري پاتر بہ هنن نرتيہ ڪلاڪارن
ان سنڌي-هندي ناٽڪ ۾ ڪرائيندا هئا. گيت-سنگيت ڏڌل
باسي، راجيش ڀاردواج ۽ مستانا پيش ڪندڙ هئا. دولت سوني
نن جو خاص راڳي هو. هنن ڪلاڪارن جا ڪي درشيہ جيترو
ائڻ ۾ اڳرا هئا اوترو ئي اڪين مان ڳوڙها ڳاڙڻ لاءِ پڻ مجبو
ندڙ هئا.

چوندا آهن جوت سان جوت جلندي آهي. مهاتماگانڌي هاءِ
سڪول جا شاگرد هي ناٽڪ ڏسندا هئا. اِسڪول جي ساليانی
لسي ۾ ننڍا ننڍا ڪلائيندڙ نقل، ڇهچتا يا درسي ڪتابن ۾
يڪي ننڍا ناٽڪ هوندا هئا اُهي پيش ڪرڻ جي اُستاد ڪوشش
ندا هئا پر فلمن جي اثر هيٺ اچي اِسڪولي جيون ۾ منوهر
لاٽيءَ هنديءَ ۾ "نيا سنسار" ۽ "مسٽر زيد" ناٽڪ نہ صرف
ر بند ڪيا پر پنهنجي هدايتڪاريءَ ۾ اِسڪول جي وڏي هال
پيش ڪيا. ناٽڪن جي ايٽري نہ گهر ٽي جو اُهي عوام لاءِ
-1957 ۾ راڌيشيام ٿئيٽر سهجپور بوگها ۾ پيش ڪيا ويا.
ڪولي شاگردن دواران، سنڌي شاگردن جا هيءُ ئي پهريان
ي ناٽڪ هئا جيڪي باقاعدي بند هال ۽ ٿئيٽر ۾ پيش ڪيا

اسڪولي شاگردن "وديارٿي منڊل" سنڌي ناٽڪن ڪي بہ
يياب ڪلاڪار ڏنا شري نانڪ گناٽي ۽ رام موهناڻي. نانڪ
يءَ ڪي سنڌي فلم "لاڏلي" ۾ هڪ ننڍو رول پڻ مليو هو.
ر نهالاڻي ناٽڪ نويس آهي. اِسڪولي شاگردن 59-1958 ۾
يو منڊل "وجيہ وديارٿي منڊل" برپا ڪيو ۽ هنديءَ ۾ وڏو
"لين دين" ۽ "شهيد" ارجن ڀمياڻيءَ جي هدايتڪاريءَ
ش ڪيا. شهيد ايڪانڪي ناٽڪ هو.
196 ڌاري ايم. جي. هاءِ اِسڪول ۾ ئي شاگردن جيڪي

ڪوششون ناٽڪي فن جي خيال کان اُن زماني جي تقاضا، ساڌن ۽ سهوليتون جيڪي ميسر هيون جي مطابق پوريون ڪندڙ هئا. ناٽڪن جي وچ ۾ گيت، نرتيه پڻ ڪٿي ضرورت مطابق ته وري ڪٿي غيرضروري درشڪن کي وندرائڻ لاءِ پيش ڪيا ويندا هئا.

احمدآباد، خاص ڪري ڪبيرنگر ۾ گربي منڊل جي شروع ڪيل سنڌي ناٽڪن جي اِها سرگرمي هلندي رهي ۽ اڳتي هلي هن سنستا باقاعدي ”جئه پواني ڪلا منڊل“ نالي ناٽڪ منڊليءَ جو روپ اختيار ڪيو. هن منڊل اوپن ايئر ٿئيٽر ۾ سنڌيءَ سان گڏ هندي ناٽڪ پڻ پيش ڪرڻ شروع ڪيا گڏوگڏ ڪلائيندڙ ڇهڇٽا، ايڪانڪي ناٽڪ پڻ ڪرڻ شروع ڪيا. هنن جا لوڪپريه ناٽڪ رهيا ”قرباني“، ”امير غريب“، ”ڪاڪو ڪنجوس“، ”مڪمل رامايڻ“، ”روپ بسنت“، ”سڪيرام -دڪيرام“، ”پريمي پتنگه“، ”محبت ڪا خون“ ۽ ٻيا. گربي منڊل ۽ جئه پواني ڪلا منڊل سنڌي تختي کي تمام گهڻا ڪامياب، مذاقي ۽ لوڪپريه ڪلاڪار ڏنا، جيڪي ايترو ته لوڪپريه رهيا جو جڏهن به سنڌي ڪالوني يا ڪنهن ميلي، ورسيءَ، پڳت تي حاضر هوندا هئا ته ٻار، عورتون، ٻڍا هنن جي خوبين جي ڀرپور ساراهه ڪندا نظر ايندا. ناٽڪي گفتگو ڇئي هنن کي ڪيڪاريندا هئا. هنن ناٽڪي سنستائن جي ڪلاڪارن جي اؤلاد مان ڪي اڄ به ناٽڪن سان جڙيل آهن. وڏن جي جاٻايل جوت کي جڳائي وينا آهن. جن ۾ لڇو آڏواڻي، جيڪو ”لڇو چرئي“ جي نالي مشهور آهي. سنڌي ناٽڪن، ٽيلي فلمن، سي.ڊي. ناهڻ ۾ سرگرم آهي. آسن واسواڻي احمدآباد جي ڪيترين ناٽڪن منڊلين سان جڙيل رهيو. لڇمڻ جسوجا نه صرف سنڌي ناٽڪ لکيا، رچيا پر آڪاشواڻي احمدآباد تان نشتر پڻ ٿيا. اُنهن ڏينهن ۾ سنڌي عورتون نه ناٽڪ ۾ ڪم ڪنديون هيون، پرش ئي ناري ڪردار نڀائيندا هئا پر وقتي هنن گروپن غير سنڌي نرتيه ڪلاڪارن کي گهرائي

ڻ حاصل ٿئي ٿي تہ ممبئي، دهليءَ جي اِسڪولن ۽ ڪاليجن
شاگردن، اُستادن طرفان ناٽڪ پيش ٿيندا رهيا پر ڪنهن بہ
سڪول، ڪاليج ۾ شاگردن گڏجي ٻال ڪلاڪار، شاگرد منڊليون
رپا ڪيون هجن ۽ اُنهن جي زير سايع ناٽڪن کي اڳتي وڌايو
جي نظر نٿو اچي، اُهڃاڻ نٿا ملن. احمدآباد جي ايم. جي.
اءِ اِسڪول ۾ هڪ ٻئي پنيان ٻال ناٽڪ منڊليون برپا ٿينديون
هيون. ناٽڪ منچ ٿيندا رهيا جنهن ۾ ايڪانڪي ناٽڪ تہ سنڌي-
ندي ۾ هوندا هئا پر وڏا ناٽڪ اڪثر هنديءَ ۾ ئي پيش ڪيا
ا. جيڪي گهٽي ڀاڱي شاگردن جا خود جا قلم بند ڪيل ۽
ستادن جي رهبريءَ ۾ خود جا تيار ڪيل هئا.
باقاعدي اِسڪول کان ٻاهر سنڌي ناٽڪ ڪرڻ لاءِ جيڪي
ستائون اڄ ڏينهن تائين برپا ٿيون/سرگرم آهن اُهي آهن :

سنڌو ڪلاڪار منڊل 1962

برپا ڪندڙ : چمن لال شرما، گوردن تنواڻي، ارجن ڀمياڻي، ويڙهو رفيق.

سنڌي ساهتيہ ۽ ڪلا نڪيتن 1965

برپا ڪندڙ : گوردن تنواڻي، شيام رامرکياڻي، هوندراج بلواڻي

سنڌي ڊراما ورڪشاپ 1976

برپا ڪندڙ : پريم پرڪاش، جيتو لالواڻي

رس ڪلا ٿيٽر يونٽ 1976

برپا ڪندڙ : وڪرم شهاڻي، جيتو لالواڻي

سنڌو ڪلا سرڪل 1969

برپا ڪندڙ : ڪيرت مهرچنداڻي

ڊائلاگ سوسائٽي 1977

برپا ڪندڙ : هريش ڪکواڻي

رنگ ڪرم ٿيٽر 0977

هوليءَ جي ڏينهن ۾ سانگ ڪندا هئا ڪشور نانڪاڻي، ڄيٺو لالواڻي، پرتاب ياٻچنداڻي وغيره پاڻ ۾ گڏجي ''سنڌي ٻال ڪلاڪار منڊل'' جي اِستاپنا ڪري ڪلاس روم ۾ اِسڪولي وقت کان پوءِ چادرون ٻڌي ناٽڪ کيڏڻ شروع ڪيا. درشڪ هنن جا خود جا ڪلاس شاگرد ۽ اِسڪول جي آس پاس رهندڙ ٻار هئندا هئا. هنن ڪلاڪارن جي شونق ۽ چاهه کي اِسڪولي اُستادن ماما ڏيپچند ۽ شري رام ياٻچنداڻي جيڪو برک اديب هو همٿايو ۽ اِسڪولي ساليانِي جلسي ۾ ناٽڪ کيڏڻ جي منظوري ڏني. هن ٻال ڪلاڪار منڊل ''قيدي نمبر 312''، ''اِنسپيڪٽر''، ''مان-باپ''، ''ڪرانيتڪاري''، ''پرو ۽ سڪندر'' ۽ ٻيا ناٽڪ پيش ڪيا. هنن ناٽڪن ۾ ڄيٺو لالواڻي وڌيڪ اُڀري آيو. هُن کي ڊائلاگ چوڻ جو خاص ڏانوَ هوندو هو. هوُ اِسڪول ۾ ماسترن ۾ ''ڪرانتيڪاري'' ۽ ''پرو'' ناٽڪ ڪردارن جي نالي سڃاتو ۽ سڏيو ويندو هو.

1960 ۾ گجرات، مهاراشٽر کان جدا راجيه وجود ۾ آيو. خوشيءَ ۾ سابرمتي جيل مان انيڪ قيدين جي سزا گهٽائي، معاف ڪري آزاد ڪيو ويو هو. اُن خوشيءَ ۾ آزاد ميدان تي هڪ شاندار جلسو رکيل هو جنهن ۾ سنڌي ٻال ڪلاڪار منڊل جو ''مٽُو'' ۽ اِسڪول جي سينيئر شاگردن ارجن يمياڻي، ويڙهو رفيق ۽ دؤلت رهنداڻيءَ جو ''شهيد'' ۽ ''نيلام'' ايڪانڪي ناٽڪ پيش ڪيو ويو. ''شهيد'' ناٽڪ ۾ هڪ ننڍڙو رول ڄيٺي لالواڻيءَ کي به ڏنو ويو.

1962 ۾ نؤجوان منڊل، سهجپور بوگها جي پنجين ساليانِي اُتسو ۾ به هندي ناٽڪ ''چينڪ'' ۽ ''دو آنسون'' ليکڪ ويڙهو رفيق پيش ڪيا ويا. هن اُتسو ۾ ''مٽُو'' ناٽڪ پڻ پيش ڪيو ويو. هتي ايترو چوڻ بلڪل واجب ٿيندو ته ممبئي-دهلي سنڌي ناٽڪن جي تواريخ تي ۽ ميسر تفصيلن تي غور ڪجي ٿو ت

ماج سيوڪ، شهيد، ڊاڪٽر ڏوڪلاڻي، طوفاني رات، آرام حرام
هي، ٻڪ هڙتال، ڏس رنگيءَ جا رنگ، هندي آهيون-سنڌي
هيون، اسانجو ٻه زمانو هو، سنڌيءَ ۾، دو آنسون، مان باپ
نديءَ ۾.
وڏا ناٽڪ : بابا مان شادي ڪندس، مونکي شرم ٿو اچي،
وني چنبو، منهنجا من ڪبوتر، هاءِ منهنجي سس وغيره.
ڪانڪي ناٽڪن جا هدايتڪار : چمن لال شرما، ارجن ڀمڀاڻي
چندر ساوناڻي.
وڏا ناٽڪ ۽ گهٽي ۾ گهٽا ايڪانڪي ناٽڪ چندر ساوناڻيءَ
هدايتڪاريءَ ۾ پيش ٿيا آهن.
''بابا مان شادي ڪندس' منڊل جو گولڊن جبلي، وڏ ۾ وڏ
امياب ناٽڪ آهي جيڪو ڊبئيءَ ۾ پڻ پيش ٿي چڪو آهي.
ناٽڪ جي C.D. فلم پڻ نهيل آهي. ڪلاڪار منڊل ئي رميش
ڄاڻيءَ جي ''اکل ڀارت سنڌي ڊراما فيسٽيول'' ۾ پنهنجا وڏا
ما پيش ڪيا آهن. ڀارت ڀر لوڪپريه منڊل ئي احمدآباد ۾
ٽيج تي اِستري ڪلاڪار تلسي رُچنداڻي ۽ شانتا موتياڻيءَ
هڪ ئي وقت ''مڪان خالي آهي'' ناٽڪ ۾ پيش ڪيو.
ي رُچنداڻي اڄ ٻه اِسٽيج ۽ آڪاشواڻي ناٽڪن جي سٺي
ڪار آهي. ڪلاڪار منڊل جا وڏ ۾ وڏ ڪامياب ڪلاڪار آهن
يو روپاڻي، ڪمار گهنشاڻي ۽ مذاقيه ڪلاڪار ڏيپل سيرواڻي.
ڪلاڪار گهٽي ڀاڱي ٽائيپڊ ڪلاڪار آهن. ڪلاڪار منڊل
ڪي سرگرمين جي لحاظ کان خاموشي ڇانيل آهي. ڪافي
ي ڪان ڪو نئون ايڪانڪي ڇاهي وڏو ناٽڪ منچ تي نه
آهي. وقتي ''بابا مان شادي ڪندس'' ڌُهرايو ويندو آهي.
سنڌي سيپتڪ ڪاريه ڪرمن جو آيوجن ڪرڻ ۾ منڊل
ر آهي منڊل اڪثر مذاقيه ناٽڪن کي ئي اوچ پئي ڏني

برپا ڪندڙ : جڳديش شهدادپوري، جيٺو لالواڻي، بي. اين.
پنوار.

8. ساگر آرٽ ٿئيٽر 1978

برپا ڪندڙ : مانڌو نيٽواڻي، چاند ڪشن

9. سرسوتي آرٽ سرڪل 1979

برپا ڪندڙ : ٻلديو گهنشاڻي

10. سويتي سنڌ 1980

برپا ڪندڙ : برجو چاولا، هريش اگناڻي

11. ستيم ڪلا مندر 1980

برپا ڪندڙ : لڇمڻ جسوجا، جيٺو لالواڻي، دامودر مورجاڻي

12. ناٽيہ ڪلا ڪيندر 1980

برپا ڪندڙ : منوهر نهالاڻي

13. نٽراج ٿئيٽر 1982

برپا ڪندڙ : ارجن يمياڻي

14. ٿري اِسٽار گروپ 2006

برپا ڪندڙ : چاند ڪشن، پرديپ بجاج

15. ياتيہ ڪلاڪار منڊل 1985

برپا ڪندڙ : ڏيپل سيرواڻي

16. سنڌو گرجر 1983

برپا ڪندڙ : چمن ٽپودن، لوڪومل تلسياڻي

17. اِسٽيج گروپ 1982

برپا ڪندڙ : جيٺو لالواڻي

18. ويزن سنڌو چلڊرين اڪادمي 2003

برپا ڪندڙ : هريش ڪڪواڻي

سنڌو ڪلاڪار منڊل جا ناٽڪ آهن، ايڪانڪي ناٽڪ : ڏيهي پرڏيهي ٽيا، پاڳل، شهري ۽ ربازي، گامتو اِنجنيئر، مڪان خالي آهي، ڏني تنهنجي ممبئي، نيلام، اِنٽرويو، شرابي، ايم. پي.

جلوس (انواد) وغيره.
ورڪشاپ وڏ ۾ وڏ سنڌي اصلوڪا ناٽڪن کي لکيت چاهي
سنچن ۾ اڳرائي ڏني آهي.
ريڊيو ناٽڪ ڏنا آهن ادو عبدلرحمان، پاڻ کان ڏاريا، گهٽي،
ڌ، چوٽين جيو جو موٽ، عمر جو پنجون ڏاڪو، پيريءَ جو
عشق وغيره.
ورڪشاپ ڪيترين سنڌي ڪهاڻين کي ناٽڪي روپ ڏيئي
اٽڪ جوڙيا ۽ پيش ڪيا. عوام ۾ مشين موهن ڪلپنا، هن جو
پ، سخت ڇهري وارو ماڻهو (ايشور چندر)، فرشتن جي دنيا،
ڀنتي (هريش واسواڻي) وغيره.
ورڪشاپ امپرووائيزيشن ۽ مائيم جو ڪافي اِستعمال ڪيو
ڇي ۽ امپرووائيزيشن کي جڻن جو تڻن ڪٽي ڇپايو ويو آهي.
م، پردا، پيريءَ جو عشق، مورچابندي وغيره ورڪشاپ ايڪاني
ٽڪن جا مجموعا شايع ڪيا آهن.
ورڪشاپ اندر لکيت ۽ منچن جو سڌو سنبنڌ رهيو آهي.
ورڪشاپ اکل ڀارت ايڪانڪي چٽاپيٽيءَ ۾ سرگرم حصو ورتو
نو آهي. اِسڪرپٽ، اداڪاري، هدايتڪاري جا اِنعام بہ حاصل
يا آهن. ورڪشاپ ٻال ناٽڪن کي همٿائڻ ۾ سرگرم رهيو آهي.
. ڊي. هاءِ اِسڪول جي شاگردن جو ورڪشاپ آيوجت ڪري،
ڪيل ٻال ناٽڪ هال ۾ پيش ڪيا تہ وري احمدآباد جي
ي اِسڪولن وچ ٻال ايڪانڪي ناٽڪ چٽاپيٽيءَ جو بہ آيوجن
و.
رڪشاپ جا گهٽي ۾ گهٽا ناٽڪ پريم پرڪاش رچيا ۽ هدايت
آهن. ورڪشپا جا ٻيا هدايتڪار هئا جينو لالواڻي، هريش
واڻي، ديپڪ چاند، واسديو موهي وغيره.
ڪشاپ غزل ۽ نئين ڪوتا کي وزيوئل فارم ۾ اِسٽيج تي
جو تجربو بہ ڪيو آهي.

سنڌي ساهتيہ ڪلا نڪتين : هن سنستا گنڀير ناٽڪن کي وڏيڪ اڳرائي ڏني ۽ نوان-نوان ڪلاڪار ميدان ۾ آندا. نڪيتن جا ننڍا ناٽڪ هئا جهڙي کي مليو تهڙو، گامنو ڊاڪٽر، ڪوئي بہ نہ بچندو، نيلام، گل چنو گرنار جو، وڏو ناٽڪ ”ڪوئي بہ نہ بچندو“ ليکڪ ڪرن منتر انواد : سريچند ڪيسواڻي (ايڪانڪي روپ ۾) جينو لالواڻي ۽ هڪ ٻيو دروڻاچاريہ. سيني ناٽڪن جو هدايتڪار ڪيرت مهرچنداڻي، ساٿي هدايتڪار جينو لالواڻي.

هن سنستا جي ”ڪوئي بہ نہ بچندو“ ناٽڪ کي پهرين اکل ڀارت سنڌي ايڪانڪي چٽاڀيٽيءَ ۾ پنجن ڪلاڪارن سني اداڪاريءَ لاءِ ٽرافيون حاصل ٿيون. هڪ ٻيو دروڻاچاريہ ناٽڪ روالونگہ اِسٽيج تي پيش ڪيو ويو. ليکڪ شنڪر شيش، انوادڪ ڪيرت مهرچنداڻي، بيحد ڪامياب ناٽڪ رهيو. ڪتابي صورت ۾ بہ شايع ٿيل آهي.

سنڌي ڊراما ورڪشاپ : ڀارت ۾ ائبسرڊ، تجرباتي ناٽڪ پيش ڪرڻ جو شرف هن سنستا کي آهي. هن سنستا جا ايڪانڪي ناٽڪ آهن (اصلوڪا) لوچو، پردا، ترقي، روٽين، موبائيل مساڻ، هن جو ڊپ، اوندهہ جي ٻولها، ماچيس ڪٽي آ، اُڏام، ڪاٺ، عدد جمع عدد واحد، ادو عبدلرحمان، چرين جي وشيہ تي وڏو مضمون، برين واش، جڏهن زندهہ هوندا هئاسين، ذليل، عوام ۽ مشين، مورچابندي وغيره. (انواد ايڪانڪي) ڪوئي ڪڏهن ايندو، پنهنجو، ائين، اسٽئنڊ تي بيهاريل سائيڪل، وڻ، قدرتي، انوکو وردان، پاپا وڃائجي ويو، عيدگاهہ، ٻوڙ پلاءَ (ٻال ناٽڪ)، ديوار موٽي آئي وغيره.

طويل ناٽڪ آهن : فرشتن جي دنيا، اصلوڪو موهن ڪلپن جي ڪهاڻيءَ جو ناٽيہ روپانتر پريم پرڪاش، آشيانو (ڪرشن کٽواڻي-منچ اِسڪرپٽ پريم پرڪاش)، واريءَ سندو ڪوٽ (لکمي کلاڻي)، باهہ (پريم پرڪاش)، مورچابندي (اصلوڪا)

يش ڪيا.

ڊائلاگ سوسائٽي : پڻ نوان تجرباتي ناٽڪ ڪرڻ جي مقصد
ان برپا ٿي. سنڌي ڊراما ورڪشاپ جي هڪ برانچ طور ڪجهه
قت هلي. ”عوام ۽ مشين“، ”ڪفن“ ناٽڪ منچ تي آندا. اِن
ي طرز تي ڊاڪٽر چندرسين ناواڻيءَ 1982 ۾ ”پريوگ“ سنستا
رپا ڪئي. ”بند دروازا“ ۽ ”ڏڪڙ تي اٿو“ ايڪانڪي ناٽڪن
ا ڪجهه شو پيش ڪيا.

رنگ ڪرم ٿئيٽر : هن سنستا ڪويتا ٿهلياڻيءَ جي ناٽڪ
شاعر“ سان شروعات ڪئي ۽ پهرئين ناٽڪ تي چٽاپيٽيءَ ۾
ريون اِنعام حاصل ڪيو. هن گروپ طوفان، ٻه ٻه ويئون ته ڇهه
ويئون، نئون ٽيليفون، پيڪي هلي ويندي سانءَ، ٻوڙا اچي
ڙيا، رات جو ٽين بجي، تنهنجو سو منهنجو وغيره ايڪانڪي
ٽڪ ۽ ڊارلنگ نه ڪپي، ناهي ڪرڻي مونکي شادي طويل ناٽڪ
يديش شهدادپوريءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ پيش ڪيا آهن.
ڪٽر ڇيني لالواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ انيڪ ناٽڪن ۾
ام حاصل ڪيا ته وري اُن جي رهبريءَ ۾ احمدآباد ۾ وڌ ۾
اِستري ڪلاڪار منچ تي آڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي.

ساگر آرٽ : مانڌي نيڻواڻيءَ جو اصلوڪو وڏو مذاقي ناٽڪ
هجي وياسين ڪنوارا“ پارٽ ڀر ۾ پيش ڪيو. ايڪانڪي
ڪ قاتل ڪير؟، دل ۾ نه ڪجانءَ، ماسيءَ مان وياسين ڦاسي،
تون ڪين مان، مجنو پارڪ وغيره ناٽڪ منچ تي آندا. هن
پ جو لوڪپريه هاسيه ڪلاڪار رهيو چاند ڪشن، جنهن رنگ
ٿئيٽر سان به ساٿ نڀايو. رس ڪلا ٿئيٽر يونٽ سان ناٽڪن
شروعات ڪري اڄ ڏينهن تائين سرگرم آهي. پنهنجو ٽري
ر گروپ هلائيندو آهي. چاند ڪشن ماءُ مٺي سس ڪٺي،
ي بچايو زال ڪان، ڇو ڪئي مون شادي پنهنجي
تڪاريءَ ۾ ناٽڪ پيش ڪيا آهن ۽ بيوقوف بزار ۾ ۽ ڊاڪٽر

’’باھہ‘‘ ناٽڪ ۾ سنڌي گيتن جو اِستعمال ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر پريم پرڪاش سنڌي ناٽڪن ۾ پي. ايڇ. ڊي. آهي.

رس ڪلا ٿئيٽر يونٽ : گجرات پر ۾ پهريون طويل ناٽڪ پيش ڪرڻ جو اِتهاس جوڙيندڙ هيءَ سنستا آهي. 1977 ۾ ڪي. شاهہ جو ناٽڪ ’’راهو ڪيتو‘‘ وڪرم شهاڻيءَ جي انواد ۽ هدايتڪاريءَ ۾ پيش ڪري وڏا ناٽڪ ڪرڻ جو دروازو کوليو. اُن بعد هن يونٽ ’’چورن مٿان مور‘‘ 1979 ۾ انواد ڇينو لالواڻي، هدايتڪار وڪرم شهاڻي ناٽڪ پيش ڪيو.

اِن ڪانسواءِ ايڪانڪي ناٽڪ ’’ٻوڙا اچي مڙيا‘‘ (واسديو نرمل)، ’’هيلٿ سينٽر‘‘ (ايم. ڪمل)، ’’قاتل ڪير؟‘‘ (ڇينو لالواڻي) ۽ ٻيا ناٽڪ منچ تي آندا.

اکل ڀارت ووڌ ڀاشي ناٽيہ سماروهہ ۾ ’’راهو ڪيتو‘‘ ۽ ’’قاتل ڪير؟‘‘ ناٽڪ پيش ڪيا ويا هئا. ڪانپور ۾ ٿيل سماروهہ ۾ هندي، گجراتي، بنگالي وغيره ٻولين سان سنڌيءَ ۾ پهريون ڀيرو ناٽڪ شامل ڪيو ويو هو ۽ ’’راهو ڪيتو‘‘ کي پهريون اِنعام حاصل ٿيو هو. يونٽ ئي پهرين سنستا آهي جنهن احمدآباد جي سنڌي اِسڪولن جي شاگردن کي ڪٺي ڊراما ڪلاسز هلايا ۽ وڌ ۾ وڌ نوجوانن ڪلاڪارن کي ناٽڪي فن جي تعليم ڏني. هن سنستا سان جڙيل فنڪار ڊاڪٽر چندرسين ناواڻي ’’هندي ناٽڪون ڪا شلپ وڌان‘‘ وشيہ تي ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. وڪرم شهاڻي ڊپلوما اِن ڊراما ڊگري حاصل آهي. ڪجهہ وقت ممبئيءَ ۾ رهي، اُتان جي سنڌي ناٽڪ منڊلين ۽ ڪن هندي فلمن ۾ ساٿي هدايتڪار طور ڪم ڪيو. رس ڪلا ئي رس ڪلا ليڊيز ٿئيٽر جي اِستاپنا ڪري ’’مٽو‘‘ ۽ ٻيا ناٽڪ پيش ڪيا.

سنڌو ڪلا سرڪل : واڙيج ۾ برپا ٿيل هن سنستا صرف ڪي ايڪانڪي ناٽڪ ڪاڪو ڀلاڻيءَ وارو، پولو پوپو، ڏني تنهنجي ممبئي ۽ نيلام ناٽڪ ڪيرت مهرچنداڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾

بولين جا لوڪپريہ ناٽڪ گهرائي ووڏياشي ناٽڪ اُتسو ڪيو هو.

ناٽيہ ڪلا ڪيندر : شري منوهر نهالاڻي جنهن اِسڪولي جيون ۾ هنديءَ ۾ ناٽڪ ڪيا هئا اُهو سنڌي ناٽڪن طرف مڙيو ۽ ناٽيہ ڪلا ڪيندر جي اِستاپنا ڪري سندر اگناڻيءَ جو ناٽڪ ''اِشتهاري شادي'' منچ تي آندو. ناٽيہ ڪيندر احمدآباد جي گروپن کي ڪٺو ڪري ''ايڪانڪي ناٽڪن جي شام'' پيش ڪئي. هن گروپ جا ٻيا ناٽڪ هئا، ''اڙجي وياسين، ''منهنجو بہ ڪجهہ سوچيو'' وغيره.

نٽراج ٿئيٽر : ارجن يمياڻيءَ ساٿين سان گڏ نٽراج ٿئيٽر جي اِستاپنا ڪئي. هن گروپ جو جيڪو وڏ ۾ وڏ ناٽڪ ڪامياب رهيو اُهو پرويڻ سولنڪيءَ جو لکيل ارجن جو ئي انواد ڪيل ۽ ندايتڪاريءَ ۾ پيش ڪيل ''ڪلنڪ'' احمدآباد ۾ ٿيل يڪانڪي ناٽڪ چٽاپيٽيءَ ۾ هن ناٽڪ وڏ ۾ وڏ اِنعام حاصل ڪيا.

پارتيہ ڪلاڪار منڊل : نوجوانن گڏجي هيءَ سنستا 1985 اري شروع ڪئي. هن گروپ احمدآباد ۾ اِسڪرپٽ ناٽڪ ڊارمڪ ڻن ۽ چيٽي چنڊ ۽ پوج چاليهو صاحب جي موقعي تي ڪرڻ روع ڪيا. هنن جا ڪلائيندڙ ۽ مذاقيہ ڇهڇٽا آهن چار چنڊيون، ڪ ڦتي ڪر، واندو نہ ڪر، نوار جي ڪٽ، وڻ هينان وغيره. اجا وقتي وقتي ساڳيا ناٽڪ ڪجهہ بدل-سدل سان پيش ڪندا ندا آهن.

گرجر سنڌو ڪلا ڪيندر : 1983 ۾ گجرات جو پهريون نرتيہ ي گجراتي سنڌي ڪلاڪارن جي گڏيل سهڪار سان هند-سنڌ ، برکہ شاعرا ارجن شاعر جو رچيل ''عمر مارئي'' نئين رنگہ پ، سيت-سجاوت ۽ عمدي روشنيءَ ۾ هڪ يادگار نرتيہ بئلي س ڪيو ويو. هن بئلي ۾ سنڌي، گجراتيءَ جي اندازي چاليهن ڪلاڪارن شرڪت ڪئي.

وي. آءِ. پي. .C.D فلم پڻ تيار ڪئي آهي.

سرسوتي آرٽ سرڪل : هڪ ئي اصلوڪو وڏو ناٽڪ ”پيغام“ ليکڪ هدايتڪار ٻلديو گهنشاڻيءَ آگري ۾ احمدآباد ۾ ٻه شو ڪري سنستا کي تالو لڳائي ڇڏيو.

سويٽي سنڌ : برجو چاولا جو خود جو لکيل ۾ هدايت ڪيل طويل ناٽڪ ”گڊ نائيٽ“ سان شروعات ڪئي. اِهو گجرات جو پهريون اصلوڪو راز ڀريو ناٽڪ هو. برجوءَ ٻيو نرتيہ ۾ سنگيت سان ڀرپور ناٽڪ ”ڊسڪو اِسٽار“ لکي هدايت ڪري منچ تي آندو. ناٽڪ هر لحاظ کان ڪلا ۾ تڪنيڪ سان ڀرپور هو. برجو چاولا جو ڪڇ جي زلزلي ۾ اوچتو دکدائڪ ديهاڪ ٿيڻ سبب سنستا بند ٿي ويئي. برجو چاولا احمدآباد جي هر نئين سنستا سان جڙيل هڪ بهترين اداڪار هو.

ستيم ڪلا مندر : گربي منڊل ۾ جٿہ يواني ڪلاڪار منڊل جي طرز تي ڊارمڪ، سماجڪ ۾ تواريخي ناٽڪ ڪرڻ شروع ڪيا. البت هن سنستا سان ناٽڪن جا اديب ۾ ڪلا جا ڄاڻو جڙيل هئڻ ڪري هن جا ناٽڪ تڪنيڪي سطح جا رهيا. ڪلا مندر جا لوڪپريہ ناٽڪ رهيا ڪلوءَ ڪيو ڪمال، ويهين صديءَ جي ويڏي، چندو چوڪيدار، مکي ماڪوڙومل، هل-هل، ايڪانڪي ناٽڪ هئا. چندو چوڪيدار، توهان کي سنڌ جي وڏي رام رام، اسان جو بابو، راجا هرشچندر، روپ بسنت، راجا ڀرٿري تہ-انڪي ناٽڪ هئا. ضرورت مطابق ناٽڪن ۾ گيت پڻ پيش ڪيا ويا. هن گروپ سان احمدآباد جون اِستري ڪلاڪار پڻ جڙيل رهيون. ناٽڪن جي هدايتڪاري ۾ ليکن لڇمڻ جسوجا ڪيو. هن گروپ وٽ ٿئيٽر سان وابسطہ هر ساڌن، سامگري، سيٽ، پوشاڪ، لائيٽ جون شيون پنهنجيون هيون. جڏهن بہ ٻاهر ناٽڪ ڪرڻ ويندا هئا تہ سڀ ساڌن پنهنجا ساڻ کڻي ويندا هئا هن سنستا ڊاڪٽر جيني لالواڻيءَ جي اڳوانيءَ ۾ هندي، سنڌي، گجراتي ٽنهي

1985 کانپوءِ احمدآباد جي ناٽڪن جي سرگرمين ۾ موٽ
چڻ شروع ٿي. ڪاٻه نئين سنستا وجود ۾ ڪونه آئي. ناٽڪ
نڊليون پراڻا ناٽڪ ئي منچ تي ڪيڏنديون رهيون. البت ڀارت
ر جي سنڌي ناٽڪ منڊلين جا ناٽڪ پيش ٿيندا رهيا. ”سنڌو
ڪلا مندر“ ممبئيءَ ۾ ته فصلن ناٽڪن جو فيسٽيول پڻ احمدآباد
 ٿيو. اِن کانسواءِ احمدآباد جي ڪنهن ٻه ناٽڪ منڊليءَ پنهنجن
ٽڪن جو ايڪانڪي چاهي طويل ناٽڪن جو فيسٽيول ڪونه
ڪيو آهي. اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهتيه سڀا طرفان وقت ٻه
فت اکل ڀارت سنڌي ايڪانڪي اُتسو ٿيندا پئي رهيا آهن.
 شري هريش ڪڪواڻي جيئن ته اِستيج گروپ سان جڙيل
ٿيو ۽ هن ڏٺو ته ٻارن ۾ سنڌي ناٽڪن لاءِ ڪافي اُتساهه آهي،
 مان پريرڻا حاصل ڪري هن پنهنجي سنستا ويزن سنڌو
ڊرين اڪادمي شروع ڪئي ۽ اُن جي زير سايع ٻارن کي ناٽڪي
 ۽ ٻين ڪلائن جي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي آهي. هن اڪادميءَ
 لوڪپريه ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ ناٽڪ رهيا آهن : اِنسانيت،
ڪنڪ، راند، دکه-سکه، مهامورکه، ڪڇڻي وغيره. وڌ ۾ وڌ اثرائتو
وڪپريه ناٽڪ آهي ”مان اڇان جيئري آهيان“ ڊاڪٽر ستيش
ڙا جي سنڌي ٻوليءَ جي لکيل آتم ڪٿا تي آڌارت هيءُ
ي ٻولي ۽ سنڌيت جو سنڌيش پهچائيندڙ جذباتي ناٽڪ
 جنهن ۾ مکيه اداڪار آهي هني ڪڪواڻي، هدايتڪار
ش ڪڪواڻي.
ئين ته وقت ٻه وقت اکل ڀارت سطح تي ڊراما ورڪشاپ،
ا فيسٽيول، ڊراما سيمينار ٿيندا پئي رهيا آهن. پر جن
ٻن ڀارت پر ۾ احمدآباد جو ناٽڪ سرگرمين ۾ ڏيان ڇڪايو
 آهن :
ٽڪ ۽ ڀڳت کي جوڙي، ڀڳت کي لوڪپريه بڻائڻ جون
وششون ورڪشاپ دواران هتان ئي ٿيون.

اِستيج گروپ : سنڌيءَ ۾ تجرباتي ناٽڪن جو آغاز احمدآباد کان شروع ٿيو. تيئن ئي هند-سنڌ ۾ باقاعدي سنڌي ٻال رنگه منچ جو بنياد پڻ احمدآباد ۾ ئي ڊاڪٽر ڄيٺي لالواڻيءَ وڌو. سنڌيءَ ۾ وڏن ٻال ناٽڪن جي منچن جي شروعات هن گروپ ڪئي. اِستيج گروپ طرفان اِسڪولي شاگردن سنڌي چاهي غير سنڌي اِسڪولن ۾ پڙهندڙ سنڌي شاگردن کي ڪٺي ورڪشاپ هلائي، ناٽڪي فن جي تعليم ڏيئي گجراتيءَ جا سڀ کان وڌيڪ لوڪپريه ناٽڪ ''شريمان ڦيرو ڦرڪي'' ۽ ''مسٽر گپوڙيداس'' ليکڪ جيورام جوشي، اُلٿو ڄيٺو لالواڻي، هدايتڪار هريش ککواڻي منچ تي آندا ۽ هنن ناٽڪن جا شو ڀارت ڀر جي وڏن شهرن ۾ ڪيا.

احمدآباد ۾ 1976 کان وٺي 1985 تائين سنڌي ناٽڪن جو هڪ سونهري يگه سڏيو وڃي ٿو. هن عرصي ۾ انيڪ ايڪانڪي، ته فصلا ناٽڪ لکيا، انواد ڪيا ويا ۽ کيڏيا ويا. انيڪ ناٽڪ منڊلين جو جنم ٿيو. جن ناٽڪ جي وڪاس لاءِ ڪاريه ڪيو. اڄ احمدآباد جا جيڪي ڀارت ڀر ناميارا ناٽڪڪار، ڪلاڪار، ناٽڪ نويس آهن اُهي هن عرصي جي سرگرمين جو ئي نتيجو آهن. سنڌي ناٽڪن ۽ رنگه منچ جي لوڪپريتا ۾ اِضافو ٿيڻ سان ناٽڪ ساهتيه، ڪلا جي فني قوتن ۽ سرگرمين جي ڄاڻ ميسر ڪرڻ ۽ سنڌي ناٽڪن جي تواريخ جوڙڻ جي مقصد کان ڄيٺي لالواڻيءَ هند-سنڌ جي اڪيلي ناٽڪ ڪلا جي مخزن ''اِستيج'' شايع ڪئي. جنهن طرفان ڀارت ڀر جي مشهور ناٽڪ ڪارن جا خاص انڪ شايع ڪيا جن ۾ ذڪر لائق آهن : مدن جماڻي، جيون گرسهاڻي، مايا ايسراڻي، سندر اگناڻي، ڀڳونتي ناواڻي وغيره. سنڌو ڪلا منڊر ۽ سنڌيءَ ۾ ٻال رنگه منچ خاص انڪ سان گڏ انيڪ ناٽڪن جا ڪتاب پڻ شايع ڪيا ويا ته اِستيج پبليڪيشن طرفان احمدآباد ۽ گجرات سطح تي ايڪانڪي ناٽڪن جون چٽاپيٽيون رکيون ويئون.

احمدآباد جي انيڪ ناٽڪ نويسن جا ناٽڪ ڀارت ڀر جي انيڪ
شهر ۾ کيڏيا ويندا آهن ۽ چٽاڀيٽي ۾ شامل رهندا آهن.
احمدآباد جا ناٽڪ نويس آهن : ڊاڪٽر پريم پرڪاش، ڊاڪٽر
بنو لالواڻي، چمن‌لال شرما، منوهر نهالاڻي، وڪرم شهاڻي، ويڙهو
يق، ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي وغيره.
شري چمنلال شرما هڪ اهڙو ناٽڪي جيوَ آهي جنهن پنهنجي
جي زندگي ناٽڪن کي ارپڻ ڪري ڇڏي آهي. هن ئي وڏ ۾
ريڊيو ناٽڪ ۽ اوپاريون-لهواريون لکيون آهن. هن سنڌيءَ
ن هنديءَ ۽ گجراتي ۾ ناٽڪ اُلٽو ڪري منچ تي آڻي غير
ڏين کي سنڌي ناٽڪن جو لطف ماڻڻ جو موقعو ڏنو آهي.
اکل ڀارت سطح تي ڀارت سرڪار طرفان ٿيل ڀارتي ٻولين
ب ريڊيو ناٽڪ چٽاڀيٽين ۾ سنڌي آڪاشواڻي ناٽڪ لاءِ ڊاڪٽر
ني لالواڻي، ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ کي اِنعام حاصل ٿيل
ن.
هند-سنڌ ۾ سنڌي ناٽڪن تي ٿيل ڀهرين پي.ايڇ.ڊي. ٿيسز
نڌي ناٽڪ جي اؤسر'' ۽ ''ورهاڱي بعد سنڌي ناٽڪ-رنگ منچ
ي چڪاس ۽ اؤسر''، ''سنڌي ناٽڪ'' ليکڪ ڊاڪٽر پريم
ڪاش ڪتاب شايع ٿيل آهن.
آڪاشواڻي احمدآباد تان مهني ۾ هڪ دفعو ريڊيو ناٽڪ ۽
اريون-لهواريون روپڪ نشتر ٿيندا هئا جنهن ڪري ريڊيو
ڪ پڻ جهجهي انداز ۾ لکيا ويا. آڪاشواڻيءَ تان سنڌيءَ ۾
ت بوقت ريڊيو سيريل پڻ پرسارت ڪيون ويئون جنهن ۾
مل-پارومل، ڊاڪٽر جمناداس، ايڊس (وگيانڪ فڪشن) سان
نساني اُتڪرانتي سيريل ڌيان ڇڪائيندڙ رهيون. ٻال ناٽڪ
ر گپوڙيداس، شريمان ڦيرو ڦرڪي (جيٺو لالواڻي) ۽ چندولعل
نگهاڻيءَ جي جاسوسي ناول ٻگو ٻئريسٽر جسٽس مورجاڻيءَ
ون (ريڊيو اِسڪرپٽ) پريم پرڪاش قسطن ۾ پرسارت ڪيئي

- اصلوڪي سنڌي طويل ناٽڪ ”گهر گروءَ جو در“ تي اکل ڀارت سطح تي ليکن ڪان ونئي درشڪن جي ردعمل تائين سيمينار و آيوجن پهريون دفعو ڪيو ويو. ناٽڪ جو ليکڪ مدن جماٽي، هدايتڪار ايس. پي. مينگهاڻي.
- اکل ڀارت سطح تي ايڪانڪي ناٽڪ چٽاپيٽي رکي، اِنعام يافت ناٽڪن کي منچ تي آڻي، اِنعام ڏيئي اُن تي اکل ڀارت سطح جو سيمينار ڪرڻ جهڙو تجربو بہ گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان ڪيو ويو ۽ ڪامياب ناٽڪن جو مجموعو ”ڪچا ڦڪا رنگ“ ويڙهي رفيق جي سمپادن ۾ شايع ڪيو ويو.
- ناٽڪي فن تي سنڌي ناٽڪن جي اِتهاس تي ڀارت ڀر ۾ ڪتاب جوڙڻ جي روايت هتان ئي شروع ٿي جنهن ۾ ناٽڪ ۽ رنگ منچ، ناٽڪ ڪلا جو وڪاس، سنڌو ناٽيہ درشن، سنڌي لوڪ ناٽڪ (ليکڪ جينو لالواڻي) اداڪاريءَ جو فن ارجن ڀمڀاڻي ۽ ٻيو ڪتاب هريش ڪڪواڻيءَ قلم بند ڪيا آهن.
- سنڌي ناٽڪن جي برکہ اداڪار، هدايتڪار، ناٽڪ نويس، رنگ فنڪار شري مدن جماٽيءَ تي اکل ڀارت سنڌي سيمينار ڪوناڻڻ جو شرف بہ احمدآباد کي آهي.
- ”ورلڊ ٿيئٽر ڊي“ پڻ وقت بہ وقت احمدآباد ۾ ملهايو ويند آهي. هن ڏينهن تي سنڌي ناٽڪن جي وڪاس ۾ جن ج خاص يوگدان ڏنل آهي اُنهن جو مان-سنمان سان گڏ اِنعا پڻ ڏنا ويندا آهن.
- سنڌيءَ ۾ اصلوڪا ايڪانڪي چاهي تہ فصلا ناٽڪ قلم بن ڪرڻ ۽ ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ اُلٿو/انواد ڪري منچ ت کيڏڻ ۽ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ ۾ پڻ احمدآباد ڪاف اڳڀري رهي آهي.
- اِهو ناٽڪ، منڊلين جي سرگرمين سان ظاهر ٿي ٻيهي ٿ

وغيره. هي گروپ ڀارت ڀر ۾ ناٽڪ پيش ڪندو پئي رهيو آهي.
ن جي لحاظ کان ناٽڪ ڪافي ڪمزور هوندا آهن پر لوڪپريتا
ر سيني کان اڳرا آهن. هنن جا ناٽڪ ٿهڪن جي ٽجوڙيءَ نالي
وام ۾ مشهور آهن.
هڪ ٻئي واپاري نؤجوان نريش اُڏاڻيءَ پڻ همت ڪري
گيانڪ فلم ''معصوم'' (ٿئليسيميا) تي پاڻ قلم بند ڪري،
نهنجي هدايتڪاريءَ ۾ تيار ڪئي آهي. فلم ۾ سنڌي گانا بہ
ريل آهن. گانا پڻ هن خود رچيا آهن. فلم ڀارت ڀر ۾ لوڪپريہ
ٽي آهي.
ڀارن جي ٽيلي فلم تيار ڪرڻ جو شرف پڻ احمدآباد کي
اصل آهي. هريش ڪڪواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ ''دي گيم''
الي ٽيلي فلم اِسڪرپٽ جينو لالواڻي-هريش ڪڪواڻي رليز
ي چڪي آهي.
سنڌيءَ ۾ پپيٽ ناٽڪ جوڙڻ جو ڪم بہ احمدآباد ۾ دنيا ڀر
شهور پپيٽ ماهر جوڙي مهيپت ڪوي ۽ ليلا ڪويءَ انڊس
فونڊيشن جي سهڪار سان ''عمر مارئي'' ۽ ''پڃري ۾ شينهن''
پيٽ فلم تيار ڪري عوام ۾ آندي آهي. اِسڪرپٽ (ڊاڪٽر
ينو لالواڻي) قلمبند ڪئي آهي.
اِها بہ هڪ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ پوري ڀارت ۾ گجرات
ڀيت ناٽڪ ڪلا اڪادمي، گجرات راجيہ سنڌي-گجراتي،
دي ناٽڪن جي وڪاس ۾ ڏنل خدمتن جو قدر ڪري ڊاڪٽر
ني لالواڻيءَ کي ''ناٽڪ ڪلا گؤرو پرسڪار' سان نوازيو آهي.
ل مطلب تہ احمدآباد سنڌي ناٽڪ، رنگہ منچ جي ڏس ۾
ي رهي آهي. نوجوان هن ڏس ۾ ڪافي سجاڳہ آهن.
حمدآباد جي سنڌي ناٽڪن-رنگہ منچ جو جائزو وٺڻ لاءِ سنڌي
ڪ سيمينار بہ ٿي چڪو آهي جنهن ۾ سنڌي ناٽڪن جو هر
ظ کان جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

ويئي. اِن قسم جون سنڌيءَ ۾ ريڊيو سيريل صرف احمدآباد ريڊيو سنڌي ڪاريہ ڪرم ۾ ئي پيش ٿيل آهن. دوردرشن سنڌي ناٽڪن جو قحط آهي، ايڪڙ ٻيڪڙ ناٽڪ ئي پيش ٿي چڪا آهن.

اڄ وڳيان جو يُڳ آهي. سنڌيءَ ۾ فلمون، سي.ڊي.، ڊي. وي.ڊي. پڻ احمدآباد جي نوجوان ڪلاڪارن جوڙڻ، تيار ڪرڻ ۾ اڳرا رهيا آهن. جتي احمدآباد جي پراڻن ناٽڪ منڊلين سنڌي فلم ٺاهڻ جو ساهس نہ ڪيو آهي اُتي نوجوان ڪلاڪارن ٽيلي فلمون ٺاهڻ ۾ ڪافي اڳرا رهيا آهن. سڀني کان اول شنڪر لونگاڻيءَ جي لکيل ٽيلي فلم ''پُٽ تہ پنهن جا'' هدايتڪار چندرسين ناواڻي تيار ڪئي ويئي. نوجوان سيا ''آخر ڇو؟'' سنڌي گجراتي ڪلاڪارن کي کڻي ٽيلي فلم جوڙي، ٻنهي فلمن جي عوام ۾ آجيان ٿي.

سي.ڊي.، ڊي.وي.ڊي. تيار ڪرڻ ۾ جئہ يواني ڪلاڪار منڊل جا ڪلاڪار سڀني کان اڳرا رهيا آهن. هنن جيڪي بہ ناٽڪ منچ تي وقت بہ وقت پيش پئي ڪيا آهن ذري گهٽ سڀني ناٽڪن جون سي. ڊي.، وي.سي.ڊي. تيار ڪري مارڪيٽ ۾ آنديون آهن جن جو وڪرو هزارن جي تعداد ۾ ٿيل آهي. هنن جا ناٽڪ اڪثر ڪلائيمڪس ۾ سماجڪ طرز جا آهن. هوُ امپرووائيزيشن طرز تي ناٽڪ جوڙيندا آهن ۽ اُنهن جي ويڊيو شوٽنگ ڪئي ويندي آهي. هنن جي ناٽڪن جو انداز 35 کن آهي. جن ۾ لوڪپريہ سماجڪ ناٽڪ سي. ڊي. آهن : رنگيلو سنڌي، پاپي سس، ظلمي گنگا، غلط رستو، پُٽن جا سوُر، شڪ، بيوقوف هليو ساهري، گنگو هليو پاونگر وغيره ۽ ڪلائيمڪس ڇهڇتا آهن پرائي پچار، گنگو جو ڇا ٿيو، ڪنجوس ڪاڪو، آيارام - گيارام، جڳو ڇوٽي وغيره.

هن گروپ جا لوڪپريہ ڪلاڪار آهن لڇو (مسافر) ڏيوناڻي راجيش فلو، ڪماري ڪنچن، چندر حلوائي، پرشوتم پنجابي

احمدآباد ۾ سنڌي ناٽڪن
۾ سيٽ لائيٽ ۽ ميوزڪ

ڪنهن به ذاتيءَ جي ڪلچرل ۽ سڀيتا تڏهن ئي واڌارو ڪري هندا جڏهن ذاتيءَ جي لاءِ اتي، لتي ۽ اڃهي جو مسئلو جهيل هوندو. سنڌي سنڌ ڇڏي هندستان ۾ اچي وسيا تنهن ن به وڏيڪ هندستان جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا ۽ پنهنجو ڪي نئين ماحول ۾ ”سيٽل“ ڪرڻ لڳا. اِن سيٽل ٿيڻ ۾ ئي افي وقت گذري ويو. پر اڄ جڏهن سنڌي سيٽل ٿي ويا آهن هن پنهنجي سنسڪرتي، پنهنجي سڀيتا کي پڻ اوڄ تي آڻڻ جاڪوڙ ڪري رهيا آهن. سيٽل ٿيڻ جي دوران به جيتوڻيڪ هن حد تائين سنسڪرتي ۽ سڀيتا جو وڪاس ٿيندو پئي رهيو. مدآباد ۾ سنڌو ڪلاڪار منڊل، گربي ڀواني منڊل، ممبئيءَ سنڌو ڪلا مندر ۽ سنڌو آرٽ ٿئيٽر دهليءَ جي سنڌو ڪلا ۾ وغيره وغيره سنستائن سنڌي سنسڪرتي ۽ سڀيتا جو ڪنهن ڪنهن نموني ٿورو ڪي گهڻو اڻ ”سيٽل“ ٿيڻ واري دؤر ۾ به ڪن دواران اِظهار پئي ڪيو آهي.

ڏريل پنجن ستن سالن ۾ سنڌي رنگ منچ ڪافي اوڄ تي آهي. ٻين ڀاشائن جي ناٽڪن ۽ سنڌي ناٽڪن کي ملندڙ ينن ۾ ڪنهن حد تائين فرق هئڻ جي باوجود به اڄ سنڌي نچ ٽيڪنڪ ۽ پرزنٽيشن جي لحاظ کان ٻين ڀاشائن جي سان ڪلهو هڻي رهيو آهي. احمدآباد جي ”سنڌي ڊراما شاپ“ سنڌيءَ ۾ تجرباتي ناٽڪ ڪري ”سنڌي رنگ منچ“ نيا ۾ ”نيو-ويو“ آڻڻ ۾ پنهنجو پورو يوگدان ڏنو آهي. ڪ ڪنهن به ڀاشا جو هجي ڪهڙي به ٽائيپ جو هجي اُن

احمدآباد ۾ سنڌي ناٽڪن جي اؤسر- ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي، احمدآباد ۾ سنڌي اِستيج تي اداڪاري- ديپڪ چاند، احمدآباد ۾ سنڌي ايڪانڪي ناٽڪن جي پيشڪش ۽ احمدآباد ۾ سنڌي اِستيج- چيتو لالواڻي ۽ ريڊيو ناٽڪ- ويڙهي رفيق وشين تي سيمينار ۾ مقالا پيش ڪيا ويا هئا. احمدآباد ۾ سنڌي ناٽڪن ۽ سيٽ، لائيٽ ۽ ميوزڪ، وڪرم شهاڻيءَ جو ۽ سنڌي ناٽڪ نويسيءَ ۾ تجربا- پريم پرڪاش مقالا پڻ ڪافي ڄاڻ ميسر ڪندا آهن.

سنڌي ناٽڪ جي وڪاس آڏو انيڪ مشڪلاتون ڪڙيون آهن. سنڌين مان سنڌيت لاءِ پريم ۽ ڀاونا گم ٿيندي پيئي وڃي. اهڙين حالتن ۾ سنڌي ناٽڪ جي ڦهلاوَ ۽ وڪاس ڏيڻ ذرا ڪنن نہ آهي. وري بہ احمدآباد جا نوجوان سي.ڊي.، ڊي.وي.ڊي، ٽيلي فلمن ذريعي ناٽڪن کي لوڪپريہ بڻائڻ ۾ سرگرم آهن. روشن آئيندہ جي ڪجھ اُميد رکي سگهجي ٿي.

جئہ سنڌ - جيئي سنڌ.

□

ڪندس'' باڪس سيٽ دوران هڪ سيٽ جي ڊزائينگ-روم جو
آياس ڪڙو ڪيو ويو جيڪو ناٽڪ جي نيم سان واسطو رکندڙ هئو.
جيتوڻيڪ ناٽڪ ۾ لائيٽنگ ۾ سنو اُپيوگ ٿيل هئو پر (پهرين شو
ر) اداڪارن ''امپرووائيزيشن'' جي ڪري ڪجهه سينن ۾
پنهنجو پورو اثر نہ ڇڏي سگهي. مثال هڪ اداڪار ڪي هڪ سين
ر صوفا جي وچ تي وهٽو هئو جتي اڳ ۾ ئي اسپاٽ لائيٽ جو
وڪس فڪس ٿيل هئو پر اداڪار دوست صوفا جي پاسي واري
جڳهہ تي وينو هو. فوڪس صوفا جي وچ تي ئي پيو. ساڳئي
نموني هڪ ٻئي درشيہ ۾ ناٽڪ جي هيروئن جي پيڻ، پنهنجي
ريميءَ جو خط پڙهي رهي آهي ۽ سندس ڪلپنا ۾ سندس پريمي
وپ ۽ آواز اُپارڻ لاءِ لائيٽنگ جو بيحد سندر اُپيوگ ڪيو ويو پر
سپاٽ لائيٽ جتي ڏنل هئي (نيٽ جي پنيان) اُتي پريميءَ
ي پهرين اچي بيهڻ ڪپندو هئو پوءِ سندس تي لائيٽ وڌي
ي ها تہ درشيہ جو درشڪن تي ڪافي اثر ٿئي ها.
''فرشتن جي دنيا'' ۾ جيڪو سنڌي ڊراما ورڪشاپ جي طرفان
ش ڪيو ويو، سمبولڪ سيٽ جو اُپيوگ ڪري ناٽڪ سان واسطو
ندڙ ڪڙو ڪيو ويو ۽ لائيٽنگ دوران پڻ اُن ماحول ڪي اثردائڪ
ڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.
احمدآباد ۾ وڌن ناٽڪن جو شروعاتي دؤر آهي جنهن ڪري
سگهي ٿو ڪجهہ ڪچايون ناٽڪن ۾ رهن پر اهڙي ئي نموني
ڪڏهن ناٽڪ ٿيندا رهن تہ اُهي سڀ ڪچايون دور ٿينديون.
اٽڪن ۾ جيتوڻيڪ لائيٽ، ميوزڪ ۽ سيٽ جو سوال آهي، تہ
ڪوشش هئڻ کپي جو ٿنهي جو سنڪرونائيزيشن ڪانبينيشن
ڪ جي ٿيم سان واسطو رکندڙ ماحول ڪي ڪڙو ڪرڻ ۾ مدد
بڻبي. ناٽڪ ڏسڻ کان پوءِ درشڪ جي زبان تي اُهو نہ هئڻ
''پائي ناٽڪ تہ مڙيوئي نيڪ هئو پر لائيٽنگ يا سيٽ يا
ڪ تمام سنو هئو'' ان بدران هر درشڪ اِهو محسوس ڪري

۾ سيٽ، لائيٽ ۽ ميوزڪ هڪ پورڪ طور بڻجي رهي ٿو جنهن بنا ناٽڪ جي ڪلپنا ڪرڻ اِئين پيو لڳي جڻ ڪنهن محنت ڪري ٻوڙ پلاءُ ناهيو هجي ۽ اُن ۾ لوڻ وجهڻ بنا ئي کائڻ وارن جي اڳيان ڪٽي رکيو هجي. ناٽڪ جيڪڏهن ”نيو ويو“ جو آهي يا ايڪسپريمينٽل آهي تہ ٿي سگهي ٿو ان ۾ سيٽ جو يوز نہ ڪيو ويو آهي، پر ناٽڪ ۾ ناٽڪ ٿيم مطابق ناٽڪ جي ڀاوارٿ معنيٰ کي اُڀارڻ لاءِ لائيٽ ۽ ميوزڪ جو اُپيوگہ ڪيو ويو هجي ڇاڪاڻ تہ ڪوبہ ناٽڪ پيش ڪرڻ جي پٺيان ناٽڪ پيش ڪندڙ جو اِهو ئي مقصد ٿي سگهي ٿو تہ هوُ ڪا ”آئيڊيا“ درشڪن کي ناٽڪ دواران سمجهائي سگهي يا درشڪن کي وندرائي سگهي. ڪامرشل يا ٽريڊيشنل ٽائيپ ناٽڪن ۾ پڻ ناٽڪ سان واسطو رکندڙ واتاورڻ ماحول کڙو ڪرڻ لاءِ اداڪارن جي اداڪاريءَ کي پُراثر بڻائڻ لاءِ سيٽ لائيٽ ۽ ميوزڪ ڪافي حد تائين مددگ
ار ٿين ٿا بشرطيڪ اُنهن جو اُپيوگہ صرف درشڪن کي ڪشش ڪرڻ لاءِ نہ پر ناٽڪ ٿيم سان واسطو رکندڙ ماحول ۽ اداڪار جي اداڪاريءَ سان واسطو رکندڙ هجي.

رس-ڪلا ٿئيٽر يونٽ جي فل لينٿ سنڌي ناٽڪ ”راهو-ڪيتو“ باڪس سيٽ دواران اِسپتال جو سيٽ کڙو ڪيو ويو هئو. پهرين انڪ ۾ دواخاني جي خستا حالت ٻئي انڪ ۾ شاندار حالت ڏيکارڻ لاءِ باڪس-سيٽ ۾ فليٽس ۽ فرنيچر بدلائي درشڪن کي انهن حالتن کان واقف ڪيو ويو. سيڪنڊ ائڪٽ ۾ جيڪي باڪس-سيٽ ۾ فليٽس لڳل هئا اُهي ڳوڙهي رنگہ ج هئڻ سبب لائيٽنگہ-افيڪٽس ڪنهن حد تائين پاڻ ۾ جذب ڪري پئي ويا. پهرين انڪ ۾ شروعاتي درشين ۾ لائيٽ، ميوزڪ ڪنهن ڪنهن هنڌ لائوڊ هئڻ سبب ڊائلاگہ ڊليوريءَ ۾ رخنو پئي پيو.

سنڌو ڪلاڪار منڊل جي ٽہ-انڪي ناٽڪ ”بابا مان شادي

3. توازن (Balance) درشيہ رچنا وقت رنگمنچ جي هرڪنهن
حصي سان گڏوگڏ، ڪنڊن جو بہ اُپيوگہ اهڙي نموني ڪجي
جيئن Balance رهي.

4. ايڪ سوُترتا (Harmony) درشيہ يوجنا ۾ ڪوبہ ايڪم اهڙي
طرح نہ هئڻ گهرجي جو اِئين لڳي جيئن ڪنهن مخمل جي چادر
۾ پراڻي سوٽي ڪپڙي جي چتي هنئي هجي.

لائيٽنگ (روشني) : ڪڙي ڪيل درشيہ جو حقيقي احساس
ڏيارڻ لاءِ لائيٽنگ بيحد ڪارائتي آهي. رنگمنچ تي ٿيندڙ
اداڪار جي هر ادا، هر ڪاريہ ۽ ماحول درشڪ چٽيءَ طرح ڏسن
ان لاءِ لائيٽنگ جو هئڻ ضروري آهي. جنرل اليومينشن لاءِ فل
لائيٽ ۽ سليڪٽوَ اليوميشن لاءِ اسپورٽ لائيٽ ڪم آڻڻ گهرجي.
ناٽڪ جي ڪٿا-وستوءَ ۾ ڏيکاريل واتاورڻ، مند، وقت لائيٽنگ
دواران رنگہ منچ تي صحيح نموني پيش ڪري سگهجيتو. ان
لاس ۾ ''سائڪلوراما'' جو پڻ سُنو اُپيوگہ ٿي سگهي ٿو. اِنسان
جي من تي جدا جدا رنگن جو اثر جدا جدا ٿئي ٿو. مثال موهڪ
سُگنڌي گلاب جو گلابي رنگہ اِنسان جي من ۾ پريم جي ڀاوڪتا
اڀاري ٿو. برسات جي ڀريل ڦوهار ڪانپوءِ هريو پريو سائو رنگہ
انسان جي زندگيءَ ۾ نيون آشائون نيون اُميدون جاڳائي ٿو.
اهو سڀ جدا جدا ڪلرنگہ لائيٽنگہ دواران ''ڪريئيٽ'' ڪري
سگهجي ٿو.

ميوزڪ (سنگيت) : خاص ڪري ريڊيو ناٽڪن جي يگہ شروع
ٿيڻ کان پوءِ هن ڪلا جو سنو وڪاس ٿيو آهي. ناٽڪ ۾ ميوزڪ
جو صحيح اُپيوگہ پڻ واتاورڻ ۽ اداڪارن جي اداڪاري اِظهار
ڪرڻ ۾ ڪي اُڀارڻ ۾ مدد روپ ٿئي ٿو ڪنهن زماني ۾ ناٽڪ ۾
گيت، ميوزڪ هوندو هئو ڇاڪاڻ تہ ناٽڪ ۾ گيت ۽ نرتيہ تمام
وڏي انداز ۾ هوندا هئا. اڄڪلهہ ميوزڪ جو اُپيوگہ، محدود ۽
خاص ڪري ٽيپ رڪارڊ دواران ڪيو وڃي ٿو. ناٽڪ ۾ هميشهہ

تہ ''پائي واهہ جو ناٽڪ هو بلڪل پرفيڪٽ هر لحاظ کان قابل تعريف هئو.'' ان پرفيڪشن جي لاءِ اسان کي ڪجهہ ڳالهيون هميشهہ ڌيان ۾ رکڻ کپن.

مثال پهرين سيٽ بابت ڳالهائجي - اڄڪلهہ سنڌيءَ ۾ 80% ناٽڪن ۾ باڪس-سيٽ ڪم آڻي درشيہ کڙو ڪيو وڃي ٿو. باڪس ۾ ڪتب ايندڙ فليٽس جو رنگہ ناٽڪ جي ٿيم سان واسطو رکندڙ هجي جيئن تہ هر رنگہ کي پنهنجو پاڻ ۾ ئي سائڪلاجيڪل معنيٰ ٿيندي آهي تنهن ڪانپوءِ درشيہ کي هوبهو کڙو ڪرڻ لاءِ اُنهن سيني شين جي ضرورت نہ ٿيندي آهي جيڪي اسين روزاني زندگيءَ ۾ ڪم آڻيون ٿا. ''ناٽڪ جيون جو درپڻ آهي.'' ان جو مطلب اِهو نتو ٿئي. مثال ڪنهن سيٺ جي گهر جو درشيہ آهي سندس گهر جي ڊرائينگہ روم جو ماحول کڙو ڪرڻو آهي تہ ٿي سگهي ٿو ڪنهن سيٺ جي ڊرائنگہ روم ۾ - ڊبل بيڊ، ڊائيننگہ ٽيبل، ٽي. وي. سيٽ، بوڪ شيلف، ريڊيو پليئر، ٽيليفون، شوڪيس وغيره وغيره نہ ڄاڻ ڪيترين شيون هجن پر ناٽڪ ڪرڻ وقت سيٽ تي صرف اِهي ئي شيون هئڻ کپن جن جو ناٽڪ ۾ اُپيوگہ هجي يا وڌ ۾ وڌ هڪ اڌ اَهڙي شيءِ هجي جنهن مان شاهوڪاري جهلڪي. سيٽ تي فرنيچر اَهڙي نموني هجي جيئن وڌ ۾ وڌ ''ائڪٽنگہ ايريا'' اداڪار کي ملي سگهي. درشيہ رچنا وقت هيٺين ڳالهين جو خاص ڌيان رکڻ کپي.

1. ايڪتا (Unity) درشيہ ۾ ڪم آندل هرهڪ ايڪم مان هڪڙو ئي ڀاو، هڪڙي ئي آرٽ جو اِظهار هجي.

2. ووڌتا (Variety) ايڪتا جو مطلب هرويرو اِهو نہ هئڻ کپي جو درشڪ ڪڪ ٿي پون. درشيہ ۾ رنگہ يوجنا دواران فرنيچر، دريون دروازن لاءِ الڳہ الڳہ پر هڪ ٻئي سان ميل ڪائيندڙ رنگن جو اُپيوگہ هئڻ کپي جيئن ووڌتا سان گڏ ايڪتا پڻ قائم رهي.

احمدآباد ۾ سنڌي ايڪانڪي ناٽڪن جي پيشڪش

ايڪانڪيءَ جو مطلب ٿئي آهي هڪ انڪ وارو ناٽڪ.
ڪانڪيءَ ۾ داخلائون (اينٽريز) ڪيتريون به ٿي سگهن ٿيون
انڪ صرف هڪ ئي هوندو آهي اِنڪري ايڪانڪيءَ ۾ وقت
ي پابندي رهندي آهي. ڪلاڪ يا اڌ ڪلاڪ جي حدبنديءَ ۾
بون جي جهلڪ يا ڪنهن حصي جو چٽر جيڪو گهٽنائن،
گهرش، مسئلي يا اُن جي حل، ڪنهن فلسفي يا ڪنهن سنديش
ن پرپور ٿئي ٿو پيش ڪيو وڃي ٿو. ايڪانڪيءَ جي سڦلتا،
ٽنائن جي تيزيءَ تي منحصر رهي ٿي. شروعات ۾ پڇاڙي
رائتي ۾ دل کي ڇهندڙ هئڻ گهرجي جيڪا درشڪن جي
ٽنائن کي پڪڙي رکي. اثرائتا ڊائلاگ ايڪانڪيءَ جي جان
دا آهن. گهٽ ۾ گهٽ ساڌنن ذريعي چيزن جي ميماپ-جوڙ
ياواتمڪ ۾ ڪلاتمڪ ڍنگ سان لڳاتار هڪ رفتار ۾ پيش ڪرڻ
ڪانڪيءَ جا ضروري عناصر آهن. ايڪانڪيءَ ۾ ماحول کي
وڏي اهميت آهي. ماحول جو جيترو بهترين سرجن ڪبو
ي ئي رچنا سجيوَ ۾ حقيقي ڀاسندي.
ج ننڍن ناٽڪن ۾ ايڪانڪي جو ئي زمانو آهي. ايڪانڪي
د گهٽ وقت وٺن ٿا ۽ پرپور منورنجن ڏين ٿا. جنهن ڪري
ليءَ ۾ ننڍن ناٽڪن کي ئي اهم جڳهه ڏني وڃي ٿي. وڏن
ن جي ڀيٽ ۾ هي وڌيڪ لکيا وڃن ٿا ۽ اِسٽيج ڪيا وڃن
نڌي ٻوليءَ ۾ پڻ شروعاتي دؤر ۾ انيڪ ايڪانڪيون لکيون
يج ڪيون ويون. پر هن وقت بلڪل اُبتڙ حالت آهي.
ٻيڪڙ ليکڪن کي ڇڏي باقي ليکڪن ايڪانڪيون لکڻ/

اِهو خيال رکڻ کپي تہ جڏهن ڊائلاگہ ڊليوري ۾ ميوزڪ ٻئي هڪ وقت هجن اُن وقت ميوزڪ جو واليوم، اينرو تہ گهٽ هئڻ کپي جو اهو اداڪار جي آواز جو پوُرڪ بڻجي نہ ڪ ان جي آواز کي دٻائي نہ تہ درشيہ پنهنجو اثر ڇڏڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيندو. ناٽڪ ۾ اسپيشل افيڪٽس لاءِ ڪجهہ رڪارڊ پڻ موجود آهن. ڪي خاص افيڪٽس اسپيشلي ڪجهہ ميوزڪ وارن کي گڏ ڪري رڪارڊ ٺاهي رکندا آهن.

ڪن ناٽڪن ۾ لائيوَ ميوزڪ بہ ڏنو ويندو آهي. منچ تي ساز ۽ سازيندڙ هڪيا تڪيا حاضر هوندا آهن. اڳئين زماني ۾ ٻئليٽ لاءِ هن قسم جو ئي بندوبست ڪيل هوندو هو. □

ڪيو ويندو آهي. ليڪ جو مول مقصد سمجهي اُن کي اثرائتي نموني درشڪن تائين ڪيئن پهچائجي؟ ڪهڙي نموني پهچائجي؟ ڪهڙي لحظي ۾ پيش ڪجي؟ ۽ اُن لاءِ ڳهربل اثرائتا ساڌن ڪهڙا آهن؟ اِها سموري جوابداري سوچڻ ۽ ڳڌ ڪرڻ جي هدايتڪار جي آهي. هدايتڪار کي هر نظرئي جي چنڊڇاڻ ڪندڙ ايجنٽ سڏبو آهي. هڪ ناٽڪ جدا جدا شئلين ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو. هر ڊائريڪٽر جو ناٽڪ کي سمجهڻ ۽ پيش ڪرڻ جو نظريو/طريقو/ڍنگ پنهنجو پنهنجو هوندو آهي. هڪ ناٽڪ جيڪو ڪامياب ٿي چڪو آهي ضروري ناهي ته اُهو ئي ناٽڪ ٻئي ڊائريڪٽر کي وٽي. نه وٽڻ يا ڪامياب نه هجڻ جا هن وٽ پنهنجا سوچيل ۽ سمجهيل ۽ وزندار دليل ٿي سگهن ٿا. ناٽڪ ۾ جنهن زمان ۽ مڪان جو ذڪر ڪيل هوندو آهي اُن ماحول ۾ ئي ايڪانڪي/ناٽڪ اِستيج ڪرڻو پوي ٿو. حقيقت اُيارڻ لاءِ لائيٽ، ميوزڪ، ميڪ-اپ، سيٽ، ڪاستيوم، پراپرٽي وغيره جو اُپيوڳ ڪيو يوندو آهي ۽ انهن ساڌنن وسيلي/ذريعي حقيقي اثر ۽ احساس پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. نرجيوَ سڪرپٽ کي مٿين ساڌنن ۽ ڪلاڪارن دواران اُنهن کي جيوت ڪائي درشڪن اڳيان پيش ڪيو وڃي ٿو. ناٽڪ جي هدايتڪاري سنڀالڻ وقت هدايتڪار جون ڪيترين ئي جوابداريون ٿين ٿيون. ليڪ ايڪانڪي ۾ يا ناٽڪ ۾ ڪهڙو ماحول چٽيو آهي؟ ان جي اداڪارن جي مانسڪ اِستٿي ڪهڙي آهي؟ ۽ هوُ ڪهڙي ماحول ۾ جي رهيا آهن؟ هنن جا هاوَ ڀاوَ ڪهڙا آهن؟ رهڻي ڪهڻي ڪهڙي آهي؟ وغيره سوالن کي سمجهي جواب ڳولهڻا پون ٿا ۽ هرڪا ڳالهه ڌيان ۾ رکي عوام اڳيان پيش ڪرڻو پوي ٿو. رنگه ڀومي ۽ تي پاترن جي لائق اداڪارن جي چونڊ، جن ۾ سرجناتمڪ شڪتي سمايل هجي ۽ پاترن کي موبائيل ۽ جيوت ڪري سگهي اهڙن ڪلاڪارن جي پسندگي ڪرڻي پوي ٿي. درشيه

انواد ڪرڻ ڇڏي ڏنيون آهن. جڏهن لکڻ جي هيءَ حالت آهي
ته اِستيج ڪرڻ پڻ اِن حالت کان پري پاڻ ڇڏائي نه سگهيو
آهي. جيتوڻيڪ ايڪانڪي ناٽڪن کي همٿائڻ لاءِ اڪل ڀارتيه
سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀا اکل ڀارت سطح تي ايڪانڪي
چٽاڀيٽين جو آيوجن ڪري ايڪانڪين جي لکڻيءَ جو معيار ۽
پيشڪش کي اوچو آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌي
ايڪانڪيءَ ترقي ڪئي آهي ان جي پيشڪش جو معيار ٻيءَ
ڪنهن اِستيج کان گهٽ ڪونهي. اِهو اسين گڏريل پنجن اکل
ڀارت ناٽڪ چٽاڀيٽين ۾ پيش ٿيل ايڪانڪين کي نظر ۾ رکي
چئي سگهون ٿا. دهليءَ جي فيسٽيول ۾ جدا جدا طرزن (شئليءَ)
۾ ايڪانڪيون پيش ٿيون. جاسوسي، ساماجڪ، لوڪ ۽ نون
تجرباتي ناٽڪن فيسٽيول ۾ شرڪت ڪئي. اڄ وڏن شهرن دهلي
۽ ممبئيءَ ۾ ايڪانڪين کي توجه ڏنو نٿو وڃي. پر اسان جي
احمدآباد ايڪانڪين کي پيش ڪرڻ ۽ همٿائڻ ۾ ٻين شهرن
کان اڳري رهي آهي. احمدآباد ايڪانڪيون لکڻ ۽ پيش ڪرڻ
۾ ڪافي سرگرم آهي وقت به وقت ”ايڪانڪين جي شام“
رکي اُنهن کي همٿايو پئي ويو آهي.

احمدآباد ۾ ايڪانڪين جي شام سنڌي ڊراما ورڪشاپ
ڊائلاگ سوسائٽي، ايم. ڊي. هاءِ اسڪول جي ساليانو پروگرام
۾ ”يووڪ مهوتسو“ طرفان پيش ٿيل آهن ۽ وقت به وقت سنڌ
ڪلاڪار منڊل، سنڌي ساهتيه ۽ ڪلانڪيتن، رس ڪلا ٿئيٽر
رنگ ڪرم ٿئيٽر طرفان پڻ ايڪانڪيون پيش ٿينديون پئ
رهيون آهن. هنن سڀني جون ڪوششون پنهنجو پاڻ ۾ سڄاڳي
ڪاميابيءَ جو مثال آهن.

ننڍن ناٽڪن کي اِستيج تي پيش ڪرڻ وقت اُنهن ج
پيشڪش تي خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي. ڀهرين ناٽڪ
ايڪانڪي کهڙي لئه (شئلي) ۾ پيش ڪرڻو آهي اِهو ط

ب. اُنهن کي اُلجهائي ٿي ۽ دنيا جي شورغل کي پاسيرو ڪري
ب. لڳندو آهي تہ پورو ناٽڪ ان ۾ ئي سمايل آهي.
ڪلا جو مکيہ ڪم آهي زندگيءَ جي الڳہ خاص، ڳم ٿيل،
ڪل پهلن کي اُپارڻ. ڪلا متين تهن جي اندر وچي حقيقت
ي گهري معنيٰ کي ڳولهي ڪڍندي آهي. درشڪن پاڻ کي
ٽڪ جو هڪ پاتر قبول ڪيو تہ هوُ خود سمجهي ويندو. نون
ٽڪن حقيقي زندگي ۽ ڪلاتمڪ ڀاو کي همثاڻ/اُپارڻ ۾ مدد
ئي آهي ۽ احمدآباد ۾ پيش ٿيل اُن جا بهترين پيشڪش جا
ال آهن: ''ڪوئي ڪڏهن ايندو''، ''وڻ''، ''ڪاٺ'' ۽
رقي''. ورڪشاپ ۽ ڊائلاگہ سوسائٽيءَ هيءُ ناٽڪ پريوگاتمڪ
جرباتي) شئليءَ ۾ پيش ڪري احمدآباد جي ائبسرڊ ٿئيٽر
جنم ڏنو آهي. جنهن تجربا ڪندڙ کي نئين شڪتي بخشي
ي. هيءُ ناٽڪ حقيقت جي ويجهو، ڪالپنڪ، جڙتو زندگيءَ
دور جون وستو آهن.
پر هڪ ڳالهہ ياد رکڻ ضروري آهي تہ هرويرو ڪنهن بہ ناٽڪ
پيشڪش هوبهو زندگيءَ جو عڪس ٿي نٿي سگهي. اِستيج
پيش ڪرڻ لاءِ، ڪي ڦيرڦارون يا بدل سدل ڪرڻي پوي ٿو.
ئين تہ احمدآباد جي اِستيج کي پهرين ايڪانڪي 1961
نڌي پرائمري مڏل اِسڪول سردارنگر جي ٿلهي تي ''ڏني
جي ممبئي'' مذاقيہ چمن لا شرما جي هدايتڪاريءَ ۽
ڪاريءَ هيٺ پيش ڪئي ويئي ۽ بال سنڌو سرڪل طرفان
1 ۾ ''پرو ۽ سڪندر'' ۽ سنڌو ڪلاڪار منڊل طرفان 1963 ۾
جي. هاءِ اِسڪول جي ٿلهي تي ايڪانڪي ''سنڌي آهيون
ب آهيون''، ''شهيد'' ۽ ''مان باپ'' ۽ ''آزاد ميدان تي
م'' پيش ڪئي ويئي. ان ريت ايڪانڪي ناٽڪن جي
ڪش جو سلسلو جاري ٿيو ان بعد ڪيترين ئي لڳاتار
ڪيون پيش ٿينديون رهيون. انهن ۾ مکيہ مذاقيہ ۽

جي رچنا لاءِ خاڪو تيار ڪرڻو پوي ٿو ۽ اُهي ساڏن ئي ڪتب آندا وڃن ٿا جيڪي ناٽڪ جي وهڪ کي قائم رکن. ساڻ ساڻ پاڻ کي درشڪن جي ڪتهڙي ۾ رکي درشڪن جي پسندگي، اِڇائن، چاهنائن ۽ ٽيمپر، جذبات وغيره جو ويچار ڪرڻو پوي ٿو. ڪامياب ايڪانڪي اِها آهي جيڪا درشڪن کي ناٽڪ نرماڻ جو حصو بڻائي ٿي ۽ هوُ اُن ۾ پورا پورا حصيدار ٿي سگهن ٿا. ڊائريڪٽر جي ائڪٽنگ جي ڄاڻ ۽ آزمودي سان ناٽڪ جي پيشڪش اثرائتي ۽ ڪامياب بڻجي سگهي ٿي ڇو جو ڊائرڪٽر سرجن جي پرڪريا ۾ جيڪي چئلينج وارا تنتو آهن اُنهن کي ڳولهي ڪڍي ٿو ۽ اُنهن کي مانسڪ، جذباتي، سطح تي پرکي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

اڄڪلھ ائبسرڊ ۽ نون تجرباتي ناٽڪن کي پيش ڪيو پيو وڃي. ٻين مهاياري لڙائي بعد ٻڌي جيوين ڏنو تہ سڄي گيان ۽ وگيان جي وچ ۾ اِنسان لاچار آهي ۽ هوُ حوسن سان پاڳل ٿي سگهي ٿو. اِنسان جي لاچاري، ڇٽپٽائي ۽ زندگيءَ جي واحيات پٽي/ ڇسپٽي کي هنن ناٽڪن ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪهاڻيون، ناول، ايڪانڪيون، ناٽڪ صرف من بهلاوَ جون وسنو ڪونهن پر زندگيءَ جا واحيات پٽي سان ڀريل واقعا ۽ ارٿ هيڻ واقعا، گهٽنائون پڻ ڪلاتمڪ آهن.

چوندا آهن پاڻڪ ۽ درشڪ هڪ گهر جي ماحول جي سرشتي ڪندا آهن ۽ اُن جي وچ ۾ ئي ڪلا ۽ ساهتيہ جو وڪاس ٿيندو آهي. اڄ لڳي ٿو ماڻهن جو ڌيان ناٽڪ طرف وڌيڪ وڃي رهيو آهي. اڄوڪي هرڪا گهٽنا هر ڪنهن شخص کي ڇهي ٿي هوءَ صرف هڪ جي ڪهاڻي نہ بڻجي انڪن جي بڻجي وڃي ٿي ۽ ان حقيقت جي وچ ۾ ڪل/مذاق/طرز/اُڇل ڪوُد وغيره نہ وايومنڊل ۾ تہ آهي پر ڪيترائي ڪلاتمڪ پهلو پڻ. هنن ۾ عجيب قسم جي ڪشش آهي جيڪا درشڪن کي پاڻ طرف ڇڪي

۾ پيش ڪيل گجرات جي پهرين ايڪانڪي هئي جيڪا پيشڪش
جي لحاظ کان انوکي، ڪلاتمڪ ۽ فل ٽيڪنڪ سان ڀرپور هئي.
هن جي پيشڪش جي ڊزائين ڪلاتمڪ ڍنگ سان، گهرج مطابق
سامگريءَ سان ڪئي ويئي. لائيٽنگ ۽ لائيوَ ميوزڪ هن ناٽڪ جي
خاص خوبي هئي. ٻي ايڪانڪي پڻ ڪيرت جي هدايتڪاريءَ
هيٺ نئين ڍنگ سان ان زماني جي ماحول ۾ گجرات جي پهرين
ميوزيڪل ايڪانڪي آغا سليم جي لکيل ''گل چنو گرنار جو''
بمبئيءَ ۾ ڊراما فيسٽيول جي موقعي تي نڪيتن طرفان پيش
ڪئي ويئي. پر مکاني انفرادي ڪارڻ ڪري اُها ڪاميابي
حاصل ڪري نہ سگهي.

اِنساني فطرت آهي تہ هن کي تبديل کپي، چينج کپي هر
ماحول ۾، منورنجن ۽ ساهتيہ ۾، زندگيءَ جي هر کيتر ۾ ئي ان
فطرت کي ڌيان ۾ رکي احمدآباد جي سنڌي اِسٽيج کي نئون
موڙ رس ڪلا ٿئيٽر يونٽ ۽ سنڌي ڊراما ورڪشاپ ڏنو. ورڪشاپ
نوان نوان تجربا ڪري اِسٽيج کي مالامال ڪيو. رس ڪلا گهرج
مطابق پراپرٽي مثلن لائيٽ، سائونڊ، ويوزئل، هئنڊ، آهرڪ،
پراپرٽي وغيره کي چٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. ورڪشاپ
ٿائيميٽڪ ائڪٽنگ تي زور ڏيئي شين جي ڪريائن دوارن
اندر ۽ احساس ڪلاتمڪ ڍنگ سان اُڀارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽
ويزوئل ۾ برسات، ٿڌ، دونهين، ڪوهيڙي جو ائڪٽنگ دوارن
ٿالپنڪ احساس پيدا ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. هنن ٻالهين
احمدآباد جي ايڪانڪين کي ڏنڌوڙي (ڪامرشل)/مذاقي
ز کان گنڀير، ڪلاتمڪ ۽ معنيٰ خيزيءَ طرف موڙيو. رس ڪلا
''قاتل ڪير؟''، ''ٻوڙا اچي مڙيا هڪ ماڳہ'' (ليکڪ واسديو
ل هدايتڪار وڪرم شهاڻي) انوکي ۽ بهترين پيشڪش جا
ل آهن. ورڪشاپ جي پهرين ايڪانڪي ''ڪوئي ڪڏهن
دو'' (ڪلاڪار ديپڪ چاند ۽ جيٺو لالواڻي) ورڪشاپ کي

سماجڪ هيون ۽ پيشڪش جو مکيہ مقصد صرف درشڪن کي منورنجن ڏيڻ ۽ کلائڻ هو. ان دور ۾ ايڪانڪين جي پيشڪش جي ڊزائين ڪلاتمڪ ڍنگ سان نہ ڪئي ويندي هئي ۽ اِها ڳالهہ جيڪا درشڪن کي وڻندي هئي گهڙيءَ گهڙيءَ دهرائي ويندي هئي ۽ اجا تائين پڻ دهرائي ويندي آهي ڀلي ناٽڪ ۾ اُن جي گهرج هجي يا نہ. سنڌو ڪلاڪار منڊل جي ايڪانڪين مڪان خالي آ، اِنٽرويو، نيلام، دو آنسون، پاڳل، ايم. پي.، سماج شيوڪ وغيره ناٽڪن جا ڪيترا ئي شو پيش ڪيا ويا آهن ۽ اُنهن ڪاميابي حاصل پڻ ڪئي آهي ۽ پر ”دو آنسون“، ”ڏس رنگيءَ جا رنگ“ پيشڪش جي لحاظ کان بهترين ايڪانڪيون سڏي سگهجن ٿيون.

هن دؤر ۾ پيش ٿيل ايڪانڪين تي نظر ورائيندي معلوم ٿئي ٿو تہ گهٽي ياٽي ايڪانڪين ۾ ليکڪ دوارا ڇاٽايل/ذڪر ڪيل ڊائريڪشن پٽاندڙ ئي هلندا پئي رهيا آهن جيڪا خود ۾ هڪ نيگيٽوَ پوائنٽ آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڊائريڪٽر ناٽڪڪار جي اِڇا شڪتيءَ کي نڪرائي رچنا کي پنهنجي طرز تي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ رچنا کي ۽ پنهنجو پاڻ کي ڪلڻ هاب بڻائيندا هئا. ان وقت جي ناٽڪن ۾ هڪ ٻي ڳالهہ پڻ تري اچي ٿي. صحيح ڪلاڪارن جي چونڊ نہ ٿيڻ ۽ نتيجي طور ايڪانڪي گهٽي اُسري نہ سگهي. ان دؤر ۾ ئي سنڌي ساهتيہ ۽ ڪلا نڪيتن طرفان ڪيرت مهرچنداڻيءَ جو لکيل ۽ ڊائريڪٽر ڪيل ايڪانڪي ناٽڪ ”جهڙي کي مليو تهڙو“ نڪرباپانگر ۾ پيش ڪيو ويو ۽ سنڌو ڪلا سرڪل واڙيچ طرفان ڪيرت جا ئي ڊائريڪٽ ڪيل ”گامتو ڊاڪٽر“، ”ڪاڪو ڀلاڻيءَ وارو“ ”ڏني تنهنجي ممبئي“ پيش ڪيا ويا جنهن ۾ گامتو ڊاڪٽر لاثاني ڪاميابي حاصل ڪئي. بہ ايڪانڪي سنڌي ساهتيہ ۽ ڪ نڪيتن جي ناٽڪ ”ڪوئي بہ نہ بچندو“ (انواد چينو لالواڻي سريچند ڪيسواڻي) ڪلڪتا جي ڀهرين اکل ڀارت ڊراما فيسٽيو

لالواڻي) ايم. ڊي. هاءِ اِسڪول پهريون اِنعام حاصل ڪيو ۽ ايم. جي. هاءِ اِسڪول طرفان هنديءَ ۾ پيش ڪيل ايڪانڪي ”فرشتي“ پڻ پهريون اِنعام حاصل ڪيو ۽ ٻئي مهاُتسو ۾ ”گامتو ڊاڪٽر“ سي. جي هاءِ اِسڪول پهريون (هدايتڪار منوهر نهالاڻي)، ”اِشتهاري شادي“ ايم. جي. ها اِسڪول ۽ ٻيون ”طوفان“ (هدايتڪار جينو لالواڻي)، ايم. ڊي. هاءِ اِسڪول ٽيون اِنعام حاصل ڪري ايڪانڪين جي پيشڪش ۾ اِضافو آندو آهي. رنگ ڪرم ٿئيٽر يونٽ جي ”طوفان“ ناٽڪ کي تہ وساري نٿو سگهجي. لائيٽنگ افيڪٽس هن ناٽڪ جي پيشڪش جا مکيہ مرڪز هئا.

ان ڪانسواءِ آڪاشواڻي احمدآباد تان پرسات ٿيل ريڊيو روپڪن سچو سپوت، ايوڳي جيون، شرط، اڪيلو، هولي آئي ڙي آئي، پڇتاءُ جا زخم، لاٽريءَ جو چڪر، سچو وارث، ڏيراڻيون ويراڻيون، اِشتهاري شادي، منهنجو گهر منهنجو ديش، يريءَ جو عشق وغيره ۽ چمن لال شرما ۽ ڊاڪٽر مرليڌر سڪواڻيءَ ي کن ايڪانڪين پيشڪش جي لحاظ کان شهرت حاصل ڪئي هي ۽ ٻڌندڙن جو ڌيان پاڻ طرف ڇڪيو آهي.

مٿي ذڪر ڪيل ناٽڪن جي پيشڪش جي ڍنگ کي، ڪاميابيءَ کي ڌيان ۾ رکندي ايترو چئي سگهجي ٿو تہ جهڙي وني اسڪوٽرن ۽ موٽرڪارن جو اچڻ صرف ٽرانسپورٽ کي نہ شهر جي بناوت کي بدلي ڇڏيندو آهي تيئن نئون ناٽڪ ۽ بن پيشڪش سڄي پاشا، ساهتيہ ۽ ڪلا کي بدلي ڇڏيندو. ان وستا کوليندو. اسين اگر دقيانوسي ويچارن ۽ صرف درشڪن منورنجن بخشڻ- ڪلائڻ جي منورتيءَ کي پاسيرو ڪري ڪلاتمڪ ـ سان، پنهنجي سوجهہ ٻوجهہ سان ناٽڪن جي علحدي پيشڪش ـ ڌيان ڏينداسين تہ اسين هن کان بہ وڌيڪ بهتر رچنائون ي سگهنداسين اهڙو منهنجو عقيدو آهي. □

(ڊراما سيمينار ۾ پڙهيل پيپر-1984)

ڪلاتمڪ صفحي ۾ بيهاريو. اُن بعد ايڪانڪي ”وڻ“ (انوادڪ
هدايتڪار جيئنو لالواڻي ڪلڪتا ۾، پريم پرڪاش دهليءَ ۾)
لاثاني ڪاميابي حاصل ڪئي. جيتوڻيڪ پهرين ايڪانڪي
”پڙدا“ بڙودا ڊراما فيسٽيول ۾ نئين آياسي مائيميٽڪ ڍنگ
سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ورڪشاپ ڪئي پر ان ۾ بريءَ
طرح ناڪامايابي حاصل ڪئي. بمبئيءَ ۾ پيش ڪيل ايڪانڪي
”عدد جمع ۽ عدد واحد“ پڻ ساڳئي طرز تي پيش ڪرڻ جي
ڪوشش ڪئي ويئي پر اثر ڇمائي نہ سگهي. ان بعد ”جڏهن
زندهہ هئاسين“ ناگپور جي اِسٽيج تي، ”عوام ۽ مشين“ ممبئيءَ
جي اِسٽيج تي پيشڪش جي لحاظ کان بهترين رچنائون ثابت
ٿيو (هدايتڪار پريم پرڪاش ۽ ديپڪ چاند).

احمدآباد جي اِسٽيج تي ورڪشاپ جي ”ڪفن“ (هدايتڪار
ديپڪ چاند) ”جڏهن زندهہ هئاسين“ ۽ ”هنجو ڊپ“ ڪامياب
رهيون آهن. موبائيل مساڻ پڻ درشڪن کي بيحد وندرايو. پر
”ديوار موٽي آئي“ کي بُريءَ طرح ناڪامايابي پلئہ پيئي
(”عوام ۽ مشين“، ”ڪفن“ ڊائلاگہ سوسائٽي طرفان پيش ٿيل
آهن) ايس. پي. مينگهاڻيءَ جي جذباتي، تجرباتي، احساسي
ايڪانڪي ”ٽي باندر“ پڻ احمدآباد جي اِسٽيج تي لوڪپريتا
حاصل ڪئي آهي.

احمدآباد جو ٻال رنگہ منچ پڻ پيشڪش جي لحاظ کان ڪافي
ائڊوانس آهي. ترقيءَ جي منزل تي آهي. تازو ايم. ڊي. هائي
اِسڪول جي طرفان پيش ٿيل ايڪانڪين جي شام ۾ ٻال
ايڪانڪي ”پپا وڃائجي ويو“ تجرباتي هدايتڪار هريش
ڪڪواڻي) بيسٽ پراڊڪشن جو پهريون اِنعام ۽ ”انوکو وردان
(ڪامرشل ٻال ايڪانڪي هدايتڪار ديپڪ چاند) پراڊڪشن
ٻيون اِنعام حاصل ڪيو. يووڪ مهوتسو ۾ ٻال ايڪانڪي ”شاعر
۾ (ليکڪا ڪويتا ٿهلياڻي، هدايتڪار بي. اين. پنوار، چيف

''قيدي نمبر 312''، ''اِنسپيڪٽر''، ''مان باپ''، ''مٽو''،
''ڪرانتيڪار''، ''پرو ۽ سڪندر'' وغيره ايڪانڪي ناٽڪ پيش
ڪيا ۽ اُن بعد 1964 ۾ سنڌو ڪلاڪار منڊل برپا ٿيو جنهن شروع
شروع ۾ گوبند مالهيءَ جو لکيل ناٽڪ ''ڏيهي پرڏيهي ٿيا''،
''لين دين' ۽ ويڙهي رفيق جو لکيل ''دو آنسون'' پيش ڪيا.
اُن بعد سنڌي ساهتيه ۽ ڪلا نڪتين 1966 ۾ برپا ٿي ۽ پنهنجو
پهريون ايڪانڪي ناٽڪ ڪيرت مهرچندانيءَ جو لکيل ۽ هدايت
ڪيل ''جهڙي کي مليو تهڙو''، نکرباپانگر ۾ ڊاڪٽر سکراڻي
جي جنم ڏينهن تي پيش ڪيو. جنهن جي ننڍي فلم پڻ تيار
ڪئي ويءَ. احمدآباد جي اِستيج تي پهريون ٽه-فصلو ناٽڪ
''انڊر سيڪريٽري'' سنڌو ڪلا مندر ممبئي طرفان ٽائون هال ۾
پيش ڪيو ويو. احمدآباد جي اِستيج تي، ممبئي، جئپور ۽
دهليءَ سيني ناٽڪن منڊلين جا ناٽڪ پيش ڪيا ويا آهن.
گذريل پنجن سالن ۾ ته احمدآباد هن ڏس ۾ چڱي ترقي ڪئي
آهي. تازو ئي ٽه-فصله ناٽڪ پاڙيواري، منهنجا مور لاڏا، ياد
ڪندا، هاءِ منهنجي دل، گهر جمائي، نئون زمانو، پنجوڙ، پريم
پيئڙا، جوت جلي، ڇورا اڳيان پوڙها پٺيان، امي ممي، هي
ڪاسو من منهنجو، پاڙيواري وغيره پيش ڪيا ويا آهن، جن
سان جي جنتا ۾ سنڌي ناٽڪ لاءِ نئون چاهه ۽ اُتساهه پيدا ڪيو
آهي.
احمدآباد جي لوڪل اِستيج جي شروعات ۾ ايڪانڪي ناٽڪن
ڪافي زور پڪڙيو ۽ ڪلاڪارن جو ڪافلو بين شهر تائين پڻ
ويو. پر اُن دؤر ۾ باراٽا، مذاقيه ۽ وندرائيندڙ ناٽڪ ئي صرف
اِستيج ڪيا ويا. اُن وقت ناٽڪي فن، ٽيڪنڪ، نون تجربن
وغيره ڏانهن ڌيان گهٽ ڏنو ويو. ۽ پوءِ اچانڪ مانائي اچي
وئي. اُن جا ڪيترا ئي ڪارڻ هئا، ليڪن جي اڻاٺ،
ليکڪارن جو محدود ناليج، ٽريننگ جي ڪوتاهي، اِسترِي

احمدآباد ۾ سنڌي اِستيج

هندستان جي ورهاڱي بعد سنڌي جتي به رهيا اُتي ائي، لتي ۽ اجهي جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويا. ڪجهه سالن جي خاموشيءَ بعد سنڌي قوم جي ساهتيڪارن ۽ ڪلاڪارن ۾ سجاڳي آئي. هنن ساهتيه ۽ ڪلا لاءِ پاڻ پتوڙڻ شروع ڪيو. سنڌي ادب ۽ ڪلا ڪي وري جيئاريو. شروعاتي دؤر ۾ ڀڳتن جا ڀڄن، ڪٿائون ۽ لوڪ ڪهاڻيون ٻڌي سنڌي جنتا پاڻ ڪي وندرايو. ڀڳتن پڻ الڳ الڳ ڪهاڻين جي پاترن مطابق پنهنجا ويس بدلائي ائڪٽنگ ڪري عام ڪي پاڻ طرف ڇڪيندا رهيا. اِئين سلسلو چالو ئي هو ته ڪلاڪار پڻ سجاڳ ٿيا. هنن پڻ پنهنجي ڪلا جو جوهر ڏيکاريو. گيت، لاڏا، ساکيون وغيره سان گڏوگڏ ايڪانڪي ناٽڪن جي پڻ شروعات ٿي. هرهڪ شهر ۾ ناٽڪ منڊليون ۽ ڪلاڪار منڊل برپا ٿيا. اِسڪولي ۽ ڪاليجي ساليانن پروگرامن ۾ ناٽڪ پيش ٿيڻ شروع ٿيا. اِئين سنڌي رنگه منچ اڳتي قدم وڌايا.

احمدآباد ۾ سنڌي اِستيج جي شروعات 1963 کان ڳڻي ويندي آهي. پر دراصل شروعات اڳ ۾ ٿيل هئي. شروعاتي دؤر ۾ ڪوبه ڪلاڪار منڊل وجود ۾ ڪونه هو پر اِسڪولي پروگرامن ۾ ”ڏني تنهنجي بمبئي“، ”مسٽر زيد“ وغيره ناٽڪ پيش ٿيا هئا ۽ شري رام موهناڻي انهن ۾ هيرو جو پارٽ ۽ شري دوارڪو ياٽيا اِستري ڪردار جو پارٽ ادا ڪيو هو ۽ 1960 ۾ ”سنڌو ٻال ڪلاڪار منڊل“ برپا ڪيو ويو هو جنهن جا روح روان سرو شري ڪشور نانڪاڻي، گهنشيام ياٽيا، سريچند راگهاڻي، چينو لالواڻي، پرتاب ياڳچنداڻي، رميش ريجهواڻي وغيره هئا. جن

روح روان اين. آر. سوني، سنتوش ياڳيا، چندر ساوناڻي، ارجن ڀمياڻي وغيره آهن. ڪامياب ڪلاڪار آهن چندر ساوناڻي، تلسي رُچنداڻي، سنتوش ياڳيا، ارجن ڀمياڻي، ڪنعيو روپاڻي، خوشي خوبچنداڻي وغيره.

سنڌي ساهتيه ۾ ڪلا نڪتين اڻٿڪ ڏاڍو ڪن ايڪانڪي پيش ڪيون آهن ۽ ٽه-فصله ناٽڪ ”ڪوئي به نه ٻچندو“ شري ڪيرت مهرچنداڻي جي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ڪري رهيا آهن. نڪيتن جو روح روان آهي ڪيرت مهرچنداڻي، سريچند ڪيسواڻي، ڄينو لالواڻي وغيره. رس ڪلا ٿئيٽر يونٽ به ايڪانڪيون ۽ ٽه-فصلو ناٽڪ ”راهو ڪيتو“ پيش ڪيا آهن. رس ڪلا ئي ڀهريون گجرات جو ٽه-فصله ناٽڪ ”راهو ڪيتو“ تيار ڪري ٽه-فصلن وڏن ناٽڪن جي راهه کولي. هن ناٽڪ نه صرف ٻين کي وڏا ناٽڪ تيار ڪرڻ لاءِ اُتساهت ڪيو پر گجراتي ڪلاڪارن کي سنڌي رنگه منچ تي آندو ۽ آمرپالي اکل ڀارت ملٽي لئنگويج ڊراما فيسٽيول ڪانپور ۾ شرڪت ڪري سنڌي ناٽڪن کي ملٽي ڊراما فيسٽيول ۾ داخلا وني ڏني. رس ڪلا جو روح روان آهي ايل. ڊي. ياوناڻي، هريش ڪڪواڻي، نندلال ڪندناڻي، وڪرم شهاڻي، ڄينو لالواڻي وغيره. ناٽڪن جو هدايتڪار آهي وڪرم شهاڻي. ڪامياب ڪلاڪار آهن اُتم ٺڳوراڻي، چاند ڪشن، طوطل شواڻي، ناڪر ڀمياڻي، چندرسين واڻي، ڄينو لالواڻي، سشيلا رائسنگهاڻي، جيا بديچنداڻي غيره. سنڌي ڊراما ورڪشاپ جو روح روان آهي پريم پرڪاش، ڄينو لالواڻي ۽ ٻيا ورڪشاپ ڪيترا ئي نوان تجرباتي ناٽڪ پيش ڪيا آهن ۽ نوان نوان تجربا ڪري سنڌي رنگه منچ کي مال ڪيو آهي. ورڪشاپ ڪيترن نون ڪلاڪارن ۽ ليکڪن جنم ڏنو آهي. ورڪشاپ مان ئي ڊائلاگ سوسائٽيءَ جنم و آهي. جنهن جا بانيڪار آهن ديپڪ چاند، هريش ڪڪواڻي،

ڪلاڪارن جي ڪوت، ڪلاڪارن جي سستي، ڪلاڪارن جي اهنڪار،اپياس جي ڪوتاهي، نون ڪلاڪارن کي نہ همٿائڻ وغيره.

ڪجهہ وقت جي خاموشيءَ ڪلاڪارن کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو تہ اسان جي پوڪيل ٻج جو اُپرندڙ سلو سُڪي رهيو آهي ۽ وري احمدآباد تان ريڊيو سنڌي پروگرام شروع ٿيو تہ ڪلاڪارن ۾ نئون اُتساهہ ۽ اُمنگہ جاڳيو ۽ ڪن ۾ لالچ نالي ۽ ناٽڪي ڪمائڻ جي ۽ ريڊيو جي موهہ هنن کي وري اِسٽيج طرف واپس موڙيو ۽ هنن لڳن سان ڏينهن رات ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هن سنستائن سنڌي ڊراما ورڪشاپ، ڊائلاگہ سوسائٽي ۽ رس ڪلا ٿئيٽر يونٽ جو جنم ٿيو. سنڌي اسٽيج اڳتي قدم وڌايا. اکل ڀارت سطح تي ”سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا بمبئي“ طرفان ايڪانڪي چٽاپيٽي آرگنائيز ڪئي ويئي ۽ ڪوينا بينيفٽ وارن ڪلاڪارن کي اُتساهت ڪرڻ لاءِ ڪوينا رتن جا خطاب عطا ڪيا. چندر ساوناڻي، چمن لال شرما ۽ سشيلا رائسنگهاڻيءَ کي ڪوينا رتن حاصل ڪرڻ جو شرف مليو آهي.

احمدآباد ڪامرشل کي ڇڏي معياري ناٽڪن ڏانهن موڙ ڪاڏو. جيڪي ڪلاتمڪ هئا ۽ ناٽڪي فن سان ڀرپور. سنڌي ڊراما ورڪشاپ ۽ رس ڪلا ٿئيٽر يونٽ سنڌي ناٽڪن کي صحيح معنيٰ ۾ موڙ ڏنو. وڪرم شهاڻي ۽ هريش ڪڪواڻيءَ جوڙي ڊراما اِن ڊپلوما جي ڊگري حاصل ڪري سنڌي رنگہ منچ کي ٽرينڊ ڪلاڪار ۽ هدايتڪار ڏنا. هي ٻئي ريڊيو، گجراتي ۽ سنڌي ۽ ٽي.ويءَ جا ائپورڊ ڪلاڪار آهن. هن وقت هينئيون سنستائون سنڌي ناٽڪن جي بهبوديءَ لاءِ ڪاريہ ڪري رهيون آهن.

سنڌو ڪلاڪار منڊل هن مهل تائين لڳ ڀڳہ الڳہ الڳہ شهرن ۾ پنجاهہ کن ايڪانڪي ناٽڪ ۽ هڪ ٽہ-فصلہ ناٽڪ ”بابا مان شادي ڪندس“ جا اٽڪل ڇهہ شو ڪن پيش ڪيا آهن. منڊل جا

ناٽڪ پيش ٿي چڪا اهن : پهريون سمارو ڪلڪتا ۾ ''ايم.
پي.'' سنڌو ڪلاڪار منڊل، ''ڪوئي ٻه نه ٻچندو'' سنڌي ساهتيه
۽ ڪلا نڪيتن. ٻيون سمارو بمبئي ''نيلام'' سنڌو ڪلاڪار منڊل
۽ ''گل ڇنو گرنار جو'' سنڌي ساهتيه ۽ ڪلا نڪيتن بهترين
اداڪاريءَ لاءِ چندر ساوناڻيءَ ٻيون اِنعام حاصل ڪيو. ٽيون
سمارو ٻڙودا ''پڙدا'' سنڌي ڊراما ورڪشاپ، ''مڪان خالي
آهي'' سنڌو ڪلاڪار منڊل، ''ٻوڙا اچي مڙيا هڪ ماڳ'' سنڌي
نوجوان منڊل، ديپڪ چاند همت افزائي جو سرٽيفڪيٽ حاصل
ڪيو. چوٿون سمارو ناگپور ڊائلاگ سوسائٽي طرفان ''هن جو
ٻاپ'' ۽ ڊراما ورڪشاپ طرفان ''جڏهن زنده هوندا هئاسين''
بهترين ناٽيه رچنا لاءِ هن پهريون اِنعام ٻيون اِنعام ''هن جو
ٻاپ'' حاصل ڪيو. پنجون سمارو دهلي جنهن ۾ پاڳ ورتو
ڊائلاگ سوسائٽي ''عوام ۽ مشين''، رس ڪلا ٿئيٽر يونٽ ''قاتل
ڪير؟'' سنڌي ڊراما ورڪشاپ ''وڻ'' ۽ سنڌو ڪلاڪار منڊل ''ڏس
زندگيءَ جا رنگ''.

هر سال تعلقه ۽ ضلع سطح تي ٿيندڙ يوٿ فيسٽيول ۾ سنڌي
اسڪولن طرفان سنڌي ۽ هندي ناٽڪ چٽاپيٽين ۾ ايڪ پاترِيه
ناٽڪيه (مونو ائڪٽنگ) ۾ اِسڪول ڀاڱ وٺندا آهن ۽ اِنعام حاصل
ڪندا آهن.

هن وقت ناٽڪن جي لهر ۽ فضا جيڪا ڦهليل آهي اِها ضرور
ترقيءَ جون منزلون طيءِ ڪندي.□

(ڊراما سيمينار ۾ پڙهيل پيپر-1986)

هن سنستا پڻ نوان ۽ تجرباتي ناٽڪن کي همٿائڻ شروع ڪيو آهي. ورڪشاپ جا ڪامياب ڪلاڪار آهن ديپڪ چاند، هريش ڪڪواڻي، ناڪر پمپاڻي، ويرو واسواڻي، موهن، پون ڪمار، ڄينو لالواڻي، چندر پارواڻي ۽ طوطل شوناڻي وغيره.

متين ڪلاڪارن کان سواءِ شري چمن لال شرما، ويڙهو رفيق احمدآباد جي سنڌي اِسٽيج جا بهترين مايہ ناز ڪلاڪار ۽ هدايتڪار آهن. هنن نہ صرف سنڌي اِسٽيج تي پر گجراتي ۽ هندي رنگہ منچ تي ڪيترائي ناٽڪ ڪاميابيءَ سان پيش ڪيا آهن ۽ اِنعام حاصل ڪيا آهن.

احمدآباد ۾ هن مهل تائين هيٺيان ناٽڪ پيش ٿي چڪا آهن: ”راهو ڪيتو“ رس ڪلا، ”بابا مان شادي ڪندس“ سنڌو ڪلاڪار منڊل، ”فرشتن جي دنيا“ ڊراما ورڪشاپ ۽ نوان تيار ٿي رهيا آهن. ”مونکي شرم ٿو اچي“ سنڌو ڪلاڪار منڊل، ”ڪوئي بہ نہ ٻچندو“ سنڌي ساهتيہ ۽ ڪلا نڪيتن، ”سنگهاسن خالي آهي“، ”رانگہ نمبر“، ”چورن مٿان مور“ رس ڪلا ٿئيٽر يونٽ.

احمدآباد جا ٻال ڪلاڪار ۽ شاگرد پڻ اِسٽيج لاءِ ڪافي سجاڳہ آهن. هنن پاڻ ۾ گڏجي ”رنگہ ڪرم ٿئيٽر“ (ٻال ڪلاڪار منڊل) برپا ڪيو آهي ۽ هن وقت ”ايڪانڪين جي شام“ ۾ ”پيڪي هلي ويندي سانءَ“، ”ٻچندو ڪير“ ۽ ”ايلرجي“ ناٽڪن جون تياريون زور شور سان ڪري رهيا آهن. هن منڊل جا باني ڪار آهن جگديش شهدادپوري، چاند ڪشن، راجو سندراس وغيره.

هر سال گربي منڊل وارا پڻ ڊرامڪ ناٽڪ نوراتري جي ڏينهن ۾ پيش ڪندا آهن.

احمدآباد مان ڪيترا ئي ناٽڪن جا مجموعا شايع ٿيا آهن ۽ پارت جي پهرين ۽ اڪيلي سنڌي گنڀير ناٽڪ ۽ اِسٽيج جي مخزن ”اِسٽيج“ پڻ احمدآباد مان ئي شايع ٿي رهي آهي.

هن مهل تائين پنجن اڪل ڀارت ناٽڪ سماروهن ۾ هيٺيان

كو نئون كونهي. ريڊيو ناٽڪ اِستيج ناٽڪ کان بلڪل نرالو
ي. ريڊيو ناٽڪ جي ڪلا هڪ آزاد ڪلا آهي. ڪن جو ويچار
ندو آهي تہ اِستيج ناٽڪ ۾ ٿوري بدل سدل ڪري ريڊيو ناٽڪ
ن بڻائي سگهجي ٿو ۽ ريڊيو ناٽڪ کي اِستيج جي لائق. اها ڳ
، ڪن ناٽڪن سان ڀلي لاڳو ٿيندي هجي پر هرويرو سڀني
يو يا اِستيج ناٽڪن سان لاڳو نہ آهي.

رنگہ منچ ناٽڪ درشيہ (ڏسڻ) ۽ شرويہ (ٻڌڻ) آهي. رنگہ منچ
شيون، ماحول، وايومنڊل، پوشاڪ، سجاوٽ، رهڻي ڪهڻي
ره ڏيکاري سگهجي ٿي. رنگہ منچ تي جدا جدا حرڪتون
ارڻ جو ساڌن آهي. پر ريڊيو ناٽڪ ۾ ان قسم جو ڪجهہ بہ نہ
دو آهي. سڀني ڳالهين، شين جي پورت آواز جي وسيلن ۽
ن دواران ڪرڻي پوندي آهي. ڇو جو ريڊيو ناٽڪ صرف
يہ (ٻڌڻ) آهي. اِستيج ناٽڪ ۾ خاموشي، چپ، چهري جا هاوَ
انگن جي چرپر، هلڻ اُٿڻ جي ڪريا، مائيم ائڪٽنگہ، اِشارا
ه ۽ ڳالهائيندا آهن ۽ غيرحاضر شيءِ کي اُڀاري اُن جي
دگيءَ جو احساس ڏيندا آهن. پر ريڊيو ۾ اِهو ڪجهہ بہ
ن نہ آهي. ريڊيو جي چپ، شانت، خاموشي وغيره سڀن
ڻ جو نشان نہ آهي. شيءِ جي حاضريءَ جو احساس يا ڪنهن
ستيج تان هلي وڃڻ يا اداڪار جي ٻي ڪريا حرڪتن جو
س اُن جي آواز ۽ لفظن ذريعي ريڊيو ۾ ڏنو وڃي ٿو. جيئن
ا ۾ ترت نظارا، درشيہ، سيٽ وغيره بدلائي سگهجن ٿا. پر
ج تي ممڪن ناهي. (رِوالونگہ اِستيج ذريعي محدود دائري
اُها ريڊيو ناٽڪ ۾ نظاري، ماحول، وقت جي بدل سدل
سرف ميوزڪ جي اِفيڪٽ ڏيئي پل پل ۾ بدل سدل ڪري
ٿي. سئنيما ۾ هڪ ئي وقت انيڪ پاتر اچي وڃي سگهن
هن جي سڃاڻپ درشڪ خود بہ خود هنن جي پوشاڪ،
ب يا وهنوار وغيره مان ڪري سگهن ٿا. پر ريڊيو ۾ اِهو

ريڊيو ناٽڪ

ناٽڪ جنهن جي شروعات ويدڪ ڪال سان ٿي اُن جي اڄوڪي روپ ۾ ڪافي تبديل اچي چڪي آهي. وگيان جي پرگتيءَ سان گڏ ناٽڪ جي قسمن، نمونن، روپن ۾ پڻ بدل سدل ٿيندي رهي آهي. رنگ منچ ناٽڪ، فلم ناٽڪ، ريڊيو ناٽڪ ۽ هاڻي ٽيليويزن ناٽڪ.

رنگ منچ اڳ جي ڀيٽ ۾ هاڻي وڌيڪ ماڊرن آهي. ان ۾ آواز، لائيٽ ۽ سنگيت جي انشن ۾ ماڊرن ٽيڪنڪ ۽ اِفيڪٽ آڻي ان کي وڌيڪ اثرائتو ماڊرن بڻايو ويو آهي. اڳي جيڪي ڳالهيون اِسٽيج تي ڏيکارڻ ناممڪن لڳندو هو جهڙوڪ ٽرين، ايروپلين، جيپ وغيره انهن جي حاضريءَ جو احساس هاڻي اِسٽيج تي سائونڊ افيڪٽس ذريعي ڏيکاري سگهجي ٿو. روالونگ اِسٽيج ذريعي چند سيڪنڊن ۾ ماحول ۽ سيٽ ۾ بدل سدل ڪري سگهجي ٿي. هڪ ئي اِسٽيج چند منٽن ذريعي جدا جدا جڳهه، ماحول ۽ نظارا اِسٽيج تي ڏيکاري سگهجن ٿا. اڄڪلهه ته ٽيليويزن ۽ مووي ڪئميرا ۾ پروجيڪٽر ذريعي اِسٽيج تي ناٽڪ سان گڏ فلم پڻ ڏيکاري سگهجي ٿي. اڄوڪي اِسٽيج جيترِي وڌيڪ ماڊرن بڻي آهي اوتري وڌيڪ مهانگي پڻ آهي. اِنڪري اڄوڪو ناٽڪ وڌيڪ مهانگو آهي. ناٽڪ ايڪانڪي جيڪا ٿئيٽر/هال ۾ ويهي ڏسبي هئي اُها سائنس گهر جي ڊرائنگ روم تائين پهچائي آهي. اسين روزانو ڪاريه ڪندي روم، ڊرائنگ روم، آفيس، رستي، ٽرين وغيره ۾ ويهي اُن جو لطف ماڻي سگهون ٿا. نزديڪيءَ سان ڏسي ۽ ٻڌي سگهون ٿا. ريڊيو ۽ ٽيليويزن ذريعي.

ريڊيو ناٽڪ جو ماڌيم جنهن جو مکيه آڌار آواز آهي! اسان

1. ناٽڪ 2. روپڪ 3. روپانتر 4. فئنٽسي (ڪلپنا) 5. مونولاگ
. سنگيت روپڪ ۽ 7. جهلڪون (جنهن ۾ ڪامينٽري اچي وڃي
و.)

رنگ شالا ۽ رنگ برنگي پڙدا، بتيون، پنيان گرين روم ۽
گيان وڏو هال درشڪن جي وهڻ لاءِ هوندو آهي پر ريڊيو رنگ
نچ ۾ نہ پڙدا هوندا آهن نہ ئي وري ڪي بتيون ۽ نہ ئي وري
ڪي درشڪ. اُتي بلڪل سادو ۽ سڌو هال نما ڪمرو هوندو آهي
نهن کي اِسٽوڊيو سڏيو ويندو آهي. درشڪ ويچارا پنهنجن
ھرن ۾ ريڊيو اِسٽيشن جي آس پاس هوندا آهن. ائڪٽنگ
ڪڙي هنڌ ٿيندي آهي ۽ اُن جو آنند هوُ جدا جدا جڳهين تي
ٺيندا آهن. هال ۾ درشڪ اداڪارن کان جيترو پاڻ ڪي پري
مجهندا آهن ريڊيو ۾ اوترائي هوُ اداڪارن جي ويجهو هوندا
ن. ريڊيو ناٽڪ اِسٽوڊيو مان پرسارت براڊڪاسٽ ڪيا ويندا
ن. هڪ وڏو ڪمرو ۽ پاسي ۾ ننڍو ڪمرو. ٻنهي جي وچ ۾ هڪ
و شيشو لڳل هوندو آهي. انائونسر پڻ اُتان ئي ڳالهائيندي
ي. سائونڊ پروف ڪمري ۾ ۽ پاسي واري پروڊيوسر جي ڪمري
جيڪو ڪجهہ ٿيندو آهي اُهو ڏسي سگهبو آهي پر ٻڌي نہ
بو آهي. ڳالهائڻ لاءِ مائيڪ ۽ مشينري جو سهارو ورتو ويندو
جنهن کي فيڊر سڏيو ويندو آهي. اسٽوڊيو ۾ ڪجهہ افيڪٽ
رسل رڪارڊنگ يا لائيوَ (سڌو) پروگرام وقت اُتي ئي پيدا
ويندا آهن يا بعد ۾ ڊب ڪرڻ وقت گهربل سائونڊ بہ افڪيٽ
يندا آهن. مثلن اِسٽوڊيو ۾ پرسارت جو احساس ڏيڪارڻ لاءِ
ڏ تي ريتي ڪيرائيندا آهن. ٻڌندڙ اِئين محسوس ڪندا
تہ برسات پئجي رهي آهي.
يليويزن جي کوجنا بعد جڻڪ سڄو سنسار اسان جي ڪمري
نجي آيو آهي. ٽيليويزن جو ڪلاتمڪ مهتوَ پڻ اج ڪافي
آهي. ريڊيو ناٽڪ ڪيتر ۾ ڪرانتيڪاري تبديل آئي آهي

ممڪن نہ آهي. ريڊيو تي هڪ ئي وقت هڪ پارٽ اچي سگهي
ٿو يا مجموعي ۾ گوڙ شور جهڳڙي ۾ ايندو تہ پنهنجي واقفيت
وڃائي ويهي ٿو. پر اِستيج تي هوُ پنهنجي آئڊنٽي جهڳڙي يا
وڙ ۾ بہ قائم رکي سگهي ٿو. اِستيج تي پاترن جي اچڻ
غيرموجودگي ڏيکاري سگهجي ٿي پر ريڊيو ۾ اُنهن جو لفظ
دوران ذڪر ڪيو ويندو آهي.

رنگہ منچ ناٽڪ مجموعي آهي. پر ريڊيو ناٽڪ شخص لاءِ
آهي. رنگہ منچ ناٽڪ اگر نيرس اڻوڻندڙ هوندو تہ بہ درشڪن
جو ڪجهہ عدد اُن کي ڏسندو ۽ ماڻيندو. پر ريڊيو ناٽڪ اگر هڪ
لاءِ بہ نيرس بڻيو تہ ٻڌندڙ سوچ آف ڪري ڇڏيندو ان لاءِ ريڊيو
ناٽڪ کي نيرس نہ ٿيڻ کپي. رنگہ منچ تي ائڪٽنگہ ڪندڙ
اداڪار درشڪن کي ڏسي سگهندا آهن تہ هوُ پنهنجي ائڪٽنگ
ذريعي درشڪن کي ڪيستائين ۽ ڪيترو متاثر ڪري سگهيا آهن
پر ريڊيو ناٽڪ، ٽيليويزن ۽ فلم ناٽڪن ۾ اِهو ممڪن نہ آهي
اسٽوڊيو ۾ درشڪ نہ پر سڀ ائڪٽر هوندا آهن. ريڊيو ناٽڪ ۾
ڪلاڪار رواجي ڪپڙا پائي بادشاهہ، فقير، ٻڍي، ٻار وغيره ج
هر ڪنهن قسم جو پارٽ ادا ڪري سگهي ٿو. ماضيءَ کي پنيار
مڙي (Flash Back) ۾ ڏسي سگهي ٿو.

ان مان ڏسبو تہ ريڊيو ناٽڪ هڪ الڳہ ڪلا آهي ۽ ليکڪ کي
ريڊيو ناٽڪ لکڻ وقت ڪيترين ئي ڳالهين، آواز جي افيڪٽ
سان گڏوگڏ وقت جي پابنديءَ جو پڻ خيال رکڻو پوي ٿو. ريڊيو
ناٽڪ ۾ ٻولي، سنگيت ۽ آواز جو اثر ٽن ڳالهين تي خاص ڌيان
ڏنو وڃي ٿو ۽ ٽنهي جو آڌار وري آواز تي آهي. اِئين چئجي
جيڪو ڪاريہ چترڪار رنگن دوران ڪندو آهي اُهو ريڊيو ناٽ
ڪار ۽ اداڪار آوازن دوران ڪندو آهي. الڳہ الڳہ لحظي
ڊائلاگہ چئي ڪردار، خوشي، موهہ، لالسا، جدا جدا ڀاوَ، احسا
وغيره جو اِظهار ڪندو آهي. ريڊيو ناٽڪ جا قسم هن ريت آه

اِسڪولي سنڌي ٻال رنگہ منچ

سنڌي ٻال رنگہ منچ کي همٿائڻ لاءِ اِسڪولن وقت بہ وقت
ڪوشش ڪئي آهي. ان رنگہ منچ جي رپورٽ اسان ''اِسڪولي
ٻال رنگہ منچ'' جي سري هيٺ ڏني آهي. باقي وڏي پئماني
ي ڪنهن بہ منڊليءَ يا گروپ ٻال رنگہ منچ کي همٿائڻ جي
ڪوشش نہ ڪئي آهي. ڪلچرل گروپن وقت بہ وقت ٻال ناٽڪ
پيش ڪيا آهن پر اُنهن ۾ ٻارن کي همٿائڻ بدران پاڻ کي
همٿائڻ جي وڌيڪ ڪوشش ڪئي آهي. تنهن هوندي بہ ڪجهہ
ل سنستائن ٻال رنگہ منچ کي همٿائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.
ن ۾ مکيہ آهن :

) سنڌو ٻال ڪلاڪار منڊل

هيءُ منڊل شاگردن گڏجي 1960 ۾ برپا ڪيو. هن منڊل جا
ارپزدار هئا ڪشور نانڪاڻي، چينو لالواڻي، پرتاب
ٻچنداڻي، سريچند راگهاڻي، گهنشيام پاڻيا وغيره. هنن
بدي نمبر 312''، ''اِنسپيڪٽر''، ''مان باپ''، ''مٽو''،
ڪرانتيڪاري''، ''پرو ۽ سڪندر'' وغيره ناٽڪ پيش ڪيا.
يتڪار هئا شري رام اين. پاڳچنداڻي، چينو لالواڻي ۽ ڪشور
ڪاڻي.

ٻالڪن جي ٻاري، ڪپيرنگر

ل رنگہ منچ جي مدي نظر ڪپيرنگر ٻالڪن جي ٻاري 68-
1 ۾ ٻال ناٽڪن جي پڪي پختي شروعات ڪرڻ ۾ مدد
. ٻالڪن جي ٻاريءَ طرفان ''ماءُ پيءُ''، ''سڌارڪ سنگهہ''
ڪ رام اين. پاڳچنداڻي، ''ماستر صاحب گذاري ويو''
پيش ڪيا ويا. ڀنهي ناٽڪن جو هدايتڪار شري چندرسين
ب هو. ٻال ناٽيہ ڪلا سان واسطو رکندڙ ڪيترين ئي

يا اچڻ واري آهي. ريڊيو ناٽڪ جا ٻه قسم هن وقت هڪ آواز ناٽڪ ۽ ٽيليويزن ناٽڪ ۾ تفاوت آهي. ٽيليويزن ۾ ڪئميرا جو اُپيوگ ٿيندو آهي. ٽيليويزن ائڪٽنگ جو آڌار رنگ منچ ئي آهي. ٽيليويزن درشيه ۾ شرويه آهي. ٽيليويزن رنگ منچ ۽ سئنيما جي وڌيڪ ويجهو آهي. ٽيليويزن ناٽڪ ريڊيو ناٽڪ کان وڌيڪ مهانگو آهي ۽ اُن کي تيار ٿيڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ٿو. ٽيليويزن جو پڙدو سئنيما جي ڀيٽ ۾ ڪافي ننڍو ۽ سڌو آهي. ٽيليويزن جي ڪلا ڪئميرا ۽ مائڪروفون جي ڪلا آهي. رنگ منچ فلم ناٽڪ جي اِسٽيج تمام ننڍي ۽ محدود دائري جي اندر هوندي آهي. اجا ته ڀارت ۾ هاڻي ٽيليويزن جي شروعات آهي. هوُ اجا عام جي چيز نه بڻيو آهي. ٽيليويزن ناٽڪ جي ڪلا اجا پرڪٽيڪل حالت ۾ آهي. آشا آهي ته اُها ڪلا ڦلندي ۽ ڦولندي.

سنڌيءَ ۾ ريڊيو ناٽڪ جي ساهتيه ۽ ڪلا کي گهٽ ڌيان ڏنو ٿو وڃي ۽ گهٽ قلم آزمائي ڪئي ٿي وڃي. آشا آهي جيئن جيئن سنڌي پروگرام جو واڌارو ۽ لوڪپريتا ٿي رهي آهي تيئن سنڌي ريڊيو ناٽڪ جي ڪلا پڻ زور پڪڙيندي ۽ جيڪي به ريڊيو ناٽڪ لکيا ويندا اُنهن ۾ ريڊيو ٽيڪنڪ وڌيڪ ڪتب آڻي وڌيڪ لوڪپريه ۽ منورنجڪ بڻايا ويندا. □

(1995)

اسپيشل پال اوارڊ حاصل ڪيو.
(5) رنگ ڪرم ٿئيٽر احمدآباد

اِسڪولي جيون ۾ جيڪڏهن وديارٿين کي سندن اندر لڪل ڪلا يا شڪتين کان ڪين واقف ڪرائجي ته هوُ اڳتي اچي ڪيئن ـ ترقي ڪن ٿا ان جو مثال آهي رنگ ڪرم ٿئيٽر جنهن جي شروعات احمدآباد جي هاءِ اِسڪولن جي وديارٿين دواران سيپٽمبر 1977 ۾ ڪئي ويئي. شروعات ۾ ڊاڪٽر سي. جي. هاءِ اسڪول جي نينڍ تي هنن هڪڙي ننڍڙي ايڪانڪي ناٽڪ سان شروعات ڪئي. ان بعد نگر جي ننڍن اُتسون وغيره تي هي ننڍڙا ڪلاڪار پنهنجي ڪلا جو جوهر ڏيکاريندا رهيا. اپناگهر ۾ آزاديءَ ـي موقعي تي رکيل سنڌ ايڪانڪي ناٽڪن جي چٽاپيٽيءَ ۾ 'ٻه ٻه ويئون ته ڇهه ٻه ويئون'' ناٽڪ پيش ڪري پهريون اِنعام ـاصل ڪيو. جنهن هنن ننڍڙن اُسرندڙ ڪلاڪارن جي اندر ۾ ـڪ نئين جوش، اُمنگ ۽ جذبات جي سرنگهه پيري نصيحت آميز ـيڪانڪي ناٽڪ ''طوفان'' گولڊن هاءِ اِسڪول جي ساليانيءَ جلسي 26 جنوري 1979 تي ٽائون هال ۾ پيش ڪيو. ان کان سواءِ ـن ڪلاڪارن ايم. ڊي. هاءِ اِسڪول طرفان يوٿ فيسٽيول ۾ ـيا پرياٽيءَ جو لکيل ''شاعر'' ناٽڪ پيش ڪيو. هن ايڪانڪيءَ ـريون اِنعام 1978 ۾ حاصل ڪيو. هدايتڪار ڄينو لالواڻي. ـاپيتيءَ ۾ ٽيون اِنعام حاصل ڪيو. 1979 ۾ ''نئون ٽيليفون'' ـڪ جا ٻه شو پيش ڪيا. ان کانسواءِ هن سنسٿا طرفان ''پيڪي ـي ويندي سانءِ'' ناٽڪ پڻ پيش ڪيو ويو آهي ۽ ٻال ورش جي ـسلي ۾ ٻال رنگ منچ ۽ ٻال ڪلاڪارن کي همٿائڻ لاءِ 23 ـمبر 1979 تي ٽئگور هال پاڙيءَ ۾ ''ايڪانڪي ناٽڪن جي ـ'' پيش ڪيو جنهن ۾ هڪ مذاقيه ايڪانڪي ''تنهنجي ـ ۾...'' ڊائلاگ ۽ ڊائريڪٽر ڄڳديش شهدادپوري. ٻي ـسنيخيز ايڪانڪي ''رات جو ٽين بجي'' ليکڪ ۽ هدايتڪار ـو چاولا پيش ڪئي ويئي. هنن ايڪانڪين ۾ ٻال رنگ منچ

مشغولين هن سنستا ڪيون. ٻاريءَ طرفان ئي ”ديش ڀڳتي“ نظمي صورت ۾ احمدآباد تان پيش ڪيو ويو ليکڪ هو رام اين. پاٻچنداڻي. ان بعد آڪاشواڻيءَ تان ”گرو گوبند سنگهه“ ناٽڪ پڻ پرسارت ڪيو ويو.

(3) احمدآباد چلڊرين ٿئيٽر

هن جي شروعات 1979 ۾ ٿي. سنڌيءَ ۾ ٻال ناٽڪ گهٽ اِسٽيج ڪيا ٿا وڃن ۽ ريڊيو تان گهٽ پرسارت ڪيا ٿا وڃن ان ڳالهه کي ڌيان ۾ رکي ٻال ناٽڪن کي همٿائڻ لاءِ هيءَ سنستا برپا ڪئي ويئي. اِسٽيج تي ناٽڪ پيش ڪرڻ کان پهرين هن سنستا اپريل 79 ۾ ريڊيو آڪاشواڻي احمدآباد تان ”وڏو ڪير؟“ ريڊيو ٻال ناٽڪ پيش ڪيو. اُن بعد نومبر 79 ۾ ۾ ٻال دوس جي موقعي تي جواهرلال نهروءَ جو هڪ روپڪ پيش ڪيو ويو. ٿئيٽر ۾ الڳ الڳ اِسڪولن جا پنجن کان وٺي 15 سالن تائين عمر جا ميمبر هئا. اصلوڪا يا ترجمو ڪيل ٻال ناٽڪ ائڪٽ طرفان ترت پيش ڪيا ويا. ٿئيٽر جو روح روان هريش ڪکواڻي هو.

(4) سنڌي ڊراما ورڪشاپ

شروعاتي دؤر ۾ سنڌي ڊراما ورڪشاپ طرفان پڻ سنڌي سوشل سرڪل ڪبيرنگر ۾ هڪ گيت، سنگيت، نرتيه ۽ ناٽڪن جو پروگرام رکيو ويو هو. جنتي لاڀ شنڪر ناڪر جو لکيل ڇيني لالواڻيءَ جو انواد ڪيل ۽ ڊائريڪٽ ڪيل ناٽڪ ”وڻ“ پيش ڪيو ويو هو. جنهن ۾ ٻال ڪلاڪارن ڪماري ڪلان ٽيڪمداس، لڇمي سچديو، جوتي مهتا ۽ پون ڪمار وغيره ڀاڱه ورتو هو. ساڳيو ئي ناٽڪ دهليءَ ۾ اکل ڀارت ڊراما فيسٽيول ۾ پڻ پيش ڪيو ويو. جنهن ۾ ٻال ڪلاڪار اشوڪ سڌناڻيءَ ڀاڱه ورتو ۽ ٻال ڪلاڪار جي حيثيت ۾ پهريون نمبر اِنعام حاصل ڪيو. ناڳپور ڊراما فيسٽيول ۾ پڻ ورڪشاپ طرفان ”جڏهن زنده هوندا هئاسين“ ناٽڪ پيش ٿيو جنهن ۾ پڻ ٻال ڪلاڪارن پون ڪمار ماڻا، اوما چاند، نوپڻ منواڻيءَ ڀاڱه ورتو ۽ ڪماري اوما چاند

سنڌي ناٽڪ شتابدي

سال - ١٩٨٠

سنڌي ناٽڪ نويسن ۽ رنگ ڪرمين لاءِ اِها سوڀاڳيه جي ڳالهه
هئي جو سال 1980 هند چاهي سنڌ ۾ سنڌي ناٽڪ شتابدي سال
ڪري ملهايو ويو. هن سال دوران ڪيترين ئي رنگ منچ سان
واسطو سرگرميون رهيون. جدا جدا شهرن ۾ جدا جدا پروگرام
رتي شتابدي ملهائي ويئي. اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا
ممبئيءَ جي زير سايه سنڌو ڪلا سنگم دهليءَ جي نينڊ تي
دهليءَ ۾ 24-25-26 سيپٽمبر 1980 تي ليکڪ سيمينار تي
گذريو جنهن ۾ سنڌي رنگ منچ سان واسطو گوناگون وشين تي
بحث ٿيو. ٽيئي ڏينهن آرٽس هال ۾ لڳاتار دهليءَ جي مڪاني
ناٽڪي سنستائن طرفان ناٽڪن جو پروگرام رکيو ويو. هيمراج
ڳواٽيءَ جو لکيل ۽ هدايت ڪيل ”سؤ سال مبارڪ“ پيش ڪيو
يو جنهن ۾ ايڪانڪي ناٽڪن جون جهلڪون پيش ڪيون ويون.
غا سليم جو لکيل ”دودو چنيسر“، هريڪانت جو لکيل ”بس
سٽاپ“ پيش ٿيون. ٻين شام سنڌو ڀارتي سوسائٽيءَ وارن
ڊونگه ئي ڊونگه“ سان ملهائي. ٽين شام مهراڻ طرفان گوپال
پنجواڻيءَ جو لکيل ۽ هدايت ڪيل اصلوڪو ناٽڪ ”امي ممي“
سٽيج ڪيو ويو. هن موقعي تي بزرگ ناٽڪ نويسن چيٺانند
نراڻي، رام پنجواڻي ۽ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو سنمان
يو ويو.
بمبئيءَ ۾ سنڌو ڪلا مندر طرفان پڻ خاص سنمان اُتسو رکيو
جنهن ۾ پروفيسر رام پنجواڻي، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي
نڌي آڏواڻيءَ جو سنمان ڪيو وو. هن موقعي تي سنڌو ڪلا

جي ٽريننڊ ڪلاڪار پاڻ ورتو. رنگہ ڪرم جي ڪيترن ڪلاڪار رس ڪلا ٿئيٽر يونٽ طرفان هلايل ”ڊراما ڪلاسز“ مان ڊراما جي ٽريننگ ۽ ڄاڻ حاصل ڪئي آهي ۽ رس ڪلا، ڪلا نڪتين ۽ ساگر آرٽ جي تہ-فصلن ناٽڪن ۾ وڏن ڪلاڪارن سان گڏ ڪم پڻ ڪيو آهي. هن سنستا جا روح روان آهن: جڳديش شهدادپوري (پريزيڊنٽ)، راجڪمار ڏولاڻي (وائيس پريزيڊنٽ)، چاند ڪشن (سيڪريٽري)، برج ڪمار چاولا (خزانچي) ۽ سندن همت افزائي ڪندڙ آهن ديپڪ چاند، جينو لالواڻي ۽ وڪرم شهاڻي.

(6) نوين ڪلاڪار منڊل، پونو

نوين ڪلاڪار منڊل پڻ وقت بہ وقت نوين هند هاءِ اِسڪول ۾ ايڪانڪي ناٽڪ پيش ڪري ٻال رنگہ منچ کي همٿائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تازو ئي ساليانو جلسو ملهايو ويو. جنهن ۾ نرتيہ ناٽڪ ”شاهہ جو سورميون“ پيش ڪيو ويو. هدايتڪار رڪمڻي چئناڻي هئي. ان ڪانسواءِ ”توهين وڏا آهيو“ هدايتڪار آتمارام هيمناڻي ۽ ناٽڪ ”ٻوڙا اچي مڙيا“ پڻ پيش ڪيا ويا.

(7) سنڌي ساهتيہ سڀا

ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي هاءِ اِسڪول سردارنگر طرفان هيءَ سڀا هلائي ويندي هئي، جنهن ساهتيہ سان گڏوگڏ ناٽڪ لکڻ ۽ اِستيج ڪرڻ کي پڻ همٿايو ويندو هو. وقت بہ وقت ناٽڪڪارن، ڪلاڪارن ۽ هدايتڪارن کي گهرائي اُنهن جا ليڪچر رکيا ويندا هئا ۽ ناٽڪ ڪري پڻ ڏيکاريا ويندا هئا. هن سنستا طرفان وقت بوقت ڪيترائي ايڪانڪي ناٽڪ پيش ڪيا ويا آهن ۽ اِنعام پڻ حاصل ڪيا ويا آهن. ريڊيو تي پڻ ڪيترائي ڪامياب ناٽڪ ڏنا ويا آهن. هيءُ ڪجهہ سنستائون آهن جيڪي ٻال رنگہ منچ کي همٿائڻ لاءِ وٽ آهر ڪاريہ ڪري رهيون آهن. اِنهن ڪانسواءِ ٻيون بہ ڪي سنستائون آهن جيڪي ٻال رنگہ منچ لاءِ ڪاريہ ڪري رهيون آهن. ◻

(1979)

جو سنڌيڪار چندرسين ناواڻي ۽ هدايتڪار چندر ساوناڻي.
رنگ ڪرم ٿئيٽر وارن اصلوڪو مذاقيہ ۽ راز تہ-فصلہ ناٽڪ ”ناهي ڪرڻي مونکي شادي“ ڪيو. رنگ ڪرم ٿئيٽر جي طرفان احمدآباد جي رنگ ڪرمين اُتم هنگوراڻي، ديپڪ چاند، لڇمي سچديو ۽ ٻال ڪلاڪارن ڪيشوَ سچديو جو سنمان ڪيو.
ساگر آرٽ ٿئيٽر طرفان ”رهجي وياسين ڪنوارا“ ناٽڪ پيش ٿيو ۽ ”ايڪانڪي ناٽڪن جي شام“ ملهائي ويئي، جنهن ۾ ”قاتل ڪير؟“ (انوادڪ جينو لالواڻي)، ”ماسيءَ مان وياسين ناسي“ ۽ ٻڙودا طرفان ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو لکيل ۽ آنند ٿهلراماڻيَ جو هدايت ڪيل ايڪانڪي ”سوريءَ ڪيو سڏ“ پيش ٿي.
پهرين اکل ڀارت سنڌي يوٿ سيمينار جي موقعي تي اکل ڀارت ايڪانڪي ناٽڪن جي چٽاڀيٽي رکي ويئي جنهن ۾ ”گامتو ڊاڪٽر“، ”چمڙي وڃي پر دمڙي نہ وڃي“، ”سچ نو سور“، ”مان تيار آهيان“، ”رات جو ٽين بجي“ احمدآباد، ٻڙودا، جئپور، سانگانير شهر جي ڪلچرل گروپس طرفان ايڪانڪيون پيش ٿيون. رس ڪلا ٿئيٽر يونٽ احمدآباد جي ايڪانڪي ”مٽو“ (انوادڪ جينو لالواڻي) کي پهريون اِنعام، ڏو ساهت سڀا ٻڙودا ”مان تيار آهيان“ کي ٻيون اِنعام ۽ سانگانير ”چمڙي وڃي پر دمڙي نہ وڃي“ کي ٽيون اِنعام حاصل ٿيو. بهترين ڪلاڪارن کي پڻ اِنعام ڏنا ويا. ”مٽو“ ناٽڪ جا ڪلاڪار، عملو ۽ هدايتڪار سڀ اِستريون هيون. ڪماري لڇمي سچديو کي بهترين اداڪاريءَ لاءِ پهريون اِنعام عطا ڪيو ويو.
الهاسنگر ٻاپانگر سنڌي پرائمري اِسڪول طرفان واسديو نرمل جي لکيل ناٽڪ ”نئون ٽيليفون“ جا ٻہ شو پيش ڪيا ويا. ساڳيو ئي ٽي ايم. ڊي. هاءِ اِسڪول طرفان آدرش هاءِ اِسڪول ۾ رکيل بين تعلق چٽاڀيٽيءَ ۾ پهريون اِنعام حاصل ڪيو. هدايتڪار جينو لالواڻي هو.

مندر وارن ايس. پي. مينگهاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ ''شادي نہ ڪر'' ناٽڪ جو پريميئر شو پيش ڪيو. سنڌو آرٽ ٿئيٽر وارن رميش چاچاڻيءَ جي رهبريءَ هيٺ ممبئيءَ ۽ سنڌونگر ۾ ''ڊراما فيسٽيول'' ملهايا جنهن ۾ پنهنجا بهترين ۽ شاهڪار سماجڪ ناٽڪ پيش ڪيا. هن سال ئي ڪونج ٿئيٽرس جو جنم ٿيو جنهن سنڌيءَ جو پهريون ايسٽمن ڪلر رنگارنگي ناٽڪ ''ننڊ نہ ڪر نادان'' پيش ڪيو. هدايتڪار جسونت ڪمار ۽ سنڌيڪار وشنو ڀاٽيا. ''ننڊ نہ ڪر نادان'' جا وڌيڪ شوز ٿئيٽر والا جي زير سايہ پيش ٿيا. رزرو بئنڪ جي اسپورٽس ڪلب طرفان بمبئيءَ ۾ انٽر بئنڪ ايڪانڪي (سنڌي) ناٽڪ چٽاڀيٽي ٿي گذري.

سنڌي يوٿ ائسوسئيشن، سنڌي پئنچات ۽ سنڌي مرچنٽس ائسوسئيشن ڪلڪتا جي نينڊ تي ''ڪلا مندر'' ۽ ''وديا مندر'' ۾ 2 نومبر تي سنڌو ڪلا مندر جو ناٽڪ ''جوت جلي'' ۽ 3 نومبر تي سنڌو آرٽ ٿئيٽر جو ''هيلو ڊارلنگ'' ڪل ملائي پنج شو ڪيا. هن سؤ سالي اُتسو جو مهورت بنگال جي مشهور ناٽڪڪار شري بادل سرڪار ڪيو. هن موقعي تي شري ايس. پي. مينگهاڻي ۽ شري رميش چاچاڻيءَ جي ناٽڪ ۽ رنگ منچ کيتر ۾ ڪيل خدمتن جي قدرشناسي ڪئي ويئي. ڪين بادل سرڪار جي شيءِ هٿن سان ڪولڪتا جي سنڌين پاران ٽرافيون پيش ڪيون ويئون. هن سال ئي پي. بي. چاند جو لکيل ۽ هدايت ڪيل اصلوڪو ناٽڪ ''سپر اِسٽار جهمٽڪمار'' اِسٽيج ڪيو ويو ۽ شري مدن جماڻيءَ جو لکيل ۽ هدايت ڪيل اصلوڪو تجرباتي ناٽڪ ''ڪاڪو ڪلومل'' جا شو بمبئي، اُلهاسنگر ۽ بڙودا ۾ شان-و-شوڪت سان پيش ڪيا ويا.

سنڌي ناٽڪ شتابدي سال ملهائڻ ۾ احمدآباد سيني شهرن کان وڌيڪ سرگرم ۽ اڳري رهي. احمدآباد ۾ سنڌو ڪلاڪار منڊل پنهنجي نئين ناٽڪ ''خوني چنبو'' جا ٽي شو پيش ڪيا. ناٽڪ

پاتر) ۽ ''ڊاڪٽر تون ڪين مان'' پيش ٿيون.
اُن ڪانسواءِ هولارام راجپال اُلهاسنگر طرفان ''چريو نٺو-ڪنجوس ڦٺو''، سنڌو آرٽ ٿئيٽر طرفان ''چندو چانڊواڻي، ساهت ڪلا سانگانير طرفان ''پنهنجا پنهنجا، پراوا پراوا''، ترمورتي ڪلا مندر نڙياد طرفان ''خوني رات''، سنڌي پئنچات آگرا طرفان ''ٻه ٻوڙيون''، ''ڏيتي ليتي'' ناٽڪ اِستيج ڪري سنڌي ناٽڪ شتابدي ملهائي ويئي.
هن سال ئي دهليءَ جي هڪ غيرسنڌي سيپتڪ سنستا آنچلڪ رنگ منچ وارن سنڌي ناٽڪ شتابدي ملهائڻ لاءِ ''ٻيو هڪ دروٽاچاريہ'' ڊاڪٽر شنڪر شيش جو لکيل ناٽڪ اِستيج ڪيو. ناٽڪ جو هدايتڪار هو شري مينگهراج گرناڻي.
هنن کان سواءِ ٻين ڪيترن شهرن ۾ پڻ ناٽڪ اِستيج ڪيا ويا.
ناٽڪ شتابدي سال ''جهوليلال'' هفتيوار، ''زندگي'' ماهوار، ''اِستيج'' ٽماهي ۽ ''رچنا'' ٽماهي اخبارن ۽ مخزنن جا اِسپيشل 'ناٽڪ انڪ'' شايع ڪيا ويا جن ۾ رنگ منچ سان واسطہ ُوناگون وشين تي عمدا ليک ڏنا ويا.
هن سال دوران ''ڪڏهن ڪجهہ ٻہ نہ ٿيندو'' (سمپادن شيام امرڪياڻي)، ''سنڌي رنگمنچ'' (سمپادن جيٺو لالواڻي ۽ شيام امرڪياڻي)، ''تنهنجا غم منهنجا آهن'' (ليکڪ جيٺو لالواڻي)، جمني ڪئي شادي'' (ليکڪ پڳونتي ڪڪڙيجا)، ''ڪمري جو ي. بي. مريض'' (انوادڪ هوندراج بلواڻي)، ''مڙيو سو جڙيو'' مپادن شيام رامرڪياڻي)، ''سس ڙي سس'' (ليکڪ واسديو مل) ايڪانڪي ناٽڪن جا مجموعا شايع ٿيا.
سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ طرفان هن سال ئي ڊاڪٽر يڊر سکواڻيءَ کي ''امي-ممي'' ناٽڪ تي رپيا پندرهان سؤ ام حاصل ٿيو.

ستيم ڪلا مندر وارن نوراتريءَ جي موقعي تي لڳاتار نو ڏينهن سنڌي-هندي ايڪانڪي، اسڪٽ ۽ وڏا ناٽڪ پيش ڪيا جنهن ۾ راجا هرشچندر، توهان ڪي سنڌ جي وڏي رام رام، عورت ڪي پڪار، چندو چوڪيدار وغيره ناٽڪ پيش ڪيا ويا.

گربي منڊل وارن پڻ نوراتري مهاُتسو ۾ ڊارمڪ، اِتهاسڪ ناٽڪ پيش ڪيا.

ستيم ڪلا مندر وارن چيٽي چنڊ جي موقعي تي مُکي ماکوڙومل، هل هل هل، ويهين صديءَ جي ويڏي ۽ چندو چوڪيدار ناٽڪ پيش ڪيا. رنگ ڪرم ٿئيٽر وارن سنڌي ساهت سميلن احمدآباد جي موقعي تي ايڪانڪي ناٽڪ ”طوفان“ هدايتڪار جڳديش برج انوادڪ جينو لالواڻي اِستيج ڪيا.

سنڌي يوٿ ائسوسئيشن احمدآباد جي نينڊ تي احمدآباد ۽ گجرات پر ۾ پهريون پيرو سنڌو ڪلا مندر بمبئيءَ جي شاهڪار ناٽڪن جو فيسٽيول ملهايو ويو جنهن ۾ ايس. پي. مينگهاڻيءَ جو هدايت ڪيل ناٽڪ ”شادي تہ ڪر“، ”هيءَ يا هوءَ“ ۽ ”جوت جلي“ اِستيج ڪيا ويا. هن موقعي تي سنڌي رنگ منچ جي مهان رنگ ڪرمين سرو شري آنند متائي، بوني رتن پال، آنند آڏواڻي، مدن جماڻي ۽ گجراتي رنگ منچ جي بهترين ڪلاڪار ۽ فلمن جي هيري اجيت وڇاڻيءَ جو سنمان ڪيو ويو.

احمدآباد آڪاشواڻيءَ تان اِسپيشل ناٽڪ شتابديءَ سان وابسطہ پريم پرڪاش جو لکيل انوکو ۽ تجرباتي فيچر پروگرام برادڪاسٽ ٿيو. احمدآباد ۾ آنند متائيءَ جي هدايتڪاريءَ ۽ مدن جماڻي ۽ ششي بولاڪاڻيءَ جي امر يادگار ناٽڪ ”پلئہ پلي“ جو شو پڻ ٿي گذريو.

نتراج آرٽ ٿئيٽر بڙودا طرفان ايڪانڪي جي شام ملهائي ويئي جنهن ۾ ساگر آرٽ احمدآباد وارن جو ”مجنو پارڪ“ نتراج آرٽ ٿئيٽر طرفان ”سس تون ڪين مان“ (سپ اِستري

تان رليز ڪيا ٿا وڃن. هند ۾ اڄا سنڌيءَ ۾ ٽي. وي. ناٽڪن
باروٽن ۾ آهي. باقي سنڌي اِسٽيج ۽ ناٽڪ جيتري هند ۾ ترقي
ڪئي آهي. سنڌي عام کي متاثر ڪيو آهي، ڪلاڪار، هدايتڪار
پيش ڪيا آهن. نوان نوان فني تجربا ڪيا آهن، اوتري سنڌي
ناٽڪ سنڌ ۾ ترقي نہ ڪئي آهي. سنڌي ناٽڪ عوام جو ناٽڪ
بڻجي نہ سگهيو آهي ۽ نوان تجربا ۽ ٽڪنيڪون عمل ۾ آڻي نہ
سگهيو آهي.

سنڌي ناٽڪ شتابدي سال سنڌي ناٽڪ ۽ رنگمنچ جي ترقيءَ
لاءِ نيون واٽون ۽ واهون کوليون آهن. مسئلن کي سلجهائڻ ۾
مددگار ثابت ٿيو آهي ۽ اصلوڪن ناٽڪن لکڻ لاءِ آمادهہ ڪيو
آهي. □

آڪاشواڻي دهلي، جئپور، احمدآباد پُڄ تان سنڌي ناٽڪ شتابديءَ جي سلسلي ۾ خاص پروگرام ۽ سنڌي رنگمنچ ۽ ناٽڪ سان وابسط وشين تي عمدا ليڪچر براڊڪاسٽ ڪيا ويا. جن ۾ مکيہ هئا پروفيسر هريش واسواڻي، شري اُتم، ڊاڪٽر هرو سدارنگاڻي ۽ ٻيا.

سنڌي ناٽڪ شتابدي سال جي سانجهيءَ وقت اچانڪ جديد ۽ قديم زماني کي جوڙيندڙ ڪڙي ٽٽي پيئي. ناٽڪ شتابديءَ جي موڪلاڻيءَ جي موقعي تي پروفيسر منگهارام ملڪاڻي اسان کان موڪلائي ويا. سنڌي ناٽڪ شتابدي سال جو هيءُ هڪ وڏي ۾ وڏو ۽ ڏڪو پهچائيندڙ حادثو هو. پروفيسر صاحب کي شرڌانجلي ڏيڻ لاءِ ڪولڪتا، دهلي، بمبئي ۽ ٻين شهرن ۾ شوڪ سڀائون ڪوٺايون ويئون ۽ ''رچنا'' ٺماهي طرفان پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو ''يادار ۽ سنڌي ناٽڪ شتابدي انڪ'' شايع ڪيو ويو.

ناٽڪ شتابدي سال جي پڇاڙيءَ ۾ بمبئيءَ ۾ پي. بي. چاند جو لکيل ۽ هدايت ڪيل ناٽڪ ''تنهنجو ئي آذار'' پيش ٿيو ۽ اِئين ناٽڪ شتابدي سال 1980 سنڌي رنگمنچ ۽ ناٽڪ جي تواريخ کي دهرائيندي ۽ سنڌي ناٽڪ لاءِ نيون واٽون کوليندي هند ۾ سماپت ٿيو.

سنڌ ۾ مهراڻ آرٽس ڪائونسل طرفان زبيده گرلس ڪاليج جي آڊيٽوريم ۾ 30 ڊسمبر کان 1 جنوري تائين سؤ سال سنڌي ناٽڪ جشن ملهايو ويو جنهن ۾ ''لئلي مجنو''، ''انڪوائري آفيسر''، ''شاهدي''، ''زميندار ي ظلم''، ''ٽي پارٽي'' ۽ ''تماشو'' پيش ڪيا ويا. دهليءَ ۾ ڇهين ليڪ سيمينار جي موقعي هدايت پريم جو لکيل پيپر ''سنڌي ٽي. وي. ڊراما'' (1970 کان 1980) تائين پڙهڻ بعد اِئين چٽي سگهجي ٿو تہ سنڌ ۾ اصلوڪا ٽي. وي. ناٽڪ جهڙي انداز ۾ لکيا ۽ ٽي. ويءَ

سان نهڪي هلڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اڏياپڪ جو هڪ دوست جيڪو پنهنجن آدرشن، اصولن تي هلندي-هلندي زندگي قربان ڪري چڪو آهي ۽ بار-بار آتما-وويڪ ٻڌجي اچي هن جي سامهون بيهي ٿو. ٻئي ڪهاڻيون پوروچوٽ هلندڙ آهن.

پروفيسر اروڻ جا اصول ۽ آدرش سندس ترقيءَ ۾ رڪاوٽ آهن. ڪاليج جو هڪ شاگرد جيڪو، پريزيڊنٽ جو پٽ آهي ۽ چريترهيڻ آهي اُن جي خلاف سچي رپورٽ ڏيڻ بدران ڪوڙي رپورٽ ڏيڻ لاءِ پروفيسر اروڻ تي زوربار آندو ٿو وڃي. هوُ منجهي ٿو پوي پر ڪاليج پرنسيپال، پريزيڊنٽ، پتني ۽ دوست جي دٻاوَ هيٺ جهڪي ٿو وڃي ۽ ڏوهاريءَ بدران هڪ ٻئي بيگناه شاگرد چندوءَ کي سزا ملي ٿي. اروڻ جيڪو ذهني طور هيٺ ڪريو هو اُن کي اُجوري طور هٽ نوڪيو ڪاليج پرنسيپال بڻايو ٿو وڃي ۽ ڪيترائي بي قاعدي ڪم ڪرايا ٿا وڃن. پريزيڊنٽ جو پٽ جيڪو عياشي آهي اُهو ڪاليج جي هڪ شاگردياڻي انوراڌا جي زبردستيءَ عصمت لُٽي ٿو، انوراڌا پرنسيپال اروڻ وٽ دانهين تي وڃي ٿي ۽ اِنصاف جي تقاضا ڪري ٿي. اروڻ متان پريزيڊنٽ جو هڪوار ٻيهر دٻاوَ اچي ٿو ۽ جيڪڏهن هن پريزيڊنٽ جي پُٽ خلاف ڪابہ ڪارروائي ڪئي تہ هن کي حسابي گهوٽالي ۾ سزاياب ڪرايو ويندو. پرنسيپال انوراڌا ٻيان پنهنجي ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهڻ جي لاچاري ڏيکاري ٿو. انوراڌا آتمهتيا ڪري ٿي، هوڏانهن پريزيڊنٽ جو قتل ٿئي و. الزام پرنسيپال تي ٿو لڳي. هن کي گرفتار ڪري ڪيس ٽايو ٿو وڃي. ڪورٽ ۾ چندر جيڪو اروڻ جي بي اِنصافيءَ جو ڪار بڻيو هو ڪوڙي شاهدي ٿو ڏئي تہ هن اروڻ کي پريزيڊنٽ پهاڙ تان هيٺ ڪاهيءَ ۾ ڦٽو ڪندي ڏٺو آهي. چشمديد جي وڙي گواهيءَ تي پرنيسپال کي قيد جي سزا ملي ٿي.

جيل ۾ سندس ٽي وويڪ، حالتون، من اِستثيون، مهاپارت

رنگ منچ - ناٽڪ ڪٿ

”هڪ پيو دروڻاچاريه“

سنڌي ساهتيه ڪلا نڪتين احمدآباد پاران هنديءَ جي مشهور ناٽڪ ڪار ڊاڪٽر شنڪر شيش جو قلمبند ڪيل ۽ شري ميگهراج گرناڻيءَ جو اُلٿو ڪيل هڪ بلڪل انوکو تجرباتي سماجڪ، اِتهاسڪ پس منظر ڪٽي هلندڙ گنڀير ناٽڪ ”هڪ پيو دروڻاچاريه“ جو پريمير شو شري ڪيرت مهرچنداڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ 3 آڪٽوبر 1982 تي ٽئگور هال ۾ پيش ڪيو ويو.

مهاڀارت يگ جي دروڻاچاريه، اُن جي پتني ڪرپي، اشوَٿاما، ارجن، يڌشتر ۽ ايڪلويه جا ڪردار ناٽڪ ۾ چٽيل آهن.

ناٽڪ ۾ هڪ ضمير واري شخص ڪي سياست ۽ ويوستا سان ڪيئن سنگهرش ڪرڻو پوي ٿو. آرٿڪ مسئلن، پيڙا، تڪليفن جو شڪار ٿيل هڪ آدرش وادي ۽ اصول پسند شخص ڪي ڪيئن نه ٽپي ٽپي تي ٽڪر کائڻو ٿو پوي ۽ اِنساني قدرن ڪي تاڪ تي رکي حالتن سان سمجهوتو ڪرڻو ٿو پوي اِهو سلسلو قديم وقت مهاڀارت واري زماني کان هلندو پيو اچي اُن ڪي بيحد باريڪ بينيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي.

جديد دؤر جو هڪ ڪاليجي اڌياپڪ ايمانداريءَ جو مجسم آهي.سچائيءَ جو حمايتي ۽ اصول پسند هٺ ڪري هن ڪي تڪليفن سان منهن مقابل ٿيڻو پوي ٿو. سُکن سهنجن، سهوليتن واري جيوت تي موهت ٿي پنهنجي وويڪ ۽ اصولن کان منهن موڙي ٿو. ناٽڪ جي مرڪزي ڪهاڻي آهي. اُن سان گڏ ڪناري- ڪناري مهاڀارت جي پانڊون-ڪؤرون جي گرو دروڻاچاريه جنهن غربت جي زندگيءَ کان لاچار بڻجي وويڪ ڪي ماري، حالتن

ناٽڪ سٺو رهيو، عوام پسند ڪيو، ڇهن ڪلاڪارن پاٽ موڪيو. ناٽڪ للڪارن ۾ محنت سان ڀرپور هو. شري ڪيرت مهرچنداڻي للڪارن کي قبولي، ناٽڪ منچ تي آڻڻ جو ساهس ڏريو اُن لاءِ واڌايون.

اِهو ناٽڪ دهليءَ ۾ هڪ غيرسنڌي سيپتڪ سنستا آنچلڪ رنگ منچ، سنڌي ناٽڪ شتابديءَ جي موقعي تي پيش ڪيو هو جنهن ۾ ڏسندڙن برڪ اداڪارا هيمراج ناگواڻي، جڳديش مولاڻي، ميگهراج گرناڻي، پشپا ڀاوناڻي پنهنجي-پنهنجي اداڪاريءَ ۾ ڇهو پاٽ موڪيو هو. ٻيا ڪلاڪار هئا موهيندر ڏاميجا، چندي ڪرناڻي، اشوڪ ڀاٽيا، ڊالي ناواڻي، گيتا ورنداڻي وغيره. هدايتڪاري شري ميگهراج گرناڻي.

هتي غور طلب آهي تہ احمدآباد ۽ دهلي جيڪا مذاقيہ ۽ ڪلائيندڙ ناٽڪن سان سدائين ڇانيل پئي رهي آهي اُتي هن قسم جو ڪلاتمڪ، سنجيدھ، بامقصدءِ انيڪ ڪلاڪارن ڀريو ناٽڪ منچ تي آڻڻ واقع ئي همت-جريت ڀريو قدم آهي اُن لاءِ ناٽڪ جي مڪمل عملي کي دلي مبارڪون.

”ننڊ نہ ڪر نادان“

سپنا هر ڪنهن شخص ڏٺا آهن/ڏسندا رهندا آهن. سپنن جي پڻ پنهنجي هڪ انوکي حيرت انگريز، ڀوائتي تہ وري ڪڏهن سونهري دنيا دل وٺندڙ پڻ ٿيندي آهي. جسونت ڪمار هڪ اهڙي شخص جا سپنا پاڻ سان گڏ کڻي آيو آهي جنهن ۾ منوهر نالي شخص ناٽڪ ”ننڊ نہ ڪر نادان“ جو ڪردار سپني ۾ اُن ماڻهوءَ جو ديدار ڪري ٿو جنهن جو فوٽو (تصوير) هوُ سمهڻ کان اڳ ڏسندو آهي. هڪ ڏينهن هوُ هڪ خوبصورت، جوان، چلبلي، سهڻي ڇوڪريءَ جو خاص ادا وارو فوٽو ڏسي ٿو. بس ات جو اُها ڇوڪري هن جو تصور بڻجي اچي ٿي جنهن سان هوُ پنهنجي دل جون، پيار محبت جون ڳالهيون ننڊ ۾ ڪري ٿو.

جي درشين کي عوام اڳيان ڪٽي اچي ٿي ۽ دروڻاچاريہ جي مسڪين حالت، پانڊون-ڪؤرون کي ٻاڻ وديا سيکارڻ ۽ ايڪلويہ کان گرو ڏکڻا ۾ آڱوٺو ڪٽائڻ، دروڻاچاريہ جو پانڊون کي ڇڏي، ڪؤرون طرف رهڻ، اشوَٿاما جيڪو حقيقت ۾ هاٿي مئو هئو اُن جي بدران پنهنجي پُٽ اشوَٿاما جيڪو حقيقت ۾ جيئرو آهي جو مؤت سمجهي دکي ٿئي ٿو ۽ دروپڪ جو ماڻهو تلوار سان هن کي ماري ٿو ڇڏي. ساهتيڪ، ڪلاتمڪ، تڪنيڪي ناٽڪ منچ تي ڪامياب رهيو ۽ عوام خوب ماڻيو. ڪيرت مهرچنداڻيءَ 25 ڪلاڪارن کي منچ تي آڻڻ جو ساهس ڪيو. ڪلاڪار نوان هئا، محنت بہ ڪيل هئي پر ڪي ڪلاڪار ارجن، يڌشٽر ۽ ايڪلويہ جي پاترن ۾ اُسري نہ سگهيا. رتنا رامناڻي، دروڻاچاريہ جي پتني ڪرپيءَ جي پاتر ۾ مانسڪ ۽ آرتڪ پيڙائن جا چٽر بيحد اثرائتي ۽ فهميدي نموني اِظهارڻ ۾ ڪامياب رهي ۽ بهترين اداڪارا هجڻ جو ثبوت ڏنو. دروڻاچاريہ ڪيرت مهرچنداڻيءَ ناٽڪ کي اوچائي بخشي. اشوَٿاما دليپ دؤلتاڻيءَ ڪافي محنت ڪيل نظر آيو. پروفيسر اروڻ دولت چيلاڻي پنهنجي شخصيت، مونجهہ ظاهر ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو، آسن وسياڻي حرفتباز پريزيڊنٽ جي رول ۾ نيڪ نيڪ رهيو، بلديو گهنشاڻي، اروڻ جو وويڪ، آواز ڪافي منجهيل رهيو. وڪيل منگهو ڏرمداساڻي ڪافي نراس ڪيو. ناٽڪ جي پڪڙ، چرپر، هاوَ-ڀاوَ، ڪلاڪارن جون ائڪشن-ريئڪشن، اِستيج توازن جيترو مهاپارت جي درشين ۾ اُپريل هئي، اوتري ئي ڪمزور ٻين درشين ۾ هئي.

ناٽڪ جا درشيہ تمام گهڻا ۽ ٽڪڙا-ٽڪڙا بدلجڻ ڪري، ناٽڪ جي روالونگہ اِستيج ڪم آندي ويئي. اُن تي روشني ڏيئي هريش ڪڪواڻيءَ پنهنجي قابليت جو معائنو ڪيو، سيٽنگہ ۾ ارجن ڀمپاڻي ۽ سنگيت ۾ گوپال موليار بہ اڀرا رهيا. سهايڪ هدايتڪار ۽ اِستيج اِنچارج هو شري جينو لالواڻي. ڪل ملائي

وجڻ جون تياريون ڪري ٿو تہ اِن وچ ۾ CID اچي ٿي، جاچ پڙتال، پڇا ڳاڇا ٿئي ٿي. ڊاڪٽر ۽ ڪشور جي وچ ۾ هپنٽائيز جي ڇتاپيتي لڳي ٿي. ڪشور ڊاڪٽر کي ڪتو بڻائي گهر مان هڪالي ڪڍي ٿو. هڪ گهر اُجڙڻ کان بچي وڃي ٿو.

جسونت ڪمار يونيورسل ٿئيٽر واري زير سايي پنهنجي هدايتڪاريءَ ۾ وشنو ڀاٽيا جو اُلٿو ڪيل ناٽڪ ”ننڊ نہ ڪر نادان“ 7 مارچ 1981 ۾ ٽئگور هال پالڙيءَ ۾ هڪ ئي ڏينهن ناٽڪ جا ٻہ شو ڪيا. ٻئي شو هائوس فل رهيا. هيءُ ناٽڪ فئنٽسي نما آهي. ناٽڪ کي سنڌي رنگہ منچ جو پهريون استيمن ڪلر ناٽڪ سڏيو ويو آهي. فلمون استيمن ڪلر ٿينديون آهن پر ناٽڪ ڪيئن استيمن ڪلر بڻيو هوندو اِها ڳالهہ درشڪن لاءِ ڪشش جو باعث بڻي.

”ننڊ نہ ڪر نادان“ ناٽڪ ۾ لائيٽنگہ جون نيون ٽيڪنڪس ڪتب آڻي جسونت ڪمار ناٽڪ کي مڪمل طور رنگين بڻايو. ناٽڪ ۾ اِنساني منورنجن، خيالات، دولابن، پٽنيءَ جي شاهوڪار ٿيڻ جي خواهش، خوابن ۾ ٿيندڙ خيالي ڪردارن سان گفتگو، غرضائي، اِنساني جذبن، احساسن کي لائيٽنگہ ذريعي بيحد نائٽي ۽ خوبصورت ڍنگہ سان پيش ڪيو آهي. ناٽڪ ۾ پهريون يرو، پروجيڪٽر جو واهپو ڪري، نوان نوان افيڪٽس ڏيئي ريم سين کي تازي، نئين ڍنگہ سان اُڀاريو ويو آهي. جسونت و سنڌي درشڪن لاءِ هيءُ نواڻ ڀريو تجربو، ڪشش جو باعث، وڪو ڪامياب رهيو. ناٽڪ جي اداڪاريءَ، ڪردارنگاريءَ جي ن ڪمزورين کي درگذر ڪندي ناٽڪ کي ڪامياب سڏي هجي ٿو. اداڪاريءَ جي لحاظ کان وڪرم شهاڻي گنڀير ڪشن ڏيڻ ۾ ڪامياب رهيو. واشو چانگلاڻي (منوهر) پنهنجي اڪاريءَ جو جوهر ڏيکاريو. ڪمل چندناڻي (سشيلا) پنهنجي ني عمدي اداڪاريءَ سان ناٽڪ ۾ درشڪن جي دلين تي

منوهر جون اهي ڳالهيون ير ۾ سمهيل هن جي پتني سشيلا ٻڌي ٿي ۽ هن جي دل ۾ شڪ ٿو جاڳي ته هن جي پتي منوهر جا ڪنهن ڇوڪريءَ سان ناجائز رشتا آهن ۽ شروع ٿئي ٿو زال مڙس وچ ۾ ڇڪتاڻ، تون تون، مان مان ۽ جهڳڙو، روز روز اِن ڳالهه کي ڪٽي ڪنڌ ڪنڌ. آخرڪار منوهر تنگ ٿي سربستي ڳالهه پنهنجي دوست ڪشور سان ڪري ٿو. ڪشور کي ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي اِن لاءِ هوُ اِها ڳالهه، حقيقت روبرو ڏسڻ ٿو چاهي. منوهر کي سنڌي ناٽڪ ڪاڪو ڪلومل جو فوٽو سمهڻ کان اڳه ڏيکاريو وڃي ٿو ۽ سپني ۾ ڪاڪو ڪلومل حاضران حضور اچي ٿو ۽ منوهر سان ڳالهيون ڪري ٿو. ڪشور کي عجب لڳي ٿو.ڪشور ۽ سشيلا منوهر کي مانسڪ روڳي سمجهي ڊاڪٽر وٽ علاج لاءِ وٺي وڃن ٿا. ڊاڪٽر به ڪو گهٽ ڪونهي. جدا جدا چيڪ-اپ، ٽيسٽون ڪرائي الڳه الڳه بيمارين جا ڊپ ڏيئي، هائو بخشي دوا درمل جي بهاني پيسا ڇڏائيندو رهي ٿو. سشيلا جي هميشه اِها خواهش پئي رهي هئي ته گهر ۾ هن وٽ سڀ سهوليتون، عمدو فرنيچر هجي. ڊاڪٽر منوهر کي هپٽنائيز ڪري، پنهنجي ضابطي ۾ رکي خاص علم ذريعي گهر ۾ نوٽن جي برسات وسائي ٿو، جنهن سان منوهر جي گهر جو ڍانچو ئي بدلجي وڃي ٿو ساڻ گڏ سشيلا به خوش ٿئي ٿي جو ڊاڪٽرن اُنهن نوٽن مان هن کي قيمتي فرنيچر، هار، ڪپڙا، سينگار جو سامان وٺي ڏئي ٿو.

هاڻي ڪشور کي ڪجهه شڪ پوي ٿو. منوهر هن کي ٻڌائي ٿو ته ڊاڪٽر ڪيس ڪيئن هپٽنائيز ڪندو آهي. ڪشور به ڪاليج ۾ ابياس ڪندي اِها ودِيا حاصل ڪئي هئي. اِها ودِيا منوهر تي آزمائي ٿو. هپٽنائيز ڪيل نوٽ دڪاندارن وٽان گم ٿي وڃن ٿا ۽ جويلري پيسا وٺڻ لاءِ گهر تي ڪاهه ڪري اچن ٿا. ڊاڪٽر هن کي هپٽنائيز ڪري سشيلا جي گهر کان ٻاهر هڪالي ڪڍي ٿو. سشيلا ڊاڪٽر جي وڏيڪ گرفت ۾ اچي ٿي ۽ هوُ سشيلا کي پڄائي

جو شڪار ٿيل، ڏنگيل، ڏڪويل اِنسان، جن کي پنهنجا گهر، اؤلاد، مال-ملڪيت، زمين-جائداد آهي اُهي ويچارا عمر وڌڻ سان گهرن مان هڪاليا ويا آهن ۽ ويچارا بيڊا آشرم ۾ رهي پنهنجي زندگيءَ جا باقي ڏينهن ڳڻي رهيا آهن. ماضيءَ جي ڪٽن-منن پلن، موڙن کي ياد ڪري پنهنجو وقت گذاري رهيا آهن. جيون جي ماضيءَ جي يادگيرين ۾ ويڙهيل، پل-پل موت طرف وڌندڙ بيڊن جو لاوارث جيون چتر مدن هن ناٽڪ ۾ چٽيو آهي جدا جدا جيون جا رنگ پريا آهن. بيڊا آشرم ۾ پاتين جي دل جي ڪيفيت هن ريت مدن اُجاگرت ڪئي آهي :

”جڏهن پاڪستان ٿيو، تڏهن پنهنجي زال ۽ ننڍڙي پُٽ کي ڪٽي آءٌ هت هندستان ۾ آيس پُٽ کي ڪُلهي تي چاڙهي ڪڏايم، محنت ڪري، ڪمائي هن کي پاڙهي وڏو ڪيم، شادي ڪرايم، دل ۾ آشا هئي ته جڏهن وڏو ٿيندو پُٽ شروڻ ڪمار جيان مونکي به ڪانوائيءَ ۾ وهاري، ڪُلهي ڪٽي تيرٿ ڪرائيندو... پر اَفسوس،مونکي گهر مان هڪالي هت ڇڏي ويو.“

ٻيو چٽ آهي : ”ته اڄ ڪيئن نه وڏن گهرن جون زالون گهرن ۾ ڪٽي پارٽي ۽ رميءَ راند جون ڪلبون ناهي جوئا ڪنديون رهن ٿيون. نتيجي طور لاپرواهه، ڇيڳڙيون ٿي پون ٿيون. جي سندن پتي ڪم سانگي ٻاهر آهي ته ڏارئي مرد سان اڌ رات تائين وقتي سڄي رات ٻاهر گذارين ٿيون.“

ٽيون چٽ آهي : ”هڪ نيڪ پتي پنهنجي ملڪيت پنهنجي ڌرمپتنيءَ نالي ڪري ٿو، رقم بئنڪ ۾ زال نالي رکيل آهي سندس سالا پيڻ سان ملي پڳت ڪري بئنڪ مان ڌن لُٽيندا رهن ٿا. ريس، جوئا ۽ فعلن ۾ وڃائن ٿا. جڏهن نيڪ ايماندار پتيءَ کي ڄاڻ پوي ٿو هوءَ خبرداريءَ کان ڪم وٺي ملڪيت پنهنجي نالي ڪرڻ ٿو چاهي يا ڳڏيل کاتو کولڻ ٿو چاهي پر سندس ڌرمپتني صحيح ڏيڻ کان صاف اِنڪار ٿي ڪري.“

ڇانيل رهي. رميش ڪرناٽي (CID) جي داخلا ساراهه جوڳي رهي. رميش مهتا (ڪاڪو ڪلومل) جي درشڪن سان سڌي گفتگو لاجواب رهي. هتي اِهو به غور طلب آهي ته ”ڪاڪو ڪلومل“ ليکڪ هدايتڪار مدن جماڻي ناٽڪ ۾ رميش مهتا مکيه ڪردار نڀايو هو ۽ اِهو اثر هن ناٽڪ ۾ به نمايان ٿيندو نظر آيو. نون لائيٽنگ افيڪٽس اداڪاريءَ ۽ سوجهه ٻوجهه ڀري هدايتڪاريءَ ناٽڪ درشڪن جي دلين تي ڇانيل رهيو.

”گهر گروءَ جو در“

سال 1982 سڄي دنيا ٻڌن جو سال ڪري ملهايو. اِن ڳالهه کان متاثر ٿي شري مدن جماڻيءَ ٻڌن جي جيوت ڪي ڪٿي، ناٽڪ ”گهر گروءَ جو در“ جوڙي، سنڌو ڪلا مندر دواران ڪاميابيءَ سان پهريون ڀيرو روالونگ اِسٽيج تي ممبئيءَ ۽ احمدآباد ۾ سنڌي يوٿ ائسوسئيشن طرفان ٽئگور هال پالڙيءَ ۾ 10 نومبر 1982 تي پيش ڪيو. روالنگ اِسٽيج تي شري ايس. پي. ميگهاڻيءَ جي ڪوشش سان پيش ڪيل ناٽڪ درشڪن لاءِ هڪ نئون آزمودو هو.

ناٽڪ جو ليکڪ شري مدن جماڻي ناٽڪي جيو ۽ انوکي شخصيت جو مالڪ آهي. هن جي سوچ، آزمودي ۽ ڪلپنا شڪتيءَ جي جهلڪ اسان کي گهر گروءَ جو در ۾ بخوبي نظر اچي ٿي. پيڙهين جو ٽڪراءَ، نئين پيڙهيءَ جو سوچ، وهنوار ۽ وڏي عمر جي بزرگن جي سوچ جو چٽر هن ناٽڪ ۾ چٽيل آهي. بزرگن جو نوجوانن طرف رُخ، وهنوار ۽ هلت جهڙن باريڪ اِنساني رشتن، مُلهن خاص ڪري شهري، ميٽرو ايراضين ۾ رهندڙ ۽ وديشي سڀيتا جي اثر وارن گهرن، ڪٽنبن ۽ وڏي عمر جي شخص جي ڪهڙي حالت آهي ۽ هوُ مانسڪ طور ڪيترا ويڳاڻا، لاچار آهن اُنهن جو عڪس ناٽڪ ۾ چٽيءَ طرح چٽيل آهي. نئين زماني جي نئين هوا، شهري هنري ڪرڻ ۽ جديد سهوليت پسند ماحول

اکل پارت ساھت سيمينار پڻ ڪيو آھي. ويڊيو فلم نہ نڪتل آھي.)

''ويٽنگ فار گودو''

سميوئل بيڪٽ جو نالو پڙھندي ھڪ عالمي ناٽڪ جو نالو ''ويٽنگہ فار گودو'' سامھون اُڀري اچي ٿو. ناٽڪ ھر لحاظ کان دنيا ڀر ھاڪارو ۽ بحث مباحثي ھيٺ رھيو آھي. ھيءُ ناٽڪ ''ٿئيٽر آف ائبسرڊ'' نالي پڻ سڃاتو، سڏيو وڃي ٿو. بئڪيٽ جو ناٽڪ دنيا ڀر ۾ انيڪ ڀاشائن ۾ ترجمو ٿي منچ تي کيڏيو ويو آھي. بئڪيٽ اِئين تہ ڪوتائون، ناول، ڪھاڻيون لکيون آھن پاڻ ناٽڪ ۾ اداڪار طور اداڪاريءَ جو جوھر بہ ڏيکاريو آھي تہ وري ناٽڪن جي ھدايتڪاريءَ سان گڏ چترڪلا ۽ سنگيت ۾ پڻ چاھہ رکيو آھي پر ''ويٽنگہ فار گودو'' ناٽڪ لاءِ اِئين چيو وڃي ٿو تہ پاڻ کي روشنيءَ لاءِ ھن ناٽڪ جي تخليق ڪئي. ھيءُ ناٽڪ قلم بند ٿيڻ بعد ٽي سال اِسٽيج تي پيش نہ ٿيو ۽ نہ وري اُن جي اشاعت ٿي. پر ڇپجڻ کان پوءِ جنوري 1953 ۾ ھن جو پھريون ورلڊ پريميئر شو ٿيو ۽ لڳاتار سؤ شوئن تائين پيش ٿيندو رھيو. چون ٿا ناٽڪ اِسٽيج تي ٿئي اُن لاءِ بئڪيٽ ڪنھن بہ ھدايتڪار کي ڪابہ مدد نہ ڪئي ھئي. صرف اِھو ئي ھن جو چوڻ ھو تہ سڀ اداڪار ''بولر ھئٽ'' ضرور پائين. ھيءُ ناٽڪ فرينچ ۾ تختي تي آيو اُن بعد ھن جو ترجمو جرمن ڀاشا ۾ ٿيو. 1955 کانپوءِ لنڊن ۾ انگريزي ڀاشا ۾ اِسٽيج ٿيو. اُن بعد ناٽڪ ڪافي لوڪپريتا حاصل ڪئي. درشڪن تنقيدڪارن ناٽڪ خوب ساراھيو. تنقيدڪار ھيرولڊ ھوبسن ڊي ''سنڊي ٽائيمس'' ۾ لکيو ھو تہ، ''ناٽڪ ۾ اَھڙو ڪجھہ سمايل/پريل آھي جيڪو ماڻھن جي مغز ۾ گھڻي وقت کان رھي ٿو.''

1956 ۾ گودو آمريڪا پھتو، ايلن سنائيڊر ھن جي ھدايتڪاري ڪئي. ھن اِھو ناٽڪ پارس ۾ فرينچ ڀاشا ۾ ڏٺو ھو

اهڙا انيڪ چٽ، درشيہ دل کي ڇهندڙ ناٽڪ ۾ آهن دل کي ڇپيندڙ، جديد جيون جي حقيقي سچائي ۽ رشتن جي بدلاوَ، ٽڪرائيءَ سان ڀرپور آهن. جن کي بيحد ڪلاتمڪ ڍنگ سان تختي تي آندو ويو آهي. اُهي ايترو تہ پُرسوز ۽ ڏکوئيندڙ، متاثر ڪندڙ آهن جو اکين مان لُڙڪ وهي ٿا اچن.

لڌو (ايس. پي. مينگهاڻي)، ديوان (بوني) رام (سريچند ماکيجا)، ڀڳوان (مدن جماڻي)، لڇوُ (شرت ڀڳناڻي) ۽ ڪمار ڪلواڻي سڀ هڪ ٻئي کان وڌيڪ ڳڻجي ناٽڪ کي سجيوَ، جاندار ۽ ڪلاتمڪ بڻايو آهي. گنڀير مسئلي کي جنهن ترتيب، ڍنگ سان پيش ڪري وٽندڙ، منورنجڪ ۽ وندرائيندڙ بڻايو آهي اُن لاءِ ايس.پي. مينگهاڻي واقعي ئي ساراهہ جو مستحق آهي. سريچند ماکيجا جي سياويڪ اداڪاريءَ اِهو ثابت ڪيو آهي تہ هوُ هڪ بهترين اداڪار ۽ شخصيت جو مالڪ آهي. شرت ڀڳناڻي هڪوار ٻيهر درشڪن جي دلين کي جيتي ڪلاتمڪ نموني درشڪن کي بي اختيار ٽهڪ ڏيارڻ ۾ ڪامياب ريو آهي. مينگهاڻيءَ جيتوڻيڪ اڄ ڪالهہ ٻڍن جا ئي پارٽ نڀائي رهيو آهي، جيڪي هن جي عمر سارو موافق بہ آهن پر هنجي پارٽ ۾ تازگي ۽ نواڻ آهي. شيلا ساجناڻي پنهنجي اثرائتن ڊائلاگن، ادائن ۽ موومينٽ سان حاضرين کي جڪڙي رکڻ ۾ ڪامياب رهي آهي. اِسڪرپٽ جي ٻولي سرل، سپڪ ۽ مٺي آهي. ناٽڪ ''گهر گروءَ جو در'' لُڙڪن ۽ ٽهڪن، آنسون ۽ کل گڏوگڏ ڪٽي هلي ٿو. هي هڪ صاف سٿرو، ڪلاتمڪ ۽ منورنجن سان ڀرپور ڪامياب ناٽڪ آهي. سدائين هر شو هائوس فل ڪٽندو رهيو آهي.

(سال 1982 ۾ اِستيج پبليڪيشن طرفان ڪتابي صورت ۾ اِشاعت حاصل ڪري چڪو آهي ۽ گجراتيءَ ۾ ''گهر ايڪ مندر'' انوادڪ ڄينو لالواڻي شايع ٿيل آهي. 1984 ۾ CHD جو اِنعام حاصل ڪيائين. هن ناٽڪ تي گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ

اٺر سالن جا سال ناٽڪ ليڪن تي پيو آهي.

اِهڙو شاندار، ناٽڪ پڙهڻ جو موقعو تہ مليو پر سال 1998 آڪٽوبر ۾ اُن جو شو احمدآباد ۾ ڏسڻ جو نصيب بہ حاصل ٿيو.

جيئن ناٽڪ جو پڙدو کلي ٿو تڏهن اِسٽيج تي بہ شخص بيمطلب اُٽپٽانگہ گفتگو ڪندا نظر اچن ٿا. هنن ٻنهي اِنسانن جو ڪو بنياد (Roots) ڪونهي ان لاءِ هوُ ڪير آهن هنن کي ڪابہ ڄاڻ ڪونہ آهي ٻئي گودو جي اِنتظار ۾ آهن وچ ۾ هڪ ٿلهو متارو ماڻهو هڪ غلام کي گهوڙي وانگر ڊوڙائيندو اچي ٿو، جڏهن انڪ پورو ٿئي ٿو تڏهن هڪ ڇوڪرو اِسٽيج تي اچي سنديش ٿو ڏئي تہ ”اڄ گودو ڪونہ ايندو، سڀاڻي ايندو.“ بلڪل ڪنهن بيٻڪائيءَ جو اِشارو.

هي گودو ڪير آهي؟ ڇا آهي؟ اُن جي ڪابہ ڳالهہ ناٽڪ ۾ نہ آهي، ڇا اُهو ڀڳوان آهي؟ موت آهي؟ جيون آهي؟ ڪجهہ بہ چيو، ٻڌايو نہ ويو آهي. ناٽڪ ۾ چار ڪردار آهن عام ماڻهو. اُنهن ۾ ڪوبہ پادري، ڪا عورت نہ آهي ۽ نہ ئي وري ڪنهن واد جو پرچار ڪيل آهي. پلا هي ڪو ناٽڪ آهي ڇئي درشڪ اڏ مان اُٿن ڪونہ ٿا پر مقناطيسي اٺر سبب جڪڙجي، ٻڌجي مانسڪ سڪوُن حاصل ڪن ٿا. ناٽڪ هر لحاظ، فن، ڪلا، هدايتڪاري، اداڪاري، ڪردارنگاريءَ کان بيحد لاثاني رهيو. جنهن کي بار-بار ڏسڻ، ماڻڻ، پڙهڻ تي دل پئي ٿئي. حقيقت بيڪيٽ جيڪو ناٽڪ قلمبند ڪيو اِهو وقت پٽاندڙ اُهو سڀ ڪجهہ بوسينيا ۾ ٿي رهيو هو. هيءُ ناٽڪ اُتان جي پرجا جيون جي هوُبهو تصويرڪشي ڪري ٿو. هتي جو اِنسان هر پل جيئڻ لاءِ هوا، کائڻ لاءِ بريڊ، پيئڻ لاءِ پاڻي جي راهہ ڏسي ٿو. هتان جو ناگرڪ هر پل جو اِنتظار ڪندو آهي جيئڻ جي، مرڻ جي، راحت جي، جيئڻ جي خواهش ۾ موت جو اِنتظار ڪندا رهن ٿا. موت اڄ ايندو يا سڀاڻي راهہ ڏسندي بيموت مرن ٿا. ناٽڪ ۾ ڇوڪرو

۽ چيو هو تہ ضروري ناهي تہ ناٽڪ کي ماڻھ-سمجھڻ لاءِ فرينچ ڀاشا اچڻ گھرجي. هن چيو ناٽڪ ڏسڻ سان ئي منڍ کان وٺي آخر تائين درشڪن کي ڇڪي-جڪڙي رکي ٿو. ذهني طبقي ۾ مقناطيسي اثر پئدا ڪري ٿو. آمريڪا ۾ شو ڪرڻ کان پهرين ايلن خاص بيڪيٽ سان ملاقات ڪئي هئي ۽ پڇيو هو تہ ''گودو ڪير يا ڇا آهي؟'' تڏهن بيڪيٽ جواب ڏنو هو، ''جيڪڏهن مونکي اِها ڄاڻ هجي ها تہ اُن بابت مون ناٽڪ ۾ ئي ذڪر ڪيو هجي ها.'' براڊوي ۾ ''گودو'' ناٽڪ ساندھ ڏھ هفتا هليو. هر رات ناٽڪ بعد ڪلاڪارن ۽ درشڪن وچ ۾ بحث مباحثو ٿيندو هو. ايلن گودو لاءِ چيو، ''هيءُ ناٽڪ کان پري جي ڪا خاص انوکي چيز آهي.'' ناٽڪ بهترين ماڊرن ڪلاسڪ درجي جو آهي.

''ويٽنگہ فار گودو'' ناٽڪ ادبي ڇاهي ڪلا جي لحاظ کان دنيا ڀر ۾ حد نشان، ميل جو پٿر رهيو آهي. ليکڪ، ڪلاڪار، هدايتڪار، اداڪار، سنگيتڪار، تنقيدنگار ۽ درشڪن تي هن جو حيرت انگريز اثر رهيو آهي. نہ صرف فرينچ ڀاشا تي پر ذري گھٽ دنيا جي خاص ڀاشائون پڻ اثرانداز ٿيون آهن.

وولٽر ڪير هن ناٽڪ کي ''انٽيليڪيوئل فروٽ بائول'' نالي سڏيو آهي. ''ويٽنگہ فار گودو'' جي پيشڪش آپيرا طور، ٽيلويزن مووي ۽ نرتيہ فارم (بئلي) روپ ۾ بہ ڪئي ويئي آهي. 1969 ۾ بيڪيٽ کي ساهتيہ جو نوبل اِنعام عطا ٿيو. برنارڊشا، ڊبليو بي. ييٽس کان پوءِ بيڪيٽ ٽيون آئرش اديب آهي جنهن کي بيحد مانائتو، عزت بخش اوارڊ حاصل ٿيو آهي. هن ناٽڪ کي گھڻن ڊارمڪ ڪٿا جي روپ ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن ڳالھ بيڪيٽ ۾ ناراضپو پئدا ڪيو. هن ''گوڊو'' (Godot) يعني ڀڳوان، خدا، ايشور، گاڊ نہ آهي اِها پڌرائي پڻ ڪئي. هن جو چوڻ هو تہ گوڊو ذريعي مونکي ايشور جي ڳالھ ڪرڻي هجي ها تہ مان ''گاڊ'' (God) لکان ها نہ ڪ گوڊو (Godot). هن ناٽڪ جو

ڪارنامي جي سُڌ پوي ٿي. ڪتي سندس ڪوڙ جو پانڊو ڦٽي نہ پوي اُن لاءِ هوُ پنهنجي جگري دوست کان مدد وٺي ٿو ۽ اُن کي چندو چانڊواڻيءَ جي ٻهروپ ۾ پتنيءَ اڳيان پيش ٿو ڪري ۽ اُن جي حاضر ٿيڻ سان ناٽڪ ۾ تڪڙم بازيون، ڪلابازيون شروع ٿين ٿيون. هڪ ڪوڙ کي لڪائڻ لاءِ ڪوڙن پٺيان ڪوڙ گهڙيا ۽ دهرايا وڃن ٿا ۽ آخر سچ ثابت ٿئي ٿو. پتني پڇتاءُ جو اِظهار ڪري ٿي. ڪهاڻيءَ جي اُٽت بيحد منورنجن سان ڀرپور، سولي سپڪ ۽ اصطلاحي ٻوليءَ ۾ ڪيل آهي. لائيٽنگ جا چمتڪار، درشيہ رچنا، سيٽ ڊزائيس، ڪلاتمڪ ڍنگ سان منچ سجاوٽ ۽ رميش ڇاڇاڻيءَ جي پراثر هدايتڪاريءَ درشڪن جي دلين ۽ دماغ تي جادوئي اثر ڇڏڻ ۾ ڪامياب رهيو. ائڪٽنگ جي لحاظ کان ڪشور گدواڻي،منوهر ملڪاڻي ڪامياب رهيا. ڀيرومل جي رول ۾ موهن ڊينگرا درشڪن کي ٽهپي ٽهپي تي کلائڻ، ڀرپور ٿهڪ ڏيارڻ ۾ ڪامياب رهيو. شريمتي ملڪاڻي، شيلا گدواڻي، ساوتري ڇاٻڙيا ۽ چندو ڇاٻڙيا پنهنجي وسان ڪين گهٽايو. جسونت لائيٽنگ ذريعي پاترن جي دماغي سوچ، مانسڪ ڪشمڪش کي اِظهارڻ ۾ ڪامياب رهيو. لڇو گيهيءَ جي سنگيت ناٽڪ جي پڪڙ کي پختو بڻايو ۽ درشڪن کي گروپ ۾ ٻڌي رکيو.

ناٽڪ ڏسڻ کان پوءِ اِئين ڇئي سگهجي ٿو تہ رميش ڇاڇاڻي ڪلاتمڪ گهٽ پر ڪامرشيل وڌيڪ ٿيندو پيو وڃي ۽ هوُ درشڪن جي ڪمزور نس کي سڃاڻي ويو آهي ۽ اُن طرز جا ناٽڪ تختي تي آڻڻ جي چونڊ ڪري ٿو جيڪي ڀرپور منورنجن ڏين ٿا.

چندو چانڊواڻي ناٽڪ جا ڪلاڪار آهن : نرمل رامچند، ليلو ...نجواڻي، سريش روهڙا، ڪمار چندناڻي، موهن ڊينگرا، جيا ...سراڻي، نيرو آسراڻي، واشو ڇانگلاڻي ۽ ڪرانتي.

’لو ليٽر“ (پريم پتر)

20 آگسٽ 1984، ڪويتا ساهت مالا جئہ شنڪر سندري هال

جيڪو سنديش ڏئي ٿو ”گودو اڄ نہ ايندو سڀاڻي ايندو.“ سڀاڻي عوام بہ اِنتظار ۾ آهي تہ دشمن جي گولي ڪڏهن وسندي، مؤت ايندو اڄ يا سڀاڻ. ويٽنگ فار گودو بوسنيا جو ساڪار جيون آهي. ويٽنگ فار گودو هڪ بيحد لاثاني امر تخليق آهي جنهن ۾ سوز سان گڏ هيومر پڻ آهي. چوندا آهن، ”اِسٽيج ويچارن جي جادوئي دنيا آهي.“ هيءُ ناٽڪ اُن جو ثبوت آهي. ناٽڪ جون گهڻ معنائون ڪڍيون ويئون آهن. اُن جي آڌار تي ٻيا ناٽڪ بہ جوڙيا ويا.

”چندو چانڊواڻي“

”آج ڪي تازا خبر“ فلم جي آڌار تي تيار ڪيل سنڌو آرٽ ٿئيٽر (اِنٽرنئشنل) جو مذاقيہ ٽپ-ٽپ تي ٺهڪ ڏياريندڙ ۽ ڪجهہ پلن لاءِ وندرائيندڙ، رواجي راز سان ڀرپور، رميش چاچاڻيءَ جو هدايت ڪيل ۽ جسونت ڪمار جو انواد ڪيل ناٽڪ ”چندو چانڊواڻي“ جو شو فرينڊ سرڪل احمدآباد طرفان جئہ شنڪر سندري ناٽيہ گرهہ، رائپور ۾ ٿي گذريو.

زالن کي پنهنجي پتيديو تي شڪ نہ ڪرڻ گهرجي جي نصيحت تي ٻڌل هن ناٽڪ ۾ گهر جو سيٺ، هڪ رات ٻاهر گذاري ٿو، لفٽ ۾ لٽڪي پوڻ ڪري سڄي رات گهر کان غائب آهي ۽ صبح ٽيڪ سان لفٽ شروع ٿيندي، گهر پهچي ٿو، تڏهن سندس ڌرمپتني هن ۾ شڪ آڻي، وڪيلن وانگر آڏا اُبتا سوال پڇي ٿي. ويچارو پتيديو اڳ ئي رات ڀر جاڳيل، ٿڪل-ٽٽل زال جي ڪروڌ کان بچڻ لاءِ ”چندو چانڊواڻي“ هڪ خيالي دوست جو نالو ڪڍي، خيالي ڏس پتا ٻڌائي، پنهنجي شڪي زال کي وشواس ڏيارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري ٿو. پر پتني بہ ڪا گهٽ ڪونهي هوءَ اينري تي شڪي آهي جو پتيءَ جي ٻڌايل خيالي دوست جي خيالي ائڊريس تي تار موڪلي، اُن کي پاڻ وٽ اڪيلائيءَ ۾ ملڻ لاءِ گهرائي ٿي. پتي مهاشيہ کي زال جي اِن

پتيءَ تي شڪ ڪري ٿي ۽ شروع ٿيو ساڙ، غصي ۽ پيار جو سلسلو.
خط جو ٽڏارام جي جوءِ ديويءَ تي ڪافي گهرو اثر ٿئي ٿو ۽
هڪ ڏينهن اُها خيالي نالي واري عورت اچي پرگهٽ ٿئي ٿي.
اِهي سڀ واقعا، درشيہ جدا-جدا حالتون درشڪن کي نهايت
ڪلائيندڙ نموني پيش ڪيون ويئون آهن. مول مراٺي ناٽڪ
”گهالين لو ٽانگڻ“ کي سنڌي ماحول ۽ جيوت سان سجايو ۽
سينگاريو آهي شري واسديو نرمل جنهن ورهاڱي بعد گهٽي ۾
گهٽا ناٽڪ ٻين ڀاشائن خاص ڪري مراٺي، انگريزي، بنگاليءَ
تان انواد اُلٿو ڪري سنڌي رنگہ منچ کي ڏنا آهن. ناٽڪ سنڌي
ماحول ۾ اهڙي تہ ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو ويو جنهن اصلوڪي
سنڌي ناٽڪ جون سڪون ٿي لاٿيون. گفتگو چست، مذاق سان
ڀرپور هئڻ سان گڏ ناٽڪ جي سچوئيشن، اداڪارن جي هاوَڀاوَ،
ڪريائن سان پئدا ڪيل ڪاميڊيءَ هن ناٽڪ جي جان رهي.
ناٽڪ جا مکيہ ڪردار مينگهاڻي، جنهن ٽڏارام جو رول بخوبي
نڀايو ۽ ديويءَ جي رول ۾ سشيلا ساجناڻي ٻين ناٽڪن جي ڀيٽ
۾ لڙاڪو، شڪي اِستريءَ جي روپ ۾ ڪافي اثردار رهي. ٻيا
ڪلاڪار هئا شانو ڇاٻڙيا، روپ راڻي، سريچند ماکيجا، ڪمار
ڪلواڻي، انيل آڏواڻي، نريش ابيچنداڻي ۽ جوتي ناواڻي. ناٽڪ
کي سنگيت سان سنواريو لڇو گيهي. لائيٽنگہ سريچند ماکيجا ۽
ناٽڪ اِستيج مئنيجمينٽ سنڀالي سروَ شري چندر ساوناڻي،
ڪنعيو روپاڻي ۽ جيٺو لالواڻي.
ڪلاڪارن پنهنجي پنهنجي رول سان سٺي نموني نڀايو.
ناٽڪ بيحد ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو ويو. حاضرين کي کلائي-
کلائي کيرو ڪيو، هال کان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ هر ڪنهن جي
لب تي مڙس ٽڏارام ۽ جهڳڙالو پتني ديويءَ جو نالو هو. هي
ٻئي پاتر ايس.پي. ميگهاڻي ۽ سشيلا ساجناڻي پنهنجي تازگيءَ
ڀري اداڪاريءَ لاءِ درشڪن تي ڪافي وقت تائين ڇانيل رهيا.

۾، ساهت ۽ ڪلا جو ڳڏيل بهترين ڪاريہ ڪرم ٿي گذريو. ڪوتا ساهت مالا شايع ڪيل ٻن ڪتابن شاعر ارجن حاسد جو ''ميرو سچ'' ۽ ڪهاڻيڪار شيام سچانندڻيءَ جي ڪهاڻين جي مجموعي ''چوڪري وري ڏسنداسين'' جو مهورت سندري اُتمچندڻي ۽ هري موٽواڻيءَ جي مبارڪ هٿان ڪرايو. غور طلب آهي تہ هن ڪتاب ''چوڪري وري ڏسنداسين'' جو گجراتيءَ ۾ انواد شري جيٺي لالواڻيءَ ڪيو آهي. سنڌي تحريڪ جي روح روان شري اي.جي. اُتم ۽ برک تعليمدان پرنسيپال ارجن ڪتواڻيءَ جي سنمان سان گڏ گايڪ ڪلاڪار، شاستريہ سنگيت جي ودوان شري ڪيشوداس ڪتريءَ کي گجرات جي لوڪپريہ گايڪ، سنگيتڪار راجيش ڀاردواج جي ياد ۾ برپا ڪيل شيلڊ سان نوازيو ويو.

هن موقعي تي شاعر-ناٽڪ نويس شري واسديو نرمل جو خود حاضر هو جو اُلٿو ڪيل ناٽڪ ''لوَ ليٽر'' سنڌو ڪلا مندر جي زير سايع شري ايس. پي. مينگهاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ تيار ڪيل پيش ڪيو ويو.

هن ناٽڪ جو پريميئر شو سنڌو ڪلا مندر جي 29 سنڌي ڊراما فيسٽيول جي موقعي تي باندرا ممبئيءَ ۾ پيش ڪيو ويو. جنهن جو مهورت مشهور فلمي اداڪار شري امريش پوريءَ ڪيو هو.

ناٽڪ لوَ ليٽر (پريم پتر) جي ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي جوءِ کان ڊچندڙ مڙس ٿڌارام جي ڪهاڻي آهي جيڪو پنهنجي جوءِ جي روز جي کل-کل، گهپيءَ کان ڇٽڻ لاءِ ڪافي هٿ پير هڻي ٿو پر وري ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو. پيءُ کي ماءُ کان ڪافي تنگ ٿيل ڏسي سندس پُٽ اِن روز-روز جي گهپيءَ، ڇڪتاڻ کان ڇٽڻ لاءِ هڪ ترڪيب ٿو ڏسي. اُن ترڪيب مطابق هڪ خيالي نالي واري حسين عورت جو ''لو ليٽر'' جنهن ۾ عطر جي خوشبوءِ ۽ گلاب جون پنکڙيون لڳل آهن ٿڌارام وٽ اچي ٿو. پريم پتر ٿڌارام وٽ جيئن پهچي ٿو اُن جي جوءِ برغلائجي وڃي ٿي.

مدن ساراهہ جو حقدار آهي. مؤت جو ٻپ درشڪن کي ڏڪائي ڪونہ ٿو پر اُنهن ۾ ٿهڪڙو پئدا ڪري ٿو. ناٽڪ نويس روايتي ليڪ ڊاهي، پنهنجي نئين ليڪ اختيارڪئي آهي.'' پارت واسي اخبار جو سمپادڪ بہ ممبئيءَ ۾ شو ڏسڻ بعد پنهنجي قلم کي روڪي نہ سگهيو هو هن لکيو هو، ''سنڌي ناٽڪ پريمين کي آءٌ بلڪل ئي محڪمنا سان چوندس تہ جيڪڏهن اوهان کي خاص وندر گهرجي، صاف سوچ، ڪنهن فاحشپڻي ۽ جنسياتي اِشارن کان مُڪت گهرجي تہ جوتي ڪلا مندر جو لکيل ڪاڪو ڪلومل ضرور ڏسو.''

اِها حقيقت آهي تہ اڄوڪي مانسڪ تناوَ کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ، ڪاڪو ڪلومل مڪمل وندر ميسر ڪري ٿو. ڪاڪو ڪلومل هڪ يادگار، لوڪپريہ ۽ سنڌي ناٽڪ نويسي ۽ سنڌي رنگہ منچ جو قيمتي دستاويز آهي. جنهن کي سنگيت سان سجايو لڇو گيهي ۽ پروڊيوسر پي. بي. چاند.

هاسيہ رس سان ڀرپور ناٽڪ ''ڪاڪو ڪلومل'' جي هڪ ئي اداڪار رميش مهتا پنهنجي سرجناتمڪ اداڪاريءَ سان ناٽڪ جي پڪڙ کي جهلي بيٺو آهي ۽ گڏوگڏ درشڪن کي بہ جوڙي رکيو آهي. رميش مهتا جسماني، لفظي، ٻاهرين ۽ اندروني (ساتوڪ) اداڪاريءَ ۾ بلڪل ڪامياب رهيو آهي. هن ڊائلاگن کي بدني حرڪتون ڏيئي، معنيٰ‌خيز بڻائي واضع ڪيو آهي. گڏوگڏ پنهنجي ڀاونائن جو اِظهار ڏکٽي، آنسون، حيرت، رومانچ وغيره حالتن، ماحول جي تقاضائن مطابق نئين رنگہ-ڍنگہ سان پيش ڪيو آهي ۽ تختي تي رکيل فرنيچر جو واهپو نظاري جي ضرورت مطابق ڪيو آهي. هن پنهنجي خاموشيءَ، ساهيءَ ۽ ڏکٽيءَ کي پڻ معنيٰ‌خيز بڻايو آهي. هن جا ساٿي ڪلاڪارن هن رنگہ برنگي روشني ۽ پراثردار سنگيت. شري مدن ناٽڪ جي وشيہ جي روپ، اُن جي حوالي احساس ۽ سوچ کي روپ ڏيڻ

ناٽڪ ايترو تہ جذب ڪندڙ، نظارا ايترا تہ اثردار هئا جو درشڪن جي دلين جون ڌڙڪنون، ڪردارن جي ڌڙڪنن سان هلي رهيون هيون. صاف ستري، ٺهڪن سان ڀرپور ناٽڪ ”لوَ ليٽر“ لاءِ ايس.پي. ميگهاڻيءَ کي واڌايون.

هڪ ڪلاڪار ناٽڪ ”ڪاڪو ڪلومل“

سنڌي يوٿ ائسوسئيشن احمدآباد طرفان 15 آگسٽ 1982 تي ٽئگور هال پالڙيءَ ۾، ايڪ پاتري ناٽڪ ”ڪاڪو ڪلومل“ ليکڪ ۽ هدايتڪار شري مدن جماڻي، جوتي ڪلا مندر ممبئيءَ جو ناٽڪ منچ تي پيش ڪيو ويو. جنهن سنڌي رنگہ منچ جا سونهري ورق ورايا. سنڌي ناٽڪن جي اِتهاس ۾، سنڌ-هند ۾ هيِ پهريون طويل هڪ ڪلاڪار ناٽڪ آهي جيڪو هر لحاظ کان ڪامياب رهيو.

شري سنيل دت جي هڪ اداڪاري فلم ”يادين“ کي درشڪن فلاپ بڻائي ڇڏيو هو پر ”ڪاڪي ڪلومل“ کي سنڌي جڳت ۾ لوڪپريہ بڻايو. ناٽڪ عوام جون دليون جيتڻ ۽ ڀرپور منورنجن ڪرڻ ۾ سڦل رهيو.

ناٽڪ ۾ موت ۽ زندگيءَ جو عڪس مذاقيہ روپ ۾ پيش ڪيل آهي. تيزابي طنز دواران سماجڪ ڍانچي،موجودہ جيون جي ذلتن ۽ ڪوڙين سچاين تي منورنجن ڍنگہ سان، هلڪي-ڦلڪي اُچاتري نموني پر فنائتي ڍنگہ سان چوٽ ڪئي ويئي آهي. گفتگو ترار جيان تيز پر مذاق سان ڀرپور آهي.

ناٽڪ جو ڪلاڪار آهي سنڌي تختي جو ستارو رميش مهتا، بيحد وندرائيندڙ، کلائيندڙ ۽ مني طنز سان ڀرپور ناٽڪ جي ممبئيءَ ۾ پريميئر شو ڏسڻ کان پوءِ اديب وشنو ڀاٽيا چاٽايو هو تہ، ”جارج برنادشا جي طرز تي قلمبند ڪيل ناٽڪ ڪاڪو ڪلومل جا ڊائلاگہ لکيل آهن پر اُهي جارج برنادشا جو نقل نہ آهن. اصلوڪا آهن، تز ۽ اثردار آهن، چوٽ ڪندڙ آهن، جنهن لاءِ

’’ادل کر ڳالھ سنڌي ناٽڪ جي، ناٽڪ منچ تي آڻيندي لطف ته اچي ٿو؟‘‘ دلبر دل جو حال اوريندي چيو، ’’دوست! ڪڏهن ڪڏهن خيال ايندو اٿم ته سنڌي ناٽڪ ڇو پيو ڪريان، درشڪ ته آهن ڪونه. نه ئي وري قدردان آهن.ڪٿي پاڙي ته ڪونه ولوڙي رهيو آهيان. پر پوءِ جڏهن توهان جھڙن ناٽڪ پريمين سان گڏجندو آهيان، دل کولي ويچار ونڊيندو آهيان ته اُتساهت ٿي ويندو آهيان ۽ دل کي مڃائيندو آهيان ته ٻيلي مان اڪيلو ڪونه آهيان. ٻيا به ڪي ڪلا پريمي آهن جي پنھنجي ليکي ڪجھ نه ڪجھ سنڌي ادب، ڪلا، ناٽڪن لاءِ پيا ڪن. دوست! في الحال ته ناٽڪ ڪيان پيو ۽ تيستائين ڪندو رهندس جيستائين جنون برقرار آهي. دوست! رستو ناهڃي ته پاڻ ناهڃي. ناٽڪ ڪڃي ته اصلوڪو ڪڃي پل پوءِ ڪيتريون به تڪليفون درپيش اچن. پل ناٽڪ ڪچا ڦڪا هڃن آهن ته پنھنڃا اصلوڪا.‘‘

ڪيتري نه صداقت آهي، هن جي ويچارن ۾ ۽ ڪيترو نه حب آهي هن کي پنھنڃن اصلوڪن ناٽڪن لاءِ. ڪاش! اِها حب، لڳن، پنھنڃي ٻوليءَ سان پيار ٻين هدايتڪارن، ڪلاڪارن، اديبن ۾ جاڳي جيئن اسان جا اصلوڪاناٽڪ وڏيڪ لڪڃن ۽ منچ تي ٿي سگھن. ناٽڪ جوءِ ته پنھنڃي درشڪن چاھ سان ڏٺو. دل پري ٺهڪ ڏنا. پرش درشڪن پنھنڃين پنھنڃين جيون تي ناز ڪيا ۽ ناٽڪ دل سان ماڻيو.

’’پلئہ-پلي‘‘

’’ناٽيہ سنڏو‘‘ طرفان ناٽڪ ’’پلئہ-پلي‘‘ جو پريميئر شور ممبئيءَ ۾ تاريخ 14 آڪٽوبر 1972 تي ڏسڻ جو موقعو مليو. سان ڪنهن ڪم سانگي ممبئيءَ ويل هئس. ڪولابا مان پيئڻ روفيسر پوپٽي هيرانندانيءَ جي گھران، دوست شري مدن ماڻيءَ کي فون ڪيم ته چيائين ’’سٺي موقعي تي آيو آهين،

لاءِ حقيقي ۽ آياسي ٻنهي شئلين کي ملائي، سڦل ٻڻائي پنهنجي ڪامياب ۽ ڪلپناشيل هدايتڪار هجڻ جو ثبوت پيش ڪيو آهي. جنهن ڪري ناٽڪ جاندار بڻجي پيو آهي. آفرين!

”جوءِ تہ پنهنجي“

ٿئيٽر والا ممبئيءَ طرفان 27 جولاءِ 1982 تي ٽئگور هال پالڙيءَ ۾ تي گذريو. هي ناٽڪ جوتي ڪلا مندر، ممبئيءَ طرفان جو پهريون شو 22 سيپٽمبر 1981 ۾ ٿيو هو. ”جوءِ تہ پنهنجي“ ناٽڪ جو هدايتڪار ۽ ليکڪ شري جسونت ڪمار آهي جنهن بعد ۾ اِهو ساڳيو ئي ناٽڪ ٿئيٽر والا جي بئنر هيٺ پڻ پيش ڪرڻ شروع ڪيو. ناٽڪ زبردست مذاقيہ (فارس) آهي.

ناٽڪ ”جوءِ تہ پنهنجي“ پنهنجي قسم جو پهريون ناٽڪ آهي جنهن ۾ ڪيترين جڳهين تي Black humour کان ڪم ورتو ويو آهي. هن ناٽڪ جا ڪلاڪار آهن رميش مهتا (ڊاڪٽر جهوڙيملاڻي، گهوڙن جو ڊاڪٽر)، سنيل آڏواڻي (مدن موتواڻي عرف گهٽين جوين جو ور) لڪشمي ڪمار (سيتا نہ، پر مهايارت واري گيتا)، ڪمار ڪلواڻي (نکو جو ناٽڪ لکندي نکي ٿي ويو آهي)، شانو ڇابڙيا (راهہ ويندي قاتل شيلا گدواڻي)، وڪرم شهاڻي (هر ڪنواريءَ جو ڪرشن)، پي. بي. چاند (مدن جو سهرو مرليڌر عرف تنبورو)، ڪماري شوياڳپتي (ٽلو ڪو پياري هئہ رُڪمڻي) ۽ مهمان ڪلاڪار ڪرانتي ڇابڙيا جا ڏسندي سس بڻجي وڃي ٿي.

ناٽڪ جي ڪهاڻي عام رواجي آهي جنهن کي لڇو گيهيءَ نين طرزن وارو سنگيت ڏيئي تيار ڪيو آهي. باڪس سيٽ ۾ ناٽڪ چرپر ڪري ٿو. ڪلاڪارن ۽ منچ تي روشني وڌي خود جسونت ڪمار.

جوتي ڪلا مندر جي روح روان پي. بي. چاند سان احمدآباد ۾ ٿيل ”جوءِ تہ پنهنجي“ جو شو وقت ٿيل ملاقات ۾ پڇيم،

”پلئہ پلي“ ناٽڪ گرهست جيون جو هڪ انوکو چتر آهي جنهن ۾ هر ڪنهن کي اِئين لڳندو تہ مان پنهنجي گهرو جيون جو عڪس پيو پسان.“

واقع ئي ناٽڪ گرهست جيون جي روزمرّه جي واقعن جي نمائش ۽ ترجماني ڪندڙ آهي. چٽيل چٽ حقيقي ۽ سچيوَ پاسن ٿا.

سچو ناٽڪ ڪلائيندڙ آهي، ڊائلاگ نهايت سهڻا، سپڪ ۽ نج سنڌي ڀاشا ۾ لکيل آهن. ناٽڪ جو سنڌيڪار آهي شري واسديو نرمل.

ناٽڪ جي پلاٽ جي رچنا جي مدي‌نظر وشيہ سان ٺهڪندڙ چٽائي، اثردار پيشڪش جي قوت آنند مٽائيءَ جي هدايتڪاريءَ مان بخوبي نظر اچي ٿي. سينن جو تاڃي پيٽو چست ۽ ڪردارن کي صاف ستري نموني منچ تي زنده خلق لاءِ آنند پوري ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪامياب رهيو آهي. رنگہ منچ جي بنيادي مُلهن کي برقرار رکيو آهي. سندس سوچ جي چٽائي ناٽڪ کي معنيٰ خيز ۽ تازگي بخشي آهي. اُن لاءِ آفرين!

”گهر سنسار“

سنڌو ڪلا مندر ممبئيءَ جي زير سايع شري ايس.پي. ميگهاڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ احمدآباد جي جئہ شنڪر سندري هال ۾ سنڌي يوٿ ائسوسئيشن طرفان ناٽڪ ”گهر سنسار“ پيش ڪيو ويو. ميگهاڻيءَ سنڌي اِسٽيج کي ڪيترائي ڪامياب ناٽڪ ۽ ڪلاڪار ڏنا آهن. جوت جلي، پل جو پٽي، ياد ڪندا، چورا اکيان پوڙها پنيان، پاڙيواري وغيره جهڙا بهترين ۽ ڪلاتمڪ يادگار ناٽڪ ڏسڻ کانپوءِ ”گهر سنسار“ ناٽڪ احمدآباد جي سماج ۽ ذهني طبقي کي ڪافي حد تائين نراس بڻايو. ناٽڪ جو جهڙو نالو آهي ”گهر سنسار“ اهڙو ڪوبہ گهرو، ڪٽنبي، سماجڪ پهلو يا مسئلو ناٽڪ ۾ اُجاگر نہ ٿيو آهي ۽ نہ ئي وري

اَڄ ناٽڪ جو شو آهي ضرور اچجو.“

ناٽڪ ”پلئہ پلي“ منچ تي هڪ نئون تجربو هو. ٻن ڪلاڪارن کي ڪٽي سچا سارا اداڪاري ڪلاڪ درشڪن کي وندرائڻ، اُنهن جي دلچسپي قائم رکڻ جي جيڪا جيءُ توڙ محنت مدن جماڻي ۽ ششي بولاڪاڻيءَ ڪئي اُها عمر ڀر وسرڻ جهڙي نہ آهي. سنڌي رنگہ منچ جي بي‌نظير ڪلاڪارن کي ڪٽي آنند متاڻيءَ پلئہ پلي پيش ڪري پنهنجي ڪامياب سلجهيل، ڪلاتمڪ هدايتڪار هجڻ جو ثبوت پيش ڪيو.

ناٽڪ ۾ شادي، پتي پتنيءَ وچ ۾ پريم، اُنهن جي سُهاڳہ رات، ويهم، طلاق، لڙائي، کٽ پٽ، گهر ٻار، جواني، ٻڍاپو، پتي پتنيءَ وچ ۾ مٺي نوڪ جهونڪ، نازڪ رشتن، وشواس، شڪ ۽ شادي شده جيون جي هر پهلوءَ تي قلم بند ڪيل مڪمل ناٽڪ کي سنگيت سان سنواريو هو ۽ درشڪن کي پُراثر بڻايو هو سي. ارجن. شاعر واسديو نرمل جي جوڙيل دلڪش گيتن کي مڌر بڻايو ڀڳونتي ناواڻي، سترام روهڙا ۽ ڪرشنا واڌواڻيءَ. ”متن ماڻئن ۽ سڪين کي ڇڏي، نئين گهر وڃي شادي ڪر تون مٺي“ ۽ ”ڪهڙا عجب انوکا ناتا جوڙي تو اِنسان“ گيتن ناٽڪ کي رنگين بڻايو.

سنڌ ۾ سنڌي ناٽڪن ۾ مڌر آواز ۾ ڪهاڻيءَ سان جڙيل واقعن سان وابسطہ گيت پيش ڪيا ويندا هئا. پلئہ پلي ناٽڪ ۾ پڻ اِن روايت کي قائم رکيو ويو. ناٽڪ کي روشني خود آنند متاڻيءَ ترتيب ڪئي. هن لاجواب رنگہ برنگي روشنيءَ ذريعي چانڊوڪي، خوشي، غم، اڌ رات جو ماحول، اثر پيدا ڪري ماحول ۽ وقت کي ساڪار روپ بخشيو. اِهي درشيہ اثرائتا ۽ ساراهہ جوڳو رهيا. ششي بولاڪاڻيءَ اِستري جيون جي مشڪل ڪردار کي ۽ مدن پنهنجي ڪردار کي سنجيدگيءَ، باريڪتا ۽ پُراثر سان بخوبي پيش ڪيو.

”سنڌو سماچار“ روزاني اخبار ۾ شري اي. جي. اُتم لکيو تہ

ناڪامياب رهيا. باقي ڪلاڪارن پنهنجي-پنهنجي پارٽ سان بخوبي نڀايو.

ناٽڪ ''گهر سنسار'' رواجي ٿيم وارو، رواجي اثر ڇڏيو. ڪهاڻيءَ جي اوسر ۾، ڊائلاگن ۾ وشنو ڀاٽيا چانيل نظر اچي ٿو. ڪهاڻي، گفتگو ڪي چست بڻائي گهر سنسار ناٽڪ ڪي ڪامياب ناٽڪن جي صف ۾ بيهارڻ جي گنجائش رهيل آهي.

''آخرين سوال؟''

سنڌو آرٽ ٿيئٽر ممبئيءَ جو رميش ڇاڇاڻيءَ جو هدايت ڪيل انوکو، جذباتي، ٽريجڊي ۽ ممتا ڀريو ناٽڪ ''آخرين سوال'' جئه شنڪر سندري ناٽيه گرهه ۾، سنڌي ڪلچرل سرڪل طرفان پيش ڪيو ويو. ناٽڪ هر لحاظ کان ڪامياب ۽ ٽڪنيڪي طور سڦل رهيو. پيشڪش بهترين ۽ لاجواب رهي. درشين ڪي اُڀارڻ لاءِ روشنيءَ جو استعمال ضرورت مطابق ۽ ڪامبينيشن سان ڪيل هو. ناٽڪ جيتوڻيڪ ٽريجڊي هو پر حاضرين ناٽڪ کي خوب متاثر ڪيو ۽ هنن ماڻيو. رميش ڇاڇاڻيءَ ناٽڪ شروع ڪرڻ کان اڳ ناٽڪ نسبت ڳالهائيندي دعويٰ ڪئي هئي ته ''ناٽڪ جي آخر ۾ هوُ درشڪن ڪي روئاريندو. هرهڪ حاضرين ڳوڙها ڳاڙڻ تي مجبور ٿيندو.'' رميش جي اِها دعويٰ بلڪل کوکلي ثابت ٿي ڪنهن به درشڪ جي اکين ۾ لُڙڪ ڪونه هئا. البت ڪردارن سان همدردي ضرور هئي.

پتا جي رول ۾ شرما، ڌيءُ جي رول ۾ سنيتا ڇاڇاڻي پنهنجي لاجواب اداڪاريءَ سان درشڪن جون دليون ڇڪي ورتيون. لاڏلي ڌيءُ جي ماءُ ليڊي ڊاڪٽر (ليلو پنجواڻي) جي ممتا ڀري اداڪاري، سنيتا جي اکين ۾ ڀرجي آيل آنسن ۽ درد ڀرئي گفتوءَ ناظرين جي دلين ۽ دماغ تي عارضي ڇاپ ڇڏي.ساٿي ڪلاڪار پنهنجي-پنهنجي جاءِ تي پاڻ ڪي نهڪائي بيٺا. ڪيئل ڪولاڻي ائڪٽنگ ۽ ڊائلاگن جي خاص چوڻ جي انداز سان درشڪن

ڪنهن مسئلي کي سنجيدگيءَ سان پيش ڪري اُن جو ڪوبہ حل ڏسيو ويو آهي.

هڪ لاوارث نوڪرون ڪاڏل ناستڪ ايشور کان بدلو وٺڻ چاهي ٿو ۽ بدلو وٺندي انيڪ مجبور اِنسان هن جي سامهون اچن ٿا. هوُ هر مجبور اِنسان جي مجبوريءَ جو پورو-پورو فائدو وٺي پنهنجي بدلي جي آگہ کي تذو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ڀروپي بڻجي هڪ اهڙي اِنسان جو اِستعمال ڪري ٿو جيڪو گهرو سنسار جي سُکن لاءِ واجهائي رهيو آهي. پاڻ ڏُکي هوندي بہ ڪجهہ پلن جا سُکہ ماڻڻ لاءِ پاڻ کي ڪٺ پتلي بڻائي پنهنجي ڏور هڪ ڀروپيءَ جي حوالي ڪري ڇڏي ٿو. جيڪو هن وٽان پنهنجا سوارٿ سِڌ ڪندو رهي ٿو هن کي اُلو بڻائي. آخر ۾ گهر سنسار جي سُکہ جي پياس تہ بُجهيس ٿي پر لاوارث ڀروپي اِنسان گهر جو سُکہ نٿو ماڻي سگهي. ڊراما جي گفتگو ڪجهہ مذاقيہ قسم جي هجڻ ڪري ۽ حرڪتون بيڍنگيون، اُت پتانگہ هجڻ ڪري ناٽڪ درشڪن کي تہ خوب کلايو پر احمدآباد جي جنتا کي ناٽڪ پاڻ طرف متاثر نہ ڪري سگهيو. ناٽڪ ۾ حد کان وڌيڪ اينگهہ، ڍلي پيشڪش مان محسوس ٿي رهيو هو تہ ناٽڪ جي ڪلاڪارن جي ريهرسل گهٽ ڪيل هئي. ڪيترا ڊائلاگ تہ پلئہ بلڪل ڪونہ پيا. ناٽڪ جو سيٽ رواجي، ميڪاَپ سادو ۽ پوشاڪ بہ نيڪ ٺيڪ هئي. روشني ۽ سنگيت پڻ ڪمزور هئا. هڪ درشيہ جيڪو بيحد اُيري بيٺو اُهو هو هڪ گول ٻاڙهي روشنيءَ ۾ ٻن ڪلاڪارن جي چهرن جي هاوَن-ڀاوَن جو چتر چٽڻ جو ڪم واقع ئي لاجواب ۽ ڪشش ڪندڙ هو. اِن نظاري مان لڳو تہ ايس. پي. ميگهاڻي واقع ئي هڪ ڪامياب ڊائريڪٽر آهي ۽ هن جي ڪلپنا شڪتي ڪافي تيز آهي. اداڪاريءَ جي لحاظ کان ايس.پي، سريچند ماکيجا بهترين رهيا. شيلا ساجناڻيءَ جي ائڪٽنگہ ۾ ڪابہ نواڻ يا تازگي ڪونہ هئي. سرلا جئسنگهاڻي ۽ آڏواڻي تہ بلڪل

ناٽڪ جي هدايتڪار ۽ سنڌيڪار شري رميش ڄاڄاڻيءَ کي ناٽڪ جي ڪاميابيءَ لاءِ مبارڪون.

”هي پياسو من منهنجو“

سنڌو ڪلا مندر طرفان 26 مارچ 1976 شام جو تيجپال آڊيٽوريم ۾ ”هي پياسو من منهنجو سنڌي ناٽڪ پيش ڪيو ويو. مول مرهٽي ناٽڪ جو ليکڪ شري پي. ايل. ديشپانڊي آهي ۽ سنڌي ۾ ان جو آڏيندڙ واسديو نرمل آهي.

هن ناٽڪ جو مرڪزي خيال، آدرشواد ۽ ڍنڍورو ڏيندڙ اُپديشڪن، پرچارڪن ۽ آچارين جي کوکلي پرچار تي طنز آهي ۽ ڏيکاريل آهي ته اهڙن شخصن کي جڏهن دنيا پوڄڻ تي لڳي تڏهن منجهن اهنڪار جو ڀاوَ پيدا ٿو ٿئي ۽ پوءِ ان اهنڪار جي ترپتيءَ لاءِ هو ڪيئن نه ڪنن مارڳ جو ڍونگ رچي اِنسان جي اُمنگن ۽ جذبن کي دٻائين ٿا ۽ ستيہ، اَهنسا، پرشارٿ ۽ گيتا جي تتوَ گيان جي وات ۾ پاڻ وڏا وعظ ٿا ڪن.

ناٽڪ جا اداڪار هئا امر چندناڻي، ايس. پي. مينگهاڻي، ڀڳو آڏواڻي، لڇمڻ ساتي، واسديو نرمل، شيلا ساجناڻي، ڪملا جهانگياڻي، بي. ايم. رتنپال ۽ موهن ڪمار ٻيلاڻي. هرهڪ اداڪار پنهنجو پارٽ بخوبي ادا ڪيو ۽ سندن سياويڪ ائڪٽنگ اهڙي ته هئي جو منجهائن ڪنهن هڪ جو نالو وٺي ساراهه ڪرڻ نياءُ يڪت نه ٿيندو.

هيءُ ناٽڪ هنديءَ ۾ ”ڪستوري مرگ“ نالي سان رنگ منچ تي اچي چڪو آهي، پر سنڌي روپانتر ۾ ڪجهه ڦيرڦار ڪيل آهي ۽ لڳي ٿو ته ڪٿي ڪٿي ڳالهيون حد کان زيادهه هيون. ٻيءَ طرح ٻوليءَ يا زبانيءَ جي خيال کان ناٽڪ ۾ ڪو خاص نقص ڪونه هئو.

ناٽڪ جي سڦلتا لاءِ هدايتڪار مينگهاڻيءَ لاشڪ ڪيرون لهڻيون.

’چورن مٿان مور“

ڪي ڪلائٽ ۾ ڪامياب رهيو.

”آخرين سوال“ جي ڪهاڻي ممتا سان ڀرپور، گهرو جيوت سان سڌو سنبند رکندڙ آهي. هڪ ڊاڪٽرياڻيءَ جي لاڏلي ڌيءُ ڪئنسر جهڙي لاعلاج مرض ۾ مبتلا آهي. هن جو پتي پڻ انيڪ بيمارين ۾ وچڙيل آهي. اهڙي حالت ۾ ماءُ کي ڌيءُ جي پتيءَ جي جهوري لڳل آهي. هوءَ پنهنجي سڪيلڌي، پياري، لاڏلي ڌيءُ جي بيماريءَ کي دل ۾ سانڍي، دٻائي اندر ئي اندر لڇندي رهي ٿي. ماءُ جي ممتا ڀري دل اُڇلون کائيندي، لُڙڪ وهائيندي ڌيءُ کي هر خوشي ڏيڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندي رهي ٿي. جنهن ڪري هن کي سيني جا مهڻا سهڻا پئون ٿا، وقتي ناراضپو ڪٽڻو پوي ٿو. پر هوءَ هر حالت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهي. آخر هن کي هڪ آس آهي ته متان آپريشن ڪامياب وڃي. جيتوڻيڪ هن کي سُڌ آهي ته ڪئنسر جي بيماري لاعلاج آهي. اُن مان مڪتي حاصل ڪرڻ ناممڪن آهي. موت اٽل آهي تنهن هوندي به هوءَ پنهنجي ممتا جو گلو گُهٽي ڌيءُ کي آپريشن جي ٽيبل تي سمهڻ لاءِ (مرڻ لاءِ) موڪلي ٿي. هن انوکي ناٽڪ جي انوکي ڪهاڻي نئين ڪونهي. اِن وشيه تي ”ملي“، ”آنند“ ۽ ”اکيون ڪي جهروکي“ جهڙيون ڪامياب، ڪلاتمڪ فلمون درشڪن جون ڏٺل آهن پر ناٽڪ جي نئين ڍنگ جي پيشڪش، ٽڪنيڪ، ڪامياب اداڪاري ۽ هدايتڪاريءَ سان ڀرپور هجڻ ڪري سنڌيءَ ۾ هڪ بهترين ناٽڪ ڪافي عرصي بعد احمدآباد جي درشڪن کي ڏسڻ جو موقعو مليو.

جسونت ڪمار جي لائيٽنگ ناٽڪ جي هر درشيه کي اُڀاريو، سجيو ۽ اثردائڪ بڻايو. ڊاڪٽرياڻي در جو پڙدو چڪي، اوچنگارون ڏيندي، هيٺ ويهي رهي ٿي ۽ بئڪ ۾ روشنيءَ ذريعي درشيه بدلجي ٿو ۽ ناٽڪ جو پڙدو آهستي-آهستي ڪري ٿو. نظارو اٽوسرندڙ، اثرائتو ۽ قابل-داد رهيو.

هدايتڪاريءَ ۾ پنهنجي لاثاني، جاندار اداڪاريءَ سان ناٽڪ کي چار چنڊ لڳايا.

تڪنيڪي لحاظ کان پڻ ناٽڪ هڪ ڪامياب ناٽڪ چئي سگهجي ٿو. ناٽڪ جي هدايتڪار وڪرم شهاڻيءَ جي سوجهه-ٻوجهه سان ناٽڪ ۾ ڪمپوزيشن ناهڻ، ائڪٽنگ ايريا جو توازن قائم ڪرڻ، اداڪارن جي هلچل، ڪريائون ڀرپور رهيون. درشين کي اُڀارڻ ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ باريڪ بينيءَ سان لائيٽنگ اِفيڪٽس ڏنا. چندرسين ناواڻي ۽ ميوزڪ اِفيڪٽس ٻلديو گهنشاڻيءَ ڏيئي ناٽڪ جي رنگ روپ کي نکاريو. ناٽڪ جو ليکڪ راجيندر شرما اُلٽو چينو لالواڻي. ناٽڪ ۾ سنڌيت جي جهلڪ پيش ڪرڻ ۽ سنڌي جيوت سان نڀائڻ ۾ ڪامياب رهيو. گفتگو چست ۽ اثرائتي، ٻولي سرل ۽ اصطلاحن-پهاڪن سان ڀرپور هئي. احمدآباد جي درشڪن کي ڪافي عرصي کانپوءِ احمدآباد جي پنهنجن ڪلاڪارن وٽان صاف سٿرو، وندرائيندڙ، سماجڪ، مذاقيه، سنڌي جيوت کي اُجاگر ڪندڙ ناٽڪ ”چورن مٿان مور“ ڏسڻ جو موقعو مليو. خاص ڪري ناٽڪ جي ڊريم سين ۽ پرچاڻيءَ وارن درشين وقت هال ۾ واهه-واهه، تاڙين جا ٺهڪا ۽ ٽهڪڙا پئي گونجيا. هرڪنهن لحاظ کان هي ناٽڪ هڪ شاندار سڦل ناٽڪ رهيو، جنهن لاءِ رس ڪلا جي ڪلاڪارن، پروڊيوسر ايل.ڊي. ڀاوناڻي ۽ تڪنيڪي صلاحڪار ۽ بئڪ اِسٽيج ماهر چينو لالواڻي، هاڪس ڪلب جو صدر نند ڀئيا ۽ هدايتڪار وڪرم شهاڻي ساراهه جا مستحق آهن.

نرتيه بئلي ”عمر-مارئي“

26 جون 1983 احمدآباد جي سنڌي رنگ منچ هڪ سونهري باب ورائي، نئون موڙ حاصل ڪيو. گجرات جو پهريون مڪمل نرتيه بئلي، گرجر سنڌو ڪلا ڪيندر جنهن جا بانيڪار سنڌي ۽ غيرسنڌي هئا ارجن حاسد جي لکيل نرتيه ناٽڪا (بئلي) ”عمر

رس ڪلا ٿئيٽر يونٽ احمد آباد جو مذاقيہ فئملي ڊراما ”چورن مٿان مور“ جو شو هاڪس ڪلب پاران تاريخ 2 ڊسمبر 1979 تي ٽئگور هال، پالڙيءَ ۾ بيحد ڪاميابيءَ سان پيش ٿيو.

ناٽڪ ۾ ڏيکاريل آهي تہ اڄ ڪالهہ اؤلاد خاص ڪري پُٽ پنهنجي پيءُ جي ملڪيت هڙپ ڪرڻ لاءِ ڪيئن نہ رمزون ٽا ڪيڏن.سيٺ سوجهريمل جي ملڪيت حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف يوجنائون ساڪار ڪندڙ سندس ٽن پُٽن جي جفاڪشيءَ ۽ ننهرن جي دلچسپ رساڪشيءَ کي ڪافي وندرائيندڙ نموني رنگہ منچ تي پيش ڪري اڄ ڪالهہ جي سماج جو هوبهو چٽر چٽيو ويو آهي. دلچسپ گهٽنائن سان پرپور تہ- انڪي ناٽڪ ”چورن مٿان مور“ ۾ ٽن پُٽن جي رول ۾ منگهو ڌرمداساڻي، اشوڪ چنچلاڻي ۽ وڪرم شهاڻيءَ پنهنجي ادائن، هاوَن ڀاون سان درشڪن کي پاڻ ڏانهن متاثر ڪيو. ٻن ڏيراڻين جي رول ۾ لتا دلواڻي ۽ بيلا اڇرا. جيتوڻيڪ اِستيج تي پهريون پيرو قدم رکيو تنهن هوندي بہ ڪنهن مئچيوئر، پروفيشنل، آزمودگار ڪلاڪارن کان گهٽ ڪونہ پئي لڳيون. ٻنهي ڏيراڻين وچ ۾ جهيڙي جي درشيہ کي درشڪن خوب ماڻيو ۽ تاڙين جي ٺهڪن سان ساراهيو. هيروئن جي ننڍڙي پاتر ۾ جيوتي مهتا پڻ سيني کان اڀري رهي. سيٺ سوجهريمل جي رول ۾ اُتم هٿوراڻيءَ پنهنجي سدابهار ائڪٽنگہ سان ڇانيل رهيو.

اداڪاريءَ سان ۽ حڪيم جي رول ۾ چندر پارواڻي جو پنهنجو پاڻ ملهايو. ڊبو ڪمار گهنشاڻيءَ ناظرين کي ڪافي مُدت تائين ياد رهندو. تلسي ۽ جئہ ونتي لالواڻيءَ پنهنجي ننڍڙي رول ۾ جان ڦوڪي ڇڏي. مهمان ڪلاڪار ۾ تلسي رچنداڻي، سشيلا رائسنگهاڻي ۽ هنس پنجابيءَ درشڪن کي کلائي- کلائي پيٽ ۾ سور وجهي ڇڏيو. توري ۾ اِئين ڪٽي چٽجي تہ جهونن، آزمودگار ڪلاڪارن سان گڏ نون ڪلاڪارن جي ڪافلي وڪرم شهاڻيءَ جي

نمائش جي وسيلن ۾ اداڪاري، پوشاڪ، ميڪ اَپ، روشني ۽ سين سينري (سيٽنگ) اهميت ڀريو پارٽ ادا ڪري ٿي. ٻٽلي عمر مارئي جي هر ڪلاڪار جي اداڪاري، چهري جا ڀاوَ، پوشاڪ، ميڪ اَپ سان گڏ منچ سڄا پڻ ڪافي ڪشش ڪندڙ، ڪٿا ۽ پاترن مطابق ۽ اُن وقت جي ماحول جو چٽر پسائيندڙ رهي. چمن ٽپودن ٻٽلي جي ڪٿا وستوءَ جي درشين، ڪلاڪارن جي ادائگي، پوشاڪ ۽ ميڪ اَپ کي ڌيان ۾ رکي سين سنيريءَ جي ڊزائين ۽ اُن ۾ ڪم ايندڙ رنگن جو اِستعمال وغيره جو تصور ڪري حقيقي خاڪو تيار ڪيو هو. نرتيه ٻٽلي ۾ رنگين چٽرن سان چٽيل پردي جو اِستعمال ڪيو ويو هو. ڪٿي روشنيءَ ذريعي صورت نما سيٽنگ جو اِستعمال ڪيل هو. راجائي محلات چٽيل چٽرن سان ڪڙو ڪيو ويو هو. کوهه حقيقت شناس سين سنيريءَ جو عمدو سيٽ هو جنهن اُن زماني جي حقيقي کوهه جو هوبهو آياس پئي ڏنو. ٿوري ۾ نرتيه ٻٽلي عمر مارئيءَ جي سين سينري، روشني، ڳالهائيندڙ، نواڻ سان ڀرپور، ڪشش ڪندڙ، حقيقي واتاورڻ جو احساس ڏياريندڙ ۽ اثرائتي هئي. جنهن ڪري درشڪن نرتيه ٻٽلي خوب ماڻيو ۽ واهه واهه چئي ساراهه جون سرڪيون ڀريون. ناٽڪ جو پروڊيوسر لوڪومل تلسياڻي، لائيٽنگ هريش ڪڪواڻي، ڪامينٽري ويڙهو رفيق ۽ ٻئڪ اِستيج مددگار چيتو لالواڻي.

موقعي جي مکيه مهمان هئي ڪٿڪ نرتيه جي ماهر ڪمود لاکيا. جنهن سڄو ٻٽلي ڌيان سان ڏنو ۽ سڀني ڪلاڪارن کي آفرين ڏيندي چيو ته، ”هيڙو سندر، خوبصورت نرتيه ٻٽلي مون خوب ماڻيو آهي. مونکي ڄاڻ نه هئي ته سنڌيءَ ۾ اَهڙيون عمديون ڪلاتمڪ رچنائون موجوده آهن ۽ سنڌي سنگيت ۾ نرتيه ايترو جاندار ۽ من موهڪ آهي.“

غور طلب آهي ته شري جيٺي لالواڻيءَ هيءُ نرتيه ٻٽلي

مارئي'' جا هڪ ئي ڏينهن ۾ ٻه شو شاندار لاثاني ڪاميابيءَ سان پريمايائي هال ۾ تي گذريا. هيءُ هڪ امر يادگار ڏينهن هو جنهن ڏينهن تي گرجر سنڌو سنڌي ۽ گجراتي ڪلاڪارن جي ڪافلي ڪي ڪٽي، گڏيل ساهس ڌاري ''عمر مارئي'' نئين رنگ ڍنگ، سيٽ سجاوت، عمدي روشنيءَ سان سُر تال، سنگيت جي محفل متي. هن بئلي ۾ اندازي چاليهارو کن ڪلاڪارن ڀاڱو ورتو. گجراتي ڪلاڪارن سنڌي گيت، سنگيت جي ڌُنن تي، سنڌي لوڪ نرتيه ۾ پنهنجين ڀاونائن جو اِظهار سوکيم ۽ ڪلاتمڪ ڍنگ سان ڪيو. شاهه عبداللطيف جي وطن پرست، ستي سورمي مارئيءَ کي ڪلاڪار جهيءَ منچ تي ساڪار بڻايو. سنڌ جي ناٽڪن ۾ پرش عورتن جا پارٽ ادا ڪندا هئا. هن نرتيه ناٽڪ ۾ اِستري ڪلاڪارن پرش جا پارٽ ادا ڪيا جنهن ۾ عمر پنهنجو مٽ پاڻ رهيو. سنڌي دائيءَ جي رول ۾ غيرسنڌي اداڪارا پنهنجي ڪلا جو جوهر ڏيکاريو. نرتيه بئلي جو ڊانس ڊائريڪٽر گجرات جو مشهور نرتيڪار مهيپال سهجو. بئلي جو ميوزڪ ڊائريڪٽر آڪاشواڻي احمدآباد ۽ انيڪ گجراتي نرتيه بئلي جي سنگيتڪار، جيڪو آڪاشواڻيءَ تي سنڌي گايڪن کي سدائين سنڌي طرز جو سنگيت ڏيندو هو سنگيت ماهر چمن تپودن ۽ سنڌيت سنگيت جو مفڪر مايهناز گايڪ، ڪلاڪار، چترڪار، سنگيتڪار راجيش ڀاردواج جوڙي هئي.

عمر مارئيءَ جا گايڪ ڪلاڪار هئا مالتي ڍانگي، راجيش ڀاردواج، ارجن يمياڻي، پون ڪمار، شانتا آهوجا ۽ ساٿي هئا آشا منشاراماڻي ۽ پارپتي آڏواڻي. راجيش ڀاردواج جيڪو ڪلاسيڪل ۽ سنڌي لوڪ سنگيت جو سنگم هو، لئه تال جو ماهر هو، بئلي جي سيني گيتن جي ڪمپوزنگ ڪئي ۽ پنهنجن پيارن راڳن سُر سارنگ، ڪماچ، پيلو، پهاڙي وغيره جو استعمال ڪري پنهنجي سنگيت جي ڄاڻ ۽ گايڪيءَ جو شاندار مظاهرو ڪيو.

جو دوست وصعيت پڻ ڪري ويو هو. پر هن پيءُ مٿان ٿيل ظلمن ۽ پنهنجي مٿان ٿيل قاتل حملي جو بدلو وٺڻ پئي چاهيو. گنهگارن کي گرفتار ڪرائڻ لاءِ ثبوت پڻ گهربل هو. هوُ بہ اُنهن ٿنهي جي پنيان حويليءَ پهچي ٿو. رمز سان ثبوت حاصل ڪري ٿو ۽ ڏوهارين کي قانون جي حوالي ڪري، حقدار کي حق ڏياري ٿو ۽ ڏيءُ جنهن شادي ڪرڻ کان نابري واري هئي اُن کي شاديءَ لاءِ تيار ڪري، شينهن ڪلهي چاڙهي ٿو.

اِها هڪ حقيقت آهي تہ اصلوڪو تہ فصلو ناٽڪ لکڻ ۽ منچ تي پيش ڪرڻ اٺ ڪانيو ڪم آهي پر رنگہ ڪرم جي ڪلاڪارن انيڪ ڪنناين، ڌمڪين، مشڪلاتن وچم ساهس ڌاري، پنهنجو اُتساهہ قائم رکندي ٿوري وقت ۾ اصلوڪو ناٽڪ لکي پورو ڪيو ۽ رات ڏينهن هڪ ڪري مقرر ڪيل تاريخ تي اُن کي سيني جي سات سهڪار سان سٺل نموني پيش ڪيو.

ناٽڪ جي ڪهاڻي ذرا گهرگهلي هوندي بہ، اُن ۾ اڄ جي بدلجندڙ رشتن جو چٽر بخوبي چٽيو ويو آهي. گهرو رشتن ۾ سوارٿ ڪيترو نہ گهر ڪري چڪو آهي اُن جي اوگهڙ ناٽڪ ۾ ڪيل آهي.

احمدآباد جي پهرئين اصلوڪي راز پرئي ناٽڪ جو ٽيون انڪ خوني حويليءَ جي سيٽ، درشيہ رچنا، ڪلاڪارن جي ڏهڪاءَ ۽ هئبتناڪ اداڪاري هن ناٽڪ جي مکيہ جان آهي.

اُتم هٿوراڻيءَ جي دل سوز اداڪاريءَ ۽ لڇمي سچديو جي تخليقي اداڪاريءَ درشڪن جي اکين ۾ آب آڻي ڇڏيو. ائنگري مين ڏنراج امرناڻيءَ جي اثرائتي ڊائلاگ، چٽر ۽ حرفتي هريش چتراڻيءَ جي ائڪشن، راجڪمار روهڙا جي ڊرپوڪ هلت ناٽڪ ۾ جان پري ڇڏي. آسن واسواڻيءَ جي دلاور دادا درشڪن ۾ ڏهڪاءَ پيدا ڪري ڇڏيو. جگديش شهدادپوريءَ جي هئبتناڪ رنگہ روپ، آواز خوني حويليءَ کي ساڪار بڻايو. ڪشن ڪنوراڻي

’اِستيج‘ جو خاص انڪ ڪري شايع ڪيو جنهن ۾ ڪلاڪان، هدايتڪارن، گايڪن، درشڪن جا تاثرات ۽ اِنٽرويو پڻ نرتيه بئلي جي حوالي سان وٽي شايع ڪيل آهن.

نرتيه ناٽڪ عمر مارئيءَ جو مهورت 17 ميءِ 1983 تي سنڌي ڌرمشالا هال ۾ ڪلاڪارن جي حاضريءَ ۾ ڪيو ويو هو ۽ 26 جون 1983 تي به هائوس ڦل شو ڪيا ويا.

”ناهي ڪرڻي مونکي شادي“

نوجوان ڪلاڪارن، اِسڪولي-ڪاليجي شاگردن جي سنستا رنگه ڪرم ٿئيٽر طرفان اصلوڪو، سماجڪ، راز ڀريو ناٽڪ ”ناهي ڪرڻي مونکي شادي“ جو پريميئر شو 31 آگسٽ 1980 تي جئه شنڪر سنڌري ناٽيه گرهه ۾ ڪچاڪچ ڀريل درشڪن سان ٿي گذريو.

پيءُ جو لکن رپين جو خزانو هٿ ڪرڻ لاءِ ماٽيلا پُٽ، پنهنجي پتا مٿان هر قسم جو ظلم ڪن ٿا ۽ هر طرح جا هٿڪنڊا اپنائين ٿا. ايتري قدر جو خزاني جي لالچ ۾ قتل ڪرڻ کان به باز نٿا اچن.

پيءُ ڏُکه، عذاب سهندو رهي ٿو. پنهنجي سڪليڌي ڌيءُ کي هاسٽل ۾ موڪلي ٿو ڇڏي پر عادتي، نامراد پُٽن کي ڪاري ڪوڏي به نٿو ڏئي ۽ پنهنجي لکن جي ملڪيت، روڪڙ، زيورن جو راز پنهنجي همدرد ديپڪ کي ٻُڌائي ٿو ڇڏي ۽ مرڻ وقت سڄي جائداد جي وصيت ڌيءُ نالي ڪري وڃي ٿو.

ملڪيت هٿان مان نڪري ويندي ڏسي پُٽ ويڳاڻا ٿيو وڃن ٿا ۽ اُها حاصل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن حيلا ٿا هلائين. آخر هڪ جوتشي هنن کي خزاني جو راز ٻڌائي ٿو. هوُ خزانو حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ حويلي جيڪا خوني حويليءَ جي نالي سڃاتي وڃي ٿي پهچن ٿا.

ديپڪ کي سُڌ آهي ته هنن نالائق، ناخلف پُٽن کي ڪجهه به هٿ لڳڻو ڪونهي جو خزاني جي چابي هن وٽ هئي ۽ وري هن

ڪاميابيءَ سان ڪمپيوٽرائيزڊ ڪري هڪ نئون تجربو پيش ڪيو ويو هجي اهڙو مثال سنڌي ناٽڪ تواريخ ۾ اڃا اڻلڀ آهي. نيرو آسراڻي جيڪو سنڌي-هندي رنگ منچ، دوردرشن، ريڊيو ۽ فلمن جو بهترين اداڪار، هدايتڪار رهيو آهي اُن سداحيات ناڪر چاولا جي سفرنامي ”تون سنڌ ۾ رهي پئه“ کي بيحد ڪاميابيءَ سان ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جو واهپو ڪري ناٽڪ روپ ڏيئي پنهنجي هدايتڪاريءَ، اداڪاريءَ ۾ اِسٽيج تي پيش ڪري هڪ نئون، لاجواب، دلڪش، صحتمند منورنجن سان ڀرپور سنجيده، ڪلاتمڪ، فني قوتن سان ڀرپور ناٽڪ تازو احمدآباد جي ايڇ. ڪي. آرٽس ڪاليج آڊيٽوريم ۾ پيش ڪيو.

ناٽڪ جي اِسڪرپٽ پڪي پختي منظرڪشيءَ سان ڀرپور شري نيروءَ جي تخليقي سوچ جو نتيجو، دلڪش ۽ وڻندڙ هئي. هيءُ پهريون ڀيرو هو جو ويڊيو فلم ڪمپيوٽرائيزڊ ۽ منچ ناٽڪ جي تڪنيڪ جو گڏيل انوکو روپ پيش ڪيو ويو. ڏسڻ سان اِئين لڳي رهيو هو ته هيءُ اِسٽيج ناٽڪ نه پر فلم روپ ناٽڪ هو جنهن فوٽوگرافي نه هئي پر گڏوگڏ لائيوَ، جيئرا جاڳندا ڪلاڪار پڻ چرپر ڪري رهيا هئا. ويڊيو فلم روپ ۾ تصويرون، ڇايائون هونديون آهن پر هتي ته تصويرن سان گڏ هلندڙ-چلندڙ جيئرا جاڳندا ڪردار منچ تي چرپر ڪري رهيا هئا. لڳائي نٿي پيئي ته تصويرون ڪهڙيون آهن ۽ هڏ ماس جا ڪردار ڪهڙا آهن. لاجواب ايڊيٽنگ ۽ سڪونائيزيشن، بهترين اداڪاري، هدايتڪاري، ميڪ-اپ، لائيٽنگ، سنگيت، سيٽ، فرنيچر جو ميلاپ ۽ هر چيز کي، تڪنيڪ کي وقت سان پرفيڪٽ نموني جو جوڙ مڪمل پيشڪش اثرائتي، ڪششي نمائش.

مونکي اِن ڇوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه آهي ته گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ هيڙو تخليقي، اداڪاريءَ سان ڀرپور ناٽڪ گهٽ ۾ گهٽ مونکي سنڌي رنگ منچ تي نظر نه آيو آهي. ذهني سڪون ڏيندڙ سنڌ

۽ برجو چاولا جي جوڙي درشڪن کي وندرائڻ ۽ ڀرپور منورنجن ڏيڻ ۾ سيني کان اڳري رهي. اُشا سچديو جي هلت ياءُ جي پيٽ طرف جي فرض ۽ جوابداريءَ کي محسوس ڪرايو. سواميءَ (جوتشي) جي رول ۾ ڄيٺو لالواڻي ڇانيل رهيو ۽ خاص انداز سان ڪيل گفتگو پُراثر رهي.

خوني حويليءَ ۾ دونهين جي ٽيڪنڪ حيرت انگريز رهي. ناٽڪ جو ليکڪ، هدايتڪار ۽ ڊائلاگ جوڙيا جڳديش-برج جي جوڙيءَ. روشني وڌي ديپڪ چاند، سنگيت سان ناٽڪ کي سنواريو پون ڪمار مانا، اِسٽيج سنڀالي طوطل شوناڻي، پراپرٽي اشوڪ مينگهاڻي ۽ مالي جوابداري نڀائي هيرانند ڄينواڻي. ناٽڪ جا سڀ ڪلاڪار ايم. ڊي. هاءِ اِسڪول جا شاگرد هئا. مڪمل ناٽڪ ڄيٺي لالواڻيءَ جي رهبريءَ ۽ فني ڄاڻ سان تيار ٿي مڪمل بڻيو.

ڪن ڪمزورين ۽ غلطين کي نظرانداز ڪرڻ سان اِئين چئي سگهجي ٿو تہ هن جهڙو صاف سٿرو اصلوڪو، نوجوان ڪلاڪارن طرفان جوڙيل، پيش ڪيل ناٽڪ احمدآباد جي درشڪن اڳيان، هن کان اڳہ پيش نہ ڪيو ويو هو. اُن لاءِ رنگہ ڪرم جا ڪلاڪار جس جا ڀاڳي آهن.

”تون سنڌ ۾ رهي پئہ“

سنڌي ناٽڪن ۾ وقت بہ وقت نوان-نوان تجربا ڪري ناٽڪ کي جديد ترين رکڻ جون ڪوششون ڪيون ويئون آهن. سنڌي اِسٽيج تي سلائيڊنگہ اِسٽيج، روالونگہ اِسٽيج سان گڏ پروجيڪٽر پڻ هلائي سنڌي ناٽڪن کي لوڪپريہ بڻايو ويو آهي. سنڌيءَ جي بهترين ڪهاڻين، ناولن کي ناٽيہ روپ ڏيئي منچ، آڪاشواڻي، دوردرشن تي پيش ڪيو ويو آهي. فلم اِسڪرپٽ جوڙي سنڌي فلمون بہ تيار ڪيون ويئون آهن. پر ڪنهن سفرنامي کي ڪٿي اُن کي جديد ترين ناٽيہ روپ ڏيئي بيحد لاثاني

جي يادگيرين کي تازو ڪندڙ، سنڌ جا نظارا پسائيندڙ، سنڌي پريم ڪٿا جو دل کي ڇهندڙ، جذبات ۽ احساس جون ڇوليون ماريندڙ ميڪاپ ۾ سدا حيات ناڪر چاولا کي حال حيات درشڪن جي سامهون حاضران حضور ڪڙو ڪيل هوبهو چٽر، شخصيت، پوشاڪ، هلت چلت، ڳالهائڻ جو لهجو، نظر، لاثاني شخصيت اهڙي ڪابه ڳالهه ڪٿل ڪونه هئي جنهن سان ڇئي سگهجي ته ناڪر چاولا ئي اِستيج تي حاضر هئا. ٻيو ڪوبه ڪردار هن جو ويس ڌاري ڪونه هو. اِن ڪان پلا وڏيڪ تخليقي بهترين، عمدي اداڪاري ۽، هدايتڪاري ۽ جو ٻيو ڪهڙو مثال ۽ ثبوت ڏي سگهي ٿو.

ناٽڪ سماپت ٿيڻ بعد هر ڪنهن کي اِئين محسوس ٿيو ته اڃا به ناٽڪ وڏيڪ هلڻ ڪپندو هو. اَهڙو جادوئي مقناطيسي اثر ناٽڪ درشڪن تي ڇڏيو، هرڪنهن جي مک تي هو واه، لاجواب، اڻ وسرندڙ سنڌ جي سچي پريم ڪٿا جي تصوير، هندو، مسلم ايڪتا جو پوتر پريم جو جاندار ناٽڪ ''تون سنڌ ۾ رهي پئه'' ليکڪ سدا حيات ناڪر چاولا. سفرنامي جو ناٽيه روپانتر، هدايتڪار، اداڪار، شري نرنجن (نيرو) آسراڻي. اِستري مکيه ڪردار جيا آسراڻي، پيشڪش شويا لعلچنداڻي.

□□□

SINDHI NATAK - TANQEED



JETHO LALWANI